# ميين شاهه عنات جو ڪلام

”الٰهي! عنات جا اڳهاپِين ڪلامَ“

تحقيق ۽ تصحيح

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

سنڌي ادبي بورڊ

ڄام شورو، سنڌ

2010ع

ڪتاب جا سمورا حق واسطا سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو وٽ محفوظ آهن

چاپو پهريون آڪٽوبر 1963ع تعداد هڪ هزار
چاپو ٻيو 2010ع تعداد هڪ هزار

هن ڪتاب جي ڪنهن به حصي کي، ناشر کان اڳواٽ حاصل ڪيل اجازت کانسواءِ، اليڪٽرانڪ يا ٻئي ڪنهن به طريقي جنهن ۾ اسٽوريج ۽ ريٽريول سسٽم شامل آهي، استعمال نٿو ڪري سگهجي.

قيمت: ٽي سؤ پنجاهه روپيا
**[Price Rs: 350 -00]**

**خريداري لاءِ رابطو:**
سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ
**(Ph: 022-2633679, Fax: 022-2771602)**
**Email: sindhiab@yahoo.com**
**Website: www. Sindhiadabiboard.org**

**هيءُ ڪتاب پروفيسر سيد زوار حسين شاهه نقوي سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچيءَ وٽان ڇپائي پڌرو ڪيو.**

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.
پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

# ڇپائيندڙ پاران

سنڌي ادبي بورڊ پاران سنڌيءَ جي ڪلاسيڪل شاعر ''شاهه عنات الله' عرف ميين شاهه عنات' جو ڪلام" شايع ڪري دلي خوشي محسوس ڪري رهيا آهيون، ڇو ته هن ڪتاب جي وقتاً فوقتاً علمي حلقن طرفان گهُر ٿيندي پئي رهي. پر ڇپائيءَ جو اهتمام هاڻي پيدا ٿيو آهي. هن ڪلام جو پهريون ڇاپو آڪٽوبر 1963ع ۾ ڇپيو هو، 46 سالن جي ڊگهي عرصي کان پوءِ هيءُ ٻيو ڇاپو ڇپائي پڌرو ڪيو ويو آهي.

ميين شاهه عنات جو خاندان سنڌ جي رضوي ساداتن سان تعلق رکي ٿو، جنهن ڇهين صدي هجريءَ ۾ لڏي اچي بکر ۾ رهائش اختيار ڪئي ۽ ٻن ٽن صدين کان پوءِ اتان اچي نصرپور کي وسايو، جتي شاهه عنات جو جنم ٿيو. ميين شاهه عنات جا ناناڻا ''رمضان ڏل'، ڊگهڙي جي پرين ٽي ميل ڏکڻ- اوير پراڻ جي ڪپ تي وينل هئا. ميين شاهه عنات جي تعليم ۽ تربيت بابت ڪو احوال موجود نه آهي، پر وقت جي دستور موجب شاهه عنات جو مڪتب ۾ ويهڻ ۽ ابتدائي تعليم پرائڻ قرين قياس نظر اچي ٿو. ميين شاهه عنات جوانيءَ ۾ اميراڻي ۽ شاهاڻي زندگي گذاري ۽ پلن گهوڙن جو وڏو شوقين رهيو. پنهنجي اصطبل ۾ تمام پلا گهوڙا رکندو هو.

اندازي موجب ميين شاهه عنات جوانيءَ کان پوءِ فقيريءَ ڏانهن رغبت اختيار ڪئي ۽ پهريان بزرگن ۽ درويشن جي شان ۾ بيت چيا. ميين شاهه عنات جي شادي هاليپوٽن مان ٿي، هاليپوٽا سندن والد جا معتقد هئا. ميين شاهه عنات هڪبئي پٺيان ٽي شاديون ڪيون. پهريون ٻه شاديون هاليپوٽن مان ۽ ٽين ڏل قبيلي مان ڪيس ڇهن فرزندن ۽ ٽن نياڻين جو اولاد ٿيو.

ميين شاهه عنات جي هن ڪلام تي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جن جو لکيل فڪر انگيز مهاڳ ۽ مقدمو شامل آهي، جنهن ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جن ميين شاهه عنات جي ڪلام تي تفصيلي ۽ عالمانه روشني وڌي آهي، ان بابت وڌيڪ ڪجهه لکڻ سج کي آرسي ڏيکارڻ جي برابر آهي.

بورڊ هن ڪتاب جو نئون ڇاپو ڇپائي پڌرو ڪيو آهي، اميد ٿي ڪجي ته هيءُ رسالو لائق پڙهندڙن کي پسند ايندو.

**پروفيسر سيد زوار حسين شاهه نقوي**
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ

# عنوانن جي فهرست


| | | |
|---|---|---|
| مهاڳ | | 5-19 |
| مقدمه | | 20-82 |
| **سرود** | **متن** | **سمجهاڻي ۽ اشارا** |
| 1. ڪلياڻ | 85 | 321 |
| 2. جمن | 91 | 322 |
| 3. ڪنڀات | 98 | 325 |
| 4. سرود سريراڳ | 115 | 330 |
| 5. رامَڪلي | 125 | 332 |
| 6. مارئي | 134 | 334 |
| 7. پرڀات | 158 | 339 |
| 8. ڌناسري | 169 | 341 |
| 9. جيتسري | 201 | 344 |
| 10. پوَرب | 203 | 345 |
| 11. ليلا | 212 | 346 |
| 12. آسا | 215 | 346 |
| 13. ڪاپائتي | 218 | 347 |
| 14. ڏهر | 224 | 348 |
| 15. مومل راڻو | 226 | 349 |
| 16. بلاول | 233 | 350 |
| 17. ديسي | 240 | 352 |

| | | |
|---|---|---|
| 18. سورٺ | 267 | 355 |
| 19. سارنگ | 275 | 356 |
| 20. توڏي | 286 | 358 |
| 21. ڪاموڏ | 294 | 359 |
| 22. ڪارائيڙو | 299 | 360 |
| • اضافا | 305 | 361 |
| • عام روايتي بيت | 312 | |

# مهاڳ

شاهه عنايت الله عرف 'ميين شاهه عنات' جو ڪلام اعليٰ سنڌي شاعري جو پهريون شاهڪار آهي. مگر اتفاق سان ورهين جي وٿيءَ بعد سڀ کان پوءِ شايع ٿي رهيو آهي. هن قيمتي ڪلام جي قلمي نسخن جو محفوظ رهڻ چڻ هڪ معجزو آهي، ۽ ان جي اشاعت 'ڪلاسيڪي سنڌي شاعري' جي ميدان ۾ هڪ وڏي انقلاب کان گهٽ ڪم نه آهي. هن ناياب ذخيري جي شايع ٿيڻ سان سنڌي شاعري جي عروج جي تاريخ ۾ پنجاهه سٺ سالن جو اضافو ٿئي ٿو.

هن وقت تائين سنڌ جي سدا حيات ۽ سرتاج شاعر، بلڪ دنيا جي عظيم ترين شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي شعر جو تاريخي پس منظر مبهم هو. ائين پئي لڳو ته چڻ سنڌي شاعري بنا ڪنهن ارتقاء جي، شاهه جي شعر ۾، اوچتو پنهنجي بلوغت کي پهتي. ميين شاهه عنات جو ڪلام سنڌي شاعري جي مسلسل ارتقائي اوج ۽ عروج تي شاهد آهي، ۽ شاهه جي شعر جي تاريخي پس منظر جو چٽو آئينو آهي.

## تحقيق جي ابتدا:

سنه 1944ع ۾ سنڌ جي تاريخ بابت تحقيق ڪندي نصرپور وڃڻ ٿيو، جتي مرحوم ميان مريد حسين شاهه (وفات 1954ع) وٽ ميين شاهه عنات جي ڪلام جو هڪ قلمي نسخو نظر مان گذريو. جنهن جي ڏسڻ سان هن قيمتي ڪلام جي اهميت معلوم ٿي ۽ خيال آيو ته بهتر هوند اهو ڪلام ڇپجي پوي ته سنڌي علم ادب ۾ اهم اضافو ٿئي. اها هڪ دلي خواهش هئي، پر وقت گذرڻ سان اهو خيال البت دل تان ميسارجي ويو. سنه 1950ع کان جڏهن 'شاهه جي رسالي' جو قدري گهرو مطالعو شروع ڪيو ويو ته ڇپيل نسخن ۾ ڪن سُرن هيٺ شاهه عنات جي شامل بيتن پڙهڻ سان ائين پئي معلوم ٿيو ته چڻ شاهه عبداللطيف انهن بيتن پران پنهنجا ڪي بيت چيا هجن يا انهن بيتن مان ڪن جون سٽون يا ڪي فقرا تضمين طور پنهنجي بيتن ۾ ڪنيا هجن. ان بعد سنڌ جي سڄاڻ سگهڙن سان ڪچهرين ڪندي، ميين شاهه عنات ۽ شاهه عبداللطيف جي هڪٻئي سان آشنائي ۽ ڪن بيتن ۾ سندن طبع آزمائي جون ڪافي روايتون مليون، جن ۾ شاهه عنات جي عظمت جا اهڃاڻ پڻ قدري نمايان هئا. انهيءَ دوران مرحوم ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽي وٽ نصرپور واري قلمي نسخي جو نقل، جو کين تازو مليو هو، پڻ مطالع ڪيو ويو. انهيءَ مطالعي، رسالي ۾ شاهه عنات جي شامل بيتن، توڙي سگهڙن وٽ عام مروج حڪايتن کي مدنظر رکي، بنده، شاهه عنات کي علمي دنيا ۾ روشناس ڪرائڻ خاطر، شاهه عنات ۽ شاهه عبداللطيف جي هڪٻئي پران چيل ڪن بيتن جي پيٽ ڪئي، ۽ "شاهه عنات رضوي ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائي" جي عنوان سان هڪ مضمون ڀٽ شاهه تي، شاهه عبداللطيف جي ٻه سؤ ساله سالگره (1951ع) جي موقعي تي پڙهيو، جو پوءِ رسالي "نئين زندگي" (فيبروري 1952ع) ۾ شايع ٿيو.

انهيءَ ابتدائي ڪوشش بعد، ميين شاهه عنات جي بيتن جي تلاش ۽ تحقيق جو ذوق دامنگير ٿيو، ۽ وڌيڪ جستجو جاري رهي. انهيءَ عرصي ۾ ميرپورخاص تعلقي ۾ سَنهڙي جي 'شاهه پوٽن' ساداتن سان آشنائي

ٿي ۽ ميان امام بخش شاهہ عرف وڏل شاهہ کان پهريون پيرو معلوم ٿيو تہ 'شاهہ پوٽا' ميين شاهہ عنات جو اولاد آهن. ميين شاهہ عنات جي سوانح ۽ شعر بابت پڻ هن بزرگ کان مفيد معلومات مليا ۽ اهو پڻ معلوم ٿيو تہ ٽنڊي الهيار کان اتر طرف پورل شاهہ جي ڳوٺ ميان نبي بخش شاهہ وٽ شاهہ عنات جي بيتن جو ذخيرو موجود آهي. انهيءَ تلاش ۾ هڪ پيري محترم عطا حسين شاهہ صاحب موسوي سان گڏ ميان پورل شاهہ جي ڳوٺ وڃڻ ٿيو ۽ اتي سندس مهربانيءَ سان ميين شاهہ عنات جي ڪن ذاتي ٽولن (دستار، جامي، حمائل، وٽي ۽ تسبيح) توڙي سندس ڪلام جي هڪ ڪهني قلمي نسخي ڏسڻ جو موقعو مليو. ۽ پڻ ڳوٺ لڳ، شيخ موسي جي مقام ۾، شاهہ عنات جي مزار جو ديدار حاصل ٿيو. اهڙيءَ طرح ميين شاهہ عنات جي ڪلام جي ٻن قلمي نسخن جي چاڻ ۽ سندس اولاد جي سربرآورده شخصن سان آشنائي، سندس ڪلام کي سهيڙڻ ۽ سنوارڻ لاءِ اسان جي ارادي کي پختو ڪيو ۽ ان وقت کان وٺي انهيءَ ڏس ۾ پوري ڪوشش سان ڪم شروع ڪيو ويو.

## ڪلام ۽ سوانح جا سر چشما:

ميين شاهہ عنات جهڙي آڳاٽي شاعر جي ڪلام ۽ سوانح کي پوريءَ طرح سهيڙڻ خاطر، اسان پنهنجي تحقيق جو رخ ٽن مکيہ سر چشمن ڏانهن ڪيو: (الف) قلمي ذخيرو، (ب) خانداني روايتون، ۽ (ج) سگهڙن وٽ هلندڙ بيت ۽ حڪايتون. انهن ٽنهي سرچشمن جي جانچ ۽ تلاش اٽڪل يارهن سال کن (1950ع - 1961ع) جاري رهي. انهيءَ عرصي ۾ جن مکيہ قلمي ذخيرن، خانداني روايتن، ۽ سنڌ جي سگهڙن جي صدري روايتن مان مواد سهيڙيو ويو، سي هي آهن:

(الف) قلمي ذخيرو: هن ذخيري مان هيٺيان ماخذ قابل ذڪر آهن.

1. ڪلام جي مجموعي جا ٻہ قلمي نسخا، جن جو تفصيلي ذڪر هيٺ ايندو.

2. شاهہ جي رسالي جا مختلف ڇاپا، جن مان خصوصاً 'بمبئي ڇاپي' مان شاهہ عنات جا جملي بيت نقل ڪيا ويا، ۽ انهن کي 'سرڪاري ڇاپي' ۽ مرزا قليچ بيگ جي مرتب ڪيل رسالي ۾ آيل بيتن سان ڀيٽيو ويو. رسالي جي ڪن قلمي نسخن ۾ آيل بيتن کي پڻ هن ذخيري ۾ شامل ڪيو ويو. 'شاهہ جي رسالي' جي جملي ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل نسخن جي مطالعي مان شايد شاهہ عنات جا کي ٻيا بيت پڻ هٿ اچن، پر جيئن تہ جملي قلمي نسخن تائين في الحال اسان جي پهچ نہ آهي، انهيءَ ڪري اهڙي تحقيق کي مجبوراً ملتوي ڪيو ويو آهي. 'رسالي' جا جيڪي ڇاپا يا قلمي نسخا مطالعي هيٺ آيا آهن، تن مان ميين شاهہ عنات جي اندازاً اوڻهتر (69) بيتن ۽ ڇهن (6) واين جو پتو لڳايو ويو آهي، جن جا حوالا جابجا هن ڪتاب جي متن جي حاشين ۾ (بمبئي ڇاپي جي سرن ۽ داستانن مطابق) ڏنا ويا آهن.[1]

3. نصرپور ۾ سؤ ورهيہ کن اڳ جو هڪ قلمي بياض نظر مان گذريو، جنهن ۾ ميين شاهہ عنات جا ٽي بيت قلمبند ٿيل مليا[2].

---

(1) ص ص 87، 92-94، 102، 104-105، 108-111، 114، 116-117، 119، 122، 126، 132، 134، 142، 160، 167، 169-170، 174، 176-178، 182-183، 204، 207-208، 214، 221-223، 227، 231، 233-234، 240-241، 243-244، 250، 256، 258، 260، 262، 264، 267، 269، 274، 277، 279-280، 284، 286، 292، 295، 297، 306، 309.

(2) 'سرود پريات' بيت[1] ۽ [3]، ۽ سرود بلاول، فصل ٻيو بيت[2].

4. محمد صديق فقير (وفات 11- رمضان 1265ھ) جي 'رازنامـه' ۾ هڪ بيت لکيل مليو.[1]

5. خليفي نبي بخش صاحب جي رسالي جي ڪن قلمي نسخن ۾ 'سر ڏناسري' هيٺ ميين شاھ عنات ۽ سندس معتقدن جا ڇيل بيت مليا.

6. تاريخ 21 ڊسمبر 1958ع، تعلقي ماتلي ۾ شهر 'ٽري' جي قديم کنڊرن جو معائنو ڪندي 'ديواني شاھ' جي شاهي قبرستان ۾ 'ديواني شاھ' جي مزار لڳ ڪلهوڙن جي دور جي جهوني مسجد ۾ وياسون. جنهن جي ديوار تي ڪاري مس ۽ قلم سان اندازاً ڏيڍ سؤ ورهيه ڪن اڳ جا لکيل بيت نظر آيا. جن مان 6 بيت ميين شاھ عنات جا ۽ 1 بيت شاھ بلال جو هو[2]. اهي بيت آڳاٽي سنڌي صورتخطي ۾ لکيل هئا ۽ ڪافي سوچ ويچار بعد پورا پڙهي قلمبند ڪيا ويا.

7. مرحوم سيد علي شاھ گوهري جي لکيل ڪتابڙي "گلزار غوثيه" (سنه اشاعت 1927ع) ۾ ٻين بيتن سان گڏ شاھ عنات جا 23 بيت ۽ 4 وايون، شاھ بلال جا 2 بيت مليا.

(ب) خانداني روايتون: اسان 'شاھ پوٽن' ساداتن (ميين شاھ عنات جو اولاد) مان مڙني عمر رسيده بزرگن سان ملڻ جي ڪوشش ڪئي، ۽ هيٺين صاحبن کان روبرو رهاڻ ۾ يا خط و ڪتابت ذريعي ميين شاھ عنات جي ڪلام ۽ سوانح جو ڪافي ذخيرو هٿ ڪيو ويو. جنهن جي بناء تي سوانح حيات جو مڪيه پاڱو مرتب ڪيو ويو ۽ پڻ ڪلام جي ٻن قلمي نسخن ۾ شامل بيتن کي پيٽيو ويو.

1. حاجي امام بخش شاھ عرف وڏل شاھ (پير شاھ پوٽو) وينل ڳوٺ غلام حيدر شاھ لڳ مير واھ گورچاڻي، تعلقو ميرپورخاص. جنهن سان 10- آڪٽوبر 1951ع تي ڪافي رهاڻ ٿي، ۽ ان بعد به ساڻس گهڻا ڀيرا ملڻ ٿيو. ڪانئس ميين شاھ عنات جي سوانح ۽ شاھ پوٽن جي پوئين شجري بابت مفيد معلومات ملي.

2. حاجي پير شاھ ولد مهر شاھ (پير شاھ پوٽو) وينل مجري واھ[3]، لڳ سنهڙو، (ميرپورخاص کان 4 ميل ڏکڻ)، تعلقو ميرپورخاص. مرحوم سان به دفعا هلي وڃي سندس ڳوٺ ملاقات ڪئي وئي. اسي سالن کان مٿي عمر هئس ۽ علمي لياقت وارو ۽ جهانديده پير مرد هو. وٽس ميين شاھ عنات جا ڪافي بيت قلمبند ٿيل هئا، جن مان ڪي سندس زباني نقل ڪيا ويا. سندس وفات بعد بيتن جو اهو ذخيرو ميان امام علي شاھ جي گڏ ڪيل ذخيري ذريعي حاصل ٿيو.

3. حاجي بخش علي شاھ ولد الله بخش شاھ (پير شاھ پوٽو) وينل سنهڙو، تعلقو ميرپورخاص. هن نيڪ مرد سان 25- فيبروري 1955ع تي ميين شاھ عنات بابت ڪافي رهاڻ ٿي ۽ ان بعد پڻ ڪيئي دفعا ڪچهريون ٿيون، ۽ وٽانئس ميين شاھ عنات جي سوانح توڙي بيتن جو ڪافي مواد مليو. ويندي ڪلام جي ڇپائيء تائين سندس مهربانين جو سلسلو جاري رهيو ۽ وقت بوقت ڪانئس مفيد معلومات ملندي رهي.

4. فتح محمد شاھ ولد امير شاھ (بلال پوٽو) وينل ديهه 175، تعلقو ڊگهڙي. حيدرآباد ۾ سندس علالت واري عرصي ۾ ساڻس ملاقات ٿي. وٽانئس ڪي بيت قلمبند ڪيا ويا.

---

[1] 'سرود ڪاپائتي'، فصل ٻيو، بيت [5].

[2] شاھ عنات جا بيت: سرود ڪنيات، فصل 2، بيت [11]: سرود رامڪلي فصل 1، بيت [4]:سرود پربات، فصل 2، بيت [10]: سرود بلاول، فصل 2، بيت [2] ۽ [3]، سرود ديسي، فصل [3]، بيت [9]. شاھ بلال جو بيت: سرود رامڪلي، فصل 1، حاشيه ص 45، بيت [13].

[3] بالڪل آخر عمر ۾ لڏي وڃي لڳ ڳوٺ ٽالهي، تعلقي عمرڪوٽ ۾ وينو. ساڻس اسان جي ملاقات مجري واھ واري ڳوٺ ۾ ٿي.

5. محمد علي شاهہ ولد عباس علي شاهہ (پير شاهہ پوٽو) وينل ڳوٺ پنهنجو (لڳ جهڏو) تعلقو ڏگهڙي. ساڻس ملاقات ڪانہ ٿي سگهي، پر غائبانہ تعارف جي بناء تي هن بزرگ بيتن جو ڪجهہ ذخيرو قلمبند ڪرائي موڪليو.

6. الله ڏنو شاهہ ولد الله بخش شاهہ (پير شاهہ پوٽو)، وينل سنهڙو، تعلقو ميرپورخاص. ڪانئس ميين شاهہ عنات جي سوانح بابت ڪافي ٽاٽا ۽ اهڃاڻ قلمبند ڪيا ويا.

7. امام علي شاهہ ولد لاڪو شاهہ (پير شاهہ پوٽو)، وينل سنهڙو، تعلقو ميرپورخاص. هن نوجوان ميين شاهہ عنات جي ٻاهرئين ڪلام سهيڙڻ ۾ دل کولي مدد ڪئي ۽ بيتن جو زياده ذخيرو گڏ ڪري موڪليو.

8. عباس علي شاهہ ولد روشن علي شاهہ (پير شاهہ پوٽو) وينل ڳوٺ پنهنجو (لڳ نئون ڪوٽ)، تعلقو ڏگهڙي، جنهن ڪان ڪن بيتن جون روايتون مليون ۽ پڻ سندس مهربانيءَ سان سگهڙ حاجي عمر چانڊيي سان ڀيريون ڀيرو ڪچهري جو موقعو مليو.

(ج) سگهڙن جون صدري روايتون: 1950ع ڪان 1961ع واري دور ۾، سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ سگهڙن ۽ سالڪن سان رس رهاڻيون ٿيون، جن ۾ ڪيترن ئي سگهڙن ڪان ميين شاهہ عنات جي سوانح ۽ ڪلام بابت ڪي نہ ڪي معلومات مليون. جن سگهڙن ڪان هن سلسلي ۾ ڪافي مفيد مواد مليو، تن ۾ هيٺين جا نالا قابل ذڪر آهن.

1. حاجي محمد سوڍو بگهياڙ (وينل لڳ ميرپور ساڪرو، ضلعو ٺٽو)، جنهن سان اسان جي آڳاٽي ڏيٺ ويٺ هئي. ساڻس ميين شاهہ عنات بابت 6 – مئي 1952ع تي ۽ ان ڪان پوءِ پڻ ٻہ ٽي خاص ڪچهريون ٿيون، جن ۾ ميين شاهہ عنات جي سوانح توڙي ڪلام بابت نهايت مفيد معلومات ملي.

2. حاجي عمر چانڊيو (وينل ڳوٺ محمد علي شاهہ، تعلقو ڏگهڙي)، جو 'شاهہ پوٽن' ساداتن جو مريد ۽ معتقد آهي، ۽ ميين شاهہ عنات جي بيتن جو وڏو چاٽو آهي. ساڻس 7 – فيبروري 1959ع تي ميان عباس علي شاهہ جي ڳوٺ تفصيلي ڪچهري ٿي، ۽ ميين شاهہ عنات جا ڪافي بيت قلمبند ڪيا ويا. ان بعد، حاجي عمر مهرباني ڪري حيدرآباد آيو ۽ ساڻس ڪچهري ڪندي ميين شاهہ عنات جي سوانح بابت ڪافي روايتون قلمبند ڪيون ويون. آخر ۾ حاجي عمر چانڊيي جي روايت سان بيتن جو ٻيو ذخيرو پڻ ميان محمد علي شاهہ لکارائي موڪليو.

3. خليفو محمود نوحاڻي (عمر 65 ورهيہ، وينل لڳ ترائي تعلقو بدين)، جنهن سان 15– نومبر 1958ع کان ڏيٺ ٿي ۽ خاص طرح 4– مارچ 1962ع تي ميين شاهہ عنات بابت رهاڻ ٿي، جنهن ۾ 'شاهہ جي رسالي' ۾ ميين شاهہ عنات جي بيتن ۽ ٻين ٻاهرين بيتن بابت ڪافي معلومات حاصل ٿي.

4. سالار خان پٽ ميوو خان، ساڪاڻي چانڊيو (عمر 60 ورهيہ، وينل ڳوٺ ميون حسن علي، تعلقو ٽنڊو محمد خان) ساڻس 16– نومبر 1958ع تي ڳوٺ ميين حسن علي ۾ ڪچهري ٿي، جنهن ۾ 'سرود سر سريراڳ' مان ميين شاهہ عنات جا ڪي بيت قلمبند ڪيا ويا.

5. حاجي اسمعيل راڄڙ، بنديچو (وينل لالوڪيت، ڪراچي) جنهن ڪان ميين شاهہ عنات جا ڪي بيت مليا.

6. سارنگ فقير جت (وينل ڳوٺ الله بچايو خان جلباڻي، تعلقو گهوڙاٻاري) جنهن ڪان سارنگ جي سر مان ميين شاهہ عنات جا بيت قلمبند ڪيا.

## ڪلام جا ٻہ قلمي نسخا:

موجوده تحقيق جي دوران اسان کي ميين شاهہ عنات جي ڪلام جي ٻن قلمي نسخن جو پتو لڳي سگھيو. جن جو تفصيل هيٺينءَ ريت آهي.

(الف) نسخو (ن): هيءُ نسخو مرحوم ميان نبي بخش شاهہ (ويڙهل ڳوٺ ميان پورل شاهہ. لڳ شيخ موسى. تعلقو ٽنڊو الهيار) وٽ محفوظ هو. ۽ پير ميان غلام رسول شاهہ صاحب جي سفارش ۽ ميان پورل شاهہ جي مهربانيءَ سان اسان کي مليو.

هيءُ نسخو آڳاٽي سنڌي صورتخطيءَ ۾ نهايت پڪي ۽ سهڻي قلم سان لکيل آهي. ڪتابت جي تاريخ ڏنل ڪانهي، پر اندروني اهڃاڻن مان ثابت ٿئي ٿو تہ هيءُ مجموعو مير غلام علي خان ٽالپر جي دور حڪومت ۾، ميان اميد علي شاهہ گڏ ڪرايو. ڇاڪاڻ تہ هن نسخي جي شروع وارن ورقن ۽ پڻ دوباره آخري ورقن ۾ ڪي متفرقہ بيت لکيل آهن، جن ۾ هيٺيان ٽي خود ميان اميد علي شاهہ جا چيل آهن، جن ۾ مير غلام علي خان کي دعا ڪيل آهي:

1. ميـرل موچـارو هـُـئين غـلام علـي گـلزار[1]
هند، سنڌ، ڪڇ، ڪابل، قنڌار توکي ڏيهہ پرينـدا ڏاڻ
هنـدن جـا هـٿ ٻـڌي آنـدا حيـدر هـاڻ
پـرور توسـان پـاڻ، آهـي أميـد علـي چـوي اڳ ۾.

2. ميـرل موچـارو هئيـن، برڪـت مدينـي ڄـام
تـو جـي کهـڻـا ڪـلام[2]، سـي اگهـڻـا در الله جـي.

3. ميـرل موچـارو هئيـن، برڪـت عـالم جـي سـردار
پنج پٽ ڏيئي[3] پاتشاه، اي ڪئو عرض أمت جي آڌار
خيـر ديـن ڪـِـي خيـر جـي منهنجـي وهلـي وهـار
حيـدر همـت ڌار، آهـي آڌر اميـد علـي چـوي.

مير غلام علي خان 16- محرم سنہ 1217هہ (1802ع) تي حڪومت جون واڳون سنڀاليون ۽ 6- جمادي الثاني، سنہ 1227هہ (1811ع) تي وفات ڪيائين. جيئن تہ انهن شروع وارن بيتن توڙي ان بعد ميين شاهہ عنات جي سُروار بيتن جو ڪاتب ساڳيو آهي، تنهنڪري هيءُ نسخو يقيني طور 1217هہ ۽ 1227هہ جي وچ واري عرصي ۾لکيو ويو. نسخي جي آخر ۾ (سرود ڪارائيڙو جي خاتمي تي) هيٺين فارسي عبارت ڏنل آهي، جنهن ۾ ميان اميد علي شاهہ طرفان ڪلام جي هن مجموعي کي گڏ ڪرائڻ جو ذڪر ٿيل آهي:

"ابيات حضرات قطب الا قطاب قدوة العرفاء زبدة الصلحاء حضرت شاهہ صاحب غريق رحمت و مغفرت حضرت شاهہ عنات جيو نورالله مرقده و صاحب ميان محمد شريف جيو قدس سره و حضرت شاهہ صاحب ميان بلال

---

[1] اصل ائين.
[2] ٻيءَ جاءِ تي پڙهڻي 'تنهنجا کهيا ڪلام'.
[3] ٻي پڙهڻي 'ڏنئي'.


شاھ جیو نوراللّٰہ مضجعہ و حضرت شاھ صاحب میان قطب شاھ جیو رحمہ ربہ بسیار بودند- آنچہ در حفظ محافظ جماعہ از فقراء بودند اکثري از سبب بعد مسافت نَسبیاً مَنسیا گشتہ اند- بقیہ کہ در حفظ و یاد گیري زبدۃ الاقران ساون فقیر مگنھار بود حضرت شاھ صاحب والا مواھب عظیم الشان میان امید علي شاھ جیو در این رسالہ کہ نام او 'تنبیہ الطالبین' داشتہ شد جمع کنانیدہ- امید کہ طالبان مستعدان از دُ رر غُرر نصائح آن مستفید و متنبہ گردیدہ بیاد الٰـھي جلشانہ مشغول و سرگرم باشند کہ موجب سعادت اخروي تواند شد."

یعني تہ:

"قطب الاقطاب، قدوۃ العرفاء، زبدۃ الصلحاء، مرحوم مغفور حضرت شاھ صاحب جناب حضرت شاھ عنات (نور اللہ مرقدہ)، جناب حضرت شاھ صاحب محمد شریف (قدس سرہ)، جناب حضرت شاھ صاحب میان بلال شاھ (نوراللّٰہ مضجعہ) ۽ جناب حضرت شاھ صاحب قطب الدین شاھ (رحمہ ربہ) جن جا چیل بیت تمام ڪي گھڻا ھئا، ۽ (معتقدن) فقیرن جي جماعت مان جن ڪي جیڪي یاد ھئا تن مان پڻ گھڻا (فقیرن جي) پراھین پنڌ (تي رھڻ) سببان (قلمبند ٿي نہ سگھیا ۽) ضایع ٿي چڪا آھن. باقي جیڪي زبدۃ الاقران سانوڻ فقیر مگڻھار ڪي یاد ھئا، سي حضرت شاھ صاحب والا مواھب عظیم الشان جناب میان امید علي شاھ جن ھن رسالي ۾، جنھن جو نالو "تنبیہ الطالبین" رکیو ویو، گڏ ڪرایا. امید تہ باھمت طالب نصیحت جي ھنن بي بھا موتین مان فائدو پرائي بیدار ٿي حق تعالیٰ جي یاد ۾ مشغول ۽ سرگرم رھندا، جیئن آخرت جي سعادت جا لائق ٿي سگھن.

ھن عبارت مان ظاھر آھي تہ میین شاھ عنات ۽ سندس پٽ ۽ پوٽن جي ڪلام ڪي گڏ ڪرڻ جي ھي پھرین ڪوشش ھئي، جا میین شاھ عنات جي وفات کان تمام گھڻو پوءِ، اندازاً ھڪ سؤ سال بعد، سندس ٽڙ پوٽي میان امید علي شاھ پنھنجي والد قطب شاھ جي وفات بعد ڪئي. پیو تہ ھن نسخي ۾ صرف اھو ڪلام قلمبند ٿي سگھیو، جو سانوڻ فقیر مگڻھار ڪي یاد ھو.

ھن نسخي ۾ اندر ڪن جاین تي متن ۾ ٿورا خال ڇڏیل آھن، جن ۾ غالباً ڪو رھیل بیت لکڻو ھو پر رھجي ویو. نسخي جي پوین ورقن ۾ مجید نالي شاعر جا ٻہ بیت لکیل آھن ۽ ھینان ڪاتب جو نالو "محمد ھاشم" ڏنل آھي. انھن بیتن ۽ ٻئي سڄي متن جي صورتخطي ساڳي آھي ۽ انھيءَ ڪري ڪافي وثوق سان چئي سگھجي ٿو تہ میان امید علي شاھ جي ارشاد تي 'محمد ھاشم' نالي ڪاتب ھي نسخو لکیو. سندس سنڌي خط نھایت ٿي پڪو ۽ سھڻو آھي (ڏسو عڪس-1) پر سندس علمي لیاقت البت ایتري گھڻي نہ ٿي معلوم ٿئي، جنھنڪري ڪن جاین تي اصل پڙھڻي سمجھي نہ سگھیو آھي، ۽ پڻ ڪن جاین تي ڪن لفظن ۽ فقرن ڪي پوريءَ طرح صحیح نہ لکیو اٿس. ھن نسخي ۾ شروع کان آخر تائین سروار متن جملي 127 ورقن ۽ 252 صفحن


در بيان سرود مارئي

ڍهڏ وره اي ڍي سيها سنڌ جي

ننا بابنه کا ڏا کر باٽر بانڌي ڍي

آءُ پڻ ٿهنکي جهنيان که لکنبس

ڏوس ترشي عرب نبي تو کي رب سنبالي ميان

اول نور نبي جو نار نيم رکيا الله زمين ڏند ڏيئنکي الله

سڃا بهشت برق سينکاري نپامڙ ٻڌ محمد

او مرعنبي محمد اي تو کي ذات ڏنا

آدم عالم عارف سب ٿهل خاطر تو خلقيا

جت مٿ محمد نکتجو آت کجا در کرهيا

جهني جبرائيل بس بانگ نبڙ در سائي

1. نسخه ن جي صفحي جو عڪس

(پهريون ۽ پويون صفحو خالي) ۾ سمايل آهي. ازانسواءِ شروع ۾ ٻي ورق ٻيا لکيل آهن، جن ۾ ڪي متفرقا بيت ۽ سرن جي فهرست شامل آهن. متن جا بيت 3 انچ ويڪر ۽ 6 انچ ڊيگهه واري گهر ۾ لکيل آهن ۽ هر گهر ۾ سراسر 11 سٽون آهن، جن مان هرهڪ، بيت جي هڪ پوري سٽ آهي. ان مرڪزي گهر جي چوڌاري ٽن پاسن کان ٻه انچ حاشيه ڏنل آهي، جنهن ۾ پوءِ هٿ آيل بيت گهڻو ڪري ساڳئي ڪاتب جا لکيل آهن. ڪي بيت جدا خط ۾ پوءِ پڻ لکيا ويا آهن.

هين قلمي مأخذن جي پيٽڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته سانوڻ فقير مڱڻهار ڪافي سمجهدار ۽ معتبر راوي هو، جنهن کي ميين شاهه عنات توڙي سندس پٽ، پوٽن ۽ معتقدن جو ڪافي ڪلام ياد هو ۽ ان کي نسبتاً صحيح طور لکايائين.

(ب) نسخو (ق): هي نسخو پهريائين اسان 1944ع ۾ مرحوم ميان مريد حسين شاهه وٽ نصرپور ۾ ڏٺو هو. نسخي ن جي تحقيقي مطالعي بعد، اسان ڪلام جي هن مجموعي کي هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ۽ ميان غلام قادر شاهه (ولد مرحوم مريد حسين شاهه) پنهنجي مهربانيءَ سان هي قلمي ڪتاب اسان جي حوالي ڪيو. هيءُ نسخو نسبتاً وڏي تختي تي سهڻي صورتخطيءَ ۾ لکيل آهي (ڏسو عڪس-2). ڪتابت جي تاريخ ڏنل ڪانهي، پر ان جي موجوده سنڌي صورتخطي مان معلوم ٿئي ٿو ته هيءُ نسخو گهڻو پوءِ جو لکيل آهي. خانداني روايت موجب هي نسخو ميان قادر شاهه وڏي (ميان مريد حسين شاهه جي والد ۽ نوجوان ميان غلام قادر شاهه جي ڏاڏي) خود پنهنجي هٿن سان لکيو. قادر شاهه وڏي تاريخ 27- رمضان 1345هه / 1927ع ۾ وفات ڪئي، جنهن جي معنيٰ ته هيءُ نسخو ان کان اڳ اندازاً هن صدي جي شروع واري عرصي ۾ لکيو ويو. هي نسخو جملي 119 ورقن ۽ 238 صفحن تي شامل آهي. هر صفحي تي بيتن جو متن ساڍا 6 انچ ويڪر ۽ سوا 9 انچ ڊيگهه واري گهر ۾ سمايل آهي، جنهن جي چوڌاري پوڻا 2 انچ ويڪرو حاشيه ڇڏيل آهي جنهن جي اندر ساڳئي قلم ۾ ٻيا بيت اضافي طور لکيا ويا آهن. هن نسخي ۾ ن وارا اڪثر بيت شامل آهن، ۽ پڻ ٻيا ڪافي وڌيڪ بيت لکيل آهن، جن ۾ گهڻا ئي 'شاهه جي رسالي' جا آهن، ۽ گهڻن ۾ خود شاهه عبداللطيف جو نالو موجود آهي. 'سرود رپ' هيٺ 13 بيت لکيل آهن، جن مان 12 بيت شاهه جي رسالي ۾ موجود آهن[1]. حاشين ۾ ڪٿي ڪٿي مثنوي يا رسالي جا بيت توڙي ٻيون تحريرون لکيل آهن. صحت جي لحاظ سان نسخي ق کان نسخو ن نه فقط آڳاٽو آهي پر وڌيڪ معتبر آهي.

(ج) نسخن پيٽ: ن توڙي ق ٻئي مستقل نسخا آهن، يعني ته هرهڪ جي روايت جدا جدا آهي. ق ۾ جيتوڻيڪ ن وارو گهڻو مواد شامل آهي، مگر اهو ن جو نقل ڪونهي. ٻنهي نسخن جي سرن جي ترتيب پڻ هيٺين طور جدا جدا نموني ڏنل آهي:

---

[1] هيٺيون بيت اسان کي في الحال 'شاهه جي رسالي' ۾ ڪونه مليو ۾ غالباً هي بيت شاهه عبداللطيف جو ئي آهي:

من منجهه هــي وهٽو، گونـدر هٽ نـه پيــر
ڪُــڙه ۾ قطَـارون ڪـري، سـورن لايـا سـير
مون جيئڻ گهاري ڪير، هيڪلي ري سڄڻين.


## ن

متفرقه بيت
سرودن جي فهرست
در بيان سرود ڪليان
" " سرود جمن
" " سرود ڪنيات
" " سرود سر سريراڳ
" " سرود رامڪلي
" " سرود مارئي
" " سرود پرڀات
" " سرود ڌناسري
" " سرود جيتسري
" " سرود ليلا
" " سرود آسا
" " سرود ڍول عرف مومل
" " سرود بلاول
" " سرود ديسي عرف سسئي
" " سرود سورٺ
" " سرود سارنگ
" " سرود توڏي
" " سرود پورب
" " سرود ڪاموڏ
" " سرود ڪارائيڙو
متفرقہ بيت

## ق

در بيان سرود مارئي
" " سرود پرڀاتي
" " سرود ڌناسري
" " سرود جيتسري
" " سرود پورب
" " سرود ڪاموڏ
" " سرود ڪارايل
" " سرود ليلا
" " سرودآسا
" " سرود مومل و راڻو
" " سرود بلاول
" " سرود ديسي
" " سرود سورٺ
" " سرود سارنگ
" " سرود سهٽي
" " سرود ڪلياڻ
" " سرود ڪنيات
" " سرود سُر سريراڳ
" " سرود رامڪلي
بقيہ سرود ڪنيات
بقيہ سرود مومل و راڻو
بقيہ سرود آسا
سرود آسا
متفرقہ سرود ڌهر
سرود رپ

ٻنهي نسخن ۾ مواد جي ترتيب جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو، تہ اول جيڪو مواد وٽن موجود هو سو ڪاتبن سر وار ڪري لکيو. ان بعد جڏهن ٻيا بيت هٿ آيا تہ ن ۾ هرهڪ سر جي متن سامهون حاشين ۾ لکيا ويا، ۽ ق ۾ اهڙا باقي بيت آخر ۾ سر وار قلمبند ڪيا ويا. ساڳين سرن ۾ بيتن جي ترتيب پڻ ٻنهي نسخن ۾ جدا طور ڏنل آهي. ڪاتبن جي ان ڄاڻائي سببان، هرهڪ سر ۾ فقط انهي سر جي مضمون وارا بيت قلمبند ڪين ڪيا ويا آهن، پر ٻين سرن سان تعلق رکندڙ ڪي بيت پڻ گڏي لکيا ويا آهن. ن ۾ پڻ اها غلطي آهي (جيئن تہ 'سرود آسا' هيٺ 'ڪاپائتي' جا بيت گڏي لکيا ويا آهن) پر قدري گهٽ آهي، البت ق ۾ اهڙي غلطي گهٽي



بسم الله الرحمن الرحيم

در بيان سر ڏ مارئي :

واڱي ڏوس فرزني عرب ديني تو کي رب سڻايا مياڻ

اول نور نبي جو تاريم رکياءِ ڏسي ڏيه ڏين

التحيات اتاءِ منجها بهشت براق سينگاري سا

ملائڪ مڱاءِ آءُ موجن محمد اي تو کي ڏات

ثناءِ آدم عالم عارف سڀ مرسل خاطر تو خلقياءِ

2. نسخه ق جي صفحي جو عکس

آهي- مثلاً: ’سرود ليلا‘ کان پوءِ رکيل ’سرود آسا‘ جي عنوان هيٺ ڏنل سيئي بيت ’ڪاپائتي‘ جي سر جا آهن، ’سرود ڪلياڻ‘ هيٺ لکيل ڪافي مواد ’ڌناسري‘ جي سر جو آهي، ۽ ’سرود سر سريراڳ‘ هيٺ ’رامڪلي‘ جي مضمون جا بيت لکيل آهن. اهڙيءَ طرح ٻين سرودن هيٺ پڻ ٿورو گهڻو گڏيل مواد شامل آهي[1]. البت ٻنهي نسخن ۾ هڪ خصوصيت ساڳي آهي: يعني تہ هرهڪ سُر ۾ ميين شاھ عنات جي بيت يا بيتن پويان ڪوشش ڪري ساڳئي مضمون وارا شاھ شريف، شاھ بلال، قطب شاھ يا ٻين مريدن معتقدن جا چيل بيٽ لکيا ويا آهن. جيتوڻيڪ انهيءَ قسم جي ڪوشش جا اُهڃاڻ ٻنهي نسخن ۾ ملن ٿا، مگر ن توڙي ق ۾ اِها ڪوشش بالڪل ابتدائي ۽ اڻپوري آهي ۽ گهڻو ڪري سيني سُرن ۾ ڪن جاين تي ميين شاھ عنات ۽ ٻين جا بيت ٻنا ڪنهن خاص ترتيب جي گڏي لکيا ويا آهن. ٻنهي نسخن ۾ هرهڪ سُر جو مواد پڻ مضمون جي لحاظ سان جدا جدا فصلن ۾ ورهيل نہ آهي.

## ڪلام جي ترتيب:

هن ڇاپي خاطر اسان جملي ڪلام جي ترتيب هيٺين اصولن موجب قائم ڪئي آهي.

(الف) سُرن جي ترتيب: سُرن جي سٽاء جو بنياد آڳاٽي ۽ وڏيڪ معتبر نسخي ن ۾ ڏنل ترتيب تي رکيو ويو آهي، جو ’سرود ڪلياڻ‘ سان شروع ٿي ’سرود ڪارائيڙو‘ تي ختم ٿئي ٿو. البت ان ۾ هيٺين مختصر اصلاح ڪئي وئي آهي:

1. ’سرود پورب‘ ن ۾ ’توڏي‘ بعد لکيل آهي ۽ ق ۾ ’جيتسري‘ بعد رکيل آهي. ’جيتسري‘ ۽ ’پورب‘ جي مضمونن ۾ مناسبت جي لحاظ سان، هن حالت ۾ ق واري ترتيب کي ترجيح ڏني وئي آهي، ۽ ’سرود پورب‘ کي ’سرود جيتسري‘ بعد رکيو ويو آهي.

2. ن توڙي ق ۾ ’ڪاپائتي‘ جي مضمون وارا بيت ’سرود آسا‘ هيٺ شامل آهن. اهي بيت اتان ڪڍي جدا ’سرود ڪاپائتي‘ قائم ڪيو ويو آهي، جو ’سرود آسا‘ بعد رکيو ويو آهي.

3. ن ۾ ’سرود ڏهر‘ ڏنل ڪين آهي، ق ۾ ’سرود آسا‘ جي متن جي حاشيہ تي ’متفرقہ سر ڏهر‘ جي عنوان سان ’ڪونج‘ بابت ٽي بيت لکيل آهن، جي ٽيئي ’شاھ جي رسالي‘ جا بيت آهن. البت ن توڙي ق ۾ ٻين سرن هيٺ ڪي بيت ’سر ڏهر‘ جي مضمون (شاھ جي رسالي ۾ ڏنل ’سر ڏهر‘ جي مضمون جي لحاظ سان) وارا مليا، جن کي گڏ ڪري ’سرود ڏهر‘ جدا طور قائم ڪيو ويو آهي ۽ ان کي ’سرود ڪاپائتي‘ بعد رکيو ويو آهي.

(ب) سُرن جي اندروني مواد جي ترتيب: مٿي بيان ٿي چڪو آهي تہ ن توڙي ق ۾ هر ’سرود‘ هيٺ ڏنل ڪلام جي ترتيب مختلف آهي، ۽ نڪي اهو ڪلام مضمون جي لحاظ سان جدا جدا فصلن ۾ ورهيل آهي، تہ نڪي وري سيئي بيت انهيءَ ساڳئي ’سرود‘ جا آهن. گهڻو ڪري هر ’سرود‘ ۾ ٻئي ڪنهن ’سرود‘ جي مضمون جا ٿورا يا گهڻا بيت شامل آهن. ازانسواءِ، ميين شاھ عنات جي بيتن پران ٻين جا چيل بيت پڻ سڀي سر ۾ پوريءَ ترتيب سان نہ لکيا ويا آهن. انهيءَ ڪري اسان هر ’سرود‘ جي اندروني مواد کي هيٺين اصولن موجب بالڪل نئين سر مرتب ڪيو آهي:

---

[1] ڏسو عڪس- 2، جنهن ۾ ’سرود مارئي‘ ساراه واري وائي سان شروع ڪيل آهي، جنهن جو ’مارئي‘ جي مضمون سان تعلق ڪونهي.

1. پهريائين هر سرود جو مواد جملي جاين تان ڪٺي جدا ڪيو ويو: يعني تہ اول ن ۽ ق مان ساڳئي سرود توڙي ٻين سرودن مان ساڳئي مضمون وارو مواد ڪٺي جدا ڪيو ويو، ۽ ان بعد ان ۾ انهيءَ مضمون وارا بيت (ميين شاهہ عنات ۽ ٻين متعلقين جا) 'شاهہ جي رسالي' ۽ ٻين قلمي مأخذن توڙي شاهہ پوٽن جي خانداني روايتن ۽ سگهڙن جي صدري روايتن واري ذخيري مان چونڊي شامل ڪيا ويا.
2. اهڙيءَ طرح هرهڪ 'سرود' جي جملي مواد کي يڪجاءِ گڏ ڪرڻ بعد، ان کي ضرورت موجب مضمون جي لحاظ سان جدا جدا فصلن ۾ ورهايو ويو، انهيءَ لاءِ تہ پڙهندڙ کي 'خيال' جي ارتقاء يا 'ڳالهہ' جي سلسلي کي سمجهڻ ۾ آساني ٿئي[1].
3. ان بعد هرهڪ فصل هيٺ ميين شاهہ عنات ۽ سندس اولاد ۽ معتقدن مان ٻين شاعرن جي بيتن ۽ واين کي ڪافي محنت ۽ ڌيان سان اهڙي طرح مرتب ڪيو ويو، جيئن عبارت توڙي مضمون جي مناسبت جي لحاظ سان ميين شاهہ عنات جي پران ٻين متعلقين شاعرن جا بيت پڇي بيهن.
4. ميين شاهہ عنات ۽ ٻين شاعرن جي بيتن ۾ تميز ڪرڻ خاطر، ميين شاهہ عنات جي بيتن کي متن ۾ ڄاڙن ڪارن اکرن ۾ ڇاپيو ويو آهي ۽ هيٺ وڃئين حاشيي ۾ ٻين شاعرن جا بيت صاف سادن اکرن ۾ ڇاپيا ويا آهن، پر ٻنهي ۾ عبارت ۽ مضمون جي لحاظ سان جا مناسبت آهي، سا بيتن جي آڏو ڏنل انگن ذريعي نروار ڪئي وئي آهي. مثلاً: 'سرود ڪلياڻ' جي پهرئين فصل هيٺ متن ۾ ميين شاهہ عنات جي ٻئي بيت (سائر لهريون- الخ) آڏو (2) انگ ڏنل آهي، جنهن جي پران شاهہ بلال جا ٻہ بيت ڇيل آهن، جن کي پڻ هيٺ حاشيہ ۾ (الف/2) ۽ (ب/2) جي انگن سان لکيو ويو آهي. اهڙيءَ طرح هرهڪ 'سرود' هيٺ ميين شاهہ عنات جي بيتن ۽ انهن جي پران ٻين شاعرن جي ڇيل بيتن کي ساڳيا انگ ڏنا ويا آهن.

اهڙي اهتمام سان، هرهڪ 'سرود' جي مواد کي نئين سر مرتب ڪيو ويو آهي، انهيءَ لاءِ تہ مضمون جي سٽاءُ قائم رهي، ميين شاهہ عنات جا بيت ۽ وايون متن جي منڍ ۾ نمايان ٿي بيهن، ۽ پڻ ٻين متعلقين شاعرن جا بيت، عبارت ۽ مضمون جي لحاظ سان، ميين شاهہ عنات جي بيتن هيٺان جُڙي بيهن.

---

[1] 'فصلن' جي هي ترتيب بالڪل منطقي نہ آهي پر بيتن ۽ مضمونن جي مناسبت سان آساني ۽ سهٽي سٽاء خاطر قائم ڪئي وئي آهي. اڪثر 'سرودن' ۾ مجموعي طور سان مضمون ساڳيو آهي، پر 'خيال' جي ارتقاء يا 'ڳالهہ' جي سلسلي جي لحاظ سان فصل قائم ڪيا ويا آهن. 'سرود ڏهر' (ص ص 140 - - 141) ۾ ٽي جدا مضمون سمايل آهن ۽ هر هڪ لاءِ جدا فصل قائم ڪيو ويو آهي.

## ڪلام جي تحقيق ۽ تصحيح:

مبين شاهہ عنات ۽ سندس گروه جي شاعرن جي ڪلام جي تصحيح ۾ ڪافي دشواريون پيش آيون. اول تہ مبين شاهہ عنات جي زبان نهايت ڳوڙهي ۽ لغت آميز آهي، جنهن کي سمجهڻ ايترو آسان نہ آهي. ٻيو تہ نسخو ن آڳاٽي سنڌي صورتخطي ۾ لکيل آهي، جنهن کي سولائيءَ سان پڙهڻ مشڪل هو. البت نسخي ق جي صاف سنڌي صورتخطي ۽ سگهڙن جي ڪن زباني روايتن مان قدري رهنمائي ٿي، پر تنهن هوندي بہ ڪافي انوڪا الفاظ ۽ اصطلاح تحقيق طلب رهيا. ٻيون تہ اهڙا بيت جي ن توڙي ق ۾ ڪين هئا ۽ فقط ڪنهن هڪ قلمي مأخذ يا زباني روايت ذريعي مليا، انهن کي پيڙهڻ لاءِ ٻيو ڪو ذريعو ڪونہ هو. جنهنڪري انهن جي تحقيق ۽ تصحيح تي ڪافي غور ڪرڻو پيو. مثلاً: ڪي بيت فقط 'ديواني شاهہ جي درگاه' جي مسجد جي ديوار تي نهايت مشڪل ۽ ميساريل صورتخطيءَ ۾ مليا، جن جي صحيح پڙهڻي قائم ڪرڻ ۾ ڇڻ جبل ٽاڪڻو پيو. مجموعي طور سان ڪلام جي هن ذخيري جو ڪافي وڏو حصو بالڪل نئون ۽ غير مانوس هو، جنهنڪري ان جي عبارت توڙي معنيٰ سولائي سان ذهن ۾ نٿي آئي. هن انوکي ۽ ڳوڙهي ڪلام جي ڳوڙهي سٽاء ذهن تي ڪافي بار وڌو، مگر مسلسل غور ۽ مشوري سان ۽ مختلف روايتن کي پيڙهڻ سان اندازاً 99 سيڪڙو ڪان بہ زياده مواد کي پوريءَ طرح سمجهي ان جي تصحيح ڪئي وئي آهي ۽ ان کي زيرن زبرن سان شايع ڪيو ويو آهي، انهيءَ لاءِ تہ پڙهندڙ کي آسانيءَ سان ذهن نشين ٿي سگهي.

ڪلام جي مختلف روايتن کي پيڙهڻ وقت زياده ترجيح ن ۽ ق جي متفقہ پڙهڻي کي ڏني وئي آهي، ان بعد ن يا ق يا 'شاهہ جي رسالي' ۾ ڏنل پڙهڻي کي وزن ڏنو ويو آهي، ۽ ان بعد ٻين قلمي مأخذن يا عام مروج روايتن کي اختيار ڪيو ويو آهي. هر صفحي تي هيٺين ڪاري ليڪ بعد آخري حاشيہ ۾ اهڙيون اختلافي پڙهڻيون ڏنيون ويون آهن جي قدري وزندار آهن. بالڪل معمولي اختلافن کي درگذر ڪيو ويو آهي، انهي لاءِ تہ خواه مخواه نڪي ذهن منتشر ٿئي تہ نڪي پنو ضايع ٿئي.

هر بيت جي اصولي مأخذ کي پهرئين سٽ جي سامهون ڪهي پاسي هيٺين نشانين ذريعي نروار ڪيو ويو آهي. جيڪڏهن ٻئي ڪنهن مکيہ مأخذ ۾ پڻ بيت موجود آهي، يا ڪنهن بہ ٻئي مأخذ ۾ ڪنهن لفظ يا سٽ جي پڙهڻي ذرا وزندار آهي تہ اهڙو مأخذ ۽ ان جي اختلافي پڙهڻي هيٺ حاشيہ ۾ ڏني وئي آهي. مگر جيڪڏهن ڪنهن ٻئي ماخذ جي پڙهڻي ساڳئي اصولي مأخذ واري آهي تہ ان ڏانهن اشارو لازمي نہ آهي.

[ن ق] اهو بيت ن ۽ ق ٻنهي نسخن ۾ موجود آهي.

[ن] اهو بيت ق ۾ ڪونهي پر ن ۾ موجوده آهي.

[ق] اهو بيت ن ۾ ڪونهي پر ق ۾ موجود آهي.

[ر] اهو بيت ن ۽ ق ۾ ڪونهي (۽ ٻئي ڪنهن ٻاهرئين مأخذ: مثلاً: 'شاهہ جي رسالي'، ڪنهن ٻيءَ لکيت يا زباني روايت ذريعي مليو.)

جيڪڏهن ڪنهن بيت جي سٽ يا وائي جي مصرع جا ڪي الفاظ يا فقرا ڪٽل هئا ۽ ڪنهن مأخذ مان ملي نہ سگهيا، تہ اسان مضمون جي لحاظ سان مناسب لفظن يا فقرن جو اضافو ڪيو آهي ۽ انهن کي چورس ڏنگين [ ] ۾ رکيو ويو آهي.

ميين شاهہ عنات ۽ ڀٽائي صاحب جي بيتن ۾ فرق ڪرڻ نهايت ڏکيو آهي، خصوصاً انهيءَ حالت ۾ جو جڏهن شاعر جو نالو ڏنل ڪونهي، يا 'سيد' جو نالو آيل آهي: جو ميين شاهہ عنات توڙي ڀٽائي صاحب ٻنهي استعمال ڪيو آهي. ازانسواءِ 'شاهہ جي رسالي' جي قلمي نسخن توڙي اڳاٽن ڇاپن ۾ شاهہ عبداللطيف جي ڪلام سان گڏ ڪيترن ئي ٻين شاعرن ۽ خصوصاً شاهہ عنات جا ڪافي بيتَ شامل آهن، جن کي هن ڪان اڳ پروڙڻ مشڪل هو، ڇاڪاڻ تہ شاهہ عنات جي بيتن بابت سندس خاندان ۾ پيڙهي بہ پيڙهي هلندڙ ڳالهيون، توڙي ڪن سچاڻ سگهڙن وٽ آڳاٽيون روايتون جمع ٿيل ڪين هيون. انهيءَ سچي ذخيري هٿ اچڻ بعد، 'شاهہ جي رسالي' ۾ ميين شاهہ عنات جي شامل ڪلام جي تصديق ۾ ڪافي قدر آساني ٿي آهي، مگر مختلف زباني روايتن ۾ ڪي ساڳيا بيت ميين شاهہ عنات توڙي ڀٽائي صاحب ڏانهن منسوب آهن، ۽ پڻ پوئين ويجهي دور ۾ ميين شاهہ عنات جي ڪلام جي لکايل نسخي ق ۾، ڪن جاين تي متن ۾ توڙي متن جي ٻاهران حاشيي ۾ ڀٽائي صاحب جا بيت سندس نالي سان شامل ڪيا ويا آهن. غالباً ڪلام گڏ ڪرائيندڙ ڪي ڀٽائي صاحب جا اهي بيت پسند هئا، انهيءَ ڪري اهي پڻ لکايا ويا؛ جيئن ڀٽائي صاحب جن ڪن موقعن تي شاهہ عنات جا بيت مثال طور پڙهيا ۽ اهي پڻ 'رسالي' واري مجموعي ۾ شامل ڪيا ويا.

انهيءَ ڪري ڪافي محنت ۽ تحقيق کان ڪم ورتو ويو، جيئن خالص ميين شاهہ عنات جو ڪلام پوري صحت ۽ تصديق سان پڙهندڙن جي آڏو پيش ڪيو وڃي، ۽ هيءُ ڪتاب خود 'شاهہ جي رسالي' جي تحقيق لاءِ هڪ پيش خيمو بنجي. انهيءَ سلسلي ۾ تحقيق ۽ تنقيد جا هيٺيان طريقا اختيار ڪيا ويا:

1. ميين شاهہ عنات ۽ سندس گروه جي ڪلام جي سچي ذخيري کي سامهون رکي، ان کي 'شاهہ جي رسالي' سان ڀيٽيو ويو ۽ اهي بيت جي خود 'شاهہ جي رسالي' ۾ 'عنات' جي نالي سان موجود هئا، سي لکيا ويا. اهڙا بيت جيڪي ميين شاهہ عنات جي ڪلام واري ذخيري ۾ معنيٰ ۽ مقصد جي لحاظ سان انوکا نظر آيا ۽ پڻ ساڳئي وقت 'شاهہ جي رسالي' ۾ شاهہ عبداللطيف جي نالي سان موجود هئا، سي ڇڏيا ويا.
2. اهي بيت جيڪي متفقہ طور ن توڙي ق ٻنهي ۾ شاهہ عنات جا مجيل هئا، يا اهي بيت جيڪي ن يا ق مان ڪنهن بہ هڪ ۾ موجود هئا ۽ ساڳئي وقت ٻين ٻاهرين ماخذن مان پڻ تصديق ٿي تہ شاهہ عنات جا آهن، سي ڪنيا ويا.
3. اهو بيت جو فقط ن ۾ فقط ق ۾ ڏنل هو تہ ق جي ڀيٽ ۾ ن واري کي زياده وزن ڏنو ويو. ان بعد ڏٺو ويو تہ جيڪڏهن 'شاهہ جي رسالي' ۾ اهو بيت ڪنهن اهڙي ٻئي بيت سان لاڳيتو ڏنل آهي، جنهن ۾ شاهہ عنات جو نالو آهي يا ان بيت ۾ استعمال ٿيل مخصوص الفاظ ۽ اصطلاح اهڙا آهن، جي ميين شاهہ عنات جي ٻين بيتن ۾ موجود آهن، تہ اهو شاهہ عنات جو ڪري ڪنيو ويو.
4. اهو بيت جو فقط ق يا فقط ر (فقط هڪ زباني روايت) ۾ هو، پر 'شاهہ جي رسالي' ۾ پڻ موجود هو تہ ان کي اڪثر ڇڏيو ويو[1].

[1] هن ڪتاب جي خصوصاً پهرين سرن ڇپائڻ وقت پل سببان هن اصول جي پيروي نہ ٿي، جنهن ڪري ڪي روايتي بيت جي "شاهہ جي رسالي ۾ موجود هئا، سي پڻ متن ۾ ڇپجي ويا آهن. ڪتاب جي آخر ۾ ڏنل "سمجهاڻي ۽ اشارا" ۾ اها درستي ڪئي وئي آهي، جنهن ڏانهن توجهہ ضرور آهي.

5. ڪي ٿورڙا بيت البت اهڙا هئا جن بابت ڪا به پاهرين ثابتي ڪارآمد نه ٿي سگهي. اهڙي حالت ۾ انهن کي اندروني سٽاء واري ڪسوٽيءَ تي پرکيو ويو: يعني ته جيڪڏهن بيت جي ٻولي ڳوڙهي (شاهہ عنات جي خصوصيت) ناهي پر نهايت عام فهم ۽ فصيح (ڀٽائي صاحب جي خصوصيت) آهي، يا بيت ۾ ڳالهہ جي بيان (شاهہ عنات جي خصوصيت) بدران فڪر ۽ خيال (ڀٽائي صاحب جي خصوصيت) سمايل آهي ته غالباً اهو بيت شاهہ عبداللطيف جو آهي، پر جيڪڏهن سٽاء ان جي برعڪس آهي ته غالباً اهو بيت ميين شاهہ عنات جو آهي.

قلمي نسخن ۽ روايتن کي اُتاري، ڇپائي لاءِ آخري بياض تيار ڪرڻ وقت ڪن 'سرودن' مان ڪي بيت رهجي ويا ۽ انهيءَ ڪري ڇاپي هيٺ ڪين آيا. اهڙا جملي رهيل بيت ۽ وايون، "اضافا" جي عنوان سان متن جي آخر ۾ ڏنا ويا آهن، ۽ اُميد ته ڪتاب جي ٻئي ڇاپي وقت متن ۾ موزون جاين تي رکيا ويندا.

قلمي ذخيري توڙي سگهڙن جي عام روايتن مان ڪي بيت شاهہ عنات جي نالي سان مليا آهن، مگر مشڪوڪ آهن. اهڙا بيت جي فقط ڪنهن هڪ ماٰخذ ۾ موجود هئا يا مختلف سگهڙن ۽ راوين کان شاهہ عنات جي نالي سان مليا، پر نڪي 'شاهہ جي رسالي' ۾ موجود هئا ۽ نڪي في الحال ڪنهن ٻئي ذخيري مان انهن جي تصديق ٿي، اُهي 'عام روايتي بيتن' جي عنوان هيٺ 'اضافن' کان پوءِ شامل ڪيا ويا آهن، انهيءَ لاءِ ته محفوظ رهن.

ميين شاهہ عنات جو ڪلام، ٻوليءَ جي لحاظ سان آڳاٽو ۽ عبارت جي لحاظ سان ڪافي ڳوڙهو آهي. انوکن لفظن، اصطلاحن ۽ محاورن کان سواءِ ان ۾ ساٿهن ۽ ماڳن ڏانهن پڻ اشارا موجود آهن، جنهنڪري ان کي سمجهڻ، سوڌڻ ۽ سنوارڻ ايترو آسان نه هو. اسان ڪوشش ڪري ميين شاهہ عنات جي خاندان مان سمجهدار فردن توڙي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان سڄاڻ سگهڙن سان ملي، انوکن لفظن ۽ فقرن جي معنائن جي تحقيق ڪئي ۽ ڪلام ۾ آيل ڪن درويشن، شهرن ۽ ماڳن جي نالن بابت پڇا ڪئي. البت هڪ ته هيءَ ڪم مشڪل هو، ٻيو ته وقت ٿورو هو. ۽ ٽيو ته اسان جا وسيلا محدود هئا. انهيءَ ڪري في الحال اسان پنهنجي محدود سعيي ۽ ڇاڻ جي آڌار تي ڪتاب جي آخر ۾ هرهڪ سرود جي مختصر سمجهاڻي لکي آهي، انهي لاءِ ته هن ڪلام جي پڙهڻ ۽ پروڙڻ ۾ قدري آساني ٿئي.

## شامل ڪلام جو تفصيل:

مختلف ماٰخذن مان هن ڪتاب ۾ جيڪو ڪلام جمع ڪيو ويو آهي، يا ميين شاهہ عنات ۽ سندس گروه جي هرهڪ شاعر جو جيترو ڪلام شامل آهي، ان جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو، انهيءَ لاءِ ته پڙهندڙن کي جملي ڪلام ۽ ان جي نوعيت جو آساني سان اندازو ٿي سگهي.

(الف) سڄي ڪتاب ۾ جملي 842 بيت ۽ 44 وايون شامل آهن، جن ۾ سواءِ ڪن ٿورڙن بيتن ۽ واين جي، آڳاٽي سنڌي شعر جو هي قيمتي ۽ وڏو ذخيرو پهريون دفعو شايع ٿي رهيو آهي.

(ب) مختلف ماٰخذن مان ورتل بيتن ۽ واين جو تفصيل هيٺينءَ طور آهي:

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| ن ۽ ق نسخن | مان | 733 | بيت | ۽ 38 | وايون |
| 'شاهہ جي رسالي' | مان | 22 | بيت | ۽ 4 | وايون |

’ٻين لکيتن‘ مان 40 بيت ۽ 2 وايون
’زباني روايتن‘ مان 47 بيت

(ج) ميين شاهہ عنات ۽ سندس گروه جي ٻين شاعرن جي ڪلام جو جدا جدا تفصيل هيٺينءَ طور آهي:

| | | | |
|---|---|---|---|
| 1. ميون شاهہ عنات | 469 بيت ۽ 42 وايون | 13. لاکو | 1 بيت |
| 2. شاهہ شريف | 82 بيت ۽ 1 وائي | 14. لکمير | 1 بيت |
| 3. شاهہ بلال | 63 بيت ۽ 1 وائي | 15. عبدالله | 1 بيت |
| 4. قطب شاهہ | 150 بيت | 16. قاسم | 1 بيت |
| 5. پيرو | 5 بيت | 17. عليم | 1 بيت |
| 6. رنگريز | 4 بيت | 18. منون | 1 بيت |
| 7. ڪٽي | 1 بيت | 19. راول | 1 بيت |
| 8. يوسف | 13 بيت | 20. صمد | 2 بيت |
| 9. مالڻ | 1 بيت | 21. مگڻهار | 1 بيت |
| 10. صابر | 2 بيت | 22. چام | 1 بيت |
| 11. هوندل شاهہ | 2 بيت | 23. بنا نالي | 36 بيت |
| 12. اوپايو | 1 بيت | 24. اميد علي شاهہ | 1 بيت |

هي ڪشالو اسان محض سنڌي ٻوليءَ سان محبت ۽ ان جي آڳاٽي علم ادب کي اجارڻ خاطر ڪيو آهي، مگر هيءُ مشڪل آسان نہ ٿئي ها، جيڪڏهن مخلص ساٿين جي مدد شامل حال نہ هجي ها. سڀ کان اول آءٌ محترم ماستر محمد يعقوب صاحب ميمڻ جو شڪرگذار آهيان. جنهن وقت بوقت ڏنل هدايتن موجب قلمي نسخن ۽ ڪلام جي ٻئي ذخيري کي اتارڻ، ان بعد سڄي ڪلام کي هڪ مسودي جي صورت ۾ يڪجاءِ گڏ ڪرڻ ۽ بيتن کي پيٽن خاطر جدا جدا پڙهڻيون قلمبند ڪري ڏيڻ جو بار کنيو ۽ ان ڪم کي نهايت سهڻي سليقي سان پورو ڪيو. ان بعد محترم ممتاز مرزا ڪتاب جي آخري مُبَيضي کي اتارڻ جو ڪم نهايت خوبيءَ سان سرانجام ڏنو ۽ مواد کي پريس ۾ پهچائڻ ۽ پهرين پروفن پڙهڻ جي جوابداري پنهنجي ذمي ڪئي. محترم محمد اسماعيل شيخ پروفن جي دوباره چڪاس ۽ ڇپائي جي سڄي ڪم جي نظرداري ڪئي، ۽ پڻ ’صحت نامي‘ تيار ڪرڻ ۽ ڪتاب ۾ شامل مواد جي تفصيل ڪڍڻ ۾ مدد ڪئي. سنڌ يونيورسٽي پريس جي ڪمپازيٽرن هن ڪتاب جي صفحي صفحي کي مختلف ٽائيپن ۽ سهڻي سٽاء سان ڪمپوز ڪرڻ ۾ وڏي محنت ڪئي ۽ انهيءَ فن جي اڳواٽي جو سهرو سڄاڻ ڪمپازيٽر محترم محمد حسن بلوچ جي سر سونهي. پريس مئنيجر محترم اعجاز محمد صديقي ڪتاب جي سهڻي ۽ سگهي ڇپائي طرف خاص توجهہ ڏنو. بنده انهن مڙني مخلص ساٿين ۽ ڪارڪنن جو تهدل شڪرگذار آهي.

انهن سڀني صاحبن ۽ سنڌ جي سڄاڻ سگهڙن جو پڻ شڪرگذار آهيان، جن جي ذريعي هن ڪلام جو ذخيرو جتي بہ موجود هو، اتان اسان کي ملي سگهيو. خصوصاً پير ميان غلام رسول شاهہ ۽ ميان پورل شاهہ جي سفارش سان مرحوم ميان نبي بخش شاهہ کان ڪلام جو آڳاٽو قلمي نسخو مليو ۽ نصرپور مان ميان غلام قادر

شاهہ جي مهرباني سان ڪلام جو ٻيو قلمي نسخو حاصل ٿيو. شاهہ پوٽو ساداتن مان شروع ۾ ميان امام بخش شاهہ عرف وڏل شاهہ ۽ ان بعد خاص طرح حاجي بخش علي شاهہ صاحب هن ڪم جي تڪميل ۾ هٿان وڙان مدد ڪئي. سڀ ڪان زياده آءٌ پنهنجي مهربان دوست ۽ ڪرم فرما محترم محمد اسماعيل خان نون جو ٿورائتو آهيان، جنهن مون کي ميين شاهہ عنات جي ڪلام جي تصحيح ۽ تحقيق لاءِ وقت بوقت همتايو ۽ ڪم جي شروعات ڪان وٺي آخر تائين منهنجي دل و جان سان مدد ڪئي. هن صاحب منهنجي لاءِ ميين شاهہ عنات جي خاندان جي ڪن سر بر آورده فردن توڙي پري پري ٻهرارين ۾ رهندڙ سگهڙن سان ملڻ ۽ ڪچهرين ڪرڻ جا ذريعا پيدا ڪيا ۽ پڻ پاڻ پنهنجي سر ڪوشش ڪري ڪلام جو ڪافي ذخيرو مون تائين پهچايو. آخر ۾ هن صاحب سڄو ڪلام مون سان گڏ ويهي پڙهيو، ۽ خصوصاً سر مارئي ۽ سر سارنگ ۾ ٿرپارڪر جي ٻوليءَ جي لفظن ۽ اصطلاحن سمجهڻ توڙي اتي جي ماڳن ۽ مڪانن کي متعين ڪرڻ ۾ منهنجي رهنمائي ڪئي.

محبت ميڙي، ڳوٺ ٻڌجي هيڪڙو

تنين جي ويڙهي، پاڻهي ايندو پاتشاهہ.

سنڌ يونيورسٽي، حيدرآباد سنڌ

5- صفر 1383هہ

(27- جون 1963ع)

خادم العلم

نبي بخش بلوچ

باسمہ تعاليٰ

# مقدمه

ميون شاهہ عنات، ڪلهوڙن جي اوائلي دور جو بلند پايي شاعر ۽ درويش ٿي گذريو آهي. هو نصرپور ۾ رهندڙ "رضوي" ساداتن جي هڪ برک ۽ بينل قبيلي جو فرد هو، ۽ پاڻ هڪ وڏي اهل عيال وارو هو. ڪافي وڏي عمر پاتائين ۽ پنهنجي اولاد توڙي معتقدن مريدن جي تربيت ڪيائين. سنڌ جي خصوصاً لاڙ ۽ ٿرپارڪر وارن پاڳن (موجوده حيدرآباد ۽ ٿرپارڪر ضلعن) سان سندس گهڻو واسطو رهيو ۽ عام توڙي خاص سندس برگزيده شخصيت ۽ دلپذير بيتن کان گهڻي قدر متاثر ٿيا. ازانسواءِ وقت جي حڪمرانن، سندن نائبن توڙي وقت جي بينل ماڻهن وٽ پڻ هن درويش جي وڏي عزت هئي. سندس مشهور نانءُ نالي سبيان سندس اولاد، وڏن جي موروثي نالي "رضوي" جي بدران، سندس ذاتي نالي پويان "شاهہ پوٽا" سڏجڻ لڳا، جن ۾ پڻ شاعر، درويش، نيڪ مرد، عالم، ۽ بااثر زميندار پيدا ٿيا. خاندان جي نيڪ مردن ۽ سربرآورده شخصيتن توڙي مريدن ۽ معتقدن جي ڪافي وڏي گروه سبيان شاهہ عنات جي درويشي ۽ شاعري بابت مسلسل روايتون هلنديون آيون ۽ اڄ ڏينهن تائين رائج آهن. مگر سواءِ ڪن سڄاڻ سگهڙن جي اهي اڪثر سندس اولاد ۽ مريدن جي دائري تائين محدود رهيون آهن. عوام ۾ البت "شاهہ عنات ۽ شاهہ ڀٽائي" جي ڇيل هر خيال بيتن جون مقالون مشهور رهيون آهن، ۽ انهيءَ لحاظ سان سنڌ جو گهڻو پاڳو "شاعر شاهہ عنات" جي نالي کان پڻ واقف آهي. انهن عام اهڃاڻن کان سواءِ، شاهہ عنات جي سوانح عمري توڙي ڪلام بابت پڙهيل طبقي جا معلومات هن وقت تائين محدود آهن، ۽ انهيءَ ڪري سنڌي جي هن عظيم الشان آڳاٽي شاعر جو اڄ تائين ڪماحقه قدر نہ ٿيو آهي. سندس وفات کان پوءِ وڏي عرصي گذرڻ ۽ ان عرصي ۾ سندس ڪلام ڏي توجهہ نہ هئڻ سبيان، شاهہ عنات بابت معلومات جا ذريعا پڻ ميسارجي ويا آهن. اسان موجوده وقت ۾ هٿ آيل ٽاڻن ۽ اهڃاڻن جي بناء تي "اعليٰ سنڌي شاعري" جي هن نامور اڳواڻ ۽ علمبردار شاعر جي سوانح ۽ ڪلام تي قدري تفصيلي روشني وجهون ٿا.

## سوانح حيات

### (الف) خاندان:

ميين شاهہ عنات جو خاندان سنڌ جي رضوي ساداتن سان تعلق رکي ٿو، جن ڇهين صدي هجريءَ ۾ اڇي بکر ۾ سڪونت اختيار ڪئي. ٻن ٽن صدين بعد اتان هڪ شاخ لڏي اچي نصرپور کي وسايو، جنهن جي "مبارڪ پوٽا" پاڙي مان شاهہ عنات پيدا ٿيو. رضوي ساداتن توڙي ميين شاهہ عنات بابت "تحفة الڪرام" ۾ مختصر حوالا ملن ٿا، پر زياده ۽ قدري معتبر تفصيل هڪ آڳاٽي ڪتاب "شجره طيبه سادات نصرپور" [1] ۾ ڏنل آهي، جنهن مان هيٺيان حالات روشن ٿين ٿا.

---

[1] هي ڪتاب نصرپور جي عالم سيد ضياء الدين رضوي، سنہ 1149هہ ۾ لکيو، جنهن جو نقل ميان محمد صديق رضوي نصرپوري، سنہ 1215هہ ۾ ڪيو. ان بعد نصرپور جي مشهور شاعر جناب مصري شاهہ جي ارشاد تي آخوند عبدالڪريم بن آخوند محمد بچل حيدرآبادي (جنهن پوءِ نصرپور ۾ سڪونت اختيار ڪئي)، ميان محمد صديق جي لکيل نسخي تان سنہ 1313 هجري ۾ هڪ نقل تيار ڪيو، جنهن جي حاشين تي توڙي پويان ڪافي مفيد اضافا ڪري هن شجره کي مڪمل بنايو ويو. اسان جي آڏو آخوند عبدالڪريم وارو لکيل نسخو آهي.

1. رضوي ساداتن جو سنڌ ۾ اچڻ: امام موسيٰ رضا جي اولاد مان سيد ابوالمڪارم زيد [1] پنهنجي وقت جو هڪ عالم، عابد، زاهد ۽ مڪي شريف ۾ اثر ۽ اختيار جو صاحب هو. ان جي فرزند سيد قاسم (اول) جو اولاد سنڌ ڏانهن آيو (ڏسو شجره - 1). سيد ابوالمڪارم زيد جي فرزند سيد قاسم جا ٻه پٽ سيد محمد ۽ سيد علي پهريائين پهريائين امام موسيٰ ڪاظم جي اولاد مان سيد چڱي (چنگه) بن علي بن عباس سان گڏجي سنڌ ڏانهن آيا. باقي سندس ٽيون پٽ سيد ابراهيم (اول) مڪي شريف ۾ رهيو. سيد ابراهيم (اول) کي پنج پٽ ٿيا، جن مان سيد محمد شجاع ۽ سندس پٽن ۽ سيد قاسم (ثاني) جي فرزند سيد ابراهيم (ثاني) ۽ سندس فرزندن، ۽ ٻين واسطيدارن شوال سنه 545هه ۾ مڪي شريف مان هجرت ڪئي. سيد محمد شجاع کي ٻه فرزند ٿيا، سيد علي ۽ سيد محمود، جو "محمود مڪي" جي نالي سان مشهور ٿيو. "تحفة الڪرام" ۽ ٻين روايتن ۾ هن بزرگ جو نالو متفقه طور "سيد محمد مڪي" ڄاڻايل آهي.

سنڌ ۾ اچڻ کان اڳ هنن بزرگن جو سهروردي طريقي جي باني مباني حضرت شيخ شهاب الدين سان مريدي ۽ مائٽيءَ جو رشتو ٿيو، ۽ انهيءَ ڪري پوءِ سنڌ ۾ سندن اولاد پڻ سهروردي طريقي سان شامل رهيو. 'تحفة الڪرام' جي بيان موجب سيد محمد شجاع جي شيخ شهاب الدين سهروردي سان عقيدت ٿي ۽ کيس مرشد ڪري ورتائين. حضرت شيخ مٿس نهايت مهربان هو ۽ کيس پنهنجي نياڻي نڪاح ۾ ڏنائين. جنهن مان سيد محمد کيس مڪي شريف ۾ ڄائو، جو 'محمد مڪي' جي نالي سان مشهور ٿيو، ۽ پوءِ سنڌ ۾ اچي سڪونت اختيار ڪيائين. 'شجره' مطابق، سيد 'محمود' مڪي ۽ سندس پٽ صدرالدين محمد خطيب، سيد ابراهيم ثاني ۽ سندس پٽ علاؤالدين، زيد بن علي، شيخ حامد انصاري جا پٽ، شيخ ابواسحاق، شيخ ايوب ۽ شيخ صدر ۽ سيد نورالدين بن سيد حسن باڪ. اهي نو ڄڻا [2] پنهنجي عيال اولاد ۽ خادمن سميت جملي 45 ڄڻا، سال 549هه ۾، 'هرسنه' قلعي اندر ڏکڻ طرف پنهنجون حويليون ٺاهي اُتي مقيم ٿيا. 'تحفة الڪرام' جي ڇاپي ۾ هن ماڳ جو نالو 'فرشته' لکيل آهي [3]، جو غالباً 'هرسنه' جي بگڙيل صورتخطي آهي، ۽ پڻ ڄاڻايل آهي ته سيد محمد مڪي جي آمد ۽ برڪت سببان ان ماڳ جو نالو مٽجي 'بکر' ٿيو [4]. 'شجره' ۾ ڄاڻايل آهي ته دهليءَ جي بادشاهه طرفان هن پاسي جي ترڪ ناظمن (متصدين) مان علي بن شاهه محمد بن علاؤالدين شاهه دهلي مان 'ماڇه' ۽ 'ڪماڇه' نالي عملدارن کي درياءَ جي وچ ۾ ٽڪر تي قلعي ٻڌڻ لاءِ موڪليو ۽ هنن اچي 'بکر' جو قلعو تعمير ڪرايو. ان بعد 'هرسنه' جي بستي واري آبادي نئين قلعي ۾ سڪونت اختيار ڪئي. اول سيد ابراهيم بن علاؤ الدين بن ابراهيم ثاني پنهنجي عيال لاءِ بکر جي نئين قلعي ۾ ڏکڻ طرف پڪين ڇتين سان سهٽيون جايون ٺهرايون ۽ ان بعد سيد 'محمود' (محمد مڪي) ۽ سندس اولاد پڻ بکر جي قلعي اندر جايون جوڙائي مقيم ٿيا. ان وقت سنه 555 هه ۾ سيد 'محمود' (محمد) وفات ڪئي ۽ کيس اوير طرف ٽڪر جي دامن ۾ دفن ڪيائون. ٻن مهينن بعد 'ابو اسحٰق' بن شيخ حامد انصاري وفات ڪئي ۽ کيس سندس پاءُ (ايوب) جي قبر لڳ دفن ڪيائون. اهڙيءَ طرح اهي ٽيئي قبرون گڏ آهن.

---

(1) شجره مطابق: ابوالمڪارم زيد بن جعفر بن حمزه بن هارون بن عقيل بن ابي عقيل بن اسمٰعيل بن ابي عبدالله جعفر ثاني بن علي نقي بن محمد تقي بن موسيٰ رضا.

(2) 'شجره' جي اصل عبارت 'اين هشت نفر' (اهي اٺ ڄڻا) آهي ۽ شيخ صدر مٿان ڳاڻيٽي جو انگ لڳل نه آهي. بکر ۾ آيل انهن بزرگن لاءِ ڏسو 'شجره - 1'.

(3) ڏسو 'تحفة الڪرام'، ڇاپيل 'سنڌي ادبي بورڊ'، ص ص 311 ۽ 313.


(4) 'بکر' جي نالي لاءِ ڏنل دليلن لاءِ ڏسو 'تحفة الڪرام' ص 311.

## شجره — ۱

### سيد قاسم جو اولاد ۾ پيا، جي پهريائين اچي بکر ۾ مقيم ٿيا

** اول سنڌ ملڪ ۾ آيا

* سڀ ڪنهجي اچي بکر ۾ مقيم ٿيا





* سيد نورالدين بن سيد حسن باڪ
* شيخ ابو اسحاق بن حامد انصاري
* شيخ ايوب بن شيخ حامد انصاري
* شيخ صدر انصاري

## شجره -٢

# سيد علاءالدين بن سيد ابراهيم ثاني جو اولاد جن نصرپور ۾ سڪونت اختيار ڪئي

سيد سلطان بايزيد (اول)

(بن محمود بن فخرالدين بن ابي‌الفتح محمّد بن علاءالدين بن سيد ابراهيم ثاني)



2. **نصرپور ۾ سڪونت:** سيد علاؤالدين بن سيد ابراهيم ثاني جا پويان بکر مان لڏي اچي نصرپور ۾ سڪونت پذير ٿيا. پوري تصديق سان چئي نٿو سگهجي تہ اهي سادات نصرپور ۾ ڪڏهن آيا. نصرپور جي شهر جو اوج ۽ عروج ائين صدي جي آخر (752 هہ بعد) ۾ شروع ٿيو [1] ۽ ڏهين صدي جي شروع ۾ شاهہ بيگ ارغون جي حملن، بکر تي سندس قبضي ۽ قلعي جي نئين سر تعمير سببان غالباً اتي جي خاندانن هجرت اختيار ڪئي، انهيءَ ڪري چئي سگهجي ٿو تہ رضوي ساداتن جي هيءَ شاخ پڻ اندازاً 752 - 928هہ واري عرصي ۾ بکر مان لڏي اچي نصرپور ۾ سڪونت اختيار ڪئي.

نصرپور ۾ اڪثر سيد سلطان بايزيد (بن محمود بن فخرالدين بن ابي الفتح محمد بن علاؤالدين بن سيد ابراهيم ثاني) جي فرزند سيد مبارڪ (اول) جو اولاد نظر اچي ٿو، جنهن مان گمان نڪري ٿو تہ شايد سلطان بايزيد يا سندس فرزندن بکر مان لڏي اچي نصرپور کي وسايو. سيد مبارڪ (اول) جي پٽ سيد محمد ۽ سندس پوٽن هرهڪ سيد اسمٰعيل، سيد مبارڪ (ثاني)، سيد جلال الدين ۽ سيد عباس جي پٽ مان پيڙهيون پڌريون ٿيون، جن مان اڄ تائين 'محمد پوٽا'، 'اسمٰعيل پوٽا'، 'مبارڪ پوٽا' ۽ 'جلال پوٽا' مشهور و معروف آهن (ڏسو شجره - 2).

**محمد پوٽا:** سيد محمد، سيد مبارڪ - جو پٽ هو، انهيءَ ڪري نصرپور جي رضوي ساداتن جو پڳدار پڻ 'محمد پوٽن' مان پئي رهيو آهي. هن پاڙي مان وڏا درويش، عالم، مصنف ۽ شاعر ٿي گذريا. خود سيد محمد عربي جو وڏو عالم ۽ مصنف هو ۽ شيخ عرب يمني جي گهران شادي ڪيائين. سندس پٽ محمد هاشم (هاشم شاهہ) توڙي پوٽو عبدالخالق وڏا عالم ۽ مصنف هئا. سيد عبدالخالق جو پٽ سيد نور الله فارسيءَ جو وڏو شاعر هو، ۽ سندس پوٽو عبدالقادر فقہ، حديث ۽ تفسير جو وڏو عالم هو، ڪانئس پوءِ سندس پٽ سيد عبدالسلام مشهور ٿيو. هن پاڙي مان هن پوئين دور ۾ سنڌي 'ڪافي' جو بلند پايي شاعر مصري شاهہ ٿي گذريو آهي.

**اسمٰعيل پوٽا:** 'اسمٰعيل پوٽا' مقامي طور 'مالهياٽي سادات' جي نالي سان مشهور ٿيا، جو نصرپور لڳ ڏکڻ - اولهہ طرف سندن هڪ شاهي باغ هو. مشهور ولي شاهہ محمود سيوستاني (رحہ) جي موجوده درگاهہ سندن باغ واري اراضي ۾ آهي. هن پاڙي مان نامور عالم فاضل ۽ مدبر ٿي گذريا. سنہ 1047هہ ۾ سيد عبدالحڪيم (بن عبدالغفور بن ابي الحسن بن اسمٰعيل) هڪ مشهور مدبر ۽ داناء ٿي گذريو، جو احمد آباد، آگري ۽ اڪبر آباد طرف ويو، ۽ مٿس شاهي نوازشون ٿيون. 'اسمٰعيل پوٽن' مان غالباً ڪو مرد ماڻهو ڪونہ بچيو آهي.

**جلال پوٽا:** سيد جلال الدين پاڻ هڪ وڏو فاضل ۽ مدبر هو. سندس پٽ مير سيد خواجہ سنڌ ۾ 'سرڪار چاچڪان' جو صوبہ دار هو. سلطاني فرمانن ۾ کيس 'وزارت پناه عالي دستگاه مير خواجہ امير بيگ' جي لقب سان خطاب ڪيو ويو آهي. وڏو سخي ۽ بهادر هو. بدينٓ ۾ وفات ڪيائين، جتي سندس پڪي رانئڪ غالباً جيلاني بزرگن جي درگاه کان لڳ-اولهہ طرف هئي، جا هينئر ڊهي وئي آهي. ان جا ڪي پٿر جيلاني درگاه جي آس پاس پيا آهن. سندس پٽ نظام الدين فقہ، حديث، تفسير، نجوم، ترڪيبات ڪيميا ۽ نقش دائره جو وڏو ڄاڻو هو. سيد جلال الدين جي پٽ سيد ابو محمد جي اولاد سان سيد عبدالولي ۽ بيا نالي وارا ٿي گذريا.


---

[1] 'تاريخ معصومي' مطابق سنہ 752هہ ۾ سلطان فيروز شاهہ ساڳري جي ڪناري تي قلعو بڌائي امير 'نصر' کي هڪ هزار سوارن سان اتي مقرر ڪيو. غالباً امير 'نصر' جي پويان ئي هن شهر تي 'نصرپور' نالو پيو.

## شجرہ ــ ۳

## سید مبارک ثانی

(بن سید بایزید ثانی بن سید مبارک اول بن سید سلطان بایزید اول)



’جلال پوٽا‘ هن وقت ڳوٺ ٻائو خان پناڻ (لڳ اسٽيشن اڏيرو لال)، ٽنڊي ڄام، ٽنڊي الهيار، ٻڙ جي ڳوٺ، جيمس آباد ۽ ڊوري ناري طرف رهن ٿا[1].

عباس پوٽا: سيد عباس کي پنج پٽ ٿيا. ٽن مان پُري پٽري ڪانہ ٿي، باقي ٻن پٽن عبدالرحمان ۽ عبدالملڪ کي اولاد ٿيو، پر انهن جو سلسلو بہ اڳتي ختم ٿي ويو.

مبارڪ پوٽا: سندن وڏو ڏاڏو سيد مبارڪ (ثاني) بن سيد بايزيد (ثاني) عرف سيد ستار هو. سيد مبارڪ کي سيد عثمان، سيد ابابڪر ۽ سيد ابراهيم نالي ٽي فرزند ٿيا ۽ ٽنهي کي اولاد ٿيو (ڏسو شجره - 3). اسان جو نامور شاعر ميون شاهہ عنات، سيد عثمان جو پوٽو ۽ سيد نصرالدين جو پٽ هو. سَيد عثمان کي ٽي پٽ ٿيا: سيد ابوالقاسم، سيد نصر الدين ۽ سيد ميران محمد، جن مان ٽنهي کي اولاد ٿيو. شاهہ نصرالدين کي بہ پٽ ۽ پنج نياڻيون ٿيون. سندس وڏو پٽ سيد احمد ۽ ننڍو پٽ شاهہ عنات الله هو، جي ’شاهہ پوٽا‘ سڏجڻ لڳا[2].

## (ب) شاهہ نصرالدين: ميين شاهہ عنات جو والد:

سيد عثمان، شادي سهتي صالح پوري جي نياڻي بيبي فاطمہ سان شادي ڪئي، جنهن مان کيس ٽي پٽ ٿيا، جن مان شاهہ نصرالدين ٻيو نمبر فرزند هو ۽ ننڍي هوندي کان ئي نيڪ سيرت، نيڪ دل ۽ عابد هو. سندس پهرين شادي عباس ڇڄر جي نياڻي سان ٿي، جنهن مان سيد احمد ۽ ٽي نياڻيون ٿيون. ان بعد ٻي شادي ڪمال خان لانگاه جي گهران ڪيائين، جنهن مان پٽ ڪونہ ٿيو پر بہ نياڻيون ٿيون. ان بعد ٽي شادي افغان مان ڪيائين، پر اولاد ڪونہ ٿيو. سندس اهليا فوت ٿي ويا ۽ سندس عمر پڻ وڏي ٿي چڪي هئي، جو راه طريقت ۾ اهل الله ۽ عارفن جي فيض جي تلاش ۾ راهي ٿيو.

خانداني روايت موجب [3]، ننڍا پهريائين پنهنجن وڏن کان خدا جو نالو پڇندا هئا، جي مورثي طور سهروردي طريقي جا بزرگ هئا. شاهہ نصرالدين پڻ ائين ڪيو، ۽ پوءِ وڏي وهيءَ ۾ سهروردي طريقي جي علمبردار ملتان جي سجاده نشين بزرگن وٽ فيض لاءِ ويو. اتان بزرگن جو ارشاد ٿيس تہ اوهان سنڌ ۾ شاهہ خيرالدين وٽ وڃو. شاهہ خيرالدين (جنهن جو مزار پراڻي سکر ۾ آهي ۽ ’جئي شاهہ‘ جي لقب سان مشهور آهي) ان وقت سنڌ ۾ قادري طريقي جو هڪ وڏو عارف ۽ ولي هو. شاهہ نصرالدين روهڙي ۾ پهچي، ٻيڙي ڪري درياه اڪريو ۽ شاهہ خيرالدين جي حضور ۾ ويو، جنهن سندس نالو پڇيو. جواب ڏنائين تہ: ’منهنجو نالو شاهہ نصرالدين آهي.‘ بزرگ اهو جواب ٻڌي چيو تہ: ’هن کي ٻيڙيءَ تي چاڙهي پار اُڪاري ڇڏيو‘. ان بعد بہ دفعا موٽي بزرگ وٽ آيو پر ساڳيو جواب مليس. دروازي جي هڪ عابد ٻانهي هي حال ڏسي ڪانئس حقيقت پڇي ۽ چيائينس تہ ”شاهي ڦٽي ڪر تہ فيض حاصل ٿيئي“. پوءِ وري وڃي بزرگ وٽ حاضر ٿيو ۽ پڇڻ تي جواب ڏنائين تہ ”سائين! منهنجو نالو ’نصرالدين‘ آهي“. اهو ٻڌي شاهہ خيرالدين مٿس مهر جي نظر ڪئي ۽ ڏٺيءَ جو نانءُ ڏسي کيس پنهنجن مريدن ۾ داخل ڪيائين. شاهہ نصرالدين پوءِ ڪافي عرصو اتي رهي مٽي پرڻ لڳو ۽ وڏي مٽيا

---

[1] ماستر محمد يوسف ابڙو شاڪر: ’انتخاب ڪلام، معرفت عام، شاهہ مصري امام رضوي نصرپوري .‘ ، پرنٽنگ پريس، ميرپورخاص، 1957ع، ص 5.

[2] ميين شاهہ عنات الله جو اولاد گهٽو ٿيو ۽ انهيءَ ڪري عام طور اهي ’شاهہ پوٽا‘ سڏجڻ ۾ آيا. پر ميان امام بخش شاهہ عر ، شاهہ تازو (4 جولاءِ 1963ع) دوباره تصديق ڪئي تہ سيد احمد جو اولاد پڻ ’شاهہ پوٽن‘ ۾ داخل آهي ۽ اهو نالو شاهہ نصر الدين جي اولاد جو سمجهڻ گهرجي

[3] روايت حاجي ميان بخش علي شاهہ.

وارو ٿيو. شاهہ خيرالدين مٿس گھڻو مهربان هو ۽ کيس هڪ دفعي چيائين تہ: 'ابا! اسان کي ڌڻي جي درگاه مان هڪ گل عطا ٿيو آهي، جو تنهنجي حوالي ٿا ڪريون. هاڻي تون موٽي پنهنجي وطن وڃ ۽ وڃي شادي ڪر جو توکي هڪ صالح پٽ ٿيندو'. شاهہ نصرالدين عرض ڪيو تہ: 'قبلا! آءٌ هاڻي اچي پيريءَ کي رسيو آهيان ۽ هن کان پوءِ شادي ۽ اولاد لاءِ ڪهڙا حيلا ڪريان.' شاهہ خيرالدين کيس دوباره چيو تہ: 'ابا! تون پنهنجي وطن وڃ ۽ وڃي شادي ڪر! توکي ڌڻي پٽ ڏيندو جو اڳين پوين جو اوجر ٿيندو، ۽ سندس اولاد چئڻ اسان جو اولاد ٿيندو'. انهيءَ روايت جي تصديق شاهہ عنات جي هيٺئين بيت مان پڻ ٿئي ٿي:

جئي - شاهہ ، سڪر ڌڻي، اسان جو سوال سئو
نيڪ ڳڏيس نصردين جنهن تي خاصو نظر ڪئو
جيـنءَ پاڇاٽين پئـو، تيـنءَ عناتـاڻي اڳـرا[1].

مرشد جي امر موجب شاهہ نصرالدين واپس وطن وريو ۽ اچي سڱ جي تلاش ڪيائين. دَل قوم مان هڪ نيڪ مرد ڪمال الدين نالي پنهنجي نياڻي بيبي حنيفـہ شاهہ نصرالدين جي نڪاح ۾ ڏني، جا هڪ نهايت نيڪ سيرت خاتون هئي. انهيءَ گهر مان فقط هڪ فرزند ڄائو[2]، جو 'ميين شاهہ عنات' جي نالي سان مشهور ٿيو.

'شجره طيبـہ سادات نصرپور' ۾ شاهہ نصرالدين جي هن نامور فرزند جي ولادت وارو نالو 'سيد شاهہ عنات الله' لکيل آهي، ۽ بين جاين تي جابجا "شاهہ عنات الله" ڄاڻايل آهي. هيءُ شجرو سنہ 1149هہ تصنيف ٿيو ۽ خانداني نسب جي سلسلي ۾ آڳاٽو مأخذ آهي. ان بعد ٻئي معتبر ڪتاب "تحفـة الڪرام" ۾ پڻ سندس نالو "شاهہ عنات الله" ڄاڻايل آهي[3]. انهن حوالن مان تصديق ٿئي ٿي تہ اسان جي شاعر جي ڄائي ڄم جو نالو "شاهہ عنات الله" هو، پر جڏهن وڏو ٿيو تہ "شاهہ عنات" جي آسان ۽ عام مقبول نالي سان سنڌ ۾ مشهور ٿيو، ۽ عزت احترام مان کيس "ميون شاهہ عنات الله" سڏيو ويو[4].

## (ج) ميون شاهہ عنات:

**ولادت، ننڍپڻ ۽ بلوغت (1-17 سال):** مٿي بيان ٿي چڪو آهي تہ شاهہ نصر الدين چار شاديون ڪيون، جن مان ڪمال الدين دل جي نياڻي بيبي حنيفـہ جي پيٽان شاهہ عنـات الله ڄائو. شاهہ عنات جي ولادت جو سال تصديق سان معلوم ڪونهي. حاجي بخش علي شاهہ جي روايت موجب شاهہ خيرالدين جي وفات (27-رمضان 1027هہ) کان پوءِ شاهہ عنات ڄائو. غالبا شاهہ خير الدين جي وفات کان ٿورو اڳ سندس امر موجب شاهہ نصر الدين واپس نصرپور آيو ۽ شادي جو سعيو ڪيائين. "رمضان دل" (پاڙو) ان وقت وڏي اثر رسوخ وارا هئا ۽ وڏيري ڪمال الدين پهريائين تہ سڱ ڏيڻ کان انڪار ڪيو. آخر من ۾ چڱي ڀيس، ۽ تئي ڏينهن شاهہ نصرالدين کي سڏي سڱ ڏيڻو ڪيائين. ٿي سگهي ٿو تہ شاهہ خير الدين جي وفات سببان شادي 1028هہ ۾ ٿي هجي. شاهہ عنات جي آخري زندگي جي اهڃاڻن کي مد نظر رکندي سندس ولادت اندازاً 1030-1035هہ واري عرصي ۾ قرار ڏيئي سگهجي ٿي.

---

[1] سرود ڏناسري، فصل 4، ص 188.
[2] شجره طيبـہ سادات نصرپور.
[3] تحفة الڪرام، فارسي متن، جلد سيوم، مطبع ناصري دهلي، ص 157.
[4] سندس اولاد يعني شاهہ پوٽن ساداتن توڙي سندن مريدن معتقدن ۾ اڄ تائين 'ميين شاهہ عنات' جي نالي سان مشهور آهي.

شاهہ عنات جا ناناڻا ”رمضان دل“، ڏکڙي جي ٻريان تي ميل ڏکڻ - اوڀر، ٻراڻ جي ڪپ تي وينل هئا[1]، جن پنهنجي طرفان ڪا سڄاڻ دائي موڪلي جنهن ٻارڙي جي ناڙي موڙڻ لاءِ آڇاڙو ڀاڻ سان آندو. چوڻ ڪرائڻ وقت جڏهن اهو آڇاڙو ڪنياڻين تہ چياڻونس تہ: مائي ناناڻن وارو اهو آڇاڙو ڇڏي ۽ هتان جو اباڻو آڇاڙو جاري مان ڪڍي ٻارڙي جو ناڙو موڙ[2]. اڄان ننڍڙو هو جو نصرپور ۾ رضوي ساداتن مان درويش نور الله شاهہ وٽ کيس ڪٺي ويا جنهن کيس دعا ڪئي[3].

شاهہ عنات جي تعليم ۽ تربيت بابت ڪو احوال موجود ڪونهي. وقت جي دستور موجب شاهہ عنات جو مڪتب ويهڻ ۽ ابتدائي تعليم پرائڻ قرين قياس نظر اچي ٿو. پر غالباً مدرسي جي اعليٰ تعليم حاصل ڪانہ ڪيائين. نصرپور جي رضوي ساداتن ۾ فارسي تعليم عام هئي، پر شاهہ عنات ڏهن ٻارهن سالن جي عمر جو مس هو جو غالباً سندس والد شاهہ نصرالدين وفات ڪئي، جنهن ڪري شاهہ عنات جي تعليم تي پڻ اثر پيو.

والد جي وفات بعد شاهہ عنات جي سنڀال وڏي ڀاءُ ميين احمد شاهہ ڪئي، پر خانداني روايتن مان گمان نڪري ٿو تہ ميون شاهہ عنات ننڍي هوندي قدري خود خيال ۽ رسمي پابندين کان آزاد هو. کيس راڳ ٻڌڻ جو شوق هو ۽ هو آزاديءَ سان عام ڪچهرين ۾ اٿڻ ويهڻ لڳو. شروع ۾ وڏي ڀاءُ ميين احمد شاهہ کيس منع ڪئي، پر آخر بيوس ٿي پنهنجو پاڻ ڀليائين. مقامي طور ڪي لنگها ڳائيندڙ هئا جن وٽ شاهہ عنات گهڻو اچڻ وڃڻ لڳو. خادمن وڃي ميين احمد کي ٻڌايو تہ شاهہ عنات لنگهن جي صحبت ۾ اٿي ويهي ٿو ۽ ماڻهو پيا ٽوڪين تہ ”ناناڻا دل اٿس“. ميين احمد چيو تہ: مون وٽ وٺي اچوس. جڏهن شاهہ عنات کي وٺي آيا تہ ميين احمد ڪينڪار طور چيس تہ: ”اچو ميان شاهہ عنات لنگها!“ شاهہ عنات نهہ پهہ جواب ڏنو تہ: ”اسين آهيون لنگهيا- اوهين ٿيندو ڪنگهيا“. چون ٿا تہ انهيءَ ڪلام سببان ئي ميين احمد شاهہ جي اولاد ۾ ڪنگهہ جو عارضو هميشہ لاءِ باقي رهيو. ميين احمد شاهہ پوءِ لنگهن کي تنبيهہ ڪئي تہ شاهہ عنات کي پاڻ وٽ اچڻ نہ ڏين. ان بعد ساداتن ۾ ڪا شادي ٿي ۽ لنگهن پٺي ڳايو، جو شاهہ عنات ٻين سيدن سان گڏ ويهڻ جي بدران وڃي لنگهن سان گڏ وينو. جن کيس منع ڪرڻ جي بدران جاءِ ڏيئي سولو ڪري ويهاريو. انهيءَ تي ميون احمد شاهہ رنج ٿيو ۽ لنگهن تي مثال طور هي بيت آندائين تہ:

لنگهن کي لنگهڻ، هوندو ڏينهن قيام سين
هڪ جا لالچ لچن کي، ٻي طمع ترو تر
وينِدا منجهہ قبر، تيسين دانهون ڪندا دل سان[4].

ساڳئي وقت شاهہ عنات کي پڻ تنبيهہ ڪيائين ۽ ٽوڪيائين. مجلس ڀريل هئي ۽ وينلن مان ڇڇرن ۽ شاهوڪن پڻ شاهہ عنات تي ٽوڪ ڪئي ۽ ڪليا. ڇڇر شاهہ نصرالدين جا ساهرا ۽ ميين احمد شاهہ جا ناناڻا هئا[5] ۽ انهيءَ حيثيت ۾ شاهہ عنات کي ٽوڪڻ کان ڪين هٻڪيا. شاهہ عنات پڻ ڀري مجلس ۾ مٿن بيت چيو تہ:

ڇڇر ڇتو راڄ، رهي متي ساڳري
نڪا ڀٽڪ ڀنگن ۾، نڪا ڀڪن منجهہ ڀچار
ڇڇراڻا ٻار، ڀنندا وڃي پرديس ۾.

[1] روايت ميان الله ڏنو شاهہ. اڄان تائين انهيءَ ماڳ تي دل رهن ٿا ۽ ”جمعي رمضان“ جو ڳوٺ پڻ موجود آهي.
[2] روايت حاجي بخش علي شاهہ. جنهن چيو تہ عام طرح ائين مشهور آهي تہ خود ميين شاهہ عنات ڳالهايو ۽ دائي کي سمجهايائين.
[3] عوامي روايت موجب، ميين شاهہ عنات ان وقت پڻ هڪ بيت ڏنو.
[4] ٻي روايت موجب، ميون شاهہ عنات مسافري ڪندي، لنگهن وٽ ترسڻ لاءِ لٿو پر هنن سندس دعوت نہ جهلي جنهن تي پاراتي طور اهو بيت چيائين.
[5] شاهہ نصرالدين جي پهرين شادي عباس ڇڇر جي نياڻي بيبي دوسي سان ٿي. جنهن مان ميون احمد شاهہ ۽ ٻيون نياڻيون ٿيون (شجره طيبہ سادات نصرپوري).

شاهوڪ شاهہ نصرالدين جا خاصا مريد معتقد هئا. شاهہ عنات سندن واسطي شاهہ نصرالدين جي پوکيل نمر کي سامهون ٿي بيت چيو تہ:

نمر! ڪجئين نياء، اسانهجو عنات چئي
جنهين توکي پوکيو، آهيان اُن جو وياء
شاهوڪاڻي باهہ، وسامي ورهين کي [(1)].

چون ٿا تہ شاهہ عنات جي پاراتي سببان پوءِ اهي ڇڇر توڙي شاهوڪ سقيم ٿي ويا.

**جواني، شاديون ۽ شغل (18 - 40 سال):** مٿئين واقعي وقت ميين شاهہ عنات جي عمر سترهن سال کن تسليم ڪري سگهجي ٿي: يعني تہ اندازاً 1048 - 1050هہ وارو عرصو، جنهن ۾ ميون شاهہ عنات چوڪراٽي وهي مان جواني واري دور ۾ قدم وڌائي رهيو هو. مٿين مثالن مان ظاهر آهي تہ هو ننڍي هوندي خود خيال هو ۽ رسمي پابندين کان طبعاً آزاد هو. عام ڪچهرين جو شوقين هو. راڳ سان ڪيس دلچسپي هئي ۽ بيتن چوڻ طرف مائل هو. جيئن تہ پنهنجي وڏي ڀاءُ ميين احمد شاهہ جي ضابطي جو محتاج نہ هو، انهيءَ ڪري غالباً جوانيءَ واري دور ۾ قدم رکندي ئي ميين شاهہ عنات پاڻ پنهنجي پيرن تي بيهڻ جي ڪوشش ڪئي، ذاتي طور پنهنجا ناتا وڌايا ۽ مريد خادمي جو سلسلو پڻ جدا طور قائم ڪيو.

هاليپوٽن جا راڄ شاهہ نصر الدين جا مريد ۽ معتقد هئا، ۽ 'دل' خود ميين شاهہ عنات جا ناناڻا هئا. انهن راڄن ميين شاهہ عنات جي پنيرائي ۽ سندس هر طرح مدد ڪئي. انهن راڄن مان ئي ميين شاهہ عنات شاديون ڪيون. سندس پهرين شادي طالب هاليپوٽي جي نياڻي بيبي ڏڄاڻي سان ٿي، ٻي شادي اسمار هاليپوٽي جي نياڻي بيبي صحت سان ٿي، ۽ ٽين شادي دل قوم (غالباً ناناڻي پاڙي "رمضان دل") مان بيبي همي سان ٿي [(2)]. غالباً پهريون ٻئي شاديون جواني واري دور ۾ ئي ٿيون. چاڪاڻ تہ پهرئين گهر مان بہ فرزند ۽ هڪ نياڻي ٿي پر ٻئي فرزند گذاري ويا. جنهنڪري سندس ٻي شادي پڻ غالباً ٽيهن سالن جي عمر اندر ئي ٿي [(3)]، جنهن مان ڪيس چار فرزند ۽ ٻہ نياڻيون ٿيون [(4)]. سندس والد شاهہ نصر الدين جي گادي ۽ پڳ وڏي ڀاءُ ميين احمد شاهہ جي حوالي سان هئي ۽ انهيءَ ڪري شاهہ عنات کي پنهنجي جدا حويلي ۽ اوطاقن جو منڊل مچائڻو پيو.

مڙني مروج روايتن مان تصديق ٿئي ٿي تہ ميين شاهہ عنات کي اوائلي جواني کان وني پلن وهڻ جو شوق هو. پلا گهوڙا ۽ خصوصاً پليون گهوڙيون ذاريائين ۽ سندس ڪڙهہ جي گهوڙين جو نسل "شاهہ پوٽن جي گهوڙين" جي نالي سان مشهور ٿيو. انهيءَ نسل جون گهوڙيون سندس اولاد وٽ پيڙهي بہ پيڙهي هلنديون آيون ۽ ويندي هن پوئين دور تائين انهيءَ نسل جون گهوڙيون شاهہ پوٽن ساداتن وٽ موجود هيون. ميين شاهہ عنات وٽ ڪافي گهوڙيون هونديون هيون، جي آسپاس سندس مريدن ۽ دوستن وٽ گاهہ جي سٽي سان چرنديون هيون. موجوده پليجاڻي اسٽيشن لڳ پليجن جي ڳوٺ ۾ راءِ ڏياچ پليجي جي پل پائي هئي. وٽس ميين شاهہ عنات جون گهوڙيون بيهنديون هيون. راءِ ڏياچ سکيو ستابو ٿيو تہ هڪ سال شاهہ جون گهوڙيون موٽائي موڪليائين. اها خبر هر

---

(1) روايت حاجي عمر چانڊيو.
(2) شجره طيبہ سادات نصرپوري.
(3) ميين شاهہ عنات پنهنجا پوٽا ۽ غالباً پڙ پوٽا پڻ ڏٺا، جنهن مان اوائلي جوانيءَ واري دور ۾ ئي شاديءَ جو گمان نڪري ٿو.
(4) تفصيل لاءِ ڏسو هيٺ "ميين شاهہ عنات جو اولاد".

جاءِ هلي وئي تہ وڏيري راءِ ڏياچ شاهہ جون گهوڙيون نہ جهليون. موجوده ديهہ "ڳاهڪي" ۾ ان وقت ڪامل ڳاهو هڪ هرهاري هو. جنهن جي ميين شاهہ عنات سان محبت واڻ هئي. سندس گهر واري ڪيس چيو تہ: 'پنهنجو هڪ هرلو آهي ۽ انَ جو خرار ڪن ٿئي ٿو. تون شاهہ جون گهوڙيون جهل. ٻاجهري چاڻ لٿي ۽ گهوڙين لاءِ گاهہ انَ ٿي پوندو. پاڻي آءٌ پرينديس'. پوءِ ڪامل ڳاهي اهي گهوڙيون جهليون. انهيءَ موقعي تي ميين شاهہ عنات بيت چيو تہ:

ڳاهڪي ڳـُـڙ ڪـر[1]، پليجـاٽي پـاءِ
واري جـا ولات جـي، هـالا حويلـي لاءِ
ٿـي سـنديون نڪريـون، لهريـن منجهـہ لڙهـاءِ
خواجہ خضر خير جي[2]، ڳالهہ هنيين سين لاءِ[3].

چون ٿا تہ سگهوئي پليجن واري زمين درياء پاٽي ويو ۽ پليجن جي آسودگي ختم ٿي وئي. ٻئي طرف ڳاهڪي ديهہ ۾ پاڻي جي اٿاٽ ختم ٿي وئي ۽ ڳاهن جا راڄ سکيا ستابا ٿي ويا[4].

انهيءَ جواني واري دور ۾ ميين شاهہ عنات جو پلن گهوڙن سان چڻ عشق هو. هڪ ڪچهريءَ ۾ هي بيت چيائين جو پلي گهوڙي جي وصف ۾ هڪ مثالي بيت آهي[5]:

رنـگ روجهـو رهـوار[6]، قـد پـورو ڪاسـو چـري
مـُنهن مـيـنو، نہ آڪـُري، سنئون تيـز سـچار[7]
هنيـڙو ٿئـي قـرار، اهـَـڙي اسـب عنـات چئـي.

گهوڙن ۽ گهوڙين سان گڏ ميين عنات وٽ ٻيـو مـال پڻ جهجهو هو، خصوصاً مينهون ۽ اُنيون گهڻيون هيون ۽ سندس انين جا وڳ نصرپور جي آسپاس توڙي مهراڻي لڳ تر توڙي سنڌ واري اراضي ۾ چرندا هئا. ترڪ ٻاڙي[8] جي ڪنهن ماڻهو ۽ "احمد عطائي" نالي ڪنهن شخص اهي وڳ ڪنهن تـَلـءَ مان تڙيا جنهن تي ميين شاهہ عنات چيو تہ:

نڪو تـُرڪ تـَـلـءَ ۾، نڪـو احمـد عطـائي
ڪڏهن ٻڌيسون ڪانڪا، تن ولهن جي وائي[9].

ميين شاهہ عنات جا وڳ چرندا رهيا پر ترڪ توڙي احمد عطائي هن پاراتي سببان پوئتي پئجي ويا.

ارجڻ نالي راڻوڙ همت پريو مڙس ۽ پنهنجي راڄ جو وڏيرو هو. ميين شاهہ عنات سان سندس محبت ۽ عقيدت هئي. هڪ ڀيري ميين شاهہ عنات کي چيائين تہ: سائين، راڄ وارو آهيان پر پٽ پـَـهي ڪونهي. ٻيو تہ

---

(1) ڪن روايتن ۾ "ڳاهيجي ڳڙ ڪر" يا "ڳاهياري ڳڙ ڪر".
(2) ڪن روايتن ۾ "خواجہ خضر حيات پيرا"
(3) روايت امام بخش شاهہ، حاجي بخش علي شاهہ ۽ الله ڏنو شاهہ.
(4) ڪامل ڳاهي جي اولاد مان وڏيري امام بخش ڳاهي (جنهن جي زمينداري ميرپور ساڪري ۽ پير پٺي جي وچ ۾ آهي) خود اسان سان خبر ڪئي تہ اها ڳالهہ وڏن کان وٺي مشهور آهي.
(5) نسخہ ن جي شروع ۾ هي بيت ٻين متفرقہ بيتن سان لکيل آهي ۽ پڻ عام روايتن ذريعي مشهور آهي.
(6) زباني روايتن موجب "روڏار".
(7) ن. "تيزي سچار".
(8) تـُرڪ سمن جو هڪ ٻاڙو آهي.
(9) روايت حاجي بخش علي شاهہ.

ٻاڙيسري زميندار نتا سهن ۽ جهيڙا لڳا پيا آهن. جي آءُ پورو ٿي ويس تہ پويان خير وجي رهندو. انهيءَ تي ميين شاھ عنات ڪيس دلداري ڏني ۽ چيائين تہ ادا:

ارجڻ منجهان آٿ، اَنن منجهان سٿ
ڪير جهلي لٿ، ارجڻ جي راڄ جي.

ان بعد ارجڻ جو دلن جي راڄ سان جهيڙو ٿيو. 'رمضان دل' ميين شاھ عنات جا ناناڻا هئا. انهيءَ ڪري دلن ميين شاھ عنات کي امين چونديو تہ اچي ڏرين ۾ صلح ڪرائي. ميين شاھ عنات ارجڻ کي سڏيو ۽ سمجهايو پر هن ڪانہ مڃي ۽ چيائين تہ: مون کي تنهنجي دعا آهي ۽ آءُ دلن سان پاڻهي پاڻ فيصلو ڪندس. انهيءَ تي ميون شاھ عنات رنج ٿي اٿيو ۽ چيائين تہ هاڻي:

نڪي ارجڻ منجهان آٿ، نڪي اَنن منجهان سٿ
اَرجڻ جي ڪا پٽ، جو دڙي ٿو دلن سان!

پوءِ جهيڙي ۾ ارجڻ مارجي ويو ۽ سندس پيڙهي ختم ٿي وئي [1].

انهن ناٺن ۽ اهڃاڻن مان معلوم ٿئي ٿو تہ جواني واري دور ۾ ميين شاھ عنات شاديون ڪيون ۽ اولاد وارو ٿيو، ۽ هن جدا پنهنجون حويليون ۽ اوطاقون وسايون. پهرئين گهر مان بہ فرزند ٿيا جي گذاري ويا ۽ انهيءَ ڪري ٻئي گهر مان ڪيس جڏهن پٽ ٿيا تہ ساڻن سندس بي انتها محبت ٿي. اولاد جي محبت سان گڏ ڪيس مال ۽ پلن وهڻن جو شوق ٿيو، ۽ گهوڙيون، مينهون ۽ اٺن جا وڳ ڌاريائين. آسپاس جي بيٺل ماڻهن، ٻاڳين ۽ راڄن سان سندس ڏيٺ ويٺ ٿي، ۽ موقعي بہ موقعي بيت پڻ چيائين، جي عوام ۾ مشهور ٿي ويا. ارڙهن ڪان چاليهن سالن تائين سندس جوانيءَ وارو دور اندازاً سنہ 1050ھ ڪان 1070ھ وارو دور هو. ان وقت سنڌ ۾ مغلن جي حڪومت جو زوال شروع ٿي چڪو هو ۽ ڪلهوڙن جي طاقت ميان نصير محمد جي اڳواڻي هيٺ دادو - لاڙڪاڻي واري پاڳي ۾ اسري رهي هئي.

**جواني جي موٽ ۽ فقيري ڏانهن لاڙو (40 ڪان 60 سال):** ميون شاھ عنات، شاھ خيرالدين جي دعا سان ٿيو، ۽ اها حقيقت عزيزن ۽ مريدن ذريعي ڪيس معلوم هئي. خود سندس والد شاھ نصرالدين هڪ درويش صفت انسان هو. انهيءَ ڪري آخر جوانيءَ ۾ يا جوانيءَ جي موٽ بعد، ميين شاھ عنات جي ٻين شوقن جو گهٽ ٿيڻ، بزرگن ۽ درويشن ڏانهن لاڙو ٿيڻ، ۽ انهيءَ تبديل سببان سندس مريدن ۽ معتقدن جي حلقي جو وسيع ٿيڻ قريب قياس نظر اچي ٿو. هن عرصي ۾ ميين شاھ عنات جو گهڻو وقت درگاهن ۽ درويشن جي زيارتن، ۽ مريدن سان صحبت ۽ مسافريءَ ۾ گذريو. غالباً هن دور ۾ ئي ميين شاھ عنات بزرگن ۽ درويشن جي ساراھ ۾ بيت چيا، ۽ سندس حقيقي شاعري هن عرصي ۾ ئي شروع ٿي.

خانداني روايت موجب، ننڍا اول پنهنجن وڏن ڪان ڏٽيءَ جو نانءُ پڇندا هئا ۽ بعد ۾ پنهنجي روحاني رهنما يا مرشد سان رشتو ڳنڍيندا هئا. شاھ عنات اڃان ننڍو هو جو سندس والد فوت ٿي چڪو هو. پنهنجي وڏي ياءُ ميين احمد شاھ ڏانهن روحاني سلسلي ۾ غالباً ميون شاھ عنات متوجهہ ڪونہ ٿيو. پنهنجي والد شاھ نصرالدين جو مسلڪ سندس آڏو هو- يعني تہ قادري طريقي جي مرشد شاھ خير الدين سان خاص عقيدت ۽ وڏن جي سهروردي طريقي موجب ملتان جي بزرگن جي عزت. غالباً جوانيءَ ۾ ئي ميين شاھ عنات، شاھ خيرالدين رحہ جي درگاھ ۽ ملتان ۾ غوث بهاوالدين زڪريا ۽ شيخ رڪن الدين جي روضن جون زيارتون ڪيون ۽ هن موٽ جواني

[1] روايت ميان امام علي شاھ.

واري دور جي آخر ۽ پيريءَ جي اوائلي دور ۾ ملتان جي گادي وارن ۽ ٻين بزرگن خصوصاً پاون شاه، محمد غوث، ضياء الدين ۽ محمد باقر سان پاڻ مليو ۽ عقيدتمنديءَ سان ڪين ڳايائين. سرود ڏناسري جي هيٺين بيتن ۽ مصراعن مان اهچاڻن جي تصديق ٿئي ٿي:

روضـي شـاه رڪـن جـي، ڏنـم رات رهـي
پـيءُ، پـٽ، پوٽـو پـاڻ ۾ متـي سـيج صحـي
پلـي پـاون شـاه ڪـي پسـيم پيريـن پئـي
ڪوڙيـن جـي ڪهـي، اچـن ات عنـات چئـي.
فصـل - 2 [10]

روضـو شـاه رڪـن جـو، گوهـر متـس گـل
سمـاع جـا، سيد چئـي، هـاتڪ ڪريـن هـل
فصـل - 2 [11]

غـازي محمـد غـوث ڪـي، اڪييـن لال مٽـان
پرڏيهـان پنـڌ ڪـري، اچـن گهـوٽ گهٽـان
الله لـڳ، عنـات چئـي، تنهنجـي واڳ وٽـان
ڪلئو خاڪ ڪٽان، روضـي رڪـن شـاه جـي.
فصـل - 2 [12]

پـلا پـاون شـاه جـي! جـي، ضيـاء ديـن
ات هئـا هزاريـن هاتيـا، بيـا گهـوڙا تـازين.
فصـل - 2 [13]

پلـي پـاون شـاه ڪـي نوئـي دسـت چڙهنـدا.
فصل - 2، وائي - 1

تنهنجي پاون شاه پلائي، سڄي سيئي ديس ۾
وهر ودودي، جـي ضياء دين، اڳڻ هون الاهي
سورندن ڪي رسي سگهوئي، محمد باقر پائي.
فصل - 2، وائي - 2

شيخ بهاؤالدين عرف پاون شاه (بن شيخ ڪبير ثاني) ملتان جي بزرگن مان سورهون سجاده نشين هو. جنهن 18- جمادي الثاني سنه 1090هه ۾ وفات ڪئي. شيخ ضياء الدين محمد ثاني (بن شيخ ڪبير ثاني) اوڻويهون سجاده نشين هو ۽ محمد باقر، شيخ ڪبير جو پنجون نمبر فرزند ۽ سيني ۾ ننڍو ڀاءُ هو جو لاولد فوت ٿيو. ميين شاه عنات جون انهن بزرگن سان معتقدانه ملاقاتون اندازاً 1080 کان 1100 هه واري دور ۾ جدا جدا موقعن تي ٿيون. بهرحال سندس ملتان جا پنڌ محض پنهنجن اڳين بزرگن جي پيروي مطابق هئا. جيئن ته سندس بيتن مان ان جي تصديق ٿئي ٿي ته "اڳين جو عنات چئي، آهي ايڏاهين گس"[1] يا "اڳين جو عنات چئي آهي پاڻ امين"[2].

---

[1] سرود ڏناسري، فصل - 1، وائي - 3 ۽ فصل - 2 بيت [2]
[2] سرود ڏناسري، فصل - 2 بيت [3]

سندس ذاتي عقيدت ۽ ارادت پنهنجي والد جي مرشد شاهہ خيرالدينؒ سان هئي جو پنهنجي وقت ۾ قادري طريقي جو اڳواڻ هو. شاهہ نصرالدين پڻ قادري طريقو اختيار ڪيو ۽ ميين شاهہ عنات پڻ اها واٽ ورتي. سرود ڏناسري جي فصل - 1 ۾ قادري طريقي جي باني مباني حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني سان مريد واري عقيدت جو اظهار ڪيو اٿس تہ:

پلوءِ تنهنجو پير، سهڻان ونتم شيخ جي!
لڳاسون لغام سين، دلئان دستگير
اوسيڙو امير! ميران لاهہ مريد تان.
فصل - 1 [1]

شاهہ خيرالدين کي پنهنجو "ڪامل پير" ۽ "استاد" ڪري مڃيائين:

وجي پانڌي پس، قبو ڪامل پير جو
فصل - 4 [1]

اصلائي استاد ڏونهہ حب هنيين ۾ پاءِ
فصل - 4 [2]

اصلائي استاد ڏونهہ، جيءَ پنهنجو جوڙ
فصل - 4 [3]

شاهہ نصرالدين کي شاهہ خيرالدين جي ڏنل فيض جو ڪيس پورو احساس هو، ۽ غالباً بزرگ جي درگاهہ تي خود سندس دعائون پڻ مقبول پيون ۽ انهيءَ ڪري سندس اقرار تہ:

اسان هن در جي اصل آهہ چڪي
(فصل - 4، وائي)

شاهہ خيرالدين جي درگاهہ تي ميون شاهہ عنات جواني کان وٺي پيري تائين ويندو رهيو ۽ انهيءَ ڪري عوام توڙي خواص ۾ شاهہ خيرالدين جي مريد جي حيثيت ۾ مشهور ٿيو. خانداني روايت موجب "ميون شاهہ عنات، شاهہ خيرالدين جو پورو معتقد ۽ قادري طريقي جو پائبند هو"[1]. مير علي شير قانع 'تحفة الڪرام' ۾ پڻ ان جي تصديق ڪئي آهي ۽ ميين شاهہ عنات کي شاهہ خيرالدين جي مريدن ۾ شمار ڪيو اٿس[2].

غور طلب حقيقت هيءَ آهي تہ ميون شاهہ عنات خود سنئون سڌو شاهہ خيرالدين سان دست بيعت ڪونہ ٿيو. شاهہ خيرالدين فوت ٿي چڪو هو ۽ ميين شاهہ عنات جي هن بزرگ سان ارادت ۽ عقيدت 'اويسي طريقي' مطابق هئي. تصوف جي سلسلي ۾ ميين شاهہ عنات جي اها ارادت رسمي پائبندي جي برعڪس سندس آزاد طبع جي ساک پري ٿي ۽ سنڌ ۾ تصوف جي سلسلي ۾ هڪ نمايان ۽ قدري اوائلي مثال آهي.

ميين شاهہ عنات روحاني عقيدت ۽ ارادت جي سلسلي ۾ اجان بہ قدم وڌائي رکيو، ۽ سنڌ جي گهڻو ڪري هر ولي، پير، فقير سان محبت ۽ ارادت کي پنهنجو شعار بنايائين. سرود ڏناسري جا بيت سندس روحاني وسعت تي شاهد آهن. پنهنجي مرشد شاهہ خيرالدين ۽ پنهنجي وڏن جي روحاني رهنمائن ملتان جي بزرگن کان

---

(1) تصديق حاجي بخش علي شاهہ.

(2) "شاهہ عنات الله رضوي بن سيد نصرالدين از مريدان شاهہ خيرالدين" (تحفة الڪرام، جلد 3، ص 157، فارسي متن، مطبع ناصري، دهلي.)

سواءِ قلندر شهباز (فصل - 3)، شيخ موسيٰ آهيداڻي (فصل - 5)، شيخ فريد (3)، مخدوم جهانيان (4)، مشائخ هوتي (5)، ٺٽي جي بزرگن سيد حسين (شاهہ مراد) ۽ سيد علي شيرازي (1)، جکري نئو ۽ آمري جي مقام ۾ مدفون بزرگن، ٻڍاپور لڳ مدفون بزرگ اويس قرني، حيدر شاهہ سنائي، مخدوم پريي، مخدوم ساهڙ لنجار، ابوبکر هارون ولي، درس مبو، شيخ ڪرٽو (ٻاندراي؟)، درس آري، پير برداٽو ۽ ٻين متعدد درويشن ۽ ولين سان سندس محبت ۽ عقيدت هئي جن جو جابجا اظهار ڪيو اٿس[1]. ٻين بزرگن جي زندگيءَ ۾ اهڙو ڪو مثال ورلي ملي ٿو جو سيني سلسلي جي بزرگن ۽ درويشن لاءِ عزت ۽ احترام بلڪ محبت ۽ ارادت جو اظهار ٿيل هجي. انهيءَ لحاظ سان ميين شاهہ عنات جو فقيري حال ۽ درويشي خيال هڪ نمايان حيثيت رکي ٿو.

اسان مٿي چئي آيا آهيون تہ ميين شاهہ عنات جو فقيري حال ڏانهن لاڙو غالباً جوانيءَ جي موٽ ڏاري ٿيو. سُکر ۾ شاهہ خيرالدين ۽ ملتان ۾ پنهنجن وڏن جي بزرگن جي درگاهن جون زيارتون جوانيءَ کان وٺي پيريءَ جي اوائلي دور سوڌو ڪيائين. پر جوانيءَ جي موٽ واري دور ۾، يعني تہ اندازاً 1070 - 1090هہ واري عرصي ۾، سنڌ جي ٻين بزرگن جي خانقاهن ۽ درگاهن جون عقيدت وچان زيارتون ڪيائين. ازانسواءِ غير مسلم طبقي وارن مان توحيد ڏانهن مائل فقيرن، جهڙوڪ جوڳين، ڪاپڙين، آديسين، سناسين ۽ سامين — سان بہ سندس ذاتي صحبتون ٿيون. ميون شاهہ عنات غالباً پهريون سنڌي شاعر آهي، جنهن انهن فقيرن جي ڪن خاص فرقن، جهڙوڪ سيپٽوري، راميسري، ۽ مهيسري جا اُهڃاڻ ڏنا آهن ۽ گرو گورکناٿ ۽ سامي سڌناٿ جا نالا ڪنيا آهن[2]. سيوهڻ، هالا، ٻڍاپور، ٺٽي، آمري (ٺٽو جان محمد لڳ) ۽ نصرپور جي آسپاس مدفون درويشن ۽ فقيرن جي درگاهن تي ويو. مهراڻي ۽ ٿر سان بہ سندس ڪافي تعلق رهيو، ۽ ونگو، پراڻ، لڪڙي، سامارو، ترائي، ڳاڙهي سنڌر واري ولهار، عمرڪوٽ، ڇاڇرو، سمن شاهہ ، بدين، ڏيٺ، ۽ جيسلمير، جن جا 'سر سارنگ' ۾ نالا ڪنيا اٿس سي غالباً ذاتي طور گهمي ڏٺائين.

فقيري حال اختيار ڪرڻ، بزرگن سان محبت ۽ عقيدت رکڻ ۽ سندن درگاهن جي زيارتن سببان ميين شاهہ عنات جي معتقدن ۽ مريدن جو گروه وڌڻ لڳو ۽ هن پنهنجي خاص فقيرن سان صحبتن ۽ مريدن جي دعوتن تي ڳوٺن ۽ واهڻن ۾ سير سفر جو سلسلو اختيار ڪيو، جنهن بابت ڪي حڪايتون اڄ تائين مشهور آهن جن مان ڪي خاص قدري اختصار سان هيٺ ڏجن ٿيون[3].

---

[1] فصل - 3: وائي - 1.

[2] ڏسو سرود رامڪلي ۽ سرود پورب، ۽ انهن سرودن بابت اشارا ص-323 ۽ 347.

[3] ميون شاهہ عنات بابت گهڻيون ئي ڳالهيون هلندڙ آهن جن مان هڪڙيون اُهي آهن جي سندس قولن ۽ ڪرامتن بابت آهن ۽ اڪثر سندس مريدن ۾ رائج آهن: مثلاً، هيءَ ڳالهہ عام رائج آهي تہ وڻجارن جا ٻيڙا ڪين موٽيا ۽ پويان گهرن ۾ روڄ راڙو هو. ميين شاهہ عنات ڪي ترس آيو ۽ دعا ڪيائين جنهن تي اهي ٻيڙا موٽيا ۽ وريتين ۾ خوشيون ٿي ويون. ان ڳالهہ جي شاهدي طور اڪثر سرود سرسريراڳ (فصل 2 بيت 7) جو بيت آڻيندا آهن تہ : "جني واسيا وار، گهر سوريا جر پوڄنا- الخ" (ص-122). اهي ڳالهيون اڪثر خوش اعتقادي سببان رائج ٿيون آهن. ٻيون ڳالهيون اهڙيون آهن جي ساڳئي وقت شاهہ عبداللطيف سان ٻڻ منسوب ڪيون وڃن ٿيون. جيئن تہ ڪي ڳالهيون خاص طور ميين شاهہ عنات جي مريدن جي حلقي ۾ هلندڙ آهن انهيءَ ڪري ٿي سگهي ٿو تہ اهي شاهہ عبداللطيف جي دور کان اڳ جون هجن. مثلاً گهوٽاڻي واري ڳالهہ ۽ جيسلميراڻين واري ڳالهہ، جي ٻئي معتبر راوين جي تصديق موجب ميين شاهہ عنات سان تعلق رکن ٿيون. ٽيون ڳالهيون اُهي آهن جي ميين شاهہ عنات ۽ شاهہ عبداللطيف جي ملاقاتن ۽ رهاڻين ۾ آمهون سامهون چيل بيتن بابت آهن، يا ميين شاهہ عنات، شاهہ عبداللطيف ۽ مدن جي ڪچهرين ۽ بيتن بابت آهن. انهن مان گهڻيون ڳالهيون غالباً پوءِ جون آهن جي سگهڙن جي ڪچهرين ذريعي رائج ٿيون. وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو هيٺ عنوان "ميين شاهہ عنات جي شاعري".

هڪ ڀيري ميون شاهہ عنات ساماري لڳ سندس مريدن ’رمضانن‘ (رمضان پاڙو، ذات جا دل) جي ڳوٺ ۾ وڃي لٿو. اوڙي پاڙي جا ’رمضان‘ اچي گڏ ٿيا. ميين شاهہ عنات پڇيو تہ: ابا! اوهان ڏانهن ڀيو مڙيئي خير آهي؟ چيائون تہ: سائين! خير ڪهڙو آهي، مند پرجي آئي آهي پر مولي مينهن ئي ڪونہ ٿو وسائي. شاهہ چيو تہ: ابا، اجان مند پري آهي، ڏٺي ڪندو مينهن وسندو. چيائون تہ: سائين! وسي تہ هينئر وسي، هن کان پوءِ وري ڪهڙو وسندو! شاهہ چيو تہ: ابا، خير گهرو تہ خير جو مينهن وسي. چيائون تہ: سائين خير وري ڪهڙو! تو ۾ ڪا پهچ آهي تہ مينهن ٻوڙان ٻوڙ وسي ۽ سڳهو وسي. ميون شاهہ عنات سندن گستاخي ۽ اٻهرائي تي رنج ٿي اٿيو ۽ دعوت ڪانہ کاڌائين، وهٽن تي چڙهندي هي بيت چيائين تہ:

ڪمنداٿـــا مينهـــڙا، تـــون واء لڳنـــدي وس
انئــي پهــر، عنـــات چئــي، وســئو پيـــو وس
ســورهن پهــر، ســيد چئــي، رڙهــي رمضـــانن رس
ننــدي وڏي ٽــــٻـــهـــين، ٻنـــا ٻـــڏندا پـــس
ڪونہ ڏئين گس، جو رڙهي نڪري رمضان ڪو [1].

چون ٿا تہ سڳهو واءُ چريو ۽ مينهن اچي ڪڙڪيو ۽ سڄا سورهن پهر ٻيهي ويو، جنهن ۾ رمضانن جو ڳوٺ ٻڏي ويو. ميين شاهہ عنات وارا وهٽن تي چڙهيا مينهن وسائيندا آيا تہ آڏو لنگهن جا گهر ڏٺائون ۽ کين چيائون تہ: اسين پسي پيا آهيون، جاءِ ڪريو تہ لهون. آڏو ڪنهن جواب ڏنو تہ: اسين پاڻ لنگهڻ تي آهيون، اوهين آڏو ڪٽين ۾ وڃي لهو. جنهن تي ميين شاهہ عنات چيو تہ:

لنگهن ۽ لنگهڻ، پريون پاتو پاڻ ۾ [2].

پوءِ اڳتي ڪٽين ۾ آيا تہ هنن وڏي آڌر ڀاءُ ڪئي، ۽ جاءِ ڏنائون مڇ ٻاريائون ۽ خدمتون ڪيائون. ميين شاهہ عنات جو دل گهريو فقير پيرو ڪٽي بہ سانگي سان اتي موجود هو، جنهن چيو تہ: سائين! هاٽي ذات ڪٽي ڪي دعا ڪر. اتي ميين شاهہ عنات بيت چيو تہ:

ڪٽــي خــوش رهــن، جــي جتــي ســي تتـــي
ڪــوڏ وڃــائن ڪپـڙا، ڪــامل ڪــارون ڪــن
اڳــڻ آئــي تــن، لٿــو ســيءُ ســيد چئــي [3].

---

[1] روايت حاجي بخش علي شاهہ ۽ حاجي محمد سوڍو بگهياڙ. ميان محمد علي شاهہ کان پهتل روايت ۽ حاجي عمر چانڊيي جي زباني موجب:

وينـــدڙ وري آءُ تـــون، اچـــي واءُ لڳنـــدي وس
اسـين پهچـون اوطـاقين، تـون اچـي رمضـانن رس
هڪڙيـون ڪٽنديون دانگيـون، ٻيـون ڪٽنديـون ٽـس
توکي چونديون ٻس، تہ بہ تون وراڪا ڏيو پيو وس
اهو نہ ڏجائن گس، جتان رڙهي رمضـان نڪـرن.

[2] حاجي عمر چانڊيي جي روايت موجب:

لنگهن کي لنگهڻ، هوندو پيڙهيءَ سوڌو پاڻ ۾

ڪن روايتن موجب ميين شاهہ عنات هن موقعي تي "لنگهن کي لنگهڻ، هوندو ڏينهن قيـام سين الخ" بيت پڙهيو جو هن کان اڳ مٿي (ص 25) بيان ٿي چڪو آهي تہ ميين احمد شاهہ مثال طور لنگهن بابت پڙهيو.

[3] روايت مرحوم حاجي پير شاهہ ، حاجي بخش علي شاهہ ۽ حاجي محمد سوڍو بگهياڙ. حاجي عمر چانڊيي جي روايت موجب پوين ٻن مصراعن جي پڙهڻي:

هڪڙا ڪوڏ رڱين ڪپڙا، ٻيا ٻـڏي ڪارون ڪن
اڳـــڻ آئـــي تـــن، لٿـــو ســـيءُ عنـــات چئـــي.

ميين شاهہ عنات جو پيرو ڪٽي سان خاص اُنس هو. ۽ سندن رس رهاڻين ۽ نياپن پيغامن بابت ڪافي حڪايتون اڄ تائين هلندڙ آهن. غالباً ميون شاهہ عنات ۽ پيرو ڪٽي ننڍڙي هوندي جا يار هئا، جيئن تہ هيٺ ڏنل ٻہرئين حڪايت سندن جوانيءَ واري دور جي خوش طبعي جي ساک پري ٿي.

پيرو ڪٽي هڪ سچاڻ سگهڙ هو ۽ ڪا بہ پرولي ملندي هئس تہ پڇي ڇڏيندو هو. ميون شاهہ عنات ۽ ٻيا رفيق ساگري درياء جي ڪنڌيءَ تي ويٺا هئا جو پيرو جي سگهڙپائي جي ڳالهہ نڪتي. ان وقت ڪو ماڻهو پيرو جي ڳوٺ ڏانهن ٿي ويو ۽ ميين شاهہ عنات پيرو ڏانهن سلام موڪليا. ان ماڻهو چيو تہ سائين اڄ تہ اوهان بہ ڪا پرولي ڏيو تہ سلامن سان گڏ اها پيرو کي پهچايان. انهن ڳالهين ۾ هئا جو ڇوڪرن ڪنڌي تي راند پئي ڪئي ۽ راند ڪندي اُتي ڌٻڻ تي پئي. اتفاق سان هڪ ڇلو وڃي ڌٻڻ واري جاءِ تي ڪريو ۽ جيئن ان کي هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائون تيئن اندر گجڻ ۾ قابو ٿي ويو. ميين شاهہ عنات چيو تہ ادا اها پرولي وڃي پيرو کي ڏجان تہ:

گهُمر منجهہ گهڙي ويو، گهُمر منجهہ گهڙي ويو.

ان ماڻهو وڃي پيرو کي ميين شاهہ عنات جا سلام پهچايا ۽ ان سان گڏ پرولي بہ ڏني. پيرو ٻڌي چيو تہ: ادا!

شاهہ اسان ڏانهن موڪلي، سا واهہ اسان کي وڻي
اسين شاهہ عنات جي آهيون پيرن جي پٽي
راند ڪڏندي ريل ۾، متان ڪو ڇلو پيو ڇٽي!

هڪ ڀيري ميون شاهہ عنات پيرو جي ڳوٺ آيو. پيرو پاڻ ڪونہ هو، پر پٽس هو. جنهن ٻيون سڀ خدمتون ڪيون، پر گهوڙن لاءِ پوري گاهہ ۽ داڻي ڏانهن ڌيان ڪونہ ڏنائين. موڪلائڻ وقت ميين شاهہ عنات چيو تہ: ابا! پڻهي کي سلام ڏج ۽ چئج تہ "ٻني ولج ٻوڙا! ٻني ولج ٻوڙا!" [1]. جڏهن پيرو آيو تہ کيس سلام ڏنائون ۽ چيائون تہ چڙهندي وقت شاهہ هيئن چيو. تڏهن چيائين تہ هائو:

’مانيون مهمانن کاڌيون،
لنگهڻ پيا گهوڙا، لنگهڻ پيا گهوڙا!‘

پيرو هڪ ڀيري ميين شاهہ عنات ڏي پيرون سوکڙي ڪري موڪليا. جڏهن ميين شاهہ عنات کي پهتا تڏهن چيائين تہ:

پير پيرون موڪليا، موتين جان موچار
تن ۾ اڇا، ڳاڙها، ڪارا پيا ريشمي رنگدار
اي ڪٽي خبردار، هوندين شال حضور ۾.

ان بعد پيرو سال بسال پيرون سوکڙي طور موڪلڻ لڳو. هڪ سال پيرن واري مند ۾ بيمار ٿي پيو ۽ پيرون تہ ڪونہ موڪليائين پر گهٽي وقت تائين سنيهو سلام بہ ڪونہ موڪليائين. اِنهيءَ تي ميين شاهہ عنات جوائي موڪليس تہ:

پر مڪئي پيرون، هيل سنيهو نہ مڪوءِ
ايئن پچجن نہ هيرون، اي ڪٽي خاص خدا جا!

[1] هڪ ٻي روايت موجب: "ٻني نہ ڪيئي ٻوڙا! ٻني نہ ڪيئي ٻوڙا!".

انهن متعدد روايتن جي بناء تي چئي سگهجي ٿو تہ هن موٽ- جواني واري دور ۾، خصوصاً 45 کان 60 سالن واري عمر ۾، ميين شاهہ عنات جي طبعي شاعري جا سلا وڏي وڻ ٿيا. سرود ڏناسري جو گهڻو ڀاڱو، مارئي، مومل، سسئي، ليلا، جيتسري، پورب ۽ ڏهر غالباً انهيءَ عرصي ۾ ميين شاهہ عنات ڳايا [1].

پيري جو پهريون دور (60 کان 75 سال): خانداني روايتن موجب، ميون شاهہ عنات وڏي عمر کي رسيو. ۽ انهيءَ لحاظ سان سندس پيريءَ جو هيءُ پهريون دور (1090 - 1105هـ) پڻ همت ۽ حوصلي وارو دور هو. هن عرصي ۾ ميين شاهہ عنات جي شخصيت هڪ شاعر ۽ درويش طور مسلم ٿي، جنهن جو خود ميين شاهہ عنات کي پڻ احساس هو. هن دور ۾ پڻ سندس ملتان وڃڻ ٿيو، مگر شاهہ خيرالدين جي درگاهہ تي پيرو ڪونہ پهچائين. سندس اولاد پڻ هاڻي وڏو ٿيو جن سان محبت ۽ صحبت ۾ سندس گهڻو وقت صرف ٿيو. شيخ موسيٰ جي درگاهہ سان سندس محبت وڌي ۽ اتي پنهنجي والد شاهہ نص الدين جي مقبري جي ديدار ۽ سنڀال خاطر سندس گهڻي اچ وڃ ٿي. آسپاس جي فقيرن ۽ درويشن جي درگاهن تي تـوڙي مريدن وٽ سندس اچڻ وڃڻ جو سلسلو باقيٰ رهيو.

هن دور ۾ سنڌ جي سياست ۾ هڪ انقلاب اچي رهيو هو. دادو ۽ لاڙڪاڻي طرف ميان نصير محمد پنهنجي پوري طاقت قائم ڪئي، بلڪ ڪلهوڙن جي ايندڙ حڪومت جا بنياد مضبوط ڪيا. سنڌ جي سياسي نڪتہ نظر سان هي ميان نصير محمد وارو دور هو. ۽ شاعري جي لحاظ سانَ هي ميين شاهہ عنات جو دور هو جنهن ۾ بيو ڪوبہ سندس همسر يا ثاني ڪونہ هو. هن عرصي جي آخر ڌاري جڏهن ميين شاهہ عنات جي عمر اندازاً 65 - 70 سال کن هئي تڏهن شاهہ عبداللطيف ڄائو. هن دور جي ڪن خاص توجهہ طلب اُهڃاڻن تي هيٺ قدري روشني وجهجي ٿي.

پنهنجن وڏن جي سلسلي موجب، ميين شاهہ عنات ملتان جي بزرگن سان محبت ۽ عقيدت جو ناتو قائم رکيو ۽ ملتان ويو جتي جي بزرگن پاون شاهہ ، ضياء الدين، محمد غوث، محمد باقر سان مليو ۽ ساڻن ذاتي سڃاڻپ جو سلسلو قائم ڪيائين. هينئر جڏهن شاهہ عنات شاعر ۽ درويش جي حيثيت ۾ نصرپور واري تر، توڙي سنڌ جي لاڙ واري گهڻي ڀاڱي ۾، عزت ۽ عظمت حاصل ڪئي تہ ملتان جا بزرگ پڻ سنڌ ۾ سندن اولاد ۽ جماعت جي مدد لاءِ ميين شاهہ عنات ڏانهن متوجهہ ٿيا. انهي سلسلي ۾ هينئون روايتون مشهور آهن.

● چون ٿا تہ جڏهن ملتان کان 'سنڌوَر' پير [2] سنڌ ۾ آيو ۽ بکيرن ۾ پنهنجي خانقاہ بنائڻ جو خيال ڪيائين تہ اتي لاٿدين جا قلعا نہ پيا ڪپن. غالباً پرسان حڪومت جي ڪاردارن يا ڪن بين زميندارن جون ڪناتون لڳل هيون جن جي مخالفت سببان پير کي اتي قلعا کوڙڻ نٿي ڏنائون. ميون شاهہ عنات مدد لاءِ چڙهي ويو جنهن تي مخالفت ختم ٿي، ۽ ميين شاهہ عنات پاڻ بيهي قلعا کوڙايا. ان موقعي تي هڪ ميمڻ مائي جا پير جي سچي مريدياڻي هئي سا اوائلي مخالفت سببان نااُميد ٿي، پـر ٻڌي رواني ٿيڻ تي هئي جو ميين شاهہ عنات سڄو معاملو سولو ڪري قلعا کوڙايا، ۽ چيائين تہ:

[1] اهڙي يقيني راءِ قائم ڪرڻ مشڪل آهي. البت سرود ڏناسري جي اندروني اهڃاڻن جي بناء تي چئي سگهجي ٿو تہ فصل 1، 2، 3 ۽ 4 گهڻي ڀاڱي انهي دور جا آهن. مارئي، مومل ۽ سسئي جي مشهور عنوانن تي پڻ شروع واري دور ۾ بيتن چوڻ جو ڪافي امڪان نظر اچي ٿو. پيري واري دور ۾ جيڪي سرود ڳايائين تن سندس پٽن پوٽن کي پڻ متاثر ڪيو ۽ انهن پڻ سندس پران بيت چيا. جيتسري ۽ ڏهر ۾ ٻئي ڪنهن جو بيت شامل ڪونهي، ۽ پورب ۽ ليلا ۾ پڻ ڀيا اڪثر بيت پيرو جا چيل آهن جو سندس دل گهريو فقير هو.

[2] مقامي روايتن موجب شيخ شهرالله. جيڪڏهن ان مان مراد ملتان جو چوڏهون سجاده نشين شيخ شهرالله تسليم ڪجي تہ پوءِ اهو زمانو 1053هـ کان اڳ جو هو جڏهن ميون شاهہ عنات ننڍو هوندو.

... ... ... ...، ميمـــڻ وچ م رســـي
ڪناتن ۾ ڪات پونـدو، اتـان ايندين مسي
بڪيرا باغ ٿيندا، عـالم ٿيندي خوشي [1].

هالن ڪان ڏکڻ طرف گهوٽاڻن ۾ ٻہ پائر رهندا هئا، جن مان وڏو "گهوٽاڻي" جي نالي سان مشهور هو ۽ ننڍي جو نالو "هوتي" هو. ٻئي اول ملتان وارن بزرگن جا مريد هئا، پر انهيءَ فيض سبحان جڏهن درويشي واري منزل کي پهتا تہ پاڻ کي ڪامل درويش ڄاڻي، ملتان ڪان منهن موڙيائون، بلڪ جيڪي جماعتون راهہ جي پنڌ سان، ملتان ڏانهن وينديون، پرسان لنگهنديون هيون، تن کي پڻ تنبيهہ ڪرڻ لڳا تہ ملتان وڃڻ جو ڪو ضرور ڪونهي. وڏو ڀاءُ پاڻ کي 'سمنڊ پير' سڏائيندو هو ۽ هوتي پاڻ کي 'هاٿي' يا 'فيل' چوائيندو هو. پاڻ‍ڏين فقيرن وچي ملتان ۾ بزرگن کي دانهن ڏني تہ 'سمنڊ' ۽ 'فيل' کي ڪو سمجهائي. فقير، ميين شاهہ عنات وٽ آيا، جو ويهہ ماڻهو ساڻ ڪري هنن پائرن کي سمجهائڻ لاءِ گهوٽاڻن ۾ پهتو. جڏهن ميين شاهہ عنات 'گهوٽاڻي' کي تنبيهہ ڪئي تہ هن جواب ڏنو تہ: شاهہ ! توکي ساگري جو زور آهي[2] پر ساگرو تہ درياء جي هڪ ڇاڙهہ آهي، آءٌ 'سمنڊ پير' آهيان، تون مون تي کهڙي آڌار تي چڙهي آيو آهين. ميين شاهہ عنات چيو تہ: جي تون سمنڊ آهين تہ آءٌ ايٽ آهيان ۽ توکي سمجهائي سگهان ٿو. ان وقت ميين شاهہ عنات بيت ڏنو تہ:

ايــٽ تـــارو اپريـــو، لڪـــاپور مٿـــاهہ
سؤ سؤ گز سمنڊ جا تـو سوسيو ڪـڍي ساهہ
گهوٽـاڻي کي گهـاءُ، پهريـن آهي پڙ ۾ [3].

غالباً ميين شاهہ عنات جي ماڻهن مان ڪنهن جي ڏڪ سان يا پنهنجي ڪنيءَ گهوٽاڻو اتي جو اتي ڪريو ۽ مئو. [4]

● موٽ جواني واري دور جي آخر ۽ پيريءَ جي سن پهرئين دور جي شروعات واري وقت ۾ ملتان جي سترهين سجاده نشين بزرگ شيخ قائم الدين بن شيخ بهاؤ الدين عرف پاون شاهہ جي تبليغ ۽ هدايت جو عوام تي ڪافي اثر ٿيو. ميين شاهہ عنات جي آڏو جڏهن هن بزرگ جي پلاين جو ذڪر نڪتو تہ سندس باري ۾ هي بيت چيائين تہ:

ڪوئنــو قـــائم ديــن، تـــو اواتـــا واڻ ڪـــري
پيٽــو پـــاون شـــاهہ جـــو، اصلاڻـــي اميـــن
جـن جـو جـاءِ يقيـن، تـن اوڏا پيـر، عنـات چئـي.

---

(1) روايت حاجي بخش علي شاهہ .

(2) ساگري جي ڪنڌي تي مدفون ملتان جي بزرگن جي سلسلي جي ولي شيخ موسيٰ ۽ سندس سائين، ۽ خود شاهہ عنات جي والد شاهہ نصر الدين ڏانهن اشارو.

(3) روايت حاجي عمر چانديو ۽ حاجي محمد سوڍو بگهياڙ. ٻنهي معتبر راوين پوري تصديق سان چيو تہ اهو واقعو ملتان جي پاڻڏين جي دانهن سبحان ٿيو ۽ اهو بيت انهي موقعي تي ميين شاهہ عنات جو چيل آهي. شاهہ عبداللطيف جي سلسلي جي راوين وٽ اهو بيت شاهہ عبداللطيف ڏانهن منسوب آهي، پر البت انهيءَ روايت جو بنياد ايترو پختو نہ آهي.

(4) ٻي روايت موجب "هاٿي" گهوٽاڻي جو مامو هو. جڏهن گهوٽاڻو مئو تہ سندس ماءُ جا پڻ وڏي پرهيزگار ۽ پهچ واري هئي سا پنهنجي ڀاءُ "هاٿي" وٽ وئي جو مقابلي لاءِ چڙهيو پر پهچي نہ سگهيو.

قائم دين ڪرم ڪر، پيٽا پاون شاهہ
پوٽا شيخ ڪبير جا، تو سبحاني صلاح
اوڏا پير، عنات سين، عاجز لڳ الله
سنئين سونهايو راهہ، ڪوڙين ڪرنشون ڪريان[1].

● هن دور ۾، رعايا مان، ڪلهوڙن فقيرن جي طاقت، ميان نصير محمد جي اڳواڻي هيٺ عروج کي پهتي. ڪلهوڙا فقيري ۽ مريد خادمي جي ذريعي ميان آدم شاهہ ڪان وٺي ماڻهن ۾ روحاني رهنما طور مقبول ٿيا ۽ سندن طاقت درجي بدرجي اسرڻ لڳي. ميان شاهل محمد جي وفات بعد سندس پائٽيو ميان نصير محمد بن الياس محمد سنہ 1968هہ / 1657ع ۾ موروثي مسند تي ويٺو. ان وقت سندس سڪونت موجوده ميهڙ تعلقي ۾ هئي، جتي سندس شاهي مسجد اڄان تائين موجود آهي. انهيءَ مسجد کي ميان نصير محمد ديني تعليم توڙي پنهنجي فقيرن جي گروهہ بندي جو مرڪز بنايو ۽ پندرهن ويهن سالن ۾ هن سڄو 'ڪاڇو' پنهنجي قبضي ۾ ڪيو ۽ 'چانڊڪي' (موجوده لاڙڪاڻو ضلعو) ۾ پڻ پنهنجي طاقت ڄمايائين. انهيءَ وقت ڌاري، يعني تہ سنہ 1090هہ ڌاري، سندس شهرت سڄي سنڌ ۾ عام ٿي وئي. سنڌ جي عوام جي پڻ زوال پذير مغليہ حڪومت سان دلچسپي ڪانہ هئي ۽ هو سنڌ جي آزادي جا خواهان هئا. انهيءَ ڪري ڪلهوڙن اڳواڻن سان سندن همدردي هئي. ميون شاهہ عنات پنهنجي دور جو وڏي ۾ وڏو شاعر ۽ مشهور درويش هو جنهن پڻ حب الوطني جي جذبي هيٺ ميان نصيرمحمد جي پنيرائي ڪئي ۽ هيٺيون بيت [2] دعا طور چيو:

نسرئو نصير، چانڊُڪي ۾ چنڊ ٿي [3]
ڪاڇو ڪوڙَي ۾ ڪري، مَلي ويٺو مير [4]
دمامي جي دؤنس سان، ڦِري ٿو فقير[5]
آهي هيءُ، عنات چئي، سندو سنڌ همير [6]
سي وٺا هلي ڏاڍري، ڪٺي ڪِروٽئون ڪيرُ [7]
تن کي گڏئو ڪين گس تي، بدو نہ بدگير [8]
خاصي خدا آباد منجهہ، عطر ۽ عنبير
جان جان ندي نير، تان تان طبل تنهنجي تجلو [9].

---

[1] سرود ڏناسري، فصل - 2، بيت [14 ] ۽ [15].

[2] هي بيت ن جي شروع ۾ متفرقہ بيتن ۾ ڏنل آهي، ۽ پڻ خانداني روايتن ۾ توڙي سگهڙن وٽ مشهور آهي. بيت جو متن نِ موجب قائم ڪري، هت حاشيي ۾ روايتن جا اختلاف ڏنا ويا آهن.

[3] ر. 'چانڊونيءُ مان چنڊ ٿي، نسرئو نصير.'

[4] ر. 'ڪاڇو ڪوڙي هيٺ ڪري، ملي وهندين مير.'

[5] ر. 'دمامي جي دهل سان ڦريو ٿي فقير.'

[6] ن. 'هي آهي ڄام عنات چئي - الخ.' ر. 1- 'آهين ڄام عنات چئي سندو سنڌ همير' 2- 'آهين شاهہ عنات چئي، سڄي سنڌ امير.'

[7] هيءَ مصرع معنيٰ خيز آهي، مگر ان جي اصلي پڙهڻي نہ معلوم ڪهڙي هئي. ن مطابق 'سوا هلي ڏاڍري، ڪٺي ڪيرتيءُ ڪير.' امام علي شاهہ ڪان پهتل روايت موجب: 'سوا هلي ڏاڍ وري ڪٺي ڪيرائي ڪير'. ٻي روايت: " سي ويا سنڌ ڏي، ڪٺي ڪيريتيون ڪير".

[8] ر. 1- "اڳيان گڏيس بر ۾، نہ بدو بدگير". 2- "اڳيان گڏيس گس ۾، بدو نہ بزگير".

[9] ر. 1- "جانسين ندي نير، تانسين طبل تانهنجو". 2- "جيسين ندي نير، تيسين طبل تنهنجو".

ميين شاهہ عنات جو هيءُ بيت هڪ درويش جي پيشن گوئي طور ان وقت عوام ۾ ڪافي هلي ويو هوندو، جو ذري گهٽ ٽن سو سالن بعد اڄان تائين پڻ ماڻهن کي ياد آهي. نہ معلوم تہ ميان نصير محمد جي ڪنن تائين پهتو يا نہ، مگر سندس مقصد واسطي هڪ وڏي حمايت ۽ تبليغ هو. ميان نصير محمد جي اوج ۽ عروج تي سندس همعصر شاعر ۽ مقتدر شخصيت جي زباني هي بيت هڪ اهم تاريخي حيثيت رکي ٿو. ان وقت ڪاڇي (سيوهڻ کان وٺي ميهڙ تعلقي تائين، جبل جي ڪنڌي جي دامن وارو علائقو) تي ميان نصير محمد جو مڪمل قبضو ٿي چڪو هو. ۽ لاڙڪاڻي طرف هن هڪ مقبول اڳواڻ ۽ حاڪم جي حيثيت ۾ شهرت حاصل ڪئي. هو شاهي دمامي ۽ نوبت سان پنهنجي لشڪر سان ملڪ جو نظام قائم ڪري رهيو هو، ۽ غالباً شڪارپور واري پاڳي کان اڳتي وڌي خود پاڻ يا سندس فوجي اڳواڻ سبي ۽ ڍاڍر تائين وڃي پهتا هئا. "ڪٽي ڪروڙئون ڪير" مان غالباً مراد آهي تہ ڪلهوڙن فقيرن ۽ سندن ساٿين، ميان نصير محمد جي ڳاڙهي واري-مسجد (جا سندس طاقت جو مرڪز يا گادي جو هنڌ هئي) مان دعا جو ڪير يا دعائون ساڻ ڪري وڃي ڍاڍر تائين پنهنجو قبضو ڄمايو. مگر اهو فقرو اڃان وڌيڪ تحقيق طلب آهي. 'خدا آباد' ميان يارمحمد جي ڏينهن ۾ گاديءَ جو مرڪز بني، پر هن بيت مان گمان نڪري ٿو تہ شايد ميان نصير محمد اهو ماڳ پهريائين منتخب ڪيو ۽ ان تي خدا آباد نالو رکيو [1]. اهي واقعات دير ۾ دير تہ بہ 1090 - 1095ع واري عرصي يا اڃان بہ قدري اڳ جا سمجهڻ گهرجن ۽ بيت پڻ انهيءَ دور جو آهي.

هن وقت ڌاري ميين شاهہ عنات جا ٻئي ديري وارا فرزند وڏا ٿي چڪا هئا. جيڪڏهن سندس ٻي شادي ٽيهن ورهين جي ڄمار ۾ تسليم ڪجي ۽ پهريان چار فرزند ڪيس ٽيهن کان چاليهن سالن جي عمر اندر ڄاوا هجن (پنجون پير شاهہ سيني ۾ ننڍو هو جو غالباً اڃا بہ دير سان ڄائو) تہ پنجاسي ورهين جي ڄمار واري دور ۾ سندن عمر ڪم از ڪم 35 کان 45 ورهيہ ڪن هوندي. عبدالمعالي وڏو هو، ٻيو نمبر سائينڏنو شاهہ، ٽيون نمبر سيد محمد شريف، چوٿون نمبر مصري شاهہ ۽ پنجون نمبر پير شاهہ هو [2]. ميين شاهہ عنات جي شاعري واري ورج شاهہ شريف کي ملي، جو هن وقت هڪ پختہ شاعر هو. جيڪڏهن شاهہ شريف ويهن سالن جي عمر ۾ شادي ڪئي هجي تہ سندس پٽ بلال شاهہ پڻ هن وقت پندرهن ويهن سالن کن جي عمر جو هو. بلال شاهہ پڻ ذهين ۽ فطري شاعر هو. ميين شاهہ عنات جي پنهنجي اولاد سان تمام گهڻي محبت هئي، ۽ ويتر جو شاهہ شريف ۽ بلال شاهہ شاعر ساماڻا تہ گهر جو گهر ۾ شعر و شاعري جون ڪچهريون قائم ٿي ويون. انهيءَ ڪري زندگي جي هن دور ۾ ميين شاهہ عنات جو ڪافي وقت اولاد جي صحبت ۽ ساڻن رس رهاڻين ۾ گذريو، حالانڪ اهو سلسلو غالباً موٽ جواني واري آخري سالن کان شروع ٿي چڪو هو.

● ميين شاهہ عنات جو پٽ عبدالمعالي مست طبيعت جو هو. ڪنهن چوڪريءَ سان سندس نينهن لڳو ۽ ڪيس وٺي اچي پاڻ وٽ وهاريائين. چوڪريءَ جي مالڪن اچي ميين شاهہ عنات کي دانهن ڏني جنهن چيو تہ عبدالمعالي گهر ڪونهي، ۽ اوهان پنهنجي ٻانهن وٺي وڃو. جڏهن عبدالمعالي آيو تہ ميين شاهہ عنات ڪيس تنبيهہ ڪئي. هڪ هن تنبيهہ جو اثر ٻيو چوڪريءَ جو فراق، سو عبدالمعالي انگ پيوت مَلي، بدن تي زخم ڪري، ڪنهن پيٽيءَ مچ ٻارائي پاڻ کي ايذائڻ لڳو. جڏهن اها خبر پئي تہ ميون شاهہ عنات، شاهہ شريف کي ساڻ ڪري

---

(1) البت يقين سان چئي نٿو سگهجي تہ هيءَ سٽ ميين شاهہ عنات جي اصل بيت ۾ موجود هئي يا پوءِ جو اضافو آهي.
(2) تفصيل لاءِ ڏسو هيٺ عنوان: "ميين شاهہ عنات جو اولاد".

اتي پهتو، ۽ عبدالمعالي کي سمجهايائين ته ائين ڪرڻ نه جڳائي. هن جواب ڏنو ته: مونکي نينهن نانگو ڪيو آهي. ۽ آئون خلق جي ملامت پر ڪونه ٿو ڏڄان. اتي پاڻس شاهہ شريف ڪيس سمجهائڻ خاطر اول بيت چيا ته:

عاشق سڄ ايئن، لئون لڪائج نڪٽين
جيئن پرو ٻاهر نه نڪري، تن ۾ رکج تپئن
سانديج گهٽو، شريف چئي، نينهن نهائين جيئن
ته ميڙائي جا مينهن، وينئي ئي وسائيين[1].

---

لڪج سڪج لوڪ کان، ڏڪ مَ ڏورن جيئن
جو من مشاهدي ڳڏئو، سو قطرو سلين ڪيئن!
سانديج گهٽو، شريف چئي، نينهن نهائينءَ جيئن
ته ميڙائي جا مينهن، وينئي وسائيين[2].

ان بعد ميين شاهہ عنات چيو ته:

مچڻ روئيسن رت، پاڻي ڳاڙ مَ پـڌرو
اولي اور، عنات چئي، سڪڻ اي شرط
وحدت ڳڏئو وت، مچڻ خبر تئي ڪرڻ کي[3].

اهڙي طرح ريجهائي، عبدالمعالي کي گهر وٺي آيا[4].

نصرپور ۾ ميين شاهہ عنات جي اوطاق، مريدن معتقدن ۽ ٻين پاڙيسري ڇگن ۽ راڄن جي اچ وڃ توڙي شاعرن فقيرن جي ڪچهرين جو مرڪز رهي. هن دور ۾ ميين شاهہ عنات جي بيتن پران شاهہ شريف بيت پئي چيا ۽ انهن صحبتن جي اثر شاهہ شريف جي فرزند بلال شاهہ جي طبع کي پڻ پئي نکيڙيو.

درويشن ۽ درگاهن مان، هن دور ۾ ميين شاهہ عنات جو خاص انس ساڳري جي ڪنڌيءَ تي شيخ موسيٰ جي درگاهہ سان رهيو. 'حديقة الاولياء' جو مصنف سنہ 1016هہ ۾ شيخ موسيٰ بابت لکي ٿو ته: "اصل ۾ هي بزرگ هند جو آهي ۽ سلطان علاؤالدين جي زماني ۾ سنڌ آيو. مرشد ڪامل ۽ وڏو ولي خدا جو هو. سندس مزار ساڳري درياءَ (نهر سانکره) جي ڪناري تي واقع آهي ۽ وڏي زيارت گاهہ آهي" [5]. مير علي شير قانع "تحفة الڪرام" ۾ هي ساڳي عبارت نقل ڪئي آهي، البت بزرگ جو مقامي نالو "شيخ موسيٰ آهيداڻي" ڏنو اٿس ته سندس ڪرامت جو ذڪر ڪيو اٿس(2). غالباً شيخ موسيٰ مخدوم بهاؤالدين زڪريا جي سلسلي جي وڏن خليفن مان هو. پنهنجي دور ۾ سنڌ ۾ سهروردي طريقي جو علمبردار هو. انهي ڪري نصرپور جي رضوي ساداتن جي سندس درگاهن سان عقيدت رهي. شاهہ نصرالدين جي شيخ موسيٰ جي درگاهہ سان خاص عقيدت هئي، ۽ غالباً

---

[1] هي بيت سرود جمن، فصل – I ۾ شامل آهي.
[2] هي بيت سرود جمن، فصل – I ۾ شامل آهن.
[3] روايت حاجي بخش علي شاهہ.
[4] حديقة الاولياء، تصنيف سيد عبدالقادر حسيني (ذاتي قلمي نسخو.)
[5] تحفة الڪرام جلد – 3 (154) مطبع ناصري، دهلي.

سندس وصيت مطابق ئي وفات بعد کيس نصرپور جي بدران شيخ موسيٰ جي مقام ۾ دفنايو ويو [1]. انهيءَ ڪري ميين شاھ عنات جي خاص طرح شيخ موسيٰ جي درگاھ سان عقيدت هئي، ۽ جيتوڻيڪ ننڍي عمر کان وٽي پنهنجي والد شاھ نصرالدين جي مزار جي زيارت لاءِ شيخ موسيٰ جي درگاھ تي پيرا ڪيائين مگر موٽ جواني واري دور کان وٺي سندس عقيدت وڌي جنهن جي تصديق هن بيت مان ٿئي ٿي ته:

ساڻي وجي شيخ ڏونه، ته ڪرنش ڪج ڪهي:
پاڙي، ڪير، پٽن ڪي، نظر ڪج سهي
وجن سپ لهي، اهڪايون، عنات چئي [2].

هن بيت ۾ پاڙي، مال ۽ ڪير ۽ پٽن لاءِ دعا گهريل آهي، جنهن جي معنيٰ ته هيءُ بيت موٽ جواني واري دور جو چيل آهي جنهن وقت اجان ميين شاھ عنات کي پوٽا ڪين ٿيا هئا جن بابت پوئين دور وارن بيتن ۾ دعائون گهريل آهن. اهو دور ميين شاھ عنات لاءِ اجان ڪشمڪش ۽ ڪوشش وارو دور هو. غالباً ساگري جي ڪنڌي سان سندس مال چرندو هو ۽ پڻ اتي سندس زمين ۽ آبادي هئي، انهيءَ ڪري شيخ موسيٰ جي درگاھ کي سامهون اولهه (ذرا اتر) طرف پنهنجي اوطاق يا پاڻ قائم ڪيائين، جتي گاهي بگاهي اچي رهڻ لڳو. ان بعد اوائلي پيريءَ واري دور ۾، شيخ موسيٰ جي مقبري ۽ والد جي مزار تي پيرن خاطر لاڳيتا ٻه - ٽي ڏينهن يا راتيون انهيءَ ماڳ تي ترسي صبح سانجهي شيخ موسيٰ جون زيارتون ڪيائين ۽ دعائون گهريائين جيئن ته سرود ڏناسري جي فصل - 5 هيٺ ڏنل بيتن جون هينيون مصراعون انهيءَ طرف اشارو ڪن ٿيون:

- آهيداڻي پير ڪي، ڪج صبح جو سلام [بيت - 3]
- وجينءُ وير وري، جن سهجان ڏنو شيخ ڪي [بيت - 5]
- سانجهيءُ ڪئو سلام، جن سهجان اچي شيخ ڪي [بيت - 6]
- سهماڻيءُ، سيد چئي، جني پريا پير [بيت - 7]

ميين شاھ عنات ۽ شاھ شريف جا 'شيخ موسيٰ' جي ساراھ ۾ چيل بيت اڪثر هن دور جا ٿا معلوم ٿين. ساگري جي ڪنڌيءَ واري ماڳ تي ميين شاھ عنات جي اچ وڃ ۽ رهڻ سببان ان جو نالوئي سندس پويان "شاهپور" مشهور ٿيو. جنهن جا آثار اڄ تائين شيخ موسيٰ جي مقام سامهون، ٽنڊي الهيار کان ٽنڊي آدم ڏانهن ويندڙ پڪي رستي جي اولهه طرف لڳو لڳ موجود آهن. جتي اڄا تائين ڪي گهر ۽ نمون بيٺل آهن. ڪانئس پوءِ سندس اولاد نصرپور ڇڏي اچي شاهپور ۾ وينو [3] ميين شاھ عنات ۽ شاھ شريف 'شيخ موسيٰ' جي ساراھ ۾ جي بيت چيا آهن تن ۾ سندن عقيدت جي اظهار کان سواءِ، خود شيخ موسيٰ ۽ سندس درگاھ جي ماحول بابت ڪي اهم اشارا سمايل آهن. ميين شاھ عنات (توڙي سندس پٽ ۽ پوٽي شاھ شريف ۽ بلال شاھ ۽ ٻين) شيخ موسيٰ کي 'ڪوريجو' ۽ 'آهيداڻي پير' سڏيو آهي:

جني ڏنو جت، قبو ڪوريجو پير جو (فصل - 5 بيت [1])
آهيداڻي پير ڪي ڪج صبح جو سلام (فصل - 5 بيت [2])

---

(1) تصديق لاءِ ڏسو سرود ڏناسري، فصل - 5 بيت (شاھ بلال) [ج/13] "شاھ عنات، شاھ نصردين، اولادي امير". ۽ وائي (شاھ بلال) حاشيه 116 "شاھ نصردين، شاھ عنات، پاڙي سپ سونهاري."

(2) سرود ڏناسري، فصل - 5 بيت [9].

(3) ڏسو هيٺ عنوان "ميين شاھ عنات جو اولاد".

جنهن مان گمان غالب آهي تہ شيخ موسو ذات جو 'ڪوريجو' هو ۽ سندس پاڙو 'آهيداڻي' هو. انهيءَ لحاظ سان 'حديقة الاولياء' جي مصنف (۽ سندس پويان مير علي شير قانع) جو قول تہ هي بزرگ اصل هندوستان جو آهي وڌيڪ تحقيق طلب آهي. شيخ موسي جي درگاہ جي ماحول جا اهڃاڻ ميين شاھ عنات ۽ شاھ شريف جي بيتن ۾ هن طرح ملن ٿا تہ: بزرگ جي قبي جي پرسان ڪنڊي بيٺل هئي ۽ چوڌاري سهڻن خاصن ڪپڙن جي ساوڪ هئي، جيئن تہ ميين شاھ عنات چيو آهي تہ:

پسئو ڪنڊيءَ لام، اسين جيئسون تا جهان ۾.

—

خاصا ڪپڙ خاص جا، چوڪنڊي چوڌار.

—

خاصا ڪپڙ خاص جا، جاڳهہ نور پري.

شاھ شريف جي بيت مان معلوم ٿئي ٿو تہ، قبي جو گنبذ گچ مان نهيل هو ۽ درگاہ تي مولودن جا شغل ٿيندڙ هئا:

تنهنجي گنبذ نور گچ ٿئي، تڪ نہ پئي تور
منجهہ مولودي محبوب جا، وينا ڪرن وور
سرود ڏناسري فصل - 5 بيت [الف/13]

اهي اهڃاڻ اڄ تائين موجود آهن. بزرگ جو گچ سان ٺهيل ساڳيو قبو موجود آهي، جنهن جي آسپاس اجان تائين ڪپڙ بيٺل آهن ۽ ميلي جي موقعي تي اڄ تائين مولودي اچن ٿا.

هن دور ۾ ساڳري جي ڪنڊي تي شيخ موسي جي درگاھ تي ميين شاھ عنات جي گاهي بگاهي آمد ۽ رهائش سببان ساڳري طرف پڻ ميين عنات جو توجهہ ٿيو. هن عرصي کان پنجاھ ورهيہ ڪن اڳ ساڳرو موجن ۾ هو[1] جيئن تہ ان وقت ميين شاھ عنات جي چيل بيت "ڳاهيجي ڳڙ ڪر، پليجاڻي پاءِ ـ الخ" مان ظاهر آهي، جنهن جو بيان هن کان اڳ تي چڪو آهي[2]. البت انهيءَ بيت مان اهو پڻ ظاهر آهي تہ پليجاڻي وٽان درياءَ پاتو پئي ۽ غالباً انهيءَ پائيندڙ سببان ئي درياء جي ساڳري واري وهڪري تي پوءِ اثر پيو، ۽ 1100هہ ڌاري ساڳري واري شاخ ۾ پاڻي گهٽجي ويو. ساڳري جا اهي لاها چاڙها ميين شاھ عنات جي اکين آڏو هئا ۽ انهن کان متاثر ٿي هينيون بيت چيائين تہ:

شال م سُڪين ساڳرا! برڪت محمد مير
جي نوازيل نبيءَ جا، سي توکي ٻنهي پاسي پير
تو ۾ جهُلن جهالارين واريون، مٿي ڪئو ملير
سائر تنهنجي سير، وهي ولاسي سامهين[3].

---

[1] غالباً ساڳرو، درياء جي هڪ مکيہ شاخ هو، ۽ ان کان سواءِ ٻي بہ ڪا شاخ هئي.
[2] ڏسو مٿي ص 35
[3] سرود ڏناسري، فصل - 5 بيت [14]

ان بيت جي پِران سندس معتقد رنگريز (پيرو ڪٽي؟) پڻ بيت چيو تہ:
شال مَ سڪين ساگرا! برڪت رب جبار - الخ [1].

عام روايت موجب چون ٿا تہ ان بعد ساگرو وري ساھُـو درياء تي وڙهو ۽ ولاسيي (تعلقو بدين) وارا پٽ آباد ڪيائين. ان جي تصديق يوسف جي بيت مان پڻ ٿئي ٿي، جو هن غالباً ميين شاهہ عنات جي وفات بعد[2] چيو:
سَر سُيِر سُرهو ساگرو، جنهن جي لهر سيڪا لال [3]

جنهن جي معني تہ ميين شاهہ عنات جي وفات بعد پڻ ساگرو "سُيِر ۽ سُرهو" پئي وڙهو.

پيريءَ جو پويون دور (75 - 90؟ سال): هي ميين شاهہ عنات جي زندگيءَ جو آخري دور هو جو اندازاً 1150هہ يعني تہ ٻارهين صدي جي خاتمي سان شروع ٿيو. هن وقت ميين شاهہ عنات جي عمر 75 کن سال هئي. هن پيري واري دور ۾ نصرپور ۾ پنهنجي حويلي ۽ اوطاق تي سندس اڪثر يڪجاءِ مقيم رهڻ جو اندازو ٿئي ٿو ۽ هن دور جي ڪن بيتن مان پڻ اهوئي گمان نڪري ٿو.

هي دور سندس پٽ شاهہ شريف جي پختہ شاعري ۽ سندس پوٽي شاهہ بلال جي اوائلي شاعريءَ وارو دور هو. شاهہ شريف جي عمر هن عرصي ۾ اندازاً پنجاه - پنجونجاه سال ۽ شاهہ بلال جي عمر ويهہ - پنجويهہ سال کن هئي. ميين شاهہ عنات جي يڪجاءِ مقيم هئڻ سببان سندس پٽن ۽ پوٽن جو ساڻس گهڻو ۽ گهرو وقت گذريو ۽ خصوصاً شاہ شريف ۽ شاهہ بلال ميين شاهہ عنات جي اوائلي سرن جي بيتن پران بيت پئي چيا ۽ ميين شاهہ عنات کي پئي ٻڌايا ۽ اهڙي طرح سندن وچ ۾ شعر شاعري جون رس رهاڻيون پئي ٿيون، جن کان ٻيا ٻڌندڙ پڻ متاثر پئي ٿيا، ۽ ميين شاهہ عنات جي بيتن جو ذوق شوق سنڌ جي وچولي ۽ لاڙ واري پاڳي ۾ عام مقبوليت واري درجي کي وڃي پهتو. سندس پوٽو شاهہ بلال شاعر ساماڻو ۽ غالباً سندس ٻيا پوٽا[4] پڻ درويش ۽ اثر رسوخ وارا ٿيا. انهن ڏانهن هن دور جي هڪ بيت ۾ اشارو تہ: "پوٽا ائين، عنات جا، ڪل نيزي نيزي پير" [5].

● هڪ پيري ڪچهري ۾ جيسلمير جي هڪ نيڪ سيرت ۽ نيڪ دل مائي جي ڳالهہ نڪتي جا غالباً سنڌ ۾ اڳ گهڻي وقت کان وني مشهور هئي. ان حڪايت موجب ڪو بزرگ اچي جيسلمير طرف پنهنجي هڪ مريد جي گهر لٿو. مرد توڙي زال وڏي اعتقاد وارا ۽ ڏٽيءَ جا نيڪ ٻانها هئا، پر سندن حال سقيمي هو. ان وقت ڪين هڙ ۾ ڪي ڪين هو جو پنهنجي مرشد لاءِ محض ماني تيار ڪري سگهن. ٻئي ويچار ۾ پئجي ويا. نيٺ گهر واري پنهنجي خاوند کي چيو تہ هڪ خيال آيو اٿم- فلاڻو سيٺ مون تي ڏينهن کان وني عاشق آهي، پر مون ڏانهس ڪوبہ توجهہ نہ ڪيو آهي- چئو تہ هن وقت ڪانئس وڃي ڪجهہ وني اچان. خاوند کي پنهنجي گهر واري جي پاڪدامني تي پورو ڀروسو هو، پر ڪڏهن نٿي چاهيائين تہ ان سيٺ جا محتاج ٿين. هن موقعي تي الله ڪارڻ درويش جي خدمت خاطر پنهنجي گهر واري کي اجازت ڏنائين. مائي ان سيٺ وٽ وئي ۽ چيائين تہ، مونکي ڪجهہ رقم جي ضرورت آهي، آءُ تو وٽ لنگهي آئي آهيان، وڌيڪ تنهنجي مرضي. سيٺ پڻ سمجهي ويو تہ

---

(1) ڏسو سرود ڏناسري، فصل - 5، حاشيہ بيت [ج/14]
(2) ميين شاهہ عنات جي وفات بعد، غالباً سندس پٽن ۾ نا اتفاقي ٿي، جنهن ڏانهن هن بيت ۾ اشارو آهي تہ "ڪرهو پلاڻي پال، پير پرچو پاڻ ۾."
(3) سرود ڏناسري، فصل - 5، حاشيہ بيت [ب/13]
(4) يعني تہ شاهہ عبدالمعالي، سائينڏني شاهہ ۽ سيد محمد شريف جا پٽ. پير شاهہ ميين شاهہ عنات جو سڀ کان ننڍو پٽ هو جنهن کي پڻ هن دور ۾ شايد اولاد ٿيو هجي.
(5) سرود ڏناسري ص 169.

جنهن عورت ڪڏهن بہ ڏانهس ڏيان نہ ڏنو سا اڄ ڪنهن اڙيءَ ويل لنگهي آئي آهي. مائي کان عاجزيءَ سان حقيقت پڇيائين، جنهن ڪيس سچي ڳالهہ ڪري ٻڌائي. سيٺ ايترو تہ متاثر ٿيو جو ڪيس پيڻ سڏي ٻيٽي رقم ادا ڪيائين ۽ ان ڏينهن کان پوءِ هو پڻ هڪ نيڪ اخلاق شخص بنجي پيو. انهيءَ مذڪور بابت، ميين شاهہ عنات چيو تہ ادا:

جي الله ڪارڻ لنديون، تن جيسلميراڻين جس
اُني ڪي، عنات چئي، ڪونہ لڳو هو ڪس
هت رهايائون رس، هت بہ ڳڏيون هوت ڪي[1].

● چون ٿا تہ خيرو ڪوڪر (ٻيڙي خان بهادر خان وارن جو وڏو) ميين شاهہ عنات جو مريد هو. ۽ وڏي مال وارو ڀاڳيو ماڻهو هو. عزيزن جي ساڻس اٽڪٽ ٿي جنهن تي ميين شاهہ عنات وٽ دعا لاءِ آيو. ميين شاهہ عنات ڪيس دعا ڪئي تہ:

خيرا! خير ٿيو وجي ڇر ٿر
توکي ڪونہ وجهندو وز
جو ڪسندو، سو ڪسندو
جو گسندو، سو وسندو.

پوءِ خيرو وجي مهراڻي ۾ نهٽي کان ست ڪوہ ڏکڻ اوڀر، 'منڙيي' ۾ وينو جو پوءِ ڪوڪرن جي نالي سان 'منڙيو ڪوڪر' سڏجڻ لڳو. خيري ۽ سندس اولاد اتي نهايت سکيو ۽ شاناڻتو وقت گذاريو. پوءِ خيري جي پريءَ مان مانجهي ڪوڪر وڏو پهلوان ۽ همت پريو مڙس ساماڻو، جنهن کي شادي خان ڪوسي وارا پڻ شيخون (هنيل مال جي پٽي) ڏيندا هئا[2].

● ميان نصير محمد، جو سنہ 1068هہ/1657ع ۾ وڏن جي موروثي تخت تي وينو ۽ جنهن جي اوج عروج بابت سنہ 1090هہ ڌاري ميين شاهہ عنات دعا جو بيت (نسرئو نصير - الخ.) چيو. تنهن سنہ 1103هہ/1692ع ۾ وفات ڪئي. ڪانئس پوءِ سندس پٽ ميان دين محمد ۽ ميان يارمحمد ڪلهوڙن جي اسرندڙ طاقت جا اڳواڻ بنيا. سندن اوج ۽ عروج بابت پڻ ميين شاهہ عنات دعا جا بيت چيا:

ڪڇ، انجارڻ، پارڪر، پڇ ڏڇي پر ڏاءِ
پيلي بندوقن سين، جڏ جارو جوڙيندا
اوچتا، عنات چئي، ڪڏ پيلاٽي پونداءِ (3)
... ... ... .... ... ... ...

هن بيت جي سٽاءَ مان ظاهر آهي تہ ميين شاهہ عنات هي بيت ڪنهن مخالف کي مخاطب ٿي چيو آهي. غالباً بيت جي آخري وراڻي واري مصرع پڻ ڪٽل آهي. مٿئين بيت بعد هينيون بيت شامل آهي تہ:

---

(1) ميان محمد علي شاهہ ۽ حاجي عمر چانديي جي روايت موجب، اهو بزرگ خود ميون شاهہ عنات هو، جو پاڻ جيسلمير ڏانهن سفر تي ويو ۽ سندس مريد ۽ ان جي گهر واري سان اهو واقعو پيش آيو، جو مٿيون بيت چيائين. روايتن ۾ اهو بيت شاهہ عبداللطيف ڏانهن پڻ منسوب آهي پر البت ان ۾ نالي واري ٻي مصرع ڇڏيل آهي.

(2) روايت محمد اسمعيل خان نون.

(3) هي بيت نٰ جي شروع ۾ ٻين متفرقہ بيتن سان گڏ لکيل آهي. نٰ مطابق لفظ 'پيلاٽي' لکيل آهي جو تحقيق طلب آهي.

پيلاٽــي پيلــي، تمــن ســيئي تورئــا
آئـي سنڌ سلام تــي، ڪـر نـايو پيلـي
رڻ وانگي ريلي، اڄا ملينڌا ميــريءَ ڪـي.

هن بيت ۾ غالباً ميان دين محمد ۽ ميان يار محمد جي وڌندڙ طاقت ڏانهن اشارو آهي ۽ ڇڻ واڌائي ڏنل آهي تہ هو اڃا 'ميري' (قلات) پڻ فتح ڪندا. پرڪلهوڙن جي وڌندڙ طاقت تي دهلي جي مرڪزي مغليہ سلطنت جي پڻ نظر هئي، ۽ بالاآخر شهزادو محمد معزالدين لشڪر وٺي اچي وارد ٿيو، ۽ سنہ 1111ھ ۾ ميان دين محمد کي نظربند ڪري وٺي ويو. ان هوندي بہ ميان يارمحمد جنگ جاري رکي. غالباً ان موقعي تي ميان يارمحمد جي باري ۾ ميين شاھ عنات هيٺيون دعا جو بيت چيو تہ:

دعـا ڪريـن تـو دائمـا، هـردم منجهـہ هنيـان
مغــل موٽــي ويــا، ايهــي ڏس ڏيـان
ميـريءَ منجهہ ميان! اڃا طبل وڄندا تانهجا [1].

واقعات جي لحاظ سان، ظاهر آهي تہ ميين شاھ عنات هيءَ بيت سنہ 1111ھ ڌاري چيو، جڏهن مغلن جو لشڪر ميان دين محمد کي ساڻ ڪري في الحال موٽي ويو، ۽ ميان يارمحمد همت ۽ مردانگيءَ سان جنگ جاري رکي.

وفات: خانداني روايتن موجب ميين شاھ عنات وڏي عمر ۾ وفات ڪئي. سندس ولادت سنہ 1030 - 1035ھ واري عرصي ۾ ٿي ۽ جيڪڏهن 'وڏي عمر' مان مراد نوي سال وٺجي تہ سندس وفات 1020 - 1025ھ واري عرصي ۾ قرار ڏيئي سگهجي ٿي. ميان يارمحمد کي مٿئين دعا واري بيت جي بناء تي قدري وثوق سان چئي سگهجي ٿو تہ سنہ 1111ھ ۾ ميون شاھ عنات حيات هو ۽ مغلن ۽ ڪلهوڙن جي لشڪر جي مقابلن جي ڪيس پوري ڄاڻ هئي. ميان يارمحمد کي سندس دعا مان اهو پڻ گمان نڪري ٿو تہ ميان شاھ عنات تي اڃا پيري غلبو ڪونہ ڪيو هو. سندس عقل جوان ۽ ذهن صاف هو، جو مقامي سياسي حالات جي اندازي جي بناء تي ڪيس ميان يارمحمد جي ڪاميابي تي يقين هو.

مٿين بيتن کان سواءِ ميان يارمحمد بابت هيٺيون بيت پڻ ملي ٿو، جو تاريخي اهڃاڻن جي لحاظ سان نهايت اهم آهي:

تـون طـرو طريلـن جـو، تنهنجـي خـانيءَ ڪـاڏا ڪـڳ
يــار محمـــد يـــار خـــدا جـــا! وهـــلا وارج وڳ
هي جا نڳي ڪي آهي نڳ، سا وڃي لاهي آءَ [لڪ] لانگاہ جي [2].

بالڪل يقين سان چئي نٿو سگهجي تہ هي بيت ميين شاھ عنات جو آهي يا نہ. البت اندروني اهڃاڻن جي بناء تي گمان نڪري ٿو تہ هي بيت پڻ ميين شاھ عنات جوئي چيل آهي. اول تہ ميان نصير محمد بابت چيل بيت (نسرئو نصر - الخ.) جنهن ۾ ميين شاھ عنات جو نالو آهي، ان جي لاڳيتو پويان هي بيت لکيل آهي. ٻيو تہ ميون شاھ عنات وڏي مال وارو هو ۽ وٽس انن جا وڳ هئا جن ڏانهن هن بيت ۾ اشارو قرين قياس نظر اچي ٿو. اهي وڳ ڪنهن سرڪش لانگاھ قبضي ۾ ڪيا جن جي وراڻ لاءِ بيت ۾ ميان يارمحمد کي استدعا ٿيل آهي.

(1) هي بيت ن جي شروع ۾ متفرقہ بيتن ۾ لکيل آهي.
(2) هي بيت ن جي شروع ۾ متفرقہ بيتن طور لکيل آهي. اصل صورتخطي: "ترو تريلنجو". آخري مصرع ۾ [لڪ] جو اضافو. هن بيت جي جواب ۾ (بلال شاھ جي) چيل بيت جي آخري مصرع (ڄڙهي ڪيئي ڇڻ، جا هئي لڪ لانگاہ جي) جي مد نظر ڪيو ويو آهي.

عرضي جي لحاظ سان هي بيت انهيءَ دور جو آهي جڏهن ميان يارمحمد کي 'خدايار خان' جو خطاب ("خاني") مليو هو، ۽ ميان يارمحمد حملا ڪري قلات جي فوجن کي شڪستون ڏنيون هيون ("تنهنجي خانيءَ ڪاڏا ڪڳ"). اهو عرصو اندازاً 1113هہ کان پوءِ جي ستن اٺن سالن (1113 - 1120هہ) وارو هو. ٿي سگهي ٿو تہ اهو لانگاہ شاهہ نصرالدين جي ساهريجن لانگاهن واري آکهہ مان هجي.[1]، پر غالباً اهو لانگاہ ڪو بيو طاقت وارو شخص هو جنهن تي ميان يارمحمد طرفان پوءِ لشڪر ڪشي پڻ ٿي، جيئن تہ ان واقعي بعد چيل هيٺين بيت مان (جو غالباً شاهہ بلال چيو) ظاهر آهي:

تو ونگو ونگو نائيو، ڪڇ، پارڪر، پٽ
سودا سلامي ٿئا، ڍل پريندو ڍٽ
چڙهي ڪيئي چٽ، جا هئي لک لانگاہ جي[2].

تاريخي تصديق موجب يارمحمد ڪلهوڙي نئين جي نواب اعظم خان جي لشڪر سان گڏ جهوڪ جي لانگاهہ بزرگ شاهہ عنات الله صوفي تي چڙهائي ڪئي[3] جو بالاآخر شهيد ٿيو.

انهن اهجاڻن جي بناء تي چئي سگهجي ٿو تہ مين شاهہ عنات جي بيت ۾ 'لانگاہ' مان مراد شاهہ عنات صوفي آهي. نواب حاجي محمد علي خان لغاري تاجپوري (جو جهوڪ شريف جي درگاہ جو مريد آهي ۽ ان درگاہ بابت تاريخي توڙي زباني روايتن مان ڪافي واقف آهي) خبر ڪئي تہ: صوفي شاهہ عنات تي حملي جو بنيادي ڪارڻ سندس مغليہ حڪومت سان مخالفت ۽ بغاوت هو. شهادت واري واقعي کان ڪافي عرصو اڳ صوفي شهيد پنهنجن مريدن ۽ معتقدن جي گروہ کي منظم ڪري جهوڪ واري پرڳڻي تي ڄڻ هڪ آزاد حڪومت قائم ڪري ڇڏي هئي. سندس مريد، ماڻهن کان ڍل وٺندا هئا ۽ ويندي نصرپور تائين سندن تسلط هو. جيڪڏهن ڪو ڪين ڍل نہ ڏيندو هو تہ ان جو مال ضبط ڪندا هئا. اهو بالڪل قرينِ قياس آهي تہ صوفي شهيد جي فقيرن نصرپور لڳ مين شاهہ عنات جي اُنن جو وڳ هنيو هجي، جنهن ڏانهن هن بيت ۾ اشارو آهي.

جيڪڏهن هن روايت تي ڀروسو ڪجي تہ پوءِ ٿي سگهي ٿو تہ اهو بيت صوفي شاهہ عنات جي شهادت (1130هہ) کان پنج ست سال اڳ واري عرصي (1120 - 1125هہ) ۾ چيل هجي.

انهيءَ بيت کان سواءِ هيٺين وائي پڻ مين شاهہ عنات جي زندگيءَ جي انهيءَ آخري دور جي معلوم ٿئي ٿي:

عاشقن امارو، مورائين مخدوم ڏي
اهل اولادي، تنهن گهر شادي، محمد زمان پير موچارو. (4)

شيخ مخدوم محمد زمان ملتان وارن بزرگن مان اناويهون سجاده نشين هو. سندس تاريخ وفات معلوم ناهي مگر 1128هہ ۾ هو زنده هو.[5] مٿين وائي غالباً انهيءَ سال کان ڪجهہ عرصو اڳ (اٺ - ڏهہ - ٻارنهن

---

[1] شاهہ نصر الدين جي هڪ شادي ڪمال خان لانگاہ جي نياڻي بيبي سرڪني سان ٿي هئي (شجره طيبہ).
[2] ن جي شروع ۾ متفرقہ بيتن سان گڏ لکيل.
[3] صوفي شهيد جي ڪوٽ کي پهرئين گهيري وقت ميان يار محمد موجود هو جنهن جو ذڪر هن هڪ خط ۾ ڪيو آهي جو پنهنجي پٽ ميان نورمحمد ڏي لکيائين (ڏسو 'منشورالوصيت' (ضميمہ)، تحقيق سيد حسام الدين راشدي، ڇاپيل سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1964ع).
[4] سڄي وائي لاءِ ڏسو اضافا ص ص 310 - 311 .
[5] هي حوالو اسان کي مولانا نور احمد فريدي کان مليو جنهن ملتان جي بزرگن جي سلسلي ۾ گذريل پنجن سالن ۾ ٽي ڪتاب (مخدوم بهاء الدين زڪريا، شيخ صدر الدين عارف ۽ شيخ رڪن الدين بابت) شايع ڪيا آهن.

سال؟) مخدوم صاحب جي گهر ۾ (سندس پٽڻ جي) شادي بابت چيل آهي. ميين شاهہ عنات جي هڪ بيت ۾ 'غازي محمد غوث' ڏانهن پڻ اشارو آهي تہ:

غازي محمد غوث ڪي اکيين لال مٺان

محمد غوث غالباً شيخ مخدوم محمد زمان جو فرزند هو ۽ ان وقت هو جوان هو. اهي حوالا پڻ اندازاً 1115هہ کان وٺي 1128هہ واري عرصي جا معلوم ٿين ٿا.

بهرحال مٿيان بيت ۽ وائي ميين شاهہ عنات جي زندگي جي بالڪل آخري سالن جا آهن جن موجب ميين شاهہ عنات جي وفات ميان يارمحمد جي دور ۾، اندازاً سنہ 1120هہ - 1125هہ واري عرصي ۾ قرار ڏيئي سگهجي ٿي. انهيءَ لحاظ سان، وفات وقت سندس عمر اندازاً نوي سال کن هئي.

## (د) ميين شاهہ عنات جا آثار:


وفات بعد ميين شاهہ عنات کي سندس والد شاهہ نصرالدين جي پرسان شيخ موسي جي قبرستان (ٽنڊي الهيار کان 5 ميل اتر طرف، موجوده ڳوٺ پورل شاهہ لڳ) دفن ڪيو ويو. شيخ موسيٰ جو پاڙو شاهہ نصرالدين توڙي شاهہ عنات کي منظور هو: "شاهہ عنات، شاهہ نصردين، پاڙي سڀ سونهاري" (بلال شاهہ ). شاهہ نصرالدين اڳ شيخ موسي جي قبي جي ويجهو اتر طرف رکيل هو، ۽ جيئن تہ ولي شيخ موسي سان سندس عقيدت هئي انهيءَ ڪري مٿس قبو ڪونہ ناهيو ويو. ميين شاهہ عنات پڻ وفات وقت قبي کان منع ڪئي. چيائين تہ: قبو صرف نبي ڪريمؐ تي آهي ۽ اسين پاڻ تي جائز نٿا سمجهون. اسين گودڙي پوش درويش آهيون. مٿي پڇاٽان پڻ قبر تي گودڙي وجهجو. انهيءَ وصيت موجب مٿس قبو ڪونہ ناهيو ويو ۽ ڪچي صفحي سان هڪ چوڪندي اڏائي وئي، جا پوءِ سنہ 1200هہ ۾ فقير عثمان فاروقي نالي هڪ معتقد پڪي ڪرائي[1] ۽ اڄ ڏينهن تائين موجود آهي.

ميين شاهہ عنات جي قبر تي ڪجهہ وقت اڳ تائين گودڙي پيل هوندي هئي. هاڻي پڙ پيل آهي. قبر جي سيراندي کان ڪاشيءَ جي هڪ سر رکيل آهي، جنهن تي هيٺين عبارت لکيل آهي:

شاهہ عنات رضوي
اولاد امام علي موسيٰ رضا
هي جاءِ جوڙائي فقير عثمان فاروقي
تاريخ 12 ماہ ربيع الاول سنہ 1200


ميان امام بخش شاهہ عرف وڏل شاهہ سنہ 1951ع ۾ خبر ڪئي تہ: ميين شاهہ عنات جي وڏي فرزند شاهہ عبدالمعالي جي اولاد وٽ ميين شاهہ عنات جا چار ٽول محفوظ هئا: عصا، وٽو، حمائل شريف ۽ ترار. پڇا تي اسان کي معلوم ٿيو تہ معصومن وٽ جيڪي ٽول هئا سي ميان نبي بخش شاهہ (ميان پورل شاهہ جو چاچو مرحوم) وٽ محفوظ آهن. اسان انهن ٽولن جي ديدار لاءِ ميان پورل شاهہ جي ڳوٺ پهتاسون. ميان نبي بخش شاهہ ان وقت موجود ڪونہ هو، پر ميان پورل شاهہ مهرباني ڪري جيڪي ٽول رکيل هئا سي اسان کي ڏيکاريا،

[1] ميين شاهہ عنات جي قبر تي رکيل ڪتبي واري سر جي عبارت مان اهو گمان نڪري ٿو.




ميين شاهہ عنات جا آثار


پويان سڄي ڪان ڪبي: 1. پيالو جنهن تي عربي عبارتون نقش ٿيل
2. ڪلام جو قلمي نسخو 3. ميين شاهہ عنات جي دستار
(آڏو) تسبيحون ۽ ترار.



(ٽنڊي الهيار پرسان ميين شاهہ عنات رحہ جو مزار
شيخ موسيٰ جي روضي کان اتر طرف، پڪي چوڪنڊي اندر)



شاهه نصرالدين ۽ ميين شاهه عنات جي چوکنڊي



شيخ موسيٰ جو روضو

جن ۾ ميين شاهہ عنات جي دستار ۽ تسبيحون پڻ موجود هيون. انهن سان گڏ ميين شاهہ عنات جي ڪلام جو هڪ قلمي نسخو پڻ محفوظ هو. ۽ اسان انهن مڙني آثارن جو عڪس ورتو جو هت شامل آهي. اهي آثار هن وقت ميان پورل شاهہ وٽ محفوظ آهن.

## (هہ) ميين شاهہ عنات جو اولاد:

'شجره طيبہ سادات نصرپور' مطابق، سيد شاهہ عنات الله کي ٽي گهر هئا: بيبي ڏڄاڻي بنت طالب هاليپوٽو، بيبي صحت بنت اسمار هاليپوٽو، ۽ بيبي همي جا دل قوم مان هئي. بيبي ڏڄاڻي مان ٻہ فرزند ۽ هڪ نياڻي ٿي. فرزند ننڍي هوندي گذاري ويا باقي نياڻي بيبي شريف خاتون سيد محمد شاهہ رضوي جي گهر ۾ ڏنائون. بيبي صحت مان چار پٽ ۽ ٻہ نياڻون ٿيون. پٽن جا نالا هن طرح ڄاڻايل آهن: سيد ابوالمعالي، سائينڏنو، محمد شريف ۽ مصري. بيبي همي مان هڪ فرزند ۽ هڪ نياڻي ٿي. پٽ جو نالو 'سيد مصري' ڄاڻايل آهي. ظاهر آهي تہ ڪاتب کان سهو ٿي آهي جو 'مصري' نالو ٻہ دفعا لکيل آهي. ٽئين ديري يعني بيبي همي مان جو فرزند ٿيو تنهن جو نالو پير شاهہ هو جو سيڻي ۾ ننڍو هو. 'پير شاهہ' جو نالو سندس اولاد وٽ اڄ تائين تصديق سان معلوم آهي. بيبي همي مان جا نياڻي ٿي ان جو نالو غالباً بيبي رحمت هو جا سيد محمد طاهر ولد سيد جنيد جي گهر ۾ هئي[1]. ميين شاهہ عنات جي ڪلام جي قلمي نسخي ن جي شروع وارن ٻن ورقن ۾ پڻ ميين شاهہ عنات جو شجره قلمبند ٿيل هو[2] جنهن ۾ "عبدالمعالي" ۽ سائينڏنہ بعد ٽئين فرزند جو نالو 'سيد محمد' ڄاڻايل هو جو غالباً صحيح 'محمد مصري' هجي جنهن کي 'شجره طيبہ' ۾ 'مصري' ۽ ن ۾ 'محمد' لکيو ويو آهي. ٿيون شجره سيد قادر شاهہ مرحوم نصرپوري جي هٿ اکرين لکيل مليو جنهن ۾ ميين شاهہ عنات جا پنج فرزند صاف طور ابوالمعالي، سائينڏنو، محمد شريف 'سجاده نشين'، شاهہ مصري ۽ پير شاهہ لکيل آهي، ۽ ائين ئي صحيح آهي.

اڳ سڀ رضوي سادات سڏبا هئا، پر پوءِ ميين شاهہ عنات جي نالي پويان سندس اولاد "شاهہ پوٽا" سڏجڻ لڳو، ۽ اڄ ڏينهن تائين انهيءَ نالي سان مشهور آهي. ميين شاهہ عنات جي پنهنجي اولاد سان تمام گهڻي محبت هئي ۽ پنهنجن پٽن پوٽن ۽ جملي اولاد کي دلي دعائون ڪيائين ۽ سندن واسطي ولين کان دعائون پنيائين:

- عنات جي اولاد تي ڪر پالوٽيون پير (سرود ڏناسري فصل - 1 بيت [3])
- پاڙي پٽن ڪير ڪي، نظر ڪڄ سهي (سرود ڏناسري فصل - 5 بيت [9])
- وهر هوءِ وزير! ساڻ اولاد عنات جي (سرود ڏناسري فصل - 5 بيت [16])
- اٿيئي پرن پٺي، اسان ۽ اولاد جي (سرود ڏناسري فصل - 5 بيت [17])
- عنات جي اولاد جو پردو رکج پير (اضافا: وائي ص 226)
- پوٽا ائين عنات جا، ڪل نيزي نيزي پير (سرود ڏناسري فصل - 4 بيت [5])
- جيئن پاڇاڻائين پئو، تيئن عناتاڻي اڳرا (سرود ڏناسري فصل - 4 بيت [4])

بزرگ جون اهي دعائون صاب پيون، سندس اولاد جو راڄن سان رس رهيو ۽ هو سڪيا ستابا ٿيا ۽ اڄ ڏينهن تائين آسودا ۽ عزت وارا آهن. گهڻو ڪري سڀ لوڇيندڙ، محنتي، مال وارا ۽ زمينداري پيشي ۾ برڪ

---

[1] شجره طيبہ.

[2] شجره وارا اهي ورق ميان نبي بخش شاهہ مرحوم جي تقاضا تي جدا ڪري سندس حوالي ڪيا ويا.

آهن. ميين شاهہ عنات جي وفات بعد پنجاه سٺ سالن تائين هو يڪمشت ۽ يڪجاءِ مقيم رهيا. مير علي شير قانع جنهن سنہ 1182هہ ڌاري تحفة الڪرام تاليف ڪيو سو لکي ٿو تہ ميين شاهہ عنات الله جو اولاد 'ديهہ لکمير' ۾ رهي ٿو، يعني تہ ان وقت ڌاري سڄو خاندان يڪجاءِ شاهپور ۾ مقيم هو جا ديهہ لکمير ۾ آهي. البت نا اتفاقي اهڙو مرض آهي جو محبت کي ميساري ڇڏي. پٽن بعد جڏهن پوٽن کي پڻ اولاد ٿيو تہ منجهن رسامو شروع ٿيو، ۽ يوسف نالي هڪ معتقد مريد پنهنجي بيت ۾ استدعا طور چيو تہ: "ڪرهو پلائي پال، پير پرچو پاڻ ۾"[1]. اهي ابتدائي رساما پوءِ وڌي وڻ ٿيا، ۽ 'شاهہ پوٽا' شاخون شاخون ٿي جدا جدا جاين تي وڃي آباد ٿيا. رسامن ۾ 'شاهہ پوٽا' اڄ تائين پنهنجو مٽ پاڻ آهن.

ميين شاهہ عنات جي پنجن فرزندن - عبدالمعالي، سائينڏني، محمد شريف، مصري شاهہ ۽ پير شاهہ - کي اولاد ٿيو[2]، جن مان سواءِ سيد سائينڏني ۽ مصري شاهہ جي، جن جي پيڙهي ختم ٿي چڪي آهي، باقي ٽن پائرن جو اولاد هن وقت تائين موجود آهي.

**معالياڻي:** سيد عبدالمعالي (يا ابوالمعالي) ميين شاهہ عنات جو وڏو فرزند هو ۽ درويش هو، جو چوندا هئا تہ: 'عبدالمعالي جنهن جو لفظ نہ خالي'، البت هو مستانو هو انهيءَ ڪري ميين شاهہ عنات جو جانشين ڪونہ ٿيو پر ميين شاهہ عنات جا فاقيرا ٿول- دستار، وٽو، تلوار، منديِ، تسبيحون وغيره وسلا وٽس ۽ ڪانئس پوءِ سندس اولاد وٽ تبرڪ طور محفوظ رهيا. عبدالمعالي جو اولاد معالياڻي سڏجي ٿو. سندس هڪ پٽ سولنگين مان شادي ڪئي جنهن تي ميين شاهہ عنات دعا طور چيو تہ، "سدا سک وسن، سيڻ اسان جا سولنگي." اهي سولنگي نوشهري فيروز جي پاسي جا هئا. عبدالمعالي چيو تہ: اسين هت وينا آهيون، باقي هي پلي وڃي نوشهري ويهن. سندس انهيءَ فرزند جو اولاد پوءِ نوشهري فيروز ۾ وڃي هميشہ لاءِ مقيم ٿيو. انهيءَ پيڙهيءَ مان خدا ڏنو شاهہ نسبتاً پوئين دور ۾ ڪجهہ عرصي لاءِ "مائين" (لڳ ڏگهڙي) اچي رهيو پر موٽي نوشهري فيروز ويو ۽ اتي ئي وفات ڪيائين. قربان علي شاهہ ۽ جاني شاهہ وارا جي هن وقت نوشهري فيروز ۾ مقيم آهن سي 'معالياڻين' جي هڪ شاخ آهن. عبدالمعالي جو فرزند پاون شاهہ، هڪ درويش هو جو ساگري جي ڪنڌي تي 'شاهپور' ۾ مقيم رهيو ۽ اتي ئي وفات ڪيائين. عبدالمعالي جي ٻئي فرزند عزت شاهہ جو پوٽو جاني شاهہ (بن آيل شاهہ) بہ هڪ درويش هو ۽ 'جاني شاهہ جو مقام' جو ميرپورخاص کان چار ميل کن ڏکڻ طرف پڪي رستي لڳ آهي، سندس نالي پويان سڏجي ٿو.

**بلالاڻي:** ميين شاهہ عنات جو فرزند سيد محمد شريف هڪ اعليٰ شاعر ۽ درويش هو، ۽ انهيءَ لحاظ سان هو پنهنجي والد جو صحيح معنيٰ ۾ جاءِ نشين ٿيو. شاعريءَ جو ورثو پڻ سندس اولاد ۾ باقي رهيو ۽ سندس اولاد پٽ بلال شاهہ توڙي پوٽو قطب شاهہ (بن بلال شاهہ) وڏا شاعر ٿيا ۽ پڻ هن شاخ مان هوندل شاهہ ۽ اميد علي شاهہ شاعر هئا. شاهہ شريف جو اولاد سندس پٽ بلال شاهہ جي نالي پويان 'بلالاڻي' سڏجڻ لڳو، جن مان هينيون شاخون هن وقت موجود آهن: فتح محمد شاهہ ۽ ماڪن شاهہ وارا جن جا وڏا پهريائين 'سنهڙي' تي ڳوٺ لاکي شاهہ (تعلقو ميرپور) مان لڏي وڃي ' مائين' (ڏگهڙي کان بہ ميل ڏکڻ) ۾ وينا ۽ ويندي امير شاهہ تائين اُتي ئي رهيا. ان بعد فتح محمد شاهہ ۽ ماڪن شاهہ لڏي وڃي خيرپور گنبي پراڙي (تعلقو ٽنڊو باگو) ۾

---

(1) سرود ڌناسري، فصل - 5 بيت [ب/14]

(2) ڏسو شجره نمبر - 4

مقيم ٿيا. جتي ماڪن شاهه جو پٽ جڙيو شاهه هن وقت مقيم آهي. ان بعد فتح محمد شاهه لڏي اچي پراڻ لڳ ديهه 175 (دونهائو) تعلقي ڏگهڙي (لڳ اسٽيشن ڪاڇيلا) ۾ پنهنجو ڳوٺ ٻڌو ۽ هن وقت پڻ اتي ئي مقيم آهي[1]. (2) مرحوم نبي بخش شاهه ۽ پورل شاهه وارا جي شيخ موسي (تعلقو ٽنڊوالهيار) لڳ رهيا ۽ هن وقت پڻ پورل شاهه اتي سندس ٻڌايل پنهنجي ڳوٺ ۾ رهي ٿو. (3) جلال شاهه وارا جي موهر ۾ ڳوٺ غلام نبي شاهه رهن ٿا. (4) علي محمد شاهه ۽ ٻچل شاهه وارا جي ميرپورخاص کان پنج ڇهه ميل ڏکڻ اوڀر طرف پراڻ جي ڪپ تي (ٻچل شاهه جي والد جي ٻڌايل) 'ڳوٺ علي حسن شاهه' ۾ رهن ٿا.

پير شاهه پوٽا: ميين شاهه عنات جو سندس ننڍي پٽ 'پير شاهه' تي ڪافي پيار هو. ۽ سندس باري ۾ هڪ پيري چيائين ته: 'پيا سپ مير وزير، پيرل، منهنجو پاتشاه'. پير شاهه کي جهجهو اولاد ٿيو. جن مان هيٺيون شاخون هن وقت موجود آهن: (1) مرحوم حاجي پير شاهه جي ميرپورخاص کان 4 ميل ڏکڻ سنهڙي لڳ مجري واه تي وينل هو. جتي 1952ع ۾ ۽ هڪ دفعو ان بعد اسان جون ساڻس ملاقاتون ۽ ڪچهريون ٿيون. ڇهه ست سال ڪن ٿيا جو لڏي وڃي 'ديهه هيدي' (تعلقي عمرڪوٽ ۾) ۾ هاڪڙي ڍوري جي ڪنڌي تي پنهنجي زمين تي ويٺو. سندس پٽ علي اڪبر شاهه ۽ علي انور شاهه هن وقت اتي ئي رهن ٿا. حاجي پير شاهه گهوڙن جو مشهور سوار هو ۽ پير شاهه پوٽن مان هن پوئين دور ۾ هڪ چڱو شاعر ٿي گذريو. (2) امام بخش شاهه عرف وڏل شاهه ، شجاع محمد شاهه ۽ حاجي قائم محمد شاهه وارا جي سندن والد جي ٻڌايل ڳوٺ غلام حيدر شاهه (ڍورو پراڻ، تعلقو ميرپورخاص) ۾ آباد آهن. (3) بخش علي شاهه وارا جي اصلي ڳوٺ سنهڙي (ميرپورخاص کان 4 ميل ڏکڻ طرف) ۾ ساڪن آهن. (4) محمد علي شاهه ۽ عباس علي شاهه وارا جي جهڏي کان ڇهه ست ميل اوڀر طرف روشن آباد (روشن علي شاهه جو ٻڌايل) ۾ رهن ٿا. (5) جيئندل شاهه ۽ جمن شاهه وارا جي تلهار کان چار ميل اولهه طرف 'ٻني' تي وينل هئا ۽ هينئر جهڏي ۾ رهن ٿا.

## (و) شاهه عنات جي اولاد مان شاعر:

ميين شاهه عنات جو فرزند سيد محمد شريف، ان جو پٽ بلال شاهه ۽ ان جو پٽ قطب شاهه - ٽيئي پنهنجي وقت جا درويش ۽ نامور شاعر هئا. انهن کان سواءِ هوندل شاهه ۽ اميد علي شاهه ٻئي چڱا شاعر ٿيا. پوئين دور ۾ غلام حيدر شاهه ، عباس علي شاهه ۽ حاجي پير شاهه ۽ ٻين پڻ مداحون، مولود ۽ ڪافيون چيون.

سيد محمد شريف عرف شاهه شريف: پنهنجي والد ميين شاهه عنات جي صحبت ۽ تربيت سان گڏ چڻ ڪيس درويشي ۽ شاعري ورثي ۾ ملي. اندازاً 1050هه بعد ڄائو ۽ 1115هه ڌاري غالباً ميين شاهه عنات جي حياتيءَ ۾ وفات ڪيائين. سندس ڪلام مان 82 بيت ۽ 1 وائي هن جلد ۾ شامل آهن. سندس بيت ميين شاهه عنات جي بيتن جي پران ۽ ساڳئي رنگ ۾ چيل آهن، جن مان ظاهر آهي ته ميين شاهه عنات ۽ شاهه شريف جي هڪبئي سان بيتن ۾ رس رهاڻ ٿي. شاهه شريف جي بيتن مان سندس نهٺائي، دل ۽ زبان جي صفائي ۽ فڪر جي گهرائي واريون وصفون نمايان طور نظر اچن ٿيون. شاهه شريف حقيقي معنيٰ ۾ ميين شاهه عنات جو همعصر ۽ هم صحبت شاعر هو.

بلال شاهه: سيد محمد شريف جو پٽ ۽ ميين شاهه عنات جو پوٽو. اندازاً 1075هه بعد ڄائو ۽ ميان نورمحمد جي دور ۾ وفات ڪيائين. پنهنجي ڏاڏي ۽ پنهنجي والد جي صحبت ۾ سندس تربيت ٿي. ۽ هو پڻ

[1] تازو خبر ملي ته فتح محمد شاهه چار پنج مهينا ٿيا جو گذاري ويو.

هڪ اعليٰ شاعر ساماڻو. سندس ڪلام مان 63 بيت ۽ 1 وائي هن جلد ۾ شامل آهن. سندس اڪثر بيت ميين شاهہ عنات ۽ شاهہ شريف جي بيتن پران ۽ ساڳئي رنگ ۾ رڃيل آهن، جن مان ظاهر آهي تہ ميين شاهہ عنات جي پيري واري دور ۾ جڏهن شاهہ شريف پڻ حيات هو تڏهن پيءُ، پٽ ۽ پوٽي جون هڪجهڙي سان بيتن ۾ رس رهاڻيون ٿيون. ۽ انهن ڪجهرين سببان سندن بيت زبان زد عام ٿيا. بلال شاهہ جي ٻولي ۾ عام مقبول محاورن ۽ دلنشين اصطلاحن جو عڪس نمايان آهي، ۽ ڪنهن حد تائين بيان جي قوت ۽ فصاحت ۾ هو پنهنجو مٽ پاڻ آهي.

هن جلد ۾ شامل ڪلام ڪان سواءِ بلال شاهہ جا هينيان ٻہ بيت تاريخي اهميت رکن ٿا ۽ پڻ بلال شاهہ جي حياتيءَ جي پوئين دور تي روشني وجهن ٿا. ميين شاهہ عنات جي زندگيءَ جي آخري دور تي روشني وجهندي اسان مٿي (ص 61) سندس بيت جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن ۾ هن ميان يارمحمد ڪلهوڙي کي اُنن جي وڳ ورائڻ ۽ 'لانگاهہ' کي آڻ مڃائڻ بابت استدعا ڪئي هئي تہ:

تون طرو طريلن جو، تنهنجي خانيءَ ڪاڏا ڪڳ
يار محمد يار خدا جي، وهلا وارج وڳ
هي جا ڏڳي کي آهي نڳ، سا وڃي لاهي آءُ لڪ لانگاهہ جي.

تاريخ مان ثابت آهي تہ جهرڪ جي بزرگ 'شاهہ عنات صوفي لانگاهہ' تي ٺٽي جي نواب جي لشڪر حملو ڪيو ۽ ميان يارمحمد ڪلهوڙي بہ لشڪر پڻ نواب جي فوج جي مدد لاءِ چڙهي آيل هو. ۽ بالآخر صوفي شاهہ عنات کي 15 صفر سنہ 1130 تي شهيد ڪيو ويو. جيڪڏهن ميين شاهہ عنات واري بيت ۾ 'لانگاهہ' مان مراد صوفي شاهہ عنات هجي، تہ پوءِ بلال شاهہ جي هينين بيت جي آخري سٽ مان پڻ صوفي شاهہ عنات خلاف ميان يارمحمد جي لشڪر جي چڙهائي ۽ صوفي صاحب جي شڪست ۽ شهادت جو گمان نڪري ٿو:

تو ونگو ونگو نائيو، ڪيچ، پارڪر، پٽ[1]
سوڍا سلامي ٿئا، ڍل پرينندو ڏٽ
چڙهي ڪيئي چٽ، جا هئي لڪ لانگاهہ جي[2].

پهرين ٻن سٽن ۾ آئنده جي ڪاميابين لاءِ دعا آهي تہ: جاڻ تہ تو ونگو، ڪيچ ۽ پارڪر نمائيا ۽ جاڻ تہ سوڍا سلامي ٿيا. ٽئين سٽ ۾ صوفي شاهہ عنات ڏانهن اشاري واري گمان موجب، بلال شاهہ هي بيت يقيني طور صفر – 1130هہ بعد ئي چيو هوندو.

11 – ذوالقعد سنہ 1131هہ/1719ع تي ميان يارمحمد وفات ڪئي ۽ ميان نور محمد 11 محرم سنہ 1132هہ ۾ گاديءَ تي ويٺو. ميين شاهہ عنات، ميان نصيرمحمد جي حق ۾ دعا جو بيت چيو هو ۽ پڻ ميان يارمحمد کي همتايو هو تہ "تنهنجي خانيءَ ڪاڏا ڪڳ". انهيءَ لحاظ سان بلال شاهہ وري ميان نورمحمد کي دعا ڪئي. ميان نورمحمد کي قلات جي حاڪم عبدالله خان تي فتح حاصل ٿي، عبدالله خان مارجي ويو ۽ 1145هہ ڌاري سنڌ خلاف قلات جون ڪارروايون ختم ٿي ويون. رمضان 1152هہ ۾ نادر شاهہ سنڌ تي ڪاهيو ۽ ميان نورمحمد جو ستارو غروب ٿيڻ وارو هو، پر صلح ٿيو ۽ نادر شاهہ پوئتي موٽي ويو. غالباً انهيءَ موقعي تي بلال شاهہ ، ميان نور محمد لاءِ دعا جو بيت چيو تہ:

---

[1] اصل. 'ڪيچ پارڪر ٿر'.
[2] ن جي شروع ۾ متفرقہ بيتن سان گڏ لکيل آهي.

بروهنئـــان بـــس ٿـــي، پٺـــو پـــانهون پنـــاڻ
اســـانهجي دعـــا جـــو، آهـــي ايءُ اُهجـــاڻ
ميـــان نـــور محمـــد تـــي، آگـــو مهربـــان
تنهن جو مشڪل سڀ آسان، برڪت ساڻ بلال چئي.

نادرشاهہ ذوالقعد 1152هہ ۾ سنڌ مان روانو ٿيو ۽ بلال شاهہ جو هيءُ بيت پڻ انهيءَ موقعي جو آهي. بلال شاهہ جي عمر ان وقت 65 سال کن هئي ۽ شايد هن 1160هہ کان اڳ وفات ڪئي. بلال شاهہ جي حياتي واري دور مان اندازو ٿئي ٿو تہ بلال شاهہ ۽ شاهہ عبداللطيف همعصر هئا. جيتوڻيڪ بلال شاهہ عمر ۾ قدري وڏو هو.

**قطب شاهہ:** هو بلال شاهہ جو پٽ ۽ ميين شاهہ عنات جو پڙپوٽو هو. اندازاً 1130هہ ڌاري ڄائو ۽ سندس والد بلال شاهہ جي صحبت ۽ تربيت سان گڏ شاعري پڻ کيس ورثي ۾ ملي. سندس بيت ميين شاهہ عنات، شاهہ شريف ۽ بلال شاهہ جي پيران ۽ ساڳئي رنگ ۾ چيل آهن. سندس ٻولي زياده عام فهم آهي. هن جلد ۾ قطب شاهہ جا 150 بيت شامل آهن.

وڏن جي روايت جي برعڪس، قطب شاهہ ڪلهوڙن جو مخالف ۽ ٽالپورن جو طرفدار ۽ حامي هو. انهيءَ جو سبب هيءُ هو جو چون ٿا تہ ڪلهوڙن طرفان ڪو حڪم ٿيو جو انصاف جي خلاف هو. ڪا بلوچاڻي مائي، جنهن کي قطب شاهہ پيڻ ڪري سڏيو هو، کيس ميڙ ڪري ڪلهوڙي حاڪم وٽ وٺي وئي. ان دربار ۾ ڪلهوڙي چار امير - ليکي، پٽافي، سُهري ۽ جهنجهڻ - وينا هئا. جن کي ڪلهوڙي حاڪم چيو تہ: شاهہ عنات جو پوٽو هلي آيو آهي، اوهين ڇا ٿا چئو؟ جواب ڏنائون تہ: سندس ڏاڏو اوهان کي دعا ڪري ويو آهي تہ، ”جانسين ندي نيرَ، تانسين طبل تانهجو“. هاڻي پوٽو ڏاڏي جي ڪلام کي ڪهڙو ڦيريندو! اهو ٻڌي ڪلهوڙي قطب شاهہ کي مان نہ ڏنو. جنهن تي چيائين تہ:

نڪـي طبـل تـانهجو، نڪـي نـدي نيـر
ڪلهوڙي جو ڪيـر، پٽيوسين پاتـار مـان.

ائين چئي قطب شاهہ اٿي ڪڙو ٿيو. مائي کي نااُميد ٿيندو ڏسي تسلي ڏنائين تہ اسان جي توڪل ڌڻي تي آهي:

الله حســبي، ڪلهــوڙي کـــان کســبي
تـالپر کـي ڏسـبي، تنهـان پـوءِ پسـبي.

ڪلهوڙن جي صلاحڪارن جي باري ۾ چيائين تہ:
ڪاهہ لڳئـي باهـہ، لـِـيڪي ليکـي متـان لاهـہ
پٽـــــافي ڪـــــٽ ڪـــــر راهــــــــہ
جس نہ ملي جهنجهڻ کي، جنهن جي جي ڳالهہ نہ کيو ناهہ[1]
شـاهي تنهنجـي شـاهہ ! ڪـاري تـي قطب چئي.

چون ٿا تہ الله بخش شاهہ جهنجهڻ، ميرن جي فتح بعد بغاوت ڪئي ۽ ٿرپارڪر طرف 'پوريلي' (تعلقو ڇاڇرو) جي نڪرُن مان ماڻهو ساڻ ڪري ڪڇ طرف نڪري ٿي ويو. جو ٽالپُورن جي سردارن ٽاجي خان نون ۽

[1] ن ۾ نقط 1، 2، ۽ 4 سٽ آهي. هن سٽ جو اضافو عام رائج روايتن جي بناء تي ڪيو ويو آهي.

فتح خان رند سان سندس مقابلو ٿيو. جنهن ۾ الله بخش مارجي ويو، ۽ ڪيس چيلهار لڳ دفن ڪيائون، جتي 'شاهہ جو مقام' موجود آهي.

سهري جي باري ۾ قطب شاهہ چيو تہ:

جني ساڻ سهري، سي لنگهيا ڪڇ واري ڪُهري
سـهري اُتهين پيو اُهري. (1)

ي پنهنجا ماڻهو ساڻ ڪري سنڌ مان پڇي نڪتو ۽ وڃي ڪڇ ۾ ٻـَني واري اراضي ۾ ويٺو، جتي سندس پويان هن پوئين دور تائين رهندا هئا.

چون ٿا تہ قطب شاهہ بلوچن جي فتح جي واڌائي هينين بيت ۾ ڏني هئي تہ:

گهگهيريون گامن ۾، پڙيريون پٽ
ٻولي ٻروچن جي، ڪونہ سچندو چٽ
رڱي راڻوڙن جي، اُجا پـُري ڪندا پٽ
ڏول ورندي ڏٽ، ڪاهيندا قطب چئي (2).

پوين ٻن سٽن ۾ ٿرپارڪر واري پاڱي تي ٽالپورن جي فتح ڏانهن اشارو آهي: عمرڪوٽ تي جوڌپور جي راجا جو قبضو هو، پر سگهوئي ٽالپورن اهو قلعو فتح ڪيو.

زباني روايتن ذريعي اسان کي قطب شاهہ جو هيٺيون بيت مليو، جنهن جي پهرين سٽ ساڳي مٿئين بيت واري آهي، پر غالباً هي بيت جدا سر سارنگ مان چيل آهي ۽ نهايت دلپذير آهي:

گهگهيليون گامن جون، پرهيڙيون پٽ
ڏول م وڄ ڏٽ، ڪارڻ لڳ، قطب چئي.

مٿين بيتن جي ٽاڻن ۽ اهڃاڻن مان ظاهر آهي تہ قطب شاهہ ، ڪلهوڙن جي حڪومت جي خاتمي ۽ ٽالپورن جي فتح (1184هہ/1770ع) بعد پڻ زنده هو.

**اُميد علي شاهہ:** اُميد علي شاهہ ، قطب شاهہ جو پٽ هو، جنهن ميين شاهہ عنات جو ڪلام شاهہ شريف، بلال شاهہ ۽ پنهنجي والد قطب شاهہ جي بيتن سميت سانوڻ فقير مڱڻهار جي زباني، مير غلام علي خان واري دور ۾ گڏ ڪرايو، جنهن جو ذڪر مٿي (ص ص 9 - 6) اچي چڪو آهي. اُميد علي شاهہ پڻ شاعر هو. ۽ سندس چار بيت اسان تائين پهتا آهن، جن مان ٽي مير غلام علي خان کي دعا طور چيل آهن (ص 7) ۽ هڪ بيت سرود ڏناسري (فصل - 5، [ب/2]) ۾ شامل آهي.

**هوندل شاهہ:** نسخہ ن جي شروع ۾ ڏنل شجري ۾ سندس نالو 'هوندن شاهہ' ڇاپيل آهي، پر بيتن ۾ 'هوندل شاهہ' آهي. هوندل شاهہ (پٽ سيد محمد يوسف پٽ بلال شاهہ) اُميد علي شاهہ جو سوٽ هو. سندس ٻہ بيت سرود ڏناسري (فصل - 5 [ب/2] ۽ [ج/11] ) ۾ شامل آهن. غالباً هن گهڻا بيت چيا جي اسان تائين نہ پهتا آهن، جيئن تہ زباني روايتن ذريعي اسان کي سندس هڪ ٻيو بيت پڻ مليو جو هيءُ آهي:

[هادي!] هوندل شاهہ چئي، تلڙ پون م َتول
آتڻ ٿئي م َاُڪول، ويچاريءَ جو وڃ تي.


---

(1) ن جي [illegible]ع ۾ متفرقہ بيتن سان گڏ لکيل.
(2) ايضاً ٻي سٽ جي پڙهڻي 'پـِري'.

## شجره — ۴

## ميين شاه عنات جو اولاد

شاه عنايت الله
(عرف ميون شاه عنات)



28. ٽيس حسيني آل ۽ اولاد ڪان زين العبا
پارنهن امامن پشت منهنجي جا لکيل ظاهر صفا
رضوي لقب منهنجو ٿيو خونچ علي موسيٰ رضا
ستين پيڙهي پوٽو آهيان جو عنات جو بحر.

29. سؤ سوالي تو اڳيان، سردار ڪر ڪا سروري
روز محشر مصطفيٰ نام خدا ڪر بنگري
مون مدي مسڪين کي ڏي تون دلاسو دلبري
لڳ الله، پاسي ڪجان سختي اتي پاٽي پگھر.

30. سؤ صلواتن جا چوان تنهنجي مٿان سهسين سلام
مرسل مداحي جي اٿيئي پارت چوي حيدر غلام
آبرو ڏي احمدا، عزت گهران هت هُت مدام
قلب مان ڪلمون پڙهان تحليل جو ظاهر ذڪر.

لا الــه الا لله محمد رسول الله.

عباس علي شاهہ: (بن امام بخش شاهہ) غلام حيدر شاهہ جو پاءُ هو. سندس ڇيل ڪافيون محفوظ آهن، مثلاً:

ننگ نرمل تون نيائج، آءٌ تہ آهيان عيبدار

1. قالو نيندو قول سين، پريم ڪري تنهنجي پچار.
عبد ٽيئڙس عهد ڪان، نرمل اوهان جو نامدار

2. بانهپ سندي بولي بڌي آيس هلي هادي هتي
ڪانہ ڪيڙم ڪار تنهنجي ٽيس غافل گنهگار

3. عيب مون ڏي لک هزارين، ٿيون بديون بيحد شمار
قال کهڙي آءٌ ڪريان، سڀ سمجهي تو سائين ستار

4. لا تقنطوا پروسو مونکي مليو محمد ميان
عاشق اجهو اڙين سندو 'عباس علي' کي ڏي آذار

حاجي پير شاهہ: (بن مهر شاهہ ) غلام حيدر شاهہ ۽ عباس علي شاهہ جو سوٽ هو ۽ پنج چار سال ٿيا جو وفات ڪيائين. پنهنجي ڪلام ۾، نالي ڪان سواءِ پنهنجو تخلص 'ڪوثر' پڻ آندو اٿس. حاجي پير شاهہ مداحون، مولود ۽ ڪافيون چيون جن جو هڪ مجموعو "مدحيات سرور ڪائنات بمع مولودات و ڪافيات" جي عنوان سان، مير غلام محمد خان ٽالپور جاگيردار ٽنڊي باگي جي سعيي سان، مسافر پريس حيدرآباد مان سنہ 1334هہ/1916ع ۾ شايع ٿيو. ڪتاب جو ديباچو خود مرحوم مير غلام محمد خان ٽالپور جو لکيل آهي. جنهن ۾ چاٿايل آهي تہ هن ڪتاب ڪان سواءِ "ٻيا ڪيترا سندن ڪتاب نعت گوئي ۾ موجود آهن جي انشاء الله الرحمان هن ڪان پوءِ ڇپايا ويندا. انهن مان هڪ "ديوان ڪوثر" ۽ ٻيو "مناقب مرتضوي" جو عنقريب تيار ٿي نڪرڻو آهي."

هن ڇپيل مجموعي ۾ جملي 55 مولود، 1 معجزو، 12 مداحون، ۽ 21 ڪافيون آهن، جن مان نمُوني طور ڪافيون هيٺ ڏجن ٿيون:

ساهہ سجڻ سڪي تو ري تو ري
آءٌ عجيب تون اوري اوري

1. اڄ اڱڻ تون عجيبا منهنجي
ماهہ مٿو ڏيان ڪوري ڪوري

2. پرين نٿو هڪ ساعت سهان
عشق اهنجو اڄو چوري چوري

3. دانهن درد جي دم دم دلبر
ڏيهہ تو لئي بينس ڏوري ڏوري

4. 'پير شاهہ' پينار اوهان جو
هڏ لحم ڪري گهوري گهوري

پنهنجن مريدن ۽ معتقدن ساڻ سندس برتاءُ بي تڪلفي بلڪ دوستيءَ وارو هو. پنهنجي مرشد شاهہ خيرالدين سان سندس دلي عقيدت هئي، وڏن جي مرشدن (ملتان جي صاحبن) لاءِ کيس عزت هئي، ۽ پڻ ٻين درويشن سان کيس محبت هئي، محض وڏن ولين سان پنهنجي ارادت مخصوص ڪانہ ڪيائين، بلڪ حسب نسب جي فرق کان سواءِ سنڌ جي هر فقير ۽ درويش جو احترام ڪيائين، جوڳين ۽ سامين سان پڻ صحبتون ڪيائين، ۽ سندن حال ۽ قال توڙي سندن تڪين ۽ تيرٿن بابت ڄاڻ حاصل ڪيائين. کيس ٻالي جي هر پير فقير سان عقيدت ڪانہ هئي، بلڪ نيڪن ۽ موحدن جي طلب ۽ تانگهہ هئي، جن وٽان کيس هدايت ۽ حقيقت حاصل ٿي: "اٿر اسانهين ٿئو، منجهان موحدن"[1]. هو توحيد جو طالب هو ۽ توحيد ئي سندس مول مقصد هو: "توڪان مڱان تون آهيين، ٻئو در ڪونہ سڃاڻان"[2].

شاهہ ڪريم وفات ڪئي (1030هہ) تہ ميون شاهہ عنات ڄائو، ۽ ميين شاهہ عنات وفات ڪئي (1120 - 1125هہ) تہ ڀٽائي صاحب جوان ٿيو. سنڌي شاعري جي ارتقاء جي سلسلي ۾، ميون شاهہ عنات ڄڻ شاهہ ڪريم ۽ ڀٽائي صاحب جي وچ واري عرصي ۾ تقاضا پوري ڪرڻ لاءِ پيدا ٿيو ۽ سنڌي شاعري جي مقدار توڙي اقدار جي لحاظ سان هو انهيءَ وچ واري دور جو نامور اڳواڻ ۽ علمبردار شاعر هو.

مقدار جي لحاظ سان، ميين شاهہ عنات کان اڳ سنڌي شاعري جو سرمايو البت محدود هو. قاضي قادن ۽ شاهہ ڪريم پنهنجي دور جا وڏا شاعر شمار ڪري سگهجن ٿا، مگر قاضي قادن جا فقط 7 بيت محفوظ رهيا آهن، ميين شاهہ ڪريم جي ملفوظات (بيان العارفين) سربستي موجود آهي پر ان ۾ سندس عملي 93 بيت شامل آهن. ان بعد ميون شاهہ عنات پهريون سنڌي شاعر آهي جنهن جا 469 بيت ۽ 42 وايون سرودن وار ۽ ٻيا وڌيڪ موقعي وار بيت اسان تائين پهتا آهن.

**ڪلام جي عام مقبوليت:** ميين شاهہ عنات جو ڪلام سندس زندگي ۾ قلمبند ڪونہ ٿيو، بلڪ سندس وفات کان سؤ کن سال پوءِ سندس ڙٽپوٽي اُميد علي شاهہ بن قطب شاهہ جي ڪوشش سان پهريون پيرو سهيڙيو ويو. انهيءَ وڏيءَ وٿيءَ سببان ڪافي ڪلام ضايع ٿي ويو، جيئن تہ خود اُميد علي شاهہ واري نسخي (ن) ۾ بيان ڪيل آهي تہ ميين شاهہ عنات توڙي سندس پٽ ۽ پوٽي جا "چيل بيت ڪي گهڻا هئا، ۽ جماعت مان جن فقيرن کي جيڪي ياد هئا تن مان پڻ گهڻا پراهين پنڌ سببان (قلمبند ٿي نہ سگهيا ۽) ضايع ٿي ويا. باقي جيڪي زبدة الاقران سانوڻ فقير مگڻهار کي ياد هئا" سي ميان اُميد علي شاهہ جمع ڪرايا. هڪ سو سالن گذرڻ بعد بہ فقط هڪڙي ئي راوي سانوڻ فقير کي بيتن جو ايترو ذخيرو ياد هجڻ ميين شاهہ عنات جي ڪلام جي عام مقبوليت جي ساک ڀري ٿو. سندس وفات کان اندازاً سٺ سال کن پوءِ سنہ 1182هہ ۾ مير علي شير قانع تحفة الڪرام لکي پورو ڪيو، جنهن ۾ ميين شاهہ عنات بابت لکي ٿو تہ "سنڌي زبان جو ڪامل شاعر (ٿي گذريو) آهي، ۽ سندس بيت معرفت جي صاحبن جي زبان جو ورد آهن ۽ يقين جي حقيقتن کان واقف ڪندڙ آهن"[3]. حقيقت ۾ ميين شاهہ عنات جو ڪلام عالمن توڙي عوام ۾ مقبول پيو ۽ نہ صرف اڳاٽي راوي سانوڻ فقير کي ياد هو پر اُن بعد پڻ صدري روايتن ذريعي ان جو ذوق عام رهيو ۽ ويندي هن موجوده دور تائين سنڌ جي سگهڙن وٽ ان جي ريجهہ رهاڻ باقي آهي.

---

[1] ڏناسري، فصل - 2، وائي - 3.

[2] پربات، فصل - 2، وائي - 1.

[3] "شاعر ڪامل سندي زبانست چنانچہ اشعارش ورد زبان ارباب عرفان مشعر حقائق ايقان مي باشد" (تحفة الڪرام جلد ٽيون، برٽس ميوزيم ۽ انڊيا آفيس لئبرري جي قلمي نسخن جي پيٽل عبارت موجب. دهلي جي ڇاپي ص 157 ۾ هيءَ عبارت، وچ ۾ آيل هڪ جملي معترضہ سببان، مبهم پئي لڳي).

● ميان امام بخش شاهہ (عمر 70 ورهيہ) خبر ڪئي تہ: ڀيو ڪوڪر ويٺل "هرپار ڪوڪرن جي" (تعلقو مٺي، ضلعو ٿرپارڪر) اسان ننڍي هوندي ڏٺو هو ۽ ان وقت هو پيرسن هو. ڪيس ميين شاهہ عنات جا گهڻا بيت ياد هئا ۽ چوندو هو تہ هي بيت مون کان ڪوبہ لکي يا سکي ڪونہ ٿو ۽ ضايع ٿي ويندا. اهڙيءَ طرح زماني جي لٽ پوڻ سببان ميين شاهہ عنات جو ڪافي ڪلام ضايع ٿيو. مگر ان جي عام مقبوليت سببان ذوق وارن ڪي ڪي نہ ڪي بيت ياد رهيا ۽ ويندي هن وقت تائين ڪن سڄاڻ سگهڙن کي ياد آهن. هن جلد لاءِ ڪلام سهيڙڻ وقت پڻ اسان کي عام ڪچهرين ۾ ڪم از ڪم چوڏهن شخصن[1] کان سڄا سارا 47 نوان بيت هٿ آيا [2]، جي قلمي نسخن ۾ بين لکيتن ۾ ڪين هئا.

عام قصن کي ڳائڻ: ميين شاهہ عنات کان اڳ مضمون ۽ معنيٰ جي لحاظ سان سنڌي شاعر ٻن گروهن ۾ ورهايل هئا: هڪڙا چارڻ، ڀٽ، ڀان ۽ سگهڙ جن عوامي قصن ۽ داستانن، واقعن ۽ جنگين کي ڳائي عوام کي پيئي وندرايو، ۽ ٻيا عالم، سالڪ، صوفي ۽ درويش جن توحيد ۽ طريقت، دين ۽ اخلاقيات جي بلند نظرين جي تبليغ خاطر شاعري پيئي ڪئي. ميون شاهہ عنات پهريون ممتاز شاعر آهي، جنهن جيءَ ڪلام ۾ هن ٻہ - درياهي جو پورو سنگم نظر اچي ٿو. ميين شاهہ عنات کان اڳ ڪن ٿورن بالغ نظر شاعرن توحيد ۽ طريقت جي تبليغ لاءِ عوامي عنوانن کي استعمال ڪرڻ شروع ڪيو، مگر اها محض شروعات هئي، مثلاً: سيد ميين علي شيرازي، ميين شاهہ ڪريم ۽ ٻين جي بيتن ۾ اسان کي سنڌ جي عام قصن ۽ داستانن، مثلاً: مورڙيي ۽ مڇ، سسئي پنهون، عمر مارئي، ليلان ۽ چنيسر، مومل ۽ راڻي، سهڻي ۽ ميهار، ڪاهوڙين ۽ سپڙ چام جا اُهڃاڻ ملن ٿا. ميون شاهہ عنات پهريون شاعر آهي جنهن پنهنجي ڪلام ۾ انهن قصن سان گڏ سنڌ جي ٻين عام مشهور داستانن مثلاً: راءِ ڏياچ ۽ مگڻي، نوري ۽ تماچي، ڪاري ڪيڙائن، جوڳين، سامين ۽ پوربين، آتڻ ۽ ڪاپاتين، لاکي ۽ ريباڙين، ابڙي ۽ سامن، جکري، ۽ ڪرن جهڙن سخي مردن کي دل کولي ڳايو. ميين شاهہ عنات سنڌي شاعري کي انهن عنوانن ۾ سموهي نہ فقط هڪ نئون ۽ وسيع ميدان هموار ڪيو، بلڪ انهي رسم ۽ راه کي آئينده لاءِ شاهراه بنائي ڇڏيو.

بيتن ۾ بيان جي وسعت: ميين شاهہ عنات جي ڪلام ۾ سنڌي شعر جا مکيہ قالب - بيت، مولود ۽ وائي - پهريون ڀيرو پنهنجي گوناگون خوبين سان چمڪندا نظر اچن ٿا. سٽاء جي لحاظ سان سنڌي بيت جي هيئت ۽ صورت جي تشڪيل آڳاٽي وقت کان ٿي ۽ قاضي قادن جي ستن بيتن ۾ 'سنڌي دوهي' کان وٺي ان جي ارتقاء جون مڙيئي مکيہ صورتون نظر اچن ٿيون [3]. معنوي لحاظ سان قاضي قادن توڙي شاهہ ڪريم جا بيت هڪ بالغ حيثيت رکن ٿا، مگر بيان جي لحاظ سان ڇڻ اهي مس جڙي راس ٿيا آهن ۽ اڪثر ٿورين سٽن ۾ سهڻن مگر سادن لفظن ۽ اصطلاحن تي مشتمل آهن. ميين شاهہ عنات جي بيتن ۾ پهريون ڀيرو لغت جي ڳوڙهائي ۽ بيان جي رواني ۽ رنگيني نظر اچي ٿي. مثلاً:

---

(1) اٺ فرد ميين شاهہ عنات جي اولاد مان ۽ ڇهہ ٻيا سگهڙ راوي(ڏسو مٿي ص ص 7 - 8).
(2) ڏسو مٿي ص12.
(3) ڏسو اسان جي "سنڌي ٻولي جي مختصر تاريخ" حيدرآباد، 1962ع، ص 133.

## ڪلياڻ

- سائر لهرين، ريج وڻ، جيئن سي پکين پک
وڏا وڻ ويڙين ۾، ڪير ڳڻيندو ڪک
اونهون ڏيهہ عظيم جو، پيم تان نہ پرک
تهان متي لک، پال پلي جا پانيان.

## مارئي

- اڄو آب، عنات چئي، ڍرئو متي ڍٽ
نوڙيون نيل الٽيون، پاڪ رُهيائين پٽ
نيجل پريا ٽوپڙا، پاٽي ٽئو پلٽ
وليون چڙهيون وڻن سر، موئڻ سڳنڌي ڇٽ
تون سونهين سومرين ورا وينو متي ڪٽ
جتي ڇلن ڇٽ، سو آءٌ ڏيهہ ڏاڏاٽو گهران.

- اودا، گوندا، تنديا، نيهيرا، نيٽا
فائق ٿئا فقير سي، سومرا! سيٽا
پريا تڙ ترائيون، گهيڙين ٿا گهيٽا
ڪن عيش، عنات چئي، وسين ۾ وينا
خاڪين تان ڪيٽا، عمر لاهہ عڪس جا.

## سسئي

- اونهان، گونهان، گهاٽيون، جت آڏا جاڏا لڪ
زهري، بحري، باز برن ۾، چلئو پائن چڪ
نيون، نکون، نوندڙا، جت اڙلون، آما، لڪ
منجها اُڪند، عنات چئي، هلي ڪارڻ حق
جت جهولا لڳن جهڪ، اُت ڦيرج واڳ فقير تي.

- راڪس ريڪس، ڳدي، گورکر، گوَ گينور، لڪ لس
آرياٽي جا، عنات چئي، ڏونگر ڏيندءِ ڏس
سنديٰ چانگن چس، وجي پير نرندءِ پبن ۾.

- ڪٽ ڪهونمر نيٽ نڙ، جت ورڪ وسيهر ويڙ
اونهان ڪن، عنات چئي، پون پوارئين پيڙ
سا منڌ مَين سين ميڙ، جا واقف نہ وٽڪار جي.

**بيتن ۾ مجازي رنگ:** ميون شاهہ عنات پهريون شاعر آهي جنهن پنهنجي بيتن ۾ مجازي حسن کي ڳايو. ڪانئس اڳ توحيد ۽ تصوف، نصيحت ۽ هدايت، حال ۽ حقيقت جو بيان بيتن جو مکيہ مضمون هو. ميين شاهہ عنات پڻ ان روايت مطابق ڪن سرودن، خصوصاً ڪلياڻ، جمن، ڪنيات، سر سريراڳ، رامڪلي، پرڀات، ڏناسري، آسا، ڪاپائتي، ۽ ڪارائڙي ۾ توحيد ۽ طريقت، نصيحت ۽ عقيدت جا پيوند هنيا. مگر جيئن تہ ميين شاهہ عنات پنهنجي بيتن ۾ وصف ۽ بيان جي وسعت پيدا ڪري قصن ۽ داستانن جي سورمين جي سونهن ۽ سينگار کي موثر انداز ۾ ورجايو. ۽ اهڙي طرح 'اعليٰ سنڌي شاعري' ۾ پهريون ڀيرو مجازي حسن جي تعريف جي نئين باب جو اضافو ڪيو. مثلاً:

## محبوب

- چنڊ چوڏس ايري، سهسين ڪري سنگار
پلڪ پريان جي نہ پڄي، جي حيلا ڪري هزار
جهڙو سڀ چمار، تهڙو دم دوس جو.
- سڄ سياڻي جا ڪري، تهڙي لالائي لڳن
پلڪ پريان جي نہ پاڙيان، چنڊ اي سين تارن
شمس سهائي اڳرو، منهن ۾ محبوبن
ڪئين قنديلن اڳري، پيشاني پرين
هيءَ جو جلوو جوت سندين، تنهن تان ڪوڙين
قربانيون ڪريان.

## مارئي

- سڻ ڏيو سر جهوپڙين، ايي اَجوهي
اڳڻ منجهہ، عنات چئي، پني پاهوهي
ڪوٽي ٻانهون ڏي، لوڪان ليکي وڄڙي.
- سڻ ڏيو سر جهوپڙين، ايي جوهي جوءِ
سا وڃون پسي وماسيون، جا سونهن سندياسي هوءِ
اوهس پسئو اتهين، پتنگ سيڪو پوءِ
جڏ مارئي مٿو ڌوءِ، تڏ سورج سونهن جهڪو ٿئي.
- سڻ ڏيو سر جهوپڙين، ايي جوهي جوءِ
تهن جي لڳن تان لهي پيو، ڪر لوئي پلوءُ لال
وڃون وسڻ آئيون، ان اباڻي آهال
ڪامڻ ٿئي ڪهال، سورج جي شرماڻ جي.

- ايـي جوهـي جهوپڙيـن، سـڻ ڏيئـي سـڻ جهـل
پدمـڻ جـو پـڏرو ٿـئـو، تنهيـن منهـن مهـل
وڃـون وسـڻ آئيـون، ان ابـاڻي اهـل
ڪـامڻ ٿـئي ڪهـل، سـورج جـي شـرماڻ جـي.

## مومل ۽ سندس سهيليون

- گلبـدن جـون گجريـون، ارم اوڍيـائون
چوٽـا تيـل قليـل سـين، واسـنگ ويڙهيـائون
مشـڪ محبـت پـاڻ ۾، لگيـن لايـائون
ڪوڏان پوتـائون ڪچـٺـان، سيلا سـنڌيائون
اهـڙي پـر، عنـات چئـي، راڻـو رانيـائون
سو موٽي ڪينءَ پاهون، جو وڃي ڪاڪ قرارئو.
- راڻـو ريجهـايو جيڏيين، سـڻ پنـن سـندا پـار
ڪن سينگار، سـيد چئـي، وجهـن هـزاري هـار
وار وسـيهر اڳـرا، مٿـي ڪيـسَ ڪپـار
هٿا سـائو سـوار، پـر مومـل مـاڻي مينـڌري.
- بـاغ، باغيچـا، بنگـلا، راڻيـون جـت رمـن
اوئـس اپرئـو عنبرين، ڪـر ڪهٽيـون ٽيـون ڪـون
اتـان ئـي عنبيـر جـا، چٽـا ٽـا چـُـلن
عـاقل ڪـي اڄـن، ڪـاهي انهـي ڪـاڪ تـي.

## نوري

- جهڙي سونهه سندياس، تهڙو ڪنجهر ۾ ڪين هيو
طـول تنهيـن جـي سـين، راڻيـون اڄـن نـه راس
مورچـل مٿـاس، اِيـو تمـاچي هٿـي.

سنڌي وائي جي سٽاءَ جي تڪميل: ميون شاهه عنات پهريون شاعر آهي جنهن جي ڪلام ۾ سنڌي وائي هيئت توڙي مضمون ۽ معنيٰ جي لحاظ سان اوج تي نظر اچي ٿي. 'وائي' جا موجد سنڌي صوفي شاعر هئا ۽ وائي سنڌ ۾ آڳاٽي دور کان وٺي رائج هئي، پر ميين شاهه عنات کان اڳ جي شاعرن جون چيل وايون غالباً محفوظ نه رهيون آهن ۽ بهرحال هن وقت تائين معلوم نه ٿي سگهيون آهن. ميين شاهه عنات جون سڄيون ساريون پائيتاليهه وايون ملن ٿيون، جن جي مضمون ۽ سٽاءَ جي مطالعي مان سنڌي وائي جي ماهيت قدري معلوم ٿئي ٿي.

معنيٰ ۽ مقصد جي لحاظ سان ميين شاهہ عنات جون وايون تيرهن جدا مضمونن تي مشتمل آهن، جن مان 3 خالص مولود [1]، 14 مدحيہ[2] ، 2 دعائيہ[3] ، 1 نصيحت[4] ، 3 سر مارئي[5] ، 1 سر ليلان[6] ، 2 سر مومل راڻو [7]، 6 سر سسئي[8]، 1 سر سورٺ[9]، 1 سر سارنگ[10]، 1 سر ڪاموڏ (گنڊري)[11]، 2 هنجهن بابت[12]، ۽ 5 غنائي[13] آهن. انهن مضمونن بابت ميين شاهہ عنات ڪان اڳ جي ڪا وائي ورلي دستياب ٿي آهي. خود 'مولود' جو لفظ پهريون پيرو ميين شاهہ عنات جي وائي ۾ ملي ٿو: "چئو صلواة صدق سين، ايءُ مولود مدام"[14]. غالباً سندس چيل مولودن سببان شيخ موسي جي درگاهہ تي مولودن جي شغل جا منڊل متا جن ڏانهن شاهہ شريف جي بيت ۾ اشارو آهي تہ: "منجهہ مولودي محبوب جا وينا ڪرن وور." مارئي، سسئي ۽ ٻين سرن ۾ چيل وايون زبان توڙي بيان جي لحاظ سان برک آهن. انهن ڪان سواءِ پنج وايون خالص 'غنائي' آهن، جن ۾ صدق ۽ محبت جا ذاتي احساسات اظهار ڪيل آهن. اهي وايون حال توڙي قال جي لحاظ سان نهايت ئي دلپذير آهن.

سٽاء جي لحاظ سان، ميين شاهہ عنات جي واين ۾ ٿلهہ بعد هڪ ڪان وٺي سورهن تائين مصراعو ن ملن ٿيون، جيئن تہ:

7 وايون هڪ مصرع واريون[15]
11 وايون ٻن مصرعن واريون[16]
3 وايون ٽن مصرعن واريون[17]
10 وايون چئن مصرعن واريون[18]
4 وايون پنجن مصرعن واريون[19]
3 وايون ڇهن مصرعن واريون[20]

---

(1) ص ص 87، 89، 168
(2) ص ص 172-173، 183-184، 187-188، 190، 197-198، 309-310
(3) ص ص 118، 101
(4) ص 163
(5) ص ص 139، 148، 157
(6) ص 214
(7) ص ص 230-231
(8) ص ص 245، 252، 259-260، 265
(9) ص 274
(10) ص 285
(11) ص 198
(12) ص ص 203، 204
(13) ص ص 114، 202، 214، 293
(14) سرود پريلتہ فصل-2، وائي-2
(15) ڏسو ص ص 172، 188، 211، 265، 274، 298 ۽ 309
(16) ص ص 114، 163، 167، 184، 202، 211، 230، 260، 285، 293
(17) ص ص 183، 187، 190
(18) ص ص 139، 148، 157، 172، 197، 214، 252، 265، 303 ۽ 304
(19) ص ص 173، 245، ۽ 310-311
(20) ص ص 87، 118، 168

1 وائـــي انـــن مـــصرعن واري[1]
1 وائـــي نـــون مـــصرعن واري[2]
1 وائـــي ڏهـــن مـــصرعن واري[3]
1 وائـــي ســـورنهن مـــصرعن واري[4]

هڪ مصرع وارين واين کي پهريون پيرو پڙهنديِ گمان ٿيو تہ شايد اهي اٺپوريون آهن، مگر جيئن تہ سڀيون ساريون سٽ وايون هڪ مصرع واريون آهن انهيءَ ڪري ڪافي وثوق سان چئي سگهجي ٿو تہ اها سٽاء اصلي آهي، ۽ غالباً 'واين'جي ابتدا ٿلهہ بعد هڪ يا ٻن مصرعن سان ٿي.

ميين شاهہ عنات جي ٻائيتاليهہ واين جي ٿلهن جي سٽاء ٻن قسمن جي آهي:

گهڻي ۾ گهڻيون، يعني تہ 33 وايون، اهڙيون آهن، جن جي ٿلهن ۾ قافيو وچ تي آيل آهي، مثلاً:

- ساريان موڪ مليـر، پيـرون ڪيـرون جيـڏيون.
- آءُ پرين گهر پيهي، چنيسرا هار هٽان مون ڇڏيو.
- هوت هاڙهي ڏاري هوندا، وانءُ وهلي ساٿ سين.

نو وايون اهڙيون آهن، جن جي ٿلهن ۾ قافيا آخر ۾ آيل آهن، مثلاً:

- دوس قريشي، عرب ديسي، توکي رب سنيالي ميان سائين.
- توکـي مڱـانُ تـون آهيـن، ٻيـا در ڪونـہ سـڄاڻا.

قافين کي ٿلهہ جي وچ يا آخر ۾ آڻڻ واري انهيءَ مٽ سٽ سان 'وائي' جي لئي ۾ نت نئين تبديل پيدا ٿي سگهي ٿي. وائي ڳائڻ خاطر وجود ۾ آئي ۽ ميين شاهہ عنات ٿلهہ توڙي مصراعن جي ڪڇ وهڻ ۽ انهن ۾ قافيي جي ٻيهڪ ۽ لفظن جي پوچ سان واين ۾ لئي ۽ ترنم جي واڌاري لاءِ ڇڻ نت نوان اسباب پيدا ڪيا. مثلاً:

- ٿلهہ ۾ ٽن قافين جو جوڙ:

اڄ گهر، اڄ گهر ايندا سپرين، ويـني ڪانگ اڏايان
ايهين پانيان.

- ٿلهہ ۾ اندروني قافين جو جوڙ:

سمـن صـالحن، تـوڙان طـالبن، اصـل آهـي آمـري

●

هلي هلي ماءِ، مون ڳالهہ سڻاءِ، ڪيڇين جي ڪاءِ

●

اوڏا آهيـــن آري، تـــون تـــي م ڪهـــاري
اتي هل هاڻ ملندينءَ هوت کي.

---

(1) ص ص 184-185
(2) ص 89
(3) ص ص 231-232
(4) ص ص 197-198

- ٽلهہ ٽوڙي مصرع ۾ قافيي ۽ رديف جو جوڙ:

ٿي من موهئو ڇام، جو سونهن سين ۾ وتري گندري
ٿي من موهئو ڇام
سمي سونهاڻي، محبت هاڻي، مهاڻي مها سوندري گندري
ٿي من موهئو ڇام

راڳ جي ڄاڻ: وائي جي 'لفظن' کي وائي جي 'لئي' سان هم-آهنگ ڪرڻ واري نڪتي جو موجد غالباً ميون شاهہ عنات ئي آهي، ۽ ان جو وڏو سبب اهو هو جو ننڍي هوندي راڳ جي مجلسن ۾ اٿيو ويٺو ۽ راڳ جي ڪافي ڄاڻ ۽ پروڙ حاصل ڪيائين. انهيءَ ڪري ئي پهريون پيرو پنهنجي بيتن ۽ واين کي 'سرودن' ۾ سموهيائين، جن مان ڪلياڻ، جمن، ڪنيات، سر سريراڳ، رامڪلي، پرڀاتي، (پربيات)، ڏناسري، جيتسري، پوربي (پورب)، آسا، بلاول، سورٺ، سارنگ، توڏي (توڙي؟) ۽ ڪاموڏ تسليم شده راڳ ۽ راڳڻيون آهن. سندس راڳ ۽ سرن جي ڄاڻ ان مان ظاهر آهي جو خود بيتن ۾ 'وهاڳ' جو نالو ڪنيو اٿس:

- چائين جان چارڻ، تان ويلا لهہ وهاڳ جي[1]
- جاجڪ آهيين ذات، تہ ويلا لهہ وهاڳ جي[2]

'جيتسري' جو نالو پهريون پيرو ميين شاهہ عنات جي سرن ۾ ملي ٿو، ۽ راڳ جي علم موجب 'جيتسري' پوربي ناٽ مان هڪ راڳڻي آهي. ڪن واين جي ٽلهہ ۽ مصراعن جي سٽاء مان ڳائڻ جي لئي نروار ٿئي ٿي. مثلاً: هيٺين وائي 'ڳيچ' جي لئي ۾ رچيل آهي، تہ:

ميندي لال لائينديون ،سهيليون، هٿ ڳل هار گلاب تني کي
سيد شهباز ڪامل قلندر، در ڏولهہ سي ايندي‌ون
ميندي‌ون لال لائينديون[3]

اهڙي طرح 'سرود ڪاموڏ' جي وائي (ٿي من موهئو ڇام - الخ.) جنهن جو ذڪر مٿي قافيي جي سلسلي ۾ اچي چڪو آهي، توڙي سرود ڏناسري جي هيٺين وائي، جا قلندر شهباز جي مدح ۾ چيل آهي، انهن ٻنهي جا ٽلهہ ۽ مصراعون پڪي راڳ جي استائي ۽ انترن جو اهڃاڻ ڏين ٿا:

شهباز لال، گنبذين نور جي ٿيو
هند سنڌ هاڪ هريل، آواز اصفهاني

قلندر شاهہ ڪمال، گنبذين نور جي ٿئو - الخ.

نتيجي طور چئي سگهجي ٿو تہ ميين شاهہ عنات هر رنگ ۾ رڱجي شاعري ڪئي. توحيد ۽ طريقت، سلوڪ ۽ نصيحت جا نڪتا پڻ بيان ڪيائين، مگر عوامي قصن ۽ داستانن کي دل کولي ڳايائين، ۽ سنڌي شاعري جي عنوانن کي وسيع ڪيائين. بيتن، مولودن، ۽ واين کي لفظن جي پوچ ۽ بيان جي وسعت سان

---

[1] سرود پرڀات، فصل - 1 بيت [3].
[2] ايضاً، بيت [4].
[3] سرود ڏناسري فصل - 3، وائي - 2.

سينگاريائين. بيتن ۾ مجازي رنگ جي شاعري ڪي چمڪايائين ۽ واين جي سٽاء ۾ ڳائڻ جي لئي پريائين. سندس پيش رو قاضي قادن توڙي ميون شاهہ ڪريم اصولي طور صوفي ۽ درويش هئا، جن سلوڪ ۽ طريقت جي نڪتن ڪي بيان ڪرڻ خاطر بيت چيا. سندن واسطي شاعري مقصد نہ مگر ذريعو هئي. ميون شاهہ عنات پنهنجي طبعي ذوق سببان شاعر ساماڻو ۽ شاعريءَ مان پورو حظ حاصل ڪيائين. مينن شاهہ عنات هڪ صوفي درويش جي حيثيت ۾ شاعري ڪانہ ڪئي، بلڪ شاعريءَ جي ڏات سندس واسطي درويشي جو باعث بني.

**ميون شاهہ عنات ۽ شاهہ عبداللطيف**[1]: 'عام سنڌي داستانن ۽ مشهور عنوانن جي تاجي پيٽي ۾ اُٽيل ۽ سُر وار بيتن ۽ واين جي سٽاء ۾ سمايل شاعري' جي سنواريندڙن ۽ سينگاريندڙن ۾ ميين شاهہ عنات ۽ شاهہ عبداللطيف جو شرف مڙني کان مٿانهون آهي: ٻئي هن نئين تحريڪ ۾ پائيوار آهن، بلڪ ٻئي هن تخليق لاءِ فطرت طرفان چٽيل جاڙا ٻار آهن. ٻئي ساڳي صورت جون ٻہ اکيون آهن ٻئي ساڳي سپ جا ٻہ موتي آهن. البت سنڌي شاعري جي فن ۽ ان جي اُسرندڙ فڪر جي ارتقائي تقاضا موجب ٻنهي مان هرهڪ پنهنجو پنهنجو ڪم ڪيو: ميين شاهہ عنات قالب گهڙيا تہ ڀٽائي صاحب اهي سوڏي سنواري پريا، ميين شاهہ عنات ديواريون کنيون تہ ڀٽائي صاحب عمارتون اڏيون، ۽ ميين شاهہ عنات صورتون ايجاد ڪيون، تہ ڀٽائي صاحب اهي روح ڦوڪي جاڳايون. ميون شاهہ عنات ڇڻ ڀٽائي صاحب جي آمد لاءِ اڳواٽ بنجي آيو ۽ اچي ميدان سنواريائين جنهن ۾ ڀٽائي صاحب پوءِ ڪوئنتل ڪڍايا.

ميين شاهہ عنات جي سوانح جي ٽاٽن ۽ اُهجاڻن واري تفصيل مان ظاهر آهي تہ ميين شاهہ عنات جي عمر 65 کان 70 سال کن هئي جو ڀٽائي صاحب سنہ 1102هہ ۾ ڄائو. ۽ ڀٽائي صاحب جي عمر 18 کان 23 سال کن هئي جو ميين شاهہ عنات وفات (1120 - 1125هہ) ڪئي. عمر جي لحاظ سان ڀٽائي صاحب ميين شاهہ عنات جي پوٽي بلال شاهہ جو سن هو. جو پڻ ڀٽائي وانگر ميان نورمحمد ڪلهوڙي جي دور جو شاعر هو.

جيڪڏهن تسليم ڪجي تہ ڪم از ڪم 13 - 14 ورهين جي عمر ۾ لطيف جو ذهني لاڙو پرجهڻ ۽ پروڙڻ، سلوڪ ۽ صحبت طرف ٿيو، ۽ هن شاهہ حبيب جي حويلي کان قدم وڌائي ٻاهر ڪائنات ۾ رکيو، تہ اول جنهن شاعر جو نالو يا جنهن بزرگ جو ذڪر سندس ڪنين پيو هوندو، سو غالباً ميين شاهہ عنات جو ئي هوندو. ميين شاهہ عنات جي عمر ان وقت اسي ورهين کان مٿي هئي ۽ سندس بيتن توڙي بزرگي جو مذڪوره جاء بجاء مشهور هو. ميين شاهہ عنات جي سڪونت ۽ شاهہ حبيب جي حويلي وارا ماڳ مڪان ڇڻ ساڳي ئي تر ۾ هئا ۽ وچ ۾ مفاصلو پندرنهن ميلن اندر هو. انهيءَ ڪري باوجود نندپڻ جي ڀٽائي صاحب جو ميين شاهہ عنات وٽ پهچڻ ۽ ساڻس صحبتون ڪرڻ قرين قياس نظر اچي ٿو.

ميين شاهہ عنات ۽ ڀٽائي صاحب جي ملاقاتن ۽ رس رهاڻين بابت ڪيئي حڪايتون هلندڙ آهن جي سڄاڻ سگهڙن جي ڪچهرين جو هڪ اهم عنوان آهن. انهن حڪايتن مان جي نتيجا نڪرن ٿا سي هي آهن تہ ميون شاهہ عنات ۽ ڀٽائي صاحب همعصر هئا، ميون شاهہ عنات وڏي عمر جو هو ۽ ڀٽائي صاحب اڃا ننڍو هو. ڀٽائي صاحب ميين شاهہ عنات وٽ رس رهاڻ لاءِ ايندو هو، ميون شاهہ عنات ڀٽائي صاحب کي گهڻو پائيندو هو، ۽ ڀٽائي صاحب کي ميين شاهہ عنات لاءِ گهڻي محبت ۽ عزت هئي. سندن ملاقاتن ۽ مجلسن بابت اڪثر روايتون

[1] هن موضوع تي اسان سنہ 1952ع ۾ هڪ مضمون لکيو هو جو پهريائين رسالي نئين زندگي (ماہ فيبروري) ۾، ۽ تازو "شاعرن جو سرتاج شاهہ عبداللطيف ڀٽائي" (ڀٽائي صاحب بابت مضمونن جو مجموعو، پاڪستان پبليڪيشن، ڪراچي، 1963) ۾ شايع ٿيو آهي. ان مضمون جو مدار اڪثر زباني روايتن تي هو جن جي پيٽ ۾ هن عنوان هيٺ ڪيل بحث ۽ نظريا وڌيڪ مستند آهن.

سُيون ٻڌيون ڳالهيون آهن جن ۾ ڪچهري جي رس خاطر سگهڙن پنهنجي طرفان گل وڌا آهن. ساڳين مضمونن ۽ معنائن ۾ ميين شاهہ عنات ۽ شاهہ عبداللطيف جي چيل بيتن جي آڌار تي اڪثر ائين سمجهيو ويو تہ ملاقات وارن موقعن تي ڀٽائي صاحب ميين شاهہ عنات جي بيتن ڪي رد ڪد ڏيندي سامهون بيت چيا. اهڙيون روايتون غيروزندار ۽ حقيقت جي خلاف معلوم ٿين ٿيون. ڇاڪاڻ تہ ننڍي عمر جو نيڪ نوجوان ويهي اسي ورهيہ جي شاعر ۽ درويش ميين شاهہ عنات ڪي سامهون بيتن ۾ رد ڪد ڏئي، سو اعتبار ڪان ٻاهر آهي. هڪ تہ نياز ۽ نئڙت، ادب ۽ اخلاق، سنجيدگي ۽ صلح شاهہ عبداللطيف جي طبع جا فطري جز هئا ۽ ٻيو تہ ميون شاهہ عنات ڪيس گهڻو ڀائيندو هو، انهي ڪري ٻنهي جي وچ ۾ مناظري ۽ مقابلي لاءِ ڪو سبب ئي ڪونہ هو. سندن ملاقاتن بابت مختلف روايتون هلندڙ آهن جن مان ڪي وڏيڪ وزندار ۽ قابل اعتبار هيٺ ڏجن ٿيون.

چون ٿا تہ هڪ ڀيري جڏهن شاهہ عبداللطيف ميين شاهہ عنات سان مليو تہ ميين شاهہ عنات ڪيس شعر چوڻ جي ترغيب ڏني، جنهن تي نوجوان لطيف چيو تہ: 'زمين سڄي ڪڙي پئي آهي، پوءِ مونکي کهڙو ٿا ڏس ڏيو.' ميين شاهہ عنات چيو تہ: 'ابا! تون وڃي سمنڊ ڪيڙ'[1].

هڪ دفعي شاهہ عبداللطيف سوز ۽ درد واري حالت ۾ اهڙي وقت اچي پهتو، جو ميون شاهہ عنات اندر حويلي ۾ هو ۽ ٻاهر ڪا پهر ڪانہ هئي. در تي ڪا ٻانهي هئي جنهن کي لطيف چيو تہ اندر شاهہ کي وڃي ٻڌاءِ تہ ڪو ماڻهو آيو آهي ۽ چوي ٿو تہ وڃي اندر چئو تہ:

در تي ڪري دانهن، در تي ڪري دانهن

ميون شاهہ عنات ڀيرسن هو ۽ ستو پيو هو. اهو نياپو ٻڌي اُٿيو. ڏِگهو مڙس هو ۽ عصا ڪٽي هلندو هو. در ڏانهن آيو تہ عبداللطيف تي نگاهہ پيس ۽ چيائينس تہ :

ڪلهي لائي ٻانهن، ڪٽي پرين ڪندس پانهجو.

ائين چئي اچي عبداللطيف کي ڳرهاٽي ڏنائين ۽ ڪيس هر طرح جي تسلي ڏيئي پاڻ وٽ رهايائين[2].

شاهہ عبداللطيف کي ميين شاهہ عنات لاءِ جا محبت ۽ عزت هئي سا هيٺين عام مشهور حڪايت مان ظاهر آهي. اسان مٿي (ص 35) پليجي ۽ ڳاهي واري ڳالهہ جو ذڪر ڪيو آهي. تازو هن مقدمي لکندي اسان کي مرحوم قادر شاهہ نصرپوري جي هٿ لکيل اها ساڳي ڳالهہ ملي، جا هن تاريخ 28 ذوالقعد سنہ 1320هہ نصرپور جي مشهور شاعر مصري شاهہ مرحوم (سندس مامي) ڪان ٻڌي قلمبند ڪئي. مصري شاهہ جي زباني مطابق پليجي زميندار جو نالو 'ڏهيسر' هو ۽ هن ميين شاهہ عنات جي ڀاءُ ميين احمد شاهہ جي اشاري تي ميين شاهہ عنات جون گهوڙيون، جي سندس ماڻهو سانوڻ جي مند ۾ اُتي چارڻ لاءِ وٺي ويو هو، ديهہ پليجاڻي مان تڙي ڏنيون. ان تي ميين شاهہ عنات رنج ٿي پاراتي طور بيت چيو جو اسان مٿي (ص 35) نقل ڪري آيا آهيون. ان ۾ هڪ مڪيہ سٽ[3] هيءَ هئي تہ:

جو ڏهيسر سڄي ڏيهہ ۾ سو وڃان ئي وڃاءِ.

---

[1] روايت حاجي بخش علي شاهہ .

[2] روايت حاجي عمر چانديو.

[3] ص 27 تي ڏنل بيت ۾ اها سٽ چوٿون نمبر سمجهڻ گهرجي.

لکيت ۾ اها ڳالهہ سيني کان اڳ (1305هہ) مير عبدالحسين سانگي "لطائف لطيفي" ۾ هن طرح قلمبند ڪئي آهي: "ڇون تا تہ هالا قوم جا ڪي گهر شهر شاهپور لڳ[1] هئا، جتي جو وڏيرو ڏهيسر پليجو هو. ڏهيسر ميين شاهہ عنات سان بدسلوڪي ڪئي، جنهن تي ميين شاهہ عنات ڪيس پاراتو ڏنو. ان تي ڪيس (ڏهيسر کي) اچي ڊپ ورايو ۽ جڏهن اولياء صاحب (ڀٽائي صاحب) جي اچڻ جو ٻڌائين تڏهن ان ارادي سان سندس دعوت ڪيائين تہ ڪانئس خير جي دعا گهري. عرض ڪيائين تہ 'شاهہ عنات رنج ٿي مونکي پاراتو ڏنو آهي، اوهان دعا ڪري ان جي اثر کي دفعي ڪريو.' حضرت (شاهہ صاحب) فرمايو تہ: '**شاهہ عنات درويش آهي، ساڻس سهڻو سلوڪ واجب هو.**' (بالآخراهو ڳوٺ ڦٽي ويو ۽) هن وقت اتي راهوجن جا ڪي هڪ ٻہ گهر آهن."[2]

مشهور روايت آهي تہ هڪ ڀيري نوجوان عبداللطيف سوز ۽ درد واري حالت ۾ ميين شاهہ عنات وٽ آيو ۽ اچي ساڻس حال اوريائين، جنهن تي ميين شاهہ عنات ڪيس ڳرهائي ڏيئي دلداري طور هي بيت ڏنو تہ:

پسي ڏونگر ڏار، جم هلڻ ۾ هيٺي ٿئين — مجازاٽيون موٽيون سٽي پنڌ پچار
تون پڇري پائج پرين لئي حقيقت جو هار — سگهي لهندئي سار، آرياڻي عنات چئي.

سگهڙن جي روايت موجب ڀٽائي صاحب ميين شاهہ عنات جي بيت جي جواب ۾ وري هيءُ بيت ڏنو تہ:

پسي ڏونگر ڏاهہ، جم هلڻ ۾ هيٺي وهين — لانچي لڪ، لطيف چئي، پنيءَ ڪيچين ڪاهہ
پڇي پورج سسئي، بلوچاڻي باهہ — ان وڙائتي ور جو، آسر هڏ مَ لاهہ
جو اڪنئون اوڏو آهہ، سو پرين پراهون مَ چئو.

موقعي جي نزاڪت مان ظاهر آهي تہ ڀٽائي صاحب کي سامهون هن بيت چوڻ لاءِ ڪو سبب ڪونہ هو. اهو بيت غالباً ڀٽائي صاحب پوءِ ميين شاهہ عنات جي بيت کان متاثر ٿي چيو. مرحوم مولانا دين محمد وفائي پڻ "لطف اللطيف" ۾ هيءَ روايت نقل ڪئي آهي[3]، ۽ صورتحال جو صحيح جائزو ورتو اٿس تہ "نوجوان عارف سيد عبداللطيف، جو قبض ۽ بسط جي ڪشش ۾ قائل هو، تنهن کي ڏسندي شاهہ عنات الله جو ڪجهہ ڀڙيائين فرمايو" سو مٿيون بيت هو. ڪي سگهڙ هن حڪايت ۾ ميين شاهہ عنات جي بدران صوفي شاهہ عنات الله جهوڪ واري جو نالو آڻيندا آهن، حالانڪ صوفي شاهہ عنات شهيد سنڌي ۾ شاعري ڪانہ ڪئي. مولانا وفائي مرحوم کي پڻ هي روايت شاهہ عبداللطيف ۽ صوفي شاهہ عنات الله جهوڪ واري جي نالن سان ملي، ۽ نظر پل کان ساڳيا نالا ڏنا اٿس. البت ڀٽائي صاحب جي چيل بيت کي هن طرح ورجايو اٿس تہ "حضرت ڀٽائي شاهہ عنات الله کي سندس آڳيا جو جواب چڻ هائو ۾ ڏئي ٿو چوي تہ ور کهڙو بہ اڻ وڙائتو هجي پر اُن کي ڪيئن ڇڏبو. هو پرانهون آهي پر ڪشالا ڪنڌڙ محبتي لاءِ بالڪل ويجهو آهي."

هن روايت مان جو خاص نڪتو نروار ٿئي ٿو، سو هيءُ آهي تہ نوجواني وارن سالن ۾ ڀٽائي صاحب تي محبت ۽ مجاز جو غلبو هو، ۽ جيئن تہ ميين شاهہ عنات جي مٿس والدانہ شفقت هئي ۽ سندس تسلي واسطي وٽس هر وقت ٻاجهہ جي ٻڪي موجود هئي، انهي ڪري نوجوان عبداللطيف اچي ساڻس حال اوريندو هو. ٻيو

---

[1] پليجاڻي اسٽيشن جي ويجهو 'شاهپور' جو شهر جو پوءِ ميان غلام شاهہ ٻڌايو.
[2] لطائف لطيفي (راقم جو قلمي نسخو). اها ساڳي ڳالهہ مير عبدالحسين خان سانگي کان مليل مواد جي آڌار تي مرزا قليچ بيگ "احوال شاهہ عبداللطيف ڀٽائي" (ڇاپايل منشي پوڪر داس تاجر ڪتب شڪارپور، دفعو ٽيون، سنہ 1910، ص 66) ۾ اختصار سان ڏني آهي.
[3] لطف اللطيف، وفائي پبلشنگ هائوس، ڪراچي، 1951ع، ص ص 70 - 71.

نڪتو جو هن روايت مان ذهن نشين ٿئي ٿو، سو هيءُ آهي ته لطيف جي سڪ ۽ سوز واري حالت ۾ ميين شاهه عنات سسئي جي سر مان پنهنجي چيل بيت جي ذريعي ڪيس تسلي ۽ دلداري ڏني. ان مان انهن عام روايتن جي ترديد ٿئي ٿي جن ۾ ائين ڄاڻايو ويو آهي ته شاهه عبداللطيف ميين شاهه عنات کي سسئي جي ڳالهه سمجهائي ڪيس سسئي بابت بيتن چوڻ تي آماده ڪيو.

حقيقت هن ريت آهي ته ميين شاهه عنات جو مهراڻي ۽ ٿر سان گهڻو واسطو هو ۽ انهيءَ ڪري جڏهن مارئي بابت بيت چيائين ته مارن جي رهڻي ڪهڻي توڙي ٿر جي ماڳن ۽ ترڻ، ڳاهن ۽ ڏٽن جو تفصيل سان دلڪش پيرائي ۾ نقش چٽيائين. جڏهن نوجوان لطيف جي ميين شاهه عنات وٽ اچ وڃ ٿي ته هو انهن بيتن کان نهايت متاثر ٿيو. اهو مذڪور غالباً خود ڀٽائي صاحب جي مجلسن ۾ هليو، ۽ ڪانئس پوءِ جڏهن ان بابت ڳالهيون هليون ته ڪن اڀوجهن ڄاتو ته ان ۾ ڀٽائي صاحب جي گهٽتائي ٿي ٿئي. البت ان حقيقت جي انڪار ڪرڻ بدران ائين چوڻ شروع ڪيائون ته ميين شاهه عنات ڀٽائي صاحب کي مارئي طرف متوجهه ڪيو ته ڀٽائي صاحب وري ميين شاهه عنات کي سسئي جي واٽ ڏسي.

اهڙي روايت کي غالباً پهريون پيرو آخوند عبدالرحيم محمد وفا عباسي گذريل صدي جي آخر ڌاري قلمبند ڪيو، جا هوبهو سندس لفظن ۾ هيٺ ڏجي ٿي: پڊرو هجي ته هن سنڌ ڏيهه ۾ گهڻا شاعر ٿي لنگهيا آهن.... تن مڙني شاعرن مان ٻه شاعر وڏا ناميارا آهن: هڪڙو سيد شاهه عنات، ۽ ٻيو سيد شاهه عبداللطيف ڀٽائي، ٻئي ڪامل اولياء الله جا ۽ سالڪ هئا. انهن پنهنجن ڪتابن يعني رسالن ۾ بيت مارئيءَ جا چيا آهن. پر سيد شاهه عنات ساري چمار مارئي جا بيت پيو چوندو هو، ۽ سيد شاهه عبداللطيف، جو چمار ۾ شاهه عنات کان نندو هو، سو سسئي جا بيت ڏيندو هو. جڏهن شاهه عنات ماڻهن کان ٻڌو ته سيد شاهه عبداللطيف سسئي جا بيت ٿو ڏئي، ۽ اڃا چمار جو ننڍو آهي، ۽ ٻيو ساڻس هڪڙو خليفو تمر فقير نالي همراهه آهي، تڏهن انهن ماڻهن کي چيائين ته "سسئي جا ستر چڏي ٻاهر نڪتي، تنهن جا بيت پلا چا ڏبا! تنهنڪري جي شاهه عبداللطيف هوند مون کي گڏجي، ته انهن بيتن ڏيڻ کان جهليانس". پوءِ هي ڳالهه ڪن ماڻهن وڃي شاهه عبداللطيف کي ٻڌائي. تڏهن پنهنجي خليفي کي چيائين ته "سيد شاهه عنات صاحب جي زبان ڌڻي تعاليٰ وٽ مقبول پيل آهي، جي جهل وجهندو ته پوءِ آءٌ بيت ڏئي ڪين سگهندس تنهن ۾ هاڻي هيئن ٿا ڪريون جو آءٌ پاڻهي وٽس وڃي ٿو حاضر ٿيان. پر اسان جي گڏجڻ کان اڳي تون بيت سسئيءَ جا پيو ڏج، ته سسئيءَ جي سچائيءَ کي ڄاڻي." پوءِ گڏجڻ جي وير تمر فقير هي بيت ڏنا:

| | |
|---|---|
| ڪڙي ۽ رڙي، پرپٺ پيـر پنهـونءَ جـا | سـڪ ٻڌائيـن سـندرو، جـانب ڪـاڻ جـڙي |
| لـڪـن ساڻ لطيف چوي، مر منڊ ٻاڻ مڙهي | عمرائين ڪڙهي، ته ٻه پلڪ پريان جي نه پري. |

---

| | |
|---|---|
| پريندئـي پنـڌ ٿـي، جتــن پنـيءَ جـوءِ | واڪا ڪيو ويڙهين ۾، ريهون ڪيـو روءِ |
| طـالب ڪي تمر چوي، ور ڏس ڏيرن جو پوءِ | ڪيچان اوري ڪوءِ، من ٿئي غور غريب جو. |

پوءِ هي بيت ٻڌي سيدشاهه عنات فرمايو ته: "ابا عاشق الله جا! هيءَ ته سسئي ڪين هئي، پر سئن ۾ سئي چٽبي جنهن جا تو اهڙا بيت ڏنا آهن. چا چئجي هنن بيتن جي ڳالهه! هي ته بيشڪ حقيقي آهن. ۽ جيڪا مون عمر سڳوري گذاري سا خير سان گذري. باقي اچ کان پوءِ اڳتي آءٌ پڻ سسئي جا بيت ڏيندس چا کان جو

ضمير هنن بيتن جو حضرت نبي ڪريم شفيع جي پار رجوع آهي. سسئيءَ جي ڳالهہ تو ڪيئن ٻڌي آهي؟" تڏهن سيد شاهہ عبداللطيف ساري ڳالهہ پيراتي ڪري ٻڌايس. پوءِ ان مهل سيد عبداللطيف، سيد عنات کي چيو تہ "مهرباني ڪري مارئيءَ جي ڳالهہ سڻائينم ۽ موڪل ڏينم، تہ آءٌ پي مارئيءَ جا بيت چوان." تڏهن سيد شاهہ عنات ساري ڳالهہ مارئيءَ جي ڪري ٻڌايس، ۽ چيائينس تہ "جي دل چوئي، تہ پلي ڪري مارئيءَ جا بيت ڏي." مارئيءَ جي ڳالهہ هن پر آهي[1].

سچي سڻاء مان هيءَ روايت بالڪل عامي پئي نظر اچي. تمر فقير پٽائي صاحب کان عمر ۾ وڏو ڪونہ هو. فرض ڪجي تہ پٽائي صاحب ننڍي ڄمار ۾ سسئي جو داستان ڪٿي ڳايو هجي، پر ڪانئس بہ قدري ننڍي عمر جي يا سندس سن تمر فقير ميين شاهہ عنات کي ويهي پنهنجا بيت ٻڌايا سو مڃڻ کان ٻاهر آهي.

هن روايت کي پوءِ پيرومل نقل ڪيو جنهن جو حوالو مولانا دين محمد وفائي 'لطف اللطيف' ۾ ڏنو آهي، پر مولانا مرحوم شروع ۾ ئي هن روايت جي انهيءَ حصي کي اهميت ڏني آهي، جنهن مطابق پٽائي صاحب ميين شاهہ عنات کان مارئي جي سلسلي ۾ متاثر ٿيو. سندس الفاظ هي آهن:

"هڪ روايت آهي تہ شاهہ عنات پهريون سنڌي شاعر آهي جنهن عمر مارئي جي ڪهاڻي تي ڪي بيت چيا هوا ۽ شاهہ عبداللطيف کي مارئي جو مذڪور سڻائي هن ۾ مارئي جي بيتن چوڻ جو چاهہ پيدا ڪيائين.

پروفيسر پيرومل لکي ٿو تہ شاهہ عنات بابت چوڻ ۾ اچي ٿو تہ هو اول ۾ مارئي جا بيت چوندو هو. شاهہ عبداللطيف جا سسئي وارا بيت ٻڌائين تہ ڏاڍا وڻي ويس جو پاڻ بہ اهڙا بيت چوڻ لڳو:

اڙر، نـــڌر، ايـــري، ڪوجهـــي، ڪميڻـــي
تنهن سان ٻاروچل ٻاجهون ڪيون، هوت ڏسي هيڻي
اگهـــائي عنـــات چئـــي، تـــي تڪـــر ۾ ٽيڻـــي
جا هئي ور جي وهيڻي، تنهن کي محب مليو مُنهبار ۾ (2)

لطيف جي ننڍي عمر، صالح طبيعت ۽ ميين شاهہ عنات ڏانهن سندس دلي رغبت مان صحيح گمان اهوئي نڪري ٿو تہ نوجوان لطيف اسي ورهيہ جي هن شاعر ۽ بزرگ وٽ ڪي سوچڻ ۽ سکڻ لاءِ ۽ نہ ڪيس سمجهائڻ ۽ سيکارڻ لاءِ ٿي ويو. ميين شاهہ عنات ۽ پٽائي صاحب جي سُروار بيتن کي غور سان پڙهندي چٽيءَ طرح معلوم ٿيندو تہ پٽائي صاحب هن بزرگ کان گهڻو ڪي پرايو. ميين شاهہ عنات جي بيتن ۽ واين پٽائي صاحب کي گهڻو متاثر ڪيو ۽ ميين شاهہ عنات جي وفات بعد پڻ سندس ڪلام سان پٽائي صاحب جي تمام گهڻي محبت رهي جنهن جو عڪس پٽائي صاحب جي ڪيترن ئي بيتن ۾ بالڪل نمايان طور نظر اچي ٿو. عام زباني روايتن وارن بيتن کي ڇڏيندي، هيٺ اسان ميين شاهہ عنات ۽ پٽائي صاحب جا ڪي مستند بيت يا بيتن جون مصراعون مثال خاطر ڏيون ٿا (3). انهي لاءِ تہ اسان ٻنهي جي قريبي رشتي کي پوريءَ طرح پرکي سگهون:

---

(1) "عمر مارئي جو قصو (بنا زاتين)" جوڙيل آخوند عبدالرحيم محمد وفا عباسي جو، پريمر پريس حيدرآباد، ڇاپو ڏهون، سنہ 1911ع تان ورتل.

(2) لطف اللطيف، وفا پبلشنگ هائوس، ڪراچي، 1951، ص 73. اصل متن ۾ هن بيت جون آخري ٻہ سٽون هيٺينءَ طرح آهن جن جي مستند روايتن مطابق تصحيح ڪئي وئي آهي:

اگهـــائي عنـــات چـــوي تنهنجـــي تڪـــر مـــان ٽيڻـــي
جا هي ور جي وهڻي، تنهن کي محب مليو مهيـاڙ ۾

(3) اهي مثال هن ڪتاب "ميين شاهہ عنات جو ڪلام" ۽ علامہ امداد علي صاحب قاضي جي مرتب ڪيل "رسالو (پيغام) شاهہ عبداللطيف جو" (سنڌي ادبي بورڊ، 1961ع) مان ورتل آهن.

| ميون شاهه عنات | شاهه عبداللطيف |
| --- | --- |
| اوڳڻ پائي پاند، پرين آيس تو مٽي<br>(ڪلياڻ فصل 1: بيت 3) | اوڳڻ ڪري اپار، تو در آيس داسڙا<br>(ليلان چنيسر داستان 3: بيت 5)<br>پائي آيس پاند ۾، اوڳڻ عيب اپار<br>(مارئي 8: وائي) |
| برڪت محمد مير، پار پهتا پهيڙا<br>(ڪلياڻ1: 7) | سرڻ تنهنجي سير، تون پار لنگهائيين پهيڙا<br>(ڏهر 2:2) |
| الست ارواحن ڪي جڏهن جاڳايو جبار<br>(ڪلياڻ 2:1)<br>ڪبير ڪٺام ڪيترا، هئي هئي ۽ پاٺان هيج<br>سهسين صغير وٺا، ڏونگر ريج اريج<br>(ڪلياڻ 2:2) | الست ارواحن ڪي جڏهن جاڳايو جليل<br>(سهڻي 1: 10)<br>مون هٿان منهنجا ڏٺي، سهسين ٽٺا صغير<br>پڪي منجهه پنوهار جي، ڪوڙين ڪٺم ڪبير<br>(مارئي 5: وائي) |
| اولي اور، عنات چئي، سڪڻ ايُ شرط<br>(جمن 1:2)<br>ٻُڪي ڏيندا ٻاجهه جي، نهاري نارون<br>(جمن 1:7) | سائو منهن، سونهن وئي، سڪڻ ايُ شرط<br>(يمن ڪلياڻ 7:6)<br>ٻُڪي ڏيندا ٻاجهه جي، آيا سور ڏٺي<br>(يمن ڪلياڻ 1: وائي) |
| تارا اوتارا، ونيون وڄاٺو پرينءُ جو<br>(ڪنيات 1:1)<br>سج سونهارا، سيد چئي، خبر ڏجاهون<br>هت آهين اتاهون، هت ٿو پسين پرين ڪي<br>(ڪنيات 1:3)<br>سڄڻ سويارا، ڀيج ڀنيءَ گهر آئيا<br>(ڪنيات 1:4)<br>جن هميشه هيڪاند، تن سانگ م پئي، سيد چئي<br>(ڪنيات 1:5)<br>چند تنهنجي بات، مونکي آهي من ۾<br>الله لڳ، عنات چئي، تون اڄو منجهه رات<br>تن جنهن جي تات، سي ڏسي تون ڏيکارهون<br>(ڪنيات 1:7) | ونين ۾ تي ويهه، تارن ۾ ڪر تڪيو<br>(آسا 3:13)<br>هت ٿو پسين پرين ڪي، تون چند اهوئي<br>آڏت چئج ان ڪي، ڏيانءُ جو روئي<br>(ڪنيات 1:3)<br>سڄڻ سويارو، ڀيج ڀنيءَ گهر آئيو<br>(ڪنيات 1:10)<br>هيڪاندي هوئي، سانگ مَ پوي سڄڻين<br>(ڪنيات 1:3)<br>چند تنهنجي ذات، ٻاڙيان تان نه پرين سين<br>تون اڄو ۾ رات، سڄڻ نت سوجهرو<br>(ڪنيات 1:14) |

جن جا ور نہ وَسيلا، تن ياناڙن ييلي ٿئين
(ديسي 5:2)
آرياڻي جا عنات چئي، ڏونگر ڏيندءِ ڏس
(ديسي 8:2)
سندي چانگن چس، وجي پيبر ٿرندءِ پپ ۾
(ديسي 8:2)
ڏوري ڏهہ عنات چئي ٽڪ تني لئي تات
روجهن گڏي راتِ، هوت پچندي حب ۾
(ديسي 1:3)
سرهہ گڏبئي سسئي، سوڙهي منجهہ سهي
(ديسي 1:4)
آئين جي ورن واريون، وجو سپ موٽي
(ديسي 5:4)
تتي ڪوسي ڪاهہ، ڪانهي ويل وهڻ جي
(ديسي 10:4)
هئڙا ياروڇن جا، چوڏاري تو چاري
(ديسي 4: وائي – 2)

جت ڪڙم نہ قبيلا، اُت رهبر رسج راهہ ۾
(آبري 5:3)
ليڙن جو لطيف چئي، ڏونگر ڏيندءِ ڏس
(حسيني 43:12)
سنديءَ چانگن چس، پيبر ٿرندءِ پپ ۾
(ديسي 16:5)
روجهہ ڏنائين رات، هوت ڳولينديءَ حب ۾
ڪيچين جي ڪڙي ٿيي، توءِ تنين جي تات
(ديسي 12:5)
سرهہ گڏبئي سسئي، سوڙهي منجهہ سبيل
(ديسي 14:5)
وجو سپ وري، آئين جي ورن واريون
(آبري 10:2)
تتيءَ ٿڌي ڪاهہ، ڪانهي ويل وهڻ جي
(معذوري 7:5)
ڏنئي نہ ڏيرن جا، چوڏاري چاري
(ڪوهياري 12:1)

تنهن ڪي دل ۾ دوجي ڳالهڙي، مڳَ نہ تسي مال
(سورٺ 4:1)

مڳَ نہ تسي مڱڻو، نہ مِلڪ نہ مال
(سورٺ 13:2)

تاڙي ڪي توار، پپيهل پتيو هيون
هارين هر سنيائيا، سرها ٿئا سنگهار
(سارنگ 1:1)
اُنا پٽ پراڻ جا، لڪڙي سامارو
(سارنگ 3:1)
سڄڻ هئڙا ڏور، مونکي مينهن ميڙئا
(سارنگ 4:2)
سرهيون سنگهاريون ٿيون، پيارين پهي
(سارنگ 13:2)

اڄ پڻ اتر پار ڏي، تاڙي ڪي توار
هارين هر سنباهيا، سرها ٿيا سنگهار
(سارنگ 8:1)
ونا پٽ پراڻ جا، ونيون ساماري
(سارنگ 9:4)
جي پرين هئڙا ڏور، سي مونکي مينهن ميڙيا
(سارنگ 22:4)
سرها ڪيائون سير، سرهيون سنگهاريون ٿيون
(سارنگ 27:1)

درجي جو مالڪ آهي: اول هن سنڌي شاعري لاءِ نوان گس گهڙيا جي ڀٽائي صاحب پوءِ وڌيڪ سوڌيا ۽ سنواريا. شاعري جي وراثت ۾ ميين شاهہ عنات ۽ ڀٽائي صاحب جو رشتو ڄڻ والد ۽ فرزند وارو آهي: بيتن ۽ واين واري سلسلي جي نئين تخليقي شاعري ۾ ڀٽائي صاحب ئي ميين شاهہ عنات جو حقيقي جگر گوش ۽ جاءِ - نشين آهي.

## خاتمو

ميين شاهہ عنات جي ڪلام جي ترتيب توڙي سوانح جي تنصيل تي ڪافي توجهہ ڏنو ويو آهي. اهي ٻئي پهلو ذرا پيچيدا هئا، پر گهڻي حد تائين انهن کي قدري سليقي سان سلجهايو ويو آهي. انهيءَ هوندي بہ مقدمي جي هن خاتمي لکڻ تائين ڪي نيون ڳالهيون ۽ نوان نڪتا ذهن نشين ٿيا، جن بابت هينيان اشارا ضروري آهن.

ترتيب جي سلسلي ۾، سرود ڏناسري جو فصل 4، جو قادري طريقي جي بزرگ شاهہ خيرالدين بابت آهي، سو معنوي لحاظ سان فصل - 2 طور اڳ ۾ اچڻ گهرجي ڇاڪاڻ تہ شاهہ خيرالدين سان ميين شاهہ عنات جي عقيدت خاص طور هڪ مريد واري آهي. سرود ڏناسري جي فصل -2 جو [22] بيت، " تو سنپارا شاهہ ! ڪوڙين ڪرنشون ڪريان - الخ" (ص 22) پڻ غالباً شاهہ خيرالدين بابت چيل آهي ۽ انهيءَ لحاظ سان شاهہ خيرالدين واري فصل هيٺ اچڻ گهرجي.

صحت جي لحاظ سان ڀ (زباني روايتن) وارا بيت تحقيق طلب آهن، جن مان ڪن بيتن جي اسان پويان "مختصر سمجهاڻي ۽ اشارن" (ص ص 237 - 294) هيٺ تصحيح ڪئي آهي. ساڳيءَ طرح "سرود آسا" جا بيت پڻ تحقيق طلب آهن. 'شاهہ جي رسالي' جي قلمي نسخن جي گهري مطالعي مان شايد اجان بہ ڪي اهڙا بيت ملن جي ميين شاهہ عنات يا سندس سلسلي جي شاعرن جا هجن. مثلاً: 'رسالي' جي ڪن نسخن ۾ ڏنل 'سر ڏناسري' جو هينيون بيت غالباً شاهہ بلال جو آهي:

منهن مناري سامهون ڏٺم نوري نور
ٻرن ٻاهر منجهہ ٿا ڪوڙين جت قنديل
حضرت جي حضور ۾، زاريون ڪن ذليل
سيد پير سبيل، تو پوچ پياري پهيڙا[1].

مرحوم قادر شاهہ نصرپوري جي بياض[2] ۾ ڇاڻايل آهي تہ "تاريخ 27 شوال سنہ 1323هہ" تي شاعر بزرگ مصري شاهہ مثال ڏيندي چيو تہ، "ميين شاهہ عنات جو بيت آهي تہ:

تو نہ سئو سپرين، نينهن اڳئي شينهن
ٻوليو تہ ٻهر پئو، سٽيو سانوڻ مينهن.

"مراد بہ اها فرمايائونس تہ نينهن شينهن آهي جي ٻاهر نڪتو زبان ڪان تہ ڪائي مارينديس، ۽ جي سيني ۾ هوندس تہ مثل سانوڻ مينهن جي فيض ۽ آبادي ڪندس."

سوانح حيات جي سلسلي ۾ هڪ اهم نڪتي جي وضاحت ضروري آهي. ڪن بيتن ۾ سمايل اندروني اشارن جي بناءَ تي، ۽ خصوصاً سرود ڏناسري ۾ ساڳري درياهہ ۽ شيخ موسي بابت اُهڃاڻن جي آڌار تي، بنده کي قوي گمان هو تہ ميين شاهہ عنات ساگري جي ڪنڌي تي ئي غالباً سڪونت اختيار ڪئي، مگر جيئن تہ

[1] پيتيو، سرود ڏناسري فصل - 5 بيت [3] "مٽي نور نيلڪن جنهن کي آڌي ڪانهي ايل - الخ"
[2] هي بياض سندس پوٽي ميان قادر شاهہ جي مهرباني سان مطالعي هيٺ آيو.

# مـتـــن

# ميين شاهہ عنات جو ڪلام

# سرود ڪلياڻ

## فصل پهريون

[۱] اسين بندا تُهنجا، تون آسانهجو ڏڻي [ن ق]
ڏنا ڏوهہ بخشيين، خاڪين تان ڪٽي
مڙيئي ڏول نهارئان، جان عنيين ساڻ هٽي
تان سَپنئان ئي گهٽي، رحمت تُهنجي راڄيا!

[۲] سائرُ لهريون، ريچ وڻ، جين ۽ سيپڪين پڪ [ن ق]
وڏا وڻ ويڙڻ ٻر، ڪير ڳڻيندو ڪڪ
آونهون ڏيهہ عظيم جو، پسم تان نہ پرڪ
ڏهاڻ مٿي لڪ، آنءُ پال پلي جا پانئيان.

[۲ الف] آب تارا، مينهن ڦڙا، جئن سڀ ني وڻان [ن ق]
ڏر اوڀڙ، پٿر، باهڻ، واريءَ ذرهہ ڪٿا
شهر، بحر، بلال چئي، جان هنيين ساڻ هٽان
طرح نہ پسم طُومار جي، ڪيڏنهن نظر ڪٿان
اونهون علم الله جو، آءُ پانهي سُڃون پڙهان
تينهان ئي ڳُهٽا، آءُ پال پلي جا پانئيان.

[٣] آوَڳڻ پائي پاندِ، پِرين! آيس تو مٿي [ن ق]
تون پانهجيءَ ڪاندِ، ڪر ڳُڻَ اسان سامُهان.

[٤] آوَڳڻ آنتُ نہ ڪوءِ، تُونهِينْ ڄاڻين سپرين! [ن ق]
آسَرُ آهِم پوءِ، جينءَ اوڳڻ مَٿائي ڳُڻَ ڪرِيينْ.

[٥] پَلءَ جي پائينِ، تن جو خالق! خالي نہ ڪريين [ن ق]
گُهرون گهٽ(١)، گهٽين پريين تن کيءِ اُميدون آهينِ
آسَرَ تنهن آهينِ، جينءَ مڱندا تون نہ موٽائيين.

[٦] چاڙي ٻجهي جي ڪِئِمِ، نِنيا وڏا ڏوهَ [ن ق]

[٦/ب] پالَ پلي جا پانئيان، اٺ ڪٺيا اپار [ن ق]
رحمتون رحيم جون، ڪوڙيين لک هزار
بندا! بندگي، بلال چئي، ڪر پرين جي پچار
جڏهن صاحب ڏٺي ستار، پانهجيءَ سين ٻاجهون ڪري.

[٥/الف] صاحبُ سدائين، جتي جانڪيتان جيءَ ؏ [ن ق]
سچو وهين ويسرو، چاڪر تو چائين
پلءِ مهنجي ڪي(٢)، ڏيهاڙئو پائين
عالِمُ آتائين، ستمانا شريف چئي.

[٥/ب] ڪيم جي ڪلتارا سي ٻتيو پائي هاريان [ن ق]
مديون سي معاف ڪريين، بخشين بخشڻهار!
صاحب در، شريف چئي، آهيون اُميدوار
سپاجها ستار! عيب منهنجا ڍڪئين.

---

(١) ن. گهرئون گهٽ. (٢) پلو مهنجي کي (کذا؟)

تَنسان اوباھوَ ٿئي، ربَّ! تُھنجي تـوهَ
جي لکيا منجھہ لوحَ، سي ميان! تون ميٽائين.

[٧] مِيان! تـون ميٽائينْ، ڪَئِمِ ڏوهَ ڪبيرَ [نق]
آلا! هن عاجزَ جا، سيئي ڪَتَ صَغيرَ
بَرڪتَ مُحمدَّ ميرَ، پار پهتا پَهيڙا.

[٨] پـار پهتا پھـيڙا، شفيـعِ سنياريـو جَـنَّ [نق]
آگـي اڳـاهون ڪئو، مـَگـَـرُ مٿان تـَنَّ
ذوق ۾ جَنتَنِ، مُحمّديـنِ موڪَ ڪَرِيين.

[٩] جاڻتو ڪوهُ جمـارَ، غفلت ساڻ گذاريين [نق]
پَهرا پُونِ پرڍِنَ جـا، سُتين ڪهڙي سارَ
ڀالَ ڀلِيءَجا ڀانءِ تون، جِينءُپڪَ پڪيين،واريَ وارَ
سُهائي سَچ ستـارَ، آتـي ڪوه نـ اوريين.

## وائي *

[١] منهجي سيّدُ سارَ لهندو، سونکي آهي اميد الله ۾
سجـدي پئـي سُپريـن، زاري زور ڪـندو.
سونکي آهي اميد الله ۾

* ميان امام علي شاهہ کان مليل.

امت ڪارڻ احمد اچي، پرمل پاڪ پسندو.
مونکي آهي اميد الله ۾
جڏهن صُور ڏَڪاءِ ڏيندو، اکيون سچ ڪيندو.
مونکي آهي اميد الله ۾
مهت ڏيندو مومنينُ، ات محمدّ مير ملندو.
مونکي آهي اميد الله ۾
'نَفسيْ نَفسيْ' سيڪو ڪري داتا ڏي ڏِڪندو.
مونکي آهي اميد الله ۾
اچي ات، عِنات چئي، بديون بخشائيندو.
مونکي آهي اميد الله ۾

فصل ٻيو

[١] "اَلَسْتُ" ارواحن کي، جڏهن جاڳايو جبارَ [ ر ]
رڙهي رهبر رسئا، سي سُلْ مون نبيَ يارَ
مُلڪين فَلڪين پڌرا، آڳي ڪئا اظهار
ساڪن ڪئا ستار، اوڏا سي، عِنات چئي.

[٢] ڪَبيرَ ڪئام ڪيترا (١)، هئي هئي پاڻان هيجِ [نق]
سَهسين صَغيرَ وَڻئا، ڏونگرَ ريجَ آريجِ
ٻاجهہ سپاجها سڏڙا، شفيعَ! تون سُٺيجِ
ڪوڙِنِ سندا ڪارڻي! رَهيس، ڏاڻ رسيجِ

(١) ن. ڪبير ڪيائين ڪيترا - الخ. ق. ڪيئم ڪوڙين ڪبير ڪيترا - الخ.

آسانئجي، عنات چئي، ڪٿهين (۱) ڪا ڪريج
سائينءَ لڳ سڄيج، اکيون عاجز سامهيون.

[۳] شفيع ڏي سڄيج، هن عاجز جون آهون [ذق]
جيلاهه آجهو عالم آهين، اوناڻين دانهون
تيلاهه ڪٿان تو مٿي، ٻاڪاريو ٻانهون
آڇان اوراهون، جي مان قرب ڪوڙين.

[۴] ڪني سهاڻن ٿئي، عرب ڏي اکير [ذق]
وڪ برابر هيڪڙي، لهن ڏوهه ڪبير
روشن ٿيان ڏي ٿئي، جتي عالمن آمير
گهر ٿئي جي ڪير، مرسل جني من ۾.

## وائي *

درس قريشي! عرب ديسي! توکي رب سنڀالي، ميان سائين!
اول نور نبيءَ جو، تاري ۾ رکيائين- ميان سائين!
ڏسي ڏيهه ڏٺين ڪي، 'التحيات' آتائين- ميان سائين!

---

(۱) ن. ڪينٿهين
* ن تروڙي ق ۾ ڏنل واڻي مارئي جي سُر ۾ آهي.

منجهان بهشت بُراق سينگاري، پيا ملائڪ مُڪائين -
مِيان سائين !

آءِ موجن سين محمّدا! اِيَ توکي ذات ڏنائين -
مِيان سائين !

آدمُ، عالَم، عارِفَ، مُرسَلَ، سڀ خاطر تو خلقيائين -
مِيان سائين !

جت سَڀُ نہ ملائڪن جو، اُت ڳُجهاندر ڳَرِهيَائين -
مِيان سائين !

جِنْبِي جبرئيل سين، پاوَنْگِ پيہر ڏَريائين -
مِيان سائين !

گَس غُربَتَ، خاصِ خلوتَ، اُوپر چڙه، اُتائين -
مِيان سائين !

عرض ڪري، عنات چئي، امت انعام لڌائين -

مِيان سائين !

# سرود جمن

## فصل پهريون

[١] مَٿي دائم ڏَرَن، اُپِيـنا عِنات چئي [ن]

تن جولڪ نہ لحظو لنگهيو، ڪئو خلاف ڪَرَن

ويرو تار وَڏي گهڻو، سندو شوق سَچَن

سي پَٽ رُوندا رَتَ وَچَن، جن پِريئڙو پِرين سين.

[٢] مَچُڻ روئين رَتُ، پاٿي ڳَـاڙِ مَ پِڌِرو (١) [ن، ر]

---

[٢ الف] عاشق سُڏيج ايئن، لٿون ليڪانج نيڪٿين [ن]

جيئن پَدرو پڌر نہ ٿئي، تئن ٻر رکج تيئن

ساندي ج گهڻو، شريف چئي، تهن نينهَن نڀائين جيئن

تہ ميڙاني جا مينهن، وڃڻي ٿي وسائيين.

[٢ ب] ليڪ ميڪ سدائين توءِ، پڌر وجهه م پريئڙو (٢) [ذ ق]

جيئن پَدرو پاڙيچي نہ ٿئي، تيئن ڳجهوئي تون روءِ (٢)

ڪر شڪرانا، شريف چئي، آدب پڌر اِهوءِ (٣)

ڪنهن کي ايئن م چوءِ، تہ لڳي پيرت پيرين سين.

---

(١) ر. پاٿي ڳاڙ م پڌرو، اندر روئج رت.

(٢) هي ٻئي مصراعون ق ۾ ڪين آهن.

(٣) ن. پڌرو هوءِ.

اولي اور، عنات چئي، سڪڻ اي شرط

وحدت گڏئو وت، مڇڻ خبر ٿئي ڪرڻ ڪي.

[٣] خبر ٿي ڪرڻ ڪي، ته ماڻ(١) ڪندا ڪوه [ن]

صورت سپيرين جي، ڏٺي ڪونهي ڏوه

لوري لڳم لوه، جنهن مونکي رت رئاڙئو.

[٤] وڃ م وات تنهين، جتان ڪرن وهٽو [ن]

ڏهن پر سڪ سيرن ڪي، جين ۽ خير ٿئي نه ڪنهين

سائي راه سنئين، جنهن ۾ ڏهمت نه ڏر جيتري.

[٢ ب] ايڪيچ سيڪيچ لوڪ ڪان، ڏيڪ م ڏورن جين [ذق]
جو متن مشاهدي ڪڏيو، سو قطرو سڀلان ڪيمن ۽
سائيج گهٽو، شريف چئي، نينهن نهائين ۽ جين ۽
نه ميڙانئي جا سينهن، ويئي ني وسائيمن.

[٢ د] نينهن اکيين سينهن، تو نه سٿو سپيرين (٢)! [ذق]
ٻوليو ته ٻنهر ٻيمو، سٿيئو سانوڻ سينهن
سنئون تنهي جو ڏينهن، سانيدو جن، شريف چئي.

[٢ ھ] روح ۾ وينا رون، ملاحظي ماڙهن جي (٣)
ڪا ٻچار ٻيرين جي، چوريائي ۽ نه چون
جين حقيقي حال ٿئو، سي ٻڌ ر هنڌ نه ٻون
او حضوري شون، جن ايڏو ٻار، ٻلال چئي.

---

(١) ر. ماڻ ڪي.
(٢) ق. تو نه سٿو سپرين، انهن اکيين سينهن.
(٣) ق. ملاحظي ماڙهن جي، روح ۾ وينا رون.

[٥] اڻَ چُوندَنِ ڪِيمَ چوؤ، چوندنَ چيو وسارِ [ر]
انئي پهر، عِنات چئي، پَرِ اِهائي پارِ
پايو مُنهن مونـن ۾، غربت ساڻ گذارِ
مفتيِ منجهہ وهارِ، تہ قاضي ڪاڏيارو نہ ٿئين(١).

[٦] رَهينَ پاسِ پِرينَ، تہ ڪوهُ طَبيبَ طَلَبئينَ (٢) [نق]
آنـدَرِ جا، عِناتُ چئي، ڏيـڪارِ مَ ڏَڏَنِ
هٿئون حَبيبنِ، دِلِ جو درد دفع ٿئي.

[٦ الف] جـهوڙانيي حـبيبَ، جي تون تنَ تهڙو ڪـريهن (٣) [نق]
تہ سدائين، شريف چئي، پڇين ڪـوهُ طبيبَ
لڌون ڪـلَ قـريبَ، دَمُ دم ۾ دوسَ اچي.

[٦ ب] دلِ دُروغين وَتَ، ويـهـي جـيمَ وجـائيـين (٤) [نق]
تَن سين شامل ٿي ڪ مَ، شريف چئي، جي گهـڙي اچن نہ ڪهت
اهڙا لـڪي لـتَـ، ڪـر صحبتَ سَچن سين.

[٦ ج] پـرپنڌا، متن ڪنڌا، ڪتهہ ڪتهہ جي ڪـرين [نق]
سي پينڌَ ۾ پانئج بانهجا، جي دليون ڏاڙ ڏڙين
جي اهڙا ڪم ڪرين، تن سين شامل ٿي مَ، شريف چئي.

---

(١) ميان امام علي شاہ ڪان مليل. (٢) ق. ڪوهُ طبيب طلبئين، جي رهين پاس پرين.
(٣) ق. جي تون تنَ تهڙو ڪرين، جهوڙاني حبيب. (٤) ق. ويهي جم وجايئين، دل
دروغين وت.

## فصل ٻيو

[١] شڪر ساقي سڪ، جا نہ آڇجي عام کي
سڀئي رهہ، سيد چئي، پي پيالي پڪ
نيڻن جني جو نانهہ سين، تني ڏني تڪ
لوڪان ڇڱي لِڪ، جي هوءِ حضور حبيب سين.

[٢] پيالي پرين جي، مونکي پُر ڪيو [ر]
ساقي! ان شراب سان پري ڏي پيو
گهمان مست ٿيو، اڳيان دَرِ دوست جي(١).

[ا ب ا] پيالي پرين جي، ڏيکاريو ڏيو [ن ق]
مون متن مستان ٿيو، خمارئو ڪيو
آب انهيءَ آڇ جو، پُر ڪيئو پيو
تہ جانڪيتان جيو، بقا سان، بلال چئي.

[٢ ب ا] عاشق زهر پياڪ، پسي وهہ وهسيا [ن ق]
ڪڙي ۽ قاتل جا، اصلان ئي هيراڪ
بازُو آنہ، بلال چئي، چارئي چڪن چاڪ
توني آنت اولاڪ، تہ پڻ آہ نہ سلن عام کي(٢).

(١) ميان امام علي شاه ڪان مليل. (٢) شاه جي رسالي، سر ڪليان د ٠ ٢، ب ... ڳي معنيٰ ۽ ... ڳيي ڪافي سان لطيف جو بيت ڏنل آهي تہ: "عاشق زهر پياڪ، وه ... وهسن گهڻو. الخ"

[٣] پروڪو پرو، ڏنو موکي متارن کي
تهن ٻارهي ماهه ٻڌائيو، ته هو سپاڙو سرو
ڳالهاءِ هون ڳرو، پر ساهه ڏنائون سٽ ۾.

[٤] هٿ ڪٿيو سڏڪا ڪري، موکي ماءِ ڳري [ر]
نه ڪنهن مارئا جنگ ۾، نه ڪنهن سور ٻري
هاڏي رئان ڪيئن ڪري، مادر! متارن کي.

[٣ الف] ونءُ ونءُ وٽيءَ وتڙو، مٽ مٽ ملهه ٻڌو [انق]
قدر ڪيفَ ڪمال جو، پياڪن پيتو
سڙها سر ڏيئو، تا چکن مرڪ، شريف چئي.

[٣ ب] ونءُ ونءُ وٽي وتڙو، مٽ مٽ ملهه ٻڌو [قن]
اڄ ن درس دڪان تي، ڪنڌ قبول ڪيو
موکين موتُ ٿيو، بتيءَ تي، بلال چئي.

[٣ ج] موکي! متارا آئيا، آئي هٽُ آپٽ [انق]
تن جي بها وٿ، بلال چئي، جو منڌُ ساڙيوءِ مٽ
ساقي! ان شراب جي، وٽي ڏٺي وٽ
ميسين آهي مٽ، جي پڙوڪو پيارين.

[٣ د] جي سرو هنڌ نه سهنگو(١)، مٽ جو ملهه ٻڌو [انق]
دارو دو-آستو (٢) تن جو، ڪلالن ڪيو
پسي وٽيڪ وهَ جي، ڏين خمار ٿيو
پڙرو تن پيو، جن قاتل پيتو، قطب چئي.

---

[٤] ڪٿان [٦] تائين بيت ميان امام علي شاهه ڪٿان مليل.

(١) ن. سنهنگو.

(٢) ن. دُ آستو.

[٥] ڪامي ڪوري وچ ۾، پتنگ وڌا پچي [ر]
اُني وَٽِ آتِش جِي، سيڪا سُڌ سچي
موٽو ڪونه ٻچي، ڪامي سڀ خاڪ ٿئا.

[٦] اچي اُجهايو آڳ، ڪي، پتنگ ڪري پرواز [ر]
ڪامي خاڪ ٿئڻ جو، اُني وٽِ انداز
رمز پُروڙئون راز، جيري جي جِيي جو.

# سرود ڪنڀات

## فصل ٻهريون

تارا اوتارا، وڻيون وڇائڻ پرين جو [انق]
سيئي اڳڻ آئيا، جي جي جا جيارا
ٻسي پيارا، اکين آسون پنيون.

[١] چوڏهن ڏائي چوڏهيون، توڙي چنڊهي سين تارن [انق]
پونہ پات⁽¹⁾ نہ سي پسان، جي سنڌا سپيرين

[٢ الف] آيهين چوڏهين اوڀڙو، جلوو [illegible] جوڙي [انق]
اِي سوجهرو، شريف شان، سڀ [illegible] [illegible]
جتي نُورُ حبيب جو، [illegible] [illegible]
[illegible] [illegible] چوڏهين، حقيقت هن حال جي

[٢ ب] [illegible] چڱائي چنڊ جي، [illegible] [illegible] جو [illegible] [انق]
آجو [illegible] اکين تي، آني [illegible] [illegible]
[illegible] تون خالق! جوليهين، ڏيپ جتي جو [illegible]
محبوبن [illegible]، [illegible] [illegible] بات، بلال چڙهي.

[٢ پ] [illegible] چمڪائي چنڊ جي، [illegible] [illegible] [illegible] [illegible] [انق]
جهڙي [illegible] [illegible] جي، [illegible] نت [illegible] [illegible]
[illegible] [illegible] [illegible]، جي اکين [illegible] [illegible].

---

(١) ق. [illegible] پات.

پرهہ جو پانڌي پڇان، اُڪنڊي ائُون
سجَ سونهارا، سيّد چئي، خَبَرَ ڏجاهُون:
هت آهينِ اُتاهُون، هُت ڏو پَسين پرينءَ کي.

[٤] چَنڊُ قُطب ۽ ڪَتيُون، سانجهيَ ساتيرا [ن ق]
ڏيا ڏيهہ ڏٺين جا، مٿان موچارا
سُونهن تا، سيّدُ چئي، نُورَ تَجلّي تارا
سَجَڻَ سوڀارا، ڀيچ ڀِني گهرِ آئيا.

[٥] جين تو آندي جوت جليلَ ڪان، چنڊَ ڀهنجيءَ ڪاند [ن ق]
تي وجهي سيچ وصالَ جي، ڪَلي ڪارڻ ڪانڌ
ماڙڪ ڀاري مٿون، جهيڙي پَلَڪن پاند
جن هميشه هيڪاند، تن سانگ م ڀئي، سيّدُ چئي.

[٦] چَنڊَ! تنهنجي ايَّ، مونکي آهي مَنَ ۾: [ن ق]

---

الله لڳ اسانهجا، ڏج سنيها سردار
ٻارهو ائين پانهيجا، قطب چئي، قرار
آهيت جا آڌار، آڳهر! آهيو اکهين.

[٦] چنڊَ! تهنجي سڪ، مونکي آهي من ۾ [ن]
منجهان سونهن، شريف چئي، پوج جهلي تو پيڪ
نهاريندي نيئر سين، هڏ نہ پڳي هيڪ
جينءَ تون تارن ٽيڪ(١)، تينءَ سٽ منهنجا سپرين.

---

(١) اصل. جئن تون تارن ۾ ٽڪ.

اوٺو آتر سپرين، ڪين مربو سي
جي جڙيا منجهه جيءِ، سي ڏسي تون ڏيکار مون.

[٧] چنڊ! تُنهنجي بات، مونکي آهي من ۾ [انق]
الله لڳ، عنات چئي، تون آچو منجهه رات
تن جنهين جي تات، سي ڏسي تون ڏيکار مون.

[٨] چنڊ! تُنهنجا ويڻ، مونکي آهين من ۾ [انق]
الله لڳ، عنات چئي، اِنَ نياپي نيڻ
سوپرائي سيڻ، ڏسي تون ڏيکار مون.

[٩] ڪر چٽائي چنڊ، سهائي، سيد چئي [انق]

---

[٩ الف] پيشاني آيريو چنڊ، ڪري سهائي [انق]
اِن .. جهري، شريف چئي، لائيي اونداهي
جتي نُور حبيب جو، آنهُون آتِ دائيي
وهنئي واٽي، پيره ڏيندا پرين کي.

[٩ ب] سنڌني سنبل، آيرندي چنڊ جا ڪري [انق]
آڳ . پاڙيان اُن سين، ڪوڙيين پيا قنديل
عالم ٻيهي تنهن کي، آڏي ڪانهي ايل
ڏنيس جوت جليل، اهڙي سونهن، شريف چئي.

[٩ ج] آيترئو آڏتُ، ڪري سهائيي [انق]
ويٺي نت نهاريان، جوڏس چيتائيي
مون کهر منهنجا سپرين، آئين الاهي!
ت ڪر سيائي، بٽيي بات، بلال چئي.

سيئي اڳڻ آئيا، هنيين جني جي هير
لوڏامون[۱] لک لهي، جين ڏين پاٻوهي پير
سيئي سرها ٿيا، جهن سڄڻ آيا سير
قمر پاڙي ڪير، شمس سپيرين سين[۲].

[۱۱] ڇيو تاري جو ڪري، آيو چنڊ چڙهي [د]
ٻيٺو اُت آڙي، پسي پيشاني پرين جي[۳].

---

[۱۰/ب] ڪري پاڻ پرين سين، ناسوبو نظرُ [ن ق]
آپيڻو عرصات ۾، قطب چوءِ، قمرُ
چٽانبي ۾ چنڊ جيي، پوکيي گل پنوَرُ
معافيءَ جو محشرُ[۴]، ليکايائون لطف سين.

[۱۰/ج] جلوو ڪري جهان تي، آڌمينو عنڌبانُ [ن ق]
تنهن مين پندرهن ٻونيون ن پاڙيان، جو سپيريان جو شانُ
ڪري ڪُرنشون، قطب چئي، آت سيڪوئي سلطانُ
ڪنڌ جني ڪُنڌرانُ، پاسي ۾ ٿين پلڪ سي.

[۱۰/د] تجلو تارن اڪرو، نڪت نوراني [ن ق]
تنهن سين جوڙيان ڪون جهان ۾، جا پريتن پيشاني
ٻئو خالق ڪون خلقئو، ڪو سپيريان ثاني
جڳ پلا جانيي، آونچي قد، قطب چئي.

---

(۱) ق، لوڏائون. (۲) شاه جي رسالي، سر ڪنبات، د-۱، ۾ هيئيون بيت ڏنل آهي:

ٻلانيءِ جا پير، پيشانيءِ ۾ پرينءِ جي
اڳڻ اڪنڊئن جي، ڏي پاٻوهيّ پير
قمر پاڙي ڪير، شمس سپيرين سين.

(۳) ميان امام علي شاه کان مليل. (۴) ن، محظر.

[۱۲] چنڊ چوڏس اُڀري، سهسين ڪري سنگارَ [ن]
پَلَڪَ پِريان جي نہ پُڄي، جي حيلا ڪري هزارَ
جهڙو سڀ چمارُ، تهڙو دم دوس جو(۱).

[۱۳] سِڄُ سُياڙي جا ڪري، تهڙي لالائي لِڳَنِّ [ن،ق]
پَلَڪَ پِريان جي نہ پاڙيان، چنڊُ ائي سين تارنِّ
شمسُ سَهائي اڳرو، مُنهن ۾ محبوبَنِ
ڪئين قنديلَنِ اڳري، پيشانيِ پِرينِّ(۲)
هِيُ جو جُلوو جوت سندين، تنهن‌تان ڪوڙين
قربانيون ڪريان.

[۱۴] ڪَتيون رَتيون پاڻ ۾، منجهن ناهہ ڪَپَتِ [ن،ق]
سِکو سڀ، سيّد چئي، تِني ڪنان مَتِ
ڳُوڙهيون ڳُوڙهِي پَتِ، هميشه هيڪانديون.

[۱۴] قطب تاري جيئن، آچُرُ آهين سڀڙين [ن،ق]
اچن ڪين ادب منجها، سيري ساتيرن ميڻن
پيڻا آت، بلال چئي، نرتان منجهان نيڻن
تن ڪي ڪَرُ ڪسيندو ڪيئن، جي طلب تاري ڪان مڪيا.

---

(۱) شاه جي رسالي، متر ڪنيات، د -۱، ۾ هي بيت هن طرح ڏنل آهي:
چوڏهين ء چنڊ تون اڀرين، سهسين ڪرين سينگارُ
پلڪ پريان جي نہ پڙين، جي حيلا ڪرهين هزار
تون جهڙو سڀ چمارُ، تهڙو دمُ دوست جو.

(۲) **ن**. ڪئي قنديلن تي اڳري، ڪئ پيشاني پرين.

## فصل پهريون

[۱] چانگا! چت منجهاءِ، مچڻ ويڻ وساريين [ن ق]
اوٺي جو، عنات چئي، توکي ڏپ نہ ڏاءِ
وٺي وڳ منجهاءِ(۱)، ڪڏهن ڪره ڪاهيندءِ
ڪاڪ ڏي.

[۲] تون نديو ۽ ناقص، اڳيان ٻرُ وڏو بارُ گهڻو [ن ق]
سلطاني سراءِ تي، راه رڙندا(۲) پس
هت ويڙچري ڪٿو ءِ وس، هت ريهون ڪاريندءِ راه ۾.

[۳] اڳ نہ ڪسٿو ڪرهو، هيڪ ڪچو ٻي ڪاه [ر]
واڏان پاسي ورچي، گونرو پسٿو گاه
ڪٿيندڌي ڪاسن سين، ريهون ڪندين راه
آت ڪانهي ٻي واه، جت واڳون وس ڏٿين جي(۳).

[۴] آتَ! آٿاسو ڏو گهمي، تو توهي ۾ ٽاڏو [ر]
جت سجي ڏو جوءِ ۾، جنهن جو گهمي ٿو گهاڏو

[۴ الف] هٿي ناڪڙي نڪتہ ۾، ڪڏهن نوڏ ٽاڻيدا تو [ن ق]
جو پهنجو پاڻ پلاڻو، تنہ نہ چوندو ڪو(۴)

---

(۱). ن. وٺي ورڪت منجهاءِ، ق. وٺي وڳ منجهاءِ. (۲) ن ق. رڙندا. (۳) روايت حاجي عمر چانڊيو، ڌ ين ميان امام علي شاهہ ڪان مليل. پڙ هيءَ بيت شاهہ جي رسالي، سر ديسي د. ٥، ۾ ڏنل آهي. (۴) ق. جن پهنجو پاڻ پلاڻو، تن نہ چوندو ڪو.

تاڙ هڻنديءَ تڪڙي، ڪنڌ سرواڻ سياڻو
ميڙل آتي مهري، تون ميا! ڇڏ ماڻو
آڏو ني، عِناتُ چئي، ڏيندين نماڻو
جو لَس چُڻءِ لاڙو، سا ويل ويندي وسري (۱).

[د] سُوتَ وڏي سيٺُ، جَهل تہ لانچهُون ڪرهو [انق]
سُڏڏيڪو، سيڏ چئي، ڪَرها! آتي ڪيٺ
ڪونڌچونڊئي قيت(۲) جي سُئون هنڌهن سرواڻ سين.

ڪسيندءَ، قطب چئي، چڏيندءَ نہ، چنڊو
راتو ڏينهان رُئو (۳)، اي بوتا سنڊو باتيون.

[۴/ب] ايندءَ ڪم، قطب چئي، اي بوتا منجهہ ٻرنِ [انق]
آتِ اڪيئي گهڻا، ٻيا چانڪا تا چرنِ
جايون گهڻيون ان جُوءِ ۾ پي ڪانهي ڪوٺس ڪرنِ
سي ڏاکڻا ڪيم ڏرنِ، ماڙ جني جي مصطفيٰ.

[۵] ڪڙي ڪرهو، قطب چئي، واڳي جهل وهيٺ (۴) [انق]
متان چوڙين چيڪ ۾، سور نہ ڏيندو سيٺ
ڪوڙين ڪيا ڪيترا، ان ميپي (۵) ريٽي رٽ
چانگا پتسين چيٺ، جي هئين سنئون سرواڻ سهين.

---

(۱) شاهہ جي رسالي، سرِ ثنيات د - ۲ ۾ هيٺيون بيت ڏنل آهي:
اٺ نہ وڃي وِڪ سين، چري نہ لاڙو
سي ڪي مجاز جو، ڏوهي ۾ ڏاڙو
پٺاري پاڙو، مرندي سين نہ مڙيو.

(۲) ن. بيٺ (۳) ن. رُهو. (۴) اصل. ڪُري ڪرهو، قطب چئي، واڳين جهل وهٺ.
(۵) اصل. مڻي.

[٦] دو دَستيون دُوران، جنهن کي سيني سنگهر رُڪ جي [ن ق]
مَتي آکن آکڙي وينو منجهه وٽاڻ
جنهن جا اهڙائي آهڃاڻ، سو هاڙهيو(١) تون هَٿ ڏيين.

[٧] نَو نَو نِيرَ نهرا، پيرين پيڊ پنجاهَ [ن ق]
آکڙئو آکن تي، ڏي ليوئي لاهَ
جنهن کي سنئين ناه صلاح، سو هاڙهيو(١) تون هٿ ڏيين.

[٧ الف] سڌو سنگهرون سيني ۾، تنهن کي پنجاه پيڊين پاءِ [ن ق]
ڪنول جون ڪرهي، جنهن شاخون اچن نه ساءِ
چانگو چيو نه ڪري، مون نه وهيٺو ماءِ!
تنهن کي واحد تون وراءِ، پنهنجي ڪُرڻين، قطب چئي.

[٧ ب] هيٺو هٿ وتينڪُ سو، متو نو متڪراءِ [ن ق]
سڌو سيلهيي سوکهيا، تنهن کي نيٽر نهرا پاءِ
ڪرهو ڪين، قطب چئي، متان چانگو چرهو ڪاءِ
بهارج بر جاءِ، اهان نيو ايءَ نتاش ۾.

[٧ ج] سپيٺ سوٽ سوکها، پاتم ڪرهي ڪنئين [ن ق]
ليڙو لائي ڏسئو، بوءِ نيٽر ساڻ نٿيين
چانگو چيو نه ڪري، تنهن کي صاحب وجهه، سئين
اوباهيوس آئين، ڪنهن پت، قطب چئي.

[٧ د] ڪُڌاتُورو ڪرهو، ڏي ماڻهي تي ماڻهي [ن ق]
ابٿي متي آکڙي، آڪة هتي آهي
ناحق نيٽر پچئو، آٿُ نو آڙاڻهي
ڏاتوري ڏُٽارنو ڪيرداڙُ گهاڻهي
جا ول وهاڻهي، اوڏو وانءَ ۾ آن کي.

(١) اصل. هتاره.

[۲] ڪامون سهہ ۾ ڪرها! بانئا ڪيم هٿاءِ [ر]
اللہ لڳ، عنات چئي، وڪ وڌندي پاءِ
پرينءَ سي پرچاءِ، جن وڏوڻي وره ٽٽا(۱).

[۳] چرهو سرهو سڦرو، چندن چارين جاءِ [انق]
ميا! ماٺو ۾ وهين، هل حبيبن لاءِ
ڪرها ڪُر سنداءِ، ڪسئا تہ رسئا.

[۴] لڪ لاڪيٽو آڳرو، ڪوڙيون ڏيئي چوڙ [انق]
اهڙي ست، سيد چئي، جين ٽين ڪري جوڙ
ترت رسندو توڙ، جو پلاٽو پرينءَ مٿي.

---

[۴ الف] هل تہ هيڪاندو ٿئين، ڪرها! وجهہ ۾ ڪاڻ [انق]
جيڏانهہ عالم آسرو، تون توڏ! تيڏاهين تاڻ
ڪامل آت، قطب چئي، پهچائجاهون پاڻ
تہ رات هيي ڪريون رهاڻ، هتي هلي حبيب سين.

[۴ ب] سڄي رات هيي وڃي رسئا، جي تنهين جو جوٽ [انق]
آناما! الله لڳ، منزل تان ۾ موٽ
ڪلي ڇڏج، قطب چئي، خاطر منجهان کوٽ
اهان تون آپوٽ، ڪيجانهين ڪنڪام سين.

---

(۱) هيءُ بيت خليفي محمود نوحاڻي تان مليو، ۽ سندس روايت موجب آخري مصرع جي پڙهڻي: 'پرين سي پرچاءِ، جن ڏمريي ڏينهن ٽٽا'. شاهہ جي رسالي (سرڪاري ڇاپي)، سرڪنيات، فصل ۲، ۾ پڻ هي بيت ڏنل آهي، جنهن مطابق آخري مصرع جي پڙهڻي ڏني وئي آهي، البت لفظ 'وڏوڙي' کي 'وڏوني' ڪري لکيو ويو آهي.

آچن آءُ، عنات چئي، جين ءَ ڪرڙي ڪان ڪمان
ڪامل ڪنت سڄان، پيچ پني گهر آئيا.

[١٠] رات سهائي، پون سنئين، پائي گهرجي پَلُ [انق]
آگر(١)، آنب، ايلاچيون، چندن ڪايو چَلُ
مون توهي(٢) سين ڳالڙي، پئي ڪنهين سين مَسَلُ
ها هُرَ ڪندو هل، تہ ڪجاهيون ڪرن ڪي(٣).

وائي

[ن] ڪا جاڳالهہ ڪيائون، يا الا! مون مَنُ تهين موهيو.
حال حقيقت، منهن معرفت، ڏسي ذات ڏنائون.
يا الا! مون مَنُ تهين موهيو.
زر خريد جهان ۾، آني جي آئون.
يا الا! مون مَنُ تهين موهيو.

[انق] تنهنجا تنڙ ڪهين(٤) تيز ڪري، واءُ جيئن ءَ تا وَرن. [٩/ب]
پلانئين. پنهنجا ڪيئو، مٿي ڪوٽ ڪرن(٥)
ڪنت ڪٿوري، چوڏس رين، مانڪ مٿين پرن.
اينديءَ رہ، رنگريز چئي، خبر ٿئي م ڪرن.
اچي ڍول ڏرن، آگن آکنڊن جهي.

[انق] چوڏهين ءَ چٽاني چند جي، سهاني سترس [١٠]
پونيهي ماه پند ۾، چانگي ڏنيم چس
قدم ساڻ، قطب چئي، تيهن ڪرهي لائا ڪس
رات رهاني رس(٦)، آيو ڀاڻ پرين سڄين.

(١) اصل. آڪرن. (٢) اصل. توهين. (٣) شاه جي رسالي ۾ سر ڏنيات ٥ - ١، ۾ هيءُ بيت ٿوري لفظي ڦيرگهير سان نقل آهي. (٤) ق. تنهنجا تنڙڪي. (٥) ن. ڪوٽ ڪرن. ق. ڳوٺ ڪرن (مٿي ڳهوٽ ڳهرن؟). (٦) ن. جو رات رهاني رس.

# سرود سراڳ

## فصل پهريون

[١] جڏهن جَرَ ڏُونه جهازَ جُنبيا، ڪَري ياد جَبّارُ [ن ق]
اکيُون وِڏائون الله ڏي، پٺو وِساري پارُ
سَنپاريائون، سيّد چئي، اُمّت جو آڌارُ
تيلانه بصري لٿو بارُ، سُتَرَ سامونڊين جو.

[٢] قيمت پَري ڪوءِ، آلا هارَ آهارِيين(١) [ن ق]
سَنئون ٿئي، سيّد چئي، جَرَ ۾ جَهازوءِ

---

[١] جڏهن 'تون' هي 'تون'، تڏهن سڀُو سڏ سُرراڳ جو [ن ق]
بڻيو بُت، بلال چئي، نہ ڪهي رتَ رڳون
سڀئي لبق سُرود جو، لٿون لئون وڃي اڻون
تيهان پيڙاءِ ٿيوسون، پسڻ تن ٻرين ڪان.

[٢] رکي توڪل تن ۾، پٺوريں جوڙ جهازُ [ن ق]
آئي رکج ان تي، ساري سيونئي سازُ
ڪتنبج ڳهنو، قطب چئي، ڪيج 'آلا' 'آلا' آوازُ
تہ سُورهين تُهنجو مَڪُرو، بالله، نہ ڪائي بازُ
سنڀالج شفيع کي، تہ مَعلُمَ پوءِ مجازُ
رهي تُهنجو رازُ، جيڏنان جِسُ پيرانيهين.

---

(١) ن. الا آر اهارِيين.

[٥] نئين بنائج ناڪئا، ٻيڙي پُراڻي [ر]
ڪپر ڪارونيار جو، ڦِاڙي پاٽي
سالم ونج سڦرو، ڪو سودو سُڪاٽي
اِن پر جي آڻي، تہ ويرِ وڙهنديئي ڪينڪي(١).

[٦] قَرقُلَ، قوٺا، پارچا، آگَرَ ۽ عَنبير [ر]
ڌهڙو وَنج وڏي ڪري، وِجهہ وڻجارا وير
پُني پاڙ م مَڪُري، اڳيان سائرَ سُڄي سير
ڪونهي اُهڪ، عِنات چئي، جَرَ جو ڪاري نِير
گَبِرِ تني جي ڪِير، سات جِني جي سَچيون(٢).

[٧] قَرقُلَ، قوٺا، پارچا، پاتائون پڙيون [ر]
اُني ڪي، عِنات چئي، ڦير نہ ڪَن ڦُڙيون
جي ڇُهي منجهہ ڇُڙيون، سي ٻيڙيون رَکين پاجهہ سين(٣).

[٨] آوي مُلڪ سَنڌون، جئان آيا وڻج ڪي [ن ق]
جڏ سو(٤) وڻج تِئون، جاوي ويندا ناڪئا.

(١) ميان امام علي شاه ڏنو ملبل. هي بيت شاه جي رسالي، سرواڳ د-٥ ۾، شاه عنات جي بيت "ويٺي جر جهاوبان پاڻي لاءِ نرين". الخ. (ڏسو فصل پهو) جي پويان لاڳيتو ڏنل آهي.
(٢) هيءُ بيت، شاه جي رسالي سرواڳ د-٥، ۾ ڏنل آهي. ٻي روايت: "سات جيني جي سچيون". (٣) هيءُ بيت، شاه جي رسالي، سرواڳ د-٥، ۾ ڏنل آهي. ٻئي روايت حاجي عمر چانڊيو ۽ خليفو محمود نوحاڻي. (٤) ن. جو سو.

## وائي

اِي ميان! آسُونِهنِ ڏيکار، پِريان سندو پيچرو. [ن ق]

جَهر جهنگ جهاڳي پٽيون، آيا سون تو پار(۱).

اي ميان!

شاهَ سونهارا، صاحبَ دولتَ! تنين ڏونه نهارِ(۲).

اي ميان!

آنءُ آگِلِي آهيان، ڪم نہ جاڻان ڪارِ.

اي ميان!

مَدِينَ(۳) مٿان مَنُ مهنجو، واحد ڪارڻ وار.

اي ميان!

آيَرنِ آسُونِهنِ ڪي، سائِينءُ لڳس سنپار(۴).

اي ميان!

لَڙَ لَهريِنِ لَسَ ليٽَ تان، عربي! مون اُڪار(۵).

اي ميان!

---

(۱) اصل. 'آيا سون تو در بار'. هيءَ مصرع فقط ن ۾ آهي. (۲) هيءَ مصرع فقط ن ۾ آهي. (۳) ن. مدين (۴) هيءَ مصرع فقط ق ۾ آهي. (۵) هيءَ مصرع فقط ق ۾ آهي.

## فصل پهريون

تَنَّ سِرِ تَـواري، آيِي مَگِّي اُوسَهِيُونَ [انق]
آکَڙيون اوڙاھ ڏُونه، نَئِين سِجِ نِهاري
آلا! اگھڻ آئيـن، سو وَڻجارو واري(١)
کِلي کيڪاري، تہ آنءُ ڳالهاري ڳرِ لائيان.

[٢] اُلَٿي سِـجَ آئِي، دُعا مَگَڻَ درياءَ تي [انق]
جَرِ تَڙِ ڏِٺا پوهيانْ(٢)، آچِنِ اِلاهي!
خَبَـرَ ڪِيـانتِنَ جِـي، پِيِـسِ سَيائـي
ويساهَ واڌائي، پلٽہ پـاڻَسِ پاتشاه.

[٣] اُيِي جَـرَ جُهارِيَان(٣) پاڻي لٽـي پِرِيَنَ [انق]
خضِرِ پِيرُ خداء جو، مانَ موٽائي تنَ
جَنِ گڏئـا تن چيو، اِجهي تا آچِنَ

[١] ڪهـتَرَ سوريا، جـَرَ پوڇيا، مون پڻ جيني لاءِ [انق]
تن جي خبر ڪيانتا آئهين، قطب چئي، ڪٽل ڪاءِ
جڳ لنگهي ويا جن ڪي، سي مولى! مون ملاءِ
وڻجارا وراءِ، تہ آنءُ ڳالهاري ڳرِ لائيان.

(١) اصل. 'سي وڻجارا واري'. (٢) ن. بوهيان ق. پوئيان. (٣) ن جوجر هاريان، ق.
جرجه هاريان.

آيل سَگي (١) اوسهيون، مون ڪَتندي ڪالَ
سَؤنُ ٽٿاسون سَڦرا، جينءَ چُڙيءَ آرتَ مالَ
اِيَ پِلي جا پال، جينءَ ماءِ! مسافر آئيا.

[٦] سڙهه پرِ سکاڻي! آبُ اوڙڪي (٢) آڪٿين [ن ق]
مُعلم (٣) ماڳ منجهه ٿئو، پسين (٤) تو پاڻي
سهڻي ڏِنم سپرين، روح ۾ رهاڻي
آيل! سک آڪين ۾، اِيَ مونکي نه ماڻي (٥)
سنڙ سي ساڻي، شل ماڳ موٽندا مون پرين.

[٧] جني واسيا وار، گهر سوريا، جَر پوڄيا [ن ق]
پَرلڪانَ پري هٿا، اُنـي جا پَتار
ايندنِ جي، عنات چئي، سٿائون تڙ تنوار
سمنڊ ساهوڪار، اوءِ سيلُ رکي سنجهه آئيا (٦).

ڪل اندران (٧)، قطب چئي، سڙه تي سجائي
دوران دوربين ۾، چوليءَ جائي
پرڏن اوءِ پاڻهي، وري وطن آئيا.

---

(١) ق. سگيون. (٢) ن. اوڙڪي (٣) ن. معلم (٤) ق. پسي (٥) ق. نماڻي (٦) شاه جي رسالي، سر راڳ د - ٤، ۾ هيءُ بيت لفظي فرق سان هيٺينءَ طرح ڏنل آهي:
تڙ پوڄيا، گهر سوريا، جڏا جن واسيا وار
پَرلڪان پري هٿا، اني جا پتار
(باقي حاشيه صفحي ٣٩ تي)

[١٠] ڪيائون تاڪيد تَرازُئين، هُرمجِ ڏُونه هَلنِ [انق]

پيتيُون پاڻيــنن(١) جــون، وِڏيون وڻجارن

وَڪر وِلاتُــنِ جا، سُرهــا سيِ سَندنِ

بَنَدَرَ شاهَ بخَشئا، لاڳــا (٢) لقَبَ تنِ

ڪِلَــنِ ۽ مِلَــنِ، گهوٽ ڪَني گهر آئيا.

(١) ق. پاڻيءَن (٢) ق. لڳايا.

# سرود رامڪلي

## فصل پهريون

[١] سِيتپُرِي، رامِيسرِي، جن ڏِٺو ڪرناٽَڪُ [ا.ق]
وِڏو آنِ، عِنات چِئي، فانيَ سين فَرقُ
تَنَ ۾ جِنِي ترڪ، سي آديسي ايندا قُرِي.

[٢] آديسي ’جَڳنات‘ ڏُونه،ڪي ’رَنگاماٿي‘ رَمَنِ(١) [ا.ق]
ڪي ڪَهيا ’ڪوڪَنَ‘ ڏُونه، ڪي ’مَلِيوار‘ پسنِ
وَڏامن(٢) مِنَتَ ڪري، جيجان! جوڳيڙَنَ
ڪيڙائُو ڪَندَنِ، آوءِ آچن وري، عِناتُ چئي.

[٣] آتَرَ اوتَ نہ ڏِينِ، صرفو ڪَنِ نہ سِيَ جو [ا.ق]
پَوَنَ پَواڙا ڪَرِي، تڏهن سَمَرِٽيُون سورِينِ

[٣] پَوَنَ پواڙا ڪري، پارو جڏهن پوءِ (٣) [ا.ق]
آديسين الله جو، تڏ شوق سنياسين هوءِ
اوت نہ ڏين آتر کي، پورو تائين پوءِ (٤)
آوءِ لاهوتي لوءِ، ڪامل ٿيا، قطب چئي.

(١) اصل. ”ڪي رنگاماٿي ڏونه رمن“. (٢) اصل. لفظ ائين آهي. (’وڏان من‘؟ ’وڏان مون‘؟)
(٣) ن. ’پارو تڏهن پوءِ‘. (٤) ن. ’آتر اوت نہ ڏين اوءِ، پورو تائي پوءِ‘.

آڏيءَ جو، عنات چئي، اُوءِ آلڪ سين اوڙين

جُهوپا نہ جوڙين، مَڇڻ پوَي وٽ وِصال ڪي.

[٤] جينءَ جو اُتر مُٽ، تينءَ سي وهسن ولهہ ۾(١) [ان ق]

ڪنهن لالچ لانگوٽ ٻَنڌَ ٿا ڪَن جُٺي سين جُٽ

اُوءِ ٻَوَن ڏين نہ ٻُٽ، آديسي، عنات چئي(٢).

[٥] ٻنن ڪين ٻَت(٣) ڪٿي، گهُرن ڪين گهَرا(٤) [ان ق]

مَهيسري(٥) مخلوق جي، اُپين دور دَرا(٦)

تن سامين شُهرت ناه ڪا، ويراڳين وَرا(٧)

لنءَ جي سُڄي لڪ ڙي(٨)، ڳولين تن ڳرا(٩)

يٰاَيها الذين آمنوا توبوا الى الله توبةً نصوحاً،

اِيَ ڏ ٿائون ڏُرا

پُڇن توءِ شَرا، جُهُ اندر عدالت اَنِ وهي.

[٥] جڏهن اتر آور، تڏهن گهار ٻن. ميٺهن ميدان ۾ [ان ق]
ٻيراڳي، ٻلال چئي، ٿيا ڪنهن سناسي سُور.
آسڻ آئي ان جي، ڏکڻ مڙيئي ڏُور
هتائين ٻرينءَ حضور، وڃي ناڻگا ڳڏيا ناٿ سين.

---

(١) ن. 'جڏهن اُتر مٽ، تڏهن ويٺا وهسن ولهہ ۾'. (٢) هيءُ بيت 'شاه ديواني' جي درگاه واري مسجد جي ديوار تي لکيل مليو. (٣) ن. 'ٻٽ'، ق. 'ٻٽ'. (٤) ن. گهران. (٥) ق. مهيسي. (٦) ن. دران. (٧) ن. وڃا. (٨) اصل. لڪ ري. (٩) ن. ڳولي تن ڳران.

وِلهون اُتَرَ واءُ(١)، گهارِينِ مِينهَنَ ميدانَ ۾ [انق]
ويراڳـي وجـود کي، ڏيـنِ تَپيسَرَ تاءُ
بات ٻريائي نہ سُٺي، تن مانيٺَنِ مُلاءُ
سچاتائون، سيّـد چئي، آديسين اللّٰهُ
جوڳي جڳـ وِچاءِ، اوءِ سناسي ثابت رهيا.

ڏُکَن ٿا ڏُونهان، سُرڳـ(٢) سناسين ٻاريا [انق]
راتِ ڏِکـيَ(٣) رَمٿا، راوَلَ راهَ سُونهانُ
وِرہَ ويراڳين جِي، عامَ نہ آنءُ ڇُٺانُ
راتو ڏينهين رئان، ساريو لکڻ لاهوتين جا.

[الف] ڀرت جنهن ۾ ئي پوءِ، محبت سندي منهن ۾ [انق]
ويٺا وِهسن ولهہ ۾، اُتر لڳندي اوءِ
سناسين، شريف چئي، ننڊ نہ ڪوءِ
تکيي اوچن نوءِ، آن کي محبت مڙهيان ئي ڪنديو.

[ب] وِلهون اُتر ڏينهن، گهارين مينهن ميدان ۾ [انق]
ويراڳين وسائيا، مٿي آني مينهن
ٻري بات، بلال چئي، سيڪا پائين مينهن
ناکني جي نينهن، سناسي ثابت رهيا.

[ت] جوڳي جوڳـ جوڳا ٿيا، جوڳـ ۾ جوڳيائون [انق]
مڪان راه رفيق جي، منهن ۾ موڙيائون
ثابت شرع پير تي، خيما کوڙيائون

(١) ق. نجت ولهون اُتر واءُ. (٢) اصل. سُرڳ. (٣) ق. ڏکيءَ.

[٨] تَڪيِنَ سينِ⁽¹⁾ توڙا، ڪاپڙِين ڪينَ وٺي [انق]
ڄَرانڻي ڄيري سين، ڪارا ڪٺائون ڪوڙا
اَنِ نہ ڪَنيا پاڙَ سين، ڄامَنِ جا جوڙا
اوچِـڻَ آجـوڙا، سَجوڙا ڪـي سڄڻين.

[٩] طمع جِـي تمام، مور نہ آتـنِ مَن ۾ [انق]
پِنَنِ ڪينَ پـتَ ڪَٿي، گوڏڙيارا گامُ
جِتان لوڪَ لَڄَ ٿئي، اُتِ آديسين آرامُ
راوَلَ گُهرِي رامُ، ڪوڙَنِ جينءَ ڪڪورِئا.

[١٠] طمع سندي تِنِ کي، لِڪَ نہ آهي لَبُ [انق]
ڏُنائون ڏينهين گهٽين، آڳي جو عَجَبُ
رَاوَلَ گُهرِي ربُّ، ڪوڙَنِ جينءَ ڪڪورِئا.

---

ڪارون ڪريان، قطب چئي، تن آديسين آئون
مونکي ڏنائون، سندو قيمت قطرو.

[٨] دم دونهين تي نہ هڻن، اوءِ والهن ۾ وحسن [انق]
ڪيئي ڳالهہ، قطب چئي، ڪئي قبول ڪاپڙين
هوءِ عليا هنگلاج ڏونهن پيون ڏيئي پن
تر نہ طمع تن، توڪل تڪيو تن جو.

[١٠] سامين پاڻ سڪائيو، مٿي سيءَ مدام
کو وَهہ، ويراڳين کي، جيئن ترسي ڪين، نہ طعام

(١) ق. تڪئي سين.

[١١] اوڳا ليکي عامَ جي، اِيَ خاڪي خبردارَ [انق]
ڪهڻَ پئي پِڇي پورا ٿئا، جينءَ جانڻ نہ ڪَن پچارَ
مات سِجائي مات ڪئائون، مانئان ٿئا موچارَ
چڱون چانپِي چيڙسين ڪئائون ڳرئين ڳاڙهاوارَ(١)
نانگَن نظر نہ ڪنيو (٢) ڏُر ڏَرتئان ڏارَ
تيلانهَ ڪن نہ تَوارَ، آديسي، عِنات چئي.

[١٢] تن سامين ساجهر چڏيو، جوڳين جاڳي لو [انق]
تن کي لُنگ لانگوٽئا جانِ تي، ڪونهي قبيلو
جن جو هِت هي حيلو، هُتِ گُرگُروئين گڏئا.

[١٣] ڪنوڻي موڻي، آدل! آيا مون ڳري [انق]
ڏَرڪ مَا شُغلاهُ جو، لينگ نہ لانگوڻي
ڪَمَر بَستا ڪاپڙي، ڪَين نہ ڪاڇوڻي
باهر بـارڻ سڪئا، بابـو باهوڻـي
پوءِ م ويچوڻي، اسان سين، عِنات چئي.

ڪاپڙين، قطب چئي، نيئين نہ حرام
راول ڪهري رام، ڪوڙن جيئن ڪڪورئا.

[١٤] نيئي پس تان لانگ بند (٣)، رُوني جن رومال [ر]
ڪَستين بَستين ڪَمرين، لُنگ چاڙهيائون لال

---

(١) ر. ڪرئين ڪارا وار ق. ڳريون ڳاڙها وار. (٢) ق. ڪيو. (٣) اصل. نيئي پسداءِ ذانک بنا

[۱۴] مون سُمهڙا ڪئا، سُنهن مونسا ۽ هٿ [انق]
سَناسڪي سَٽ، آهي مَرڪ مراقبو.

### فصل ٻيو

[۱] جي ٻائين جوڳي ٿيان، تہ پر جوڳيڪي ٻار [انق]
آدب، اخلاص، صبر، شڪرانو، ذڪر، ذڪ وسارِ
انو ڇهر، عنات چئي، 'مهر پري' ۾ گهارِ(۱)
جي سگين اِيَ ڪار، تہ 'ويرنات' ويجهو ٿئين.

[۲] جوڳي ٿئين تہ 'ويرنات' ٿي، ناتہ نالو ڳنهہ جو ڳـا [انق]
آدب ڪر، عنات چئي، ڇڏي رِيائون روڳـا
اندر عظمت اوڳـا، تہ نات نظاري سين ٿئين.

وجي دونهيون دوست لاءِ، تن جوڳين ڪيون جال
صبح ويل سگن ڪندا (۲) [تونئي] ڏوڙڪ ڏمال
بيڪاري، بلال چئي (۳)، وجي حسبان رتائون حال (۴)
مجي سوري سال، ڪؤنر ڪشڪورنا ڪاپڙي (۵):

[۱] ويرا! ڏهلو رَس، جوڳي سچي جوءِ ۾ [انق]
نهاري هئون نيڻن سين، ٺُهڙو (۶) پنهنجو ڳَس
ڏري هئون ڏرهاني ڏَس (۷)، شرا جوء، شريف چئي.

---

(۱) ن. سهُمر پڙرين، ق. سنڙہ پٺوري سجهہ گهار. (۲) اصل. سگن ڪندا. (۳) اصل. بيڪو چئي. (۴) اصل. حبارتائون حال. (۵) هيءُ بيت شاه ديواني جي درگاه جي مسجد جي پٽ تي لکيل هو، جتان قلمبند ڪيو ويو. (۶) اصل. ٺُهر (۷) اصل. ورهاني ڏس.

[۴] رکي توڪل تن ۾، ڀڃين پڇائج پاڻُ [ذ ق]
سناسي، سيد چئي، اهوئي(۱) جاڻج جاڻُ
ڪِي چڙج ڪاپڙي، سندو غير گماڻُ(۲)
ڀڃين پلنج پساڻ، پوءِ پڇائج پريتڻو.

[۴ الف] ڪپڙيءَ ڪيهن، قطب چئي، رهڻيءَ جي رهڻ [ذ ق]
شمشير جا صبر جي، سا سيني منجهه سهڻ
ته اهڙي سامي سچ سين، وت ٿئين وڌ وهڻ
لوچي ليڪن لهڻ، ڀڙ ڀريان جي پنڌ جي.

[۴ ب] ڀڄ ڪچاڙٿا ٻارئين، اندر سچ مچاءِ [ذ ق]
آئي آڳ عشق جي، ڇاتيءَ کي ڇنڀاءِ
ڪاپڙي! قطب چئي، ايءَ هنين سين لاءِ
ته راول! روءِ سنڌياءِ، هوند جوڳي گڏجيئي جوڳ ۾.

[۴ ج] داڳ ڏکائج دل کي، لائج ڪيهر لباسُ [ذ ق]
ڪنوتي، قطب چئي، تن ۾ ڏکج تپاسُ
ٻاڻي ڳاڻج ٻانهجو، سڙهيئان اندر ماسُ
ته ويراڳي تو واسُ، ٻابو ٻڌيئون موڪلي(۳).

[۴ د] پڇائيهن پريتڻو، ته خاڪي رکج خوءِ [ذ ق]
يوسف چئي، ان جوڳ ۾ ٿئي هدايت هوءِ
نانگا! گڏجين ناٿ کي، وڃي روءِ پروءِ
هدايت جي هوءِ، آئي منجهان اپري.

---

(۱) ن. اِنهون ئي. (۲) ن. غير جو گمان (۳) هيءُ بيت، شاهه جي رسالي سر رامڪلي
د-۹، ۾ هيٺين طرح ڏنل آهي:

داڳ ڏکائج دل کي، لائج ڪو ڪو لباسُ
ٻوري ڳانئج ٻانهجو، سڙهيان اندر ماسُ
ته ويراڳي تو واسُ، ٻڌن ۾ ٻوين موڪلي

[۴] نڪي ڳولينِ ڳوٺ ۾، پيهي ڪِينَ پَنَنِ [ن ق]
ويٺي بڪ بس ڪري، اُتان آديسين (۱)
آڻ-گُهريو، عِنات چئي، تن ڪي ڏنو ڏيهہ ڏٺين
گورکُ گودَڙيـنِ، آسَڻَ ويٺي آئيو (۲).

[۵] ناتَ جِتي ئِي ننڊِ، اُتِ نہ پچئو جوڳيين [ن ق]
ڪُويساهَا (۳) ڪاپَڙِي، پُرِئا پَراهين هَنڌِ
هِيُ (۴) هَنهين هَنڌِ، هوءِ هليا هنگلاج ڏُونهَ.

[۶] ناتَ جِتي ئِي نِجهُرو، اُت جوڳينِ ڪيو نہ جُهارُ [ن ق]
ڪُويساهَا (۳) ڪاپَڙِي، مَنِئائُون (۵) پُورَبَ سندو پارُ
گُرَ جو هت گذارُ، هوءِ هليا هنگلاج ڏونه.

[۷] مَرَڻُ آمنا جِسنَ، واحدُ تِسنُ نہ وِسري [ن ق]
ڪَپِرَ مَٿي ڪاپَڙِي، اوءِ نانگا ننڊ نہ ڪَنِ
اکيون سنديون تِسنِ، اوجاڳي اُجارِيون.

[۸] مرڻ مُشاهدو جن جو، سي جيئڻ پانئين جارَ [ن ق]
ڪڍي چِڏيا ڪاپڙيين، اي سور سهيئي سارَ
ايءُ انڪُ اکيئي لکيو، نانگن جي نرارَ
آنِي پيچ آهارَ، تہ ڏينده ڪَلَ، قطب چئي.

(۱) هيءُ مصرع نقط ق. ۾ آهي. (۲) ق. سي متائي جاڳن، ننڊ عبادت آن جي. (۳) ن. ڪويساهي. (۴) ق. هون. (۵) ق. مٿائون.

[٨] اوجاڳي ڪي آڪرا، اوءِ سُمھڻ ڀانئين سورَ [ن ق]
اِيَ پَرِ آديسين جي، گَھر ڏانهْ ڪن نہ گھورَ
ڪَنهن پرِيان جي پورَ، اوءِ وَڏي ويراڳي ڪئا .

[٨ الف] ننڊ نہ ڏين نيڻن کي، ڪن اوجاڳو اوءِ [ن ق]
ڪاپڙين، قطب چئي، ياالله! آئــي بوءِ
تن نفسانيت ناه کي، خاڪي سَنديِن خوءِ
نانگا ڪَنڌيا ناٿ ڪـــي، وڃي روءِ بروءِ
هدايت جـــي هُوءِ، آني منجهان آيري .

[٨ ب] ڪن اوجاڳو اڪثين، نيڻين ننڊ نہ ڏين، [ن ق]
پيرَ جتابو پانهجو، مٿي ڏرَ ڏرين،
آديسي الک کي، ان پر اوڏا ٿين،
نيڻهن نيايو نين، انهيءَ ڪمال، قطب چئي .

# سرود مارئي

## فصل پهريون

[۱] ڏِهَ ڏُونـہ آيِي ڏي، سنيها، سيّد چئي [ن‌ق]
نياپا ڏيهن ڳالهائن، ڪو(۱) پائر پانڌي ڏي
آنءُ پڻ تنهين ڪي، چنديان ڪِهہَ اکينِ سين.

[۲] بينڪ جن بَرن ۾، کهَہَ ڪانڊونبا ڪاڄُ [ن‌ق]
آنو پهر، عنات چئي، تن واڇوڙو وهاڄ
ڪَنين ڪڏهين نہ پئو، تن اُڍي جو آواڄ(۲)
جِمَ رُلائين راڄ، عُمَرَ! آباڻـنِ جو(۳).

[۳] اُرهہ جَهليو گانجرو، تا مٿي ڪوه ڪڙين(۴) [ن‌ق]
گهيٽا پڪَر چاريـو، ورِيتـيون وارين
تاسياريُون ڏَڙن تي، ساريو تا سانگين(۵)
آڏيَ رات، عنات چئي، ڏيٺَن ڪي ڏاٿين
سُنّت جـا رسولَ جي، پڇئو تـا پارين
مارُو ڏَنُ نہ ڏين، عمر جي اوصافَ ۾.

---

(۱) اصل. ڪا (۲) اصل. آواز (۳) هيءُ بيت شاه جي رسالي جي ڪن قلمي نسخن ۾ بہ موجود آهي (ڏسو ڊاڪٽر عمر بن محمّد دائود پوٽي جو مضمون "شاه جا ڪم ڏٺل بيت"، رسالو "نئين زندگي"، ماه آڪٽوبر، ١٩٥٦ع) (۴) ن. ڪرين ق. ڪرين (۵) ن. سا ڪين.

[٣] رات رباري آئيو، اُني جو اوٺي [ن ق]
تليون سڀ تار ٿيون، سڀ جوءِ سٿوٺي
ڪوءِ(١) ڪاناءِ ڪوٺي، لڳنئون لوهَ لهي ڦٽا.

[٤] لڳنئان لوهَ لهي ڦٽا، ٿئو بند بدا [ن ق]
سٿوم ويڙ وصال جو، ڪهندي ڪانگ ملا
آئو پهر، عنات چئي، آس م لاهِ هنيا!
سَتي! سنجهه صباحَ، ملندءِ مت مَلير ۾.

[٥] اُڌو موڪ مَلير، مون پانڌيڙو (٢) پڇيئا [ن ق]
اوءِ اُٺان ئي آئيا، سڪي جن سرير
سَتي! آءَ سائيهه ۾، ثابت رکي سير
جرڙا ٿئو جنجير، اِي سنيهو سٽي ڪري.

[٦] مناڙي(٣) موڪ دهُ، جي ڪونچر ڪوري(٤) ڪَنِ [ن ق]
پائر پسايو، مير جهپ (٥)، اِي وطن ويڙهيچنِ

...

[٧] وَري ويڙهي جپ (٦) ۾، آيا پنهي آس [ن ق]
هيڪ سويائون ماڏوهيون، پيا ڪرڙ اڏيائون خاص
چڙهي رهيا چوٽهين، پلي جي پرواس
ڪيي مڪ ڏينءَ چاس، آنجيي ڪوڪڙ، قطب چئي.

(١) ن. ڪوءِ پيا (٢) ن. پانڌيڙو (٣) ن. ميناريهين ق. ميناري (٤) ن. ڪوڙي.
(٥) اصل ائين (وير جهپ = ويڙهي جهپ؟). (٦) ق. ويڙهين وچ ۾.

آسرو ۽ آڪرو، ملڪي (١) موڪ رهڻ
راڄاري ۽ رتڙون، مهنجي هنيين منجهه هُونِ
اڪيون آب اُڪنڊيون، پهنجي ڪوڙ ڪتِن،
عُمر! اباڻن، لاهي بندن بدا ڏيين (٢).

[٨] آبُ آڳاٽي ڏاڪڙين، تا جميان جرُ ڪين [ن ق]
تاڙيــو تيڻن سِر تا مٿي آنهن وجهن
آڏي رات، عنات چئي، سائيڪا سنجن
ٿون ڪين مٿي تن، تو سٿر ڪريين سومرا!

[٩] ڪهه، ڪوڙي، ڊه مڪٿي، جت ڳاڳيون ڳم ڳنڊير [ن ق]
پيريو(٣)، پيرٽ، پچٽي، ميڙين منجهه ملير
هلرو، للرو، لنب، لاٽي، هنجن(٤) واچوڏو وير
ڊيٻي، ڊامڻ، ڏيڪٽي، ڪانو، ڪرڏو، ڪرير
سڻ(٥) سيارچ، ساڏوهيون، ساريان منجهه سرير

[٨] تيڻ تليانون، ڪوه ڏاڻيانون، ڪوسي ويا ڪهترين [ن ق]
مونيي ملير آنيــــا، عشڙا جــي برين
سرها گهٽو، شريف چئي، آئن مينهن ترين
ويٺا جڻون وطن ۾: مارئي شال ورين!
لڳي تن ڪرين، ميڪون لاهين سومرا!

(١) ن. مٽاڪي ق. مٽاڪي (٢) ن. ڏي. (٣) ن. پيريئون (٤) ن. هنجڻ (٥) ن. سگر.

تن ڪي واحد سيھڻ وسائيا، ٿاھَرِ ٿا ٿَرَ ڏيرَ(١)
سيّد چئي، ساڻيھہ جي گھرِ ڪٿيرِين ڪير
ثابت رکي سير، پرچي اوءَ ڀھنوارَ سين.

[١٠] ڪينُ آڻين، ڪينُ چاڙھين(٢) ڪينُ واڻين ڪَٽَنَ [ذق]
قوتُ ڪکائون سومرا! ڀاتائون پَٽَنِ(٣)
عُمَرَ! آھراڙي(٤) جا، سنيوڙيا سٿَنَ
تن جا ڏڏَنُ ڏيل نپائيا، ڀلاءُ تانُ نہ پچنَ
دور ڏو پيازا آڳھين، آگر ڏونه نہ آچنَ
عادت ناھِ آس جي، اُستَ آڪوري(٥) پينَ
ڪانا قيدَ ڪونيون، ڏُک ۾ ڏيکارِ ڏنَ
شالَ سدا سُک وَسنِ، الاھي! عنات چئي(٦).

[١١] اُوڏا، گُونڊا، ٽنڊيا، نيھيرا، نيٽا [انق]
فائق ٿٿا فقير سڀي، سومرا! سيٽا
پَريا ٽِڙ ترائيون، گھيڙين ٿا گھيٽا
ڪن عيش، عنات چئي، وسين ۾ ويٽا(٧)
خاڪين تان ڪيتا، عمرا! لاھہ عَڪَس جا.

(١) ٻي پڙھڻي: ڏيرَ (٢) ن. ڪينُ آڻين، چاڙھين (٣) ڀاتائون پٽَنَ؟ (٤) ق. آھڙَنَ.
(٥) ن. آڪوڙي (٦) (٦) الاھي عنات چئي، شال سدا سک وسن؛ ق. شال سدا سک وسن،

[١٢] اُوِدا، گُونـدا، تـنديَا، ڦَـرڪُرا ۽ لار [ن،ق]
ڦُوهَرا (١) ڪِيِي پاڻ سين، وَجن ڊار ڏٽار
چِيڪت چيلاڏن جي، تَليِنْ پوءِ تَوار
ٻِٽا ٻڪريـن ٻر، ٻُـرَنِ سَئينءَ سَنيـار
تہ پڻ پورا پَت پهنوارَ، جي اڏو ٻَنڌ ڪَٽيينْ.

[١٣] اُوِدا، گـونـدا، تنـديـا، نـورانيا پانــور [ن،ق]
واهوندي وَٽ موريا، ڦانگن مُڪي ڦور
چارڏائين چـــاه پئـي، آٿاهـــا آجهور
هَميراٿا هــور، ويـــا ويڙهيچن وسري.

[١٤] هٿ ڪهاڙيون ٻاڏهن ويڙهيون، چاري ڪام چنڪ (٢) [ن،ق]
گِچِن (٣) گِانا پَٽ جا، لُڏن لالَ لَٽڪ
آڏيا آنِ عنات چئي، جهوپا منجهہ جهٽڪ
سدائين همير جي، ڪنبن ٻير ڪَٽڪ
اُني ساڻ آتڪ، سچي آهــم سومرا!

[١٥] هٿ ڪهاڙيـون، چـارين چـاڙهيون (٤) [ن،ق]
ويڙهن (٥) واهن واڪ

[١٦] وَٽَ وريو واڙيون ڪيون، اچيو راج رَهَن [ن،ق]

---

(١) ن. ڦورا (٢) ن. چاري ڪام چنڪ، ق. چاڙيڪا م، چنڪ، (٣) اصل. ڦبسن (ڪذا) (٤) ن. چاهريون (٥) ن. ويهرن

آڻين پڪا، ڏؤنرن ڏڪا، هنڌ اُنهي هيراڪ

سُڪيِ سوڪَڙ، ڪانبيِ ڪوڪَڙ، مُنهن مِ مَيَرماڪ

سَتيون سيلَن وَتيونْ(١) مَتِن ڪتيون، حقّ وهيٺيون هاڪ

اُنيِ جيِ اوطاق، پسان[اڪيين]شال، عنات چئي .

[١٦] جرُ جا ڦَراهوءَ آڳرو، اوءَ تاهِرئا منجهہ ترن(٢) [انق]

ڪاهُو، وِڪاهو، باندِيو، سَدا سُڪ، وَسَنِ

سُئائون (٣) سَيد چئي، راڻاهُئا رِڙڪَن(٤)

آلا! ويڙسينَ(٥) وارُ وِنگوئي نہ ٿئي .

**وائي**

چُونديَس حالُ پهنوار، جيِ ٽِروجان، پائِروجان، آءَاجان [انق]

چالَ م تيان ڪڌهين، ويڙهيچنئان ڏارَ.

چونديس حالُ پهنوار

مَنانْ مور نہ وسريِن، ساڻهہ جا سنگهارَ!

چونديس حالُ پهنوار

لَتما ڪَتِن ڪڏهاڙيهين، لاڪيون لويُون جن.

منجهان متجر رتيُون، پاڻون پهنوارن.

تون ڪيئن ستندا تن، آڻيو قيد ڪبوتر پائيين .

(١) ن. 'سيلان وتيون' (٢) ن. 'تاهرئا او منجهہ ترن' (٣) ق. "سئواءَ" (٤) ق. رڙڪن.

(٥) ق. بيءَ ڙهڻي : 'ويڙ ڇن'.

وَڃي آنءُ وطن ۾، واسيان پهنجا وارَ۔
چونديس حالُ پهنوار
اِلاهي! عناتَ سين، سيلَ لهندم سارَ۔
چونديس حالُ پهنوار

## فصل ٻيو

[١] وَليون ٿيون وِيهيِنَ، اُنا ميهَنُ، عناتُ چئي [انق]
سائونُ، سِيارِچ مَکڙي، ساريان ساڻ هنيين
بندُ بَنديائي لاهيين، تون جانڪيتانُ جيينُ
موکَلَ مون ڏيين، تہ ڏسان ڏاڏائن کي.

[٢] آڇو آب، عِناتُ چئي، ڏِرِئو مَٿان ڏِٺ [انق]

[٢ الف] ڏيهي ريهي راجَ، وطن وَسَ وَسنديون (١) [انق]
مون سگيٺ سومرا! هيت نہ آچن هاجَ
پائرَ منجهہ پَچيي پيا، خوبُ کٿيرين کاجَ
سٿين جا، شريف چئي، اُکهنيهن آواج
لوئڙياريءَ (٢) لاجَ، قادرا! وجهہ، م ڪوٽ ۾.

[٢ ب] جتڙ هيئُون وارڻ، ڪڪُونيٽ ٻارڻ، پنُون پڪُڪن جتُ (٣) [انق]
عمر ابائن کي آڻ، آکندي آتُ
سٿين لي، شريف چئي، کوڙي لڳي ۾ ڪتُ
ميلُ پنجن جي سومرا! مونکي آڇ، م متُ
ٻيءَ ڏاڏائي پتُ، وٺيي شال ويڙهہ پٽان.

---

(١) ق. ڪتن ٻهنُون، ٻن ميهون، ڏاس جني جا ڏاجَ. (٢) ن. لوورياڙيءَ ق. لوئڙيارن.
(٣) ن. پئُر ڪن.

نوٽيون نيل النيون، پاڪ رهيائين پٽ
نيجَل پِريا نوپڙا، پاٽي ٽئو پلٽ
وَليُون چڙهيون وٽن سرَ، مُوئن سُڱندي چَٽ
تون سُونهين سوسرين وَر! وينو متي کٽ
جتي جُلن جَٽ، سو آنءِ ڏيهہ ڏاڏاڻو گهُران(١).

[٢] ڪِينَ اُڏو، ڪِينَ وُڏو، ڪِينَ وَسَندو وري [ن ق]
اوڏي(٢) رات، عنات چئي، آندي خبر ڪري
مَچِي سوچارا ٿئا، اُن جا ڏِڱا ڏور ڏِري
جي بَرن جا بَرِي، ڌن بَنديئڙن بِدا ڏيين(٣).

[٣] پيرُون چُنڊيان پرينَ سان، پلؤ منجهہ پائي [ن ق]
پَسان ماڳ ملير جا، جي پلو پلائي

[٣ الف] سانئيي ماريم سومرا! مارو منهنجي مَن. [ن ق]
ڪجهيون آهيم ڪاڪڙيون، وينديءَ آءُ وطن.
ڪونيئان ڪَين، قطب چئي، تہ پسان پنوارن.
هُت ٿا هيئن چوَن، تہ مونہ (٤) گهرجي مارئيي.

[٣ ب] مرڪن متليرَ چائيئُون، جي ريلُن منجهہ رَهن. [ن ق]
سدائين سرتيون، وٽ پسي وهسَن.
قراريون، قطب چئي، سدا سانيهہ ڪَن.
تيني جن بڪَن، عمر! آڪنبدي آهيان.

(١) اصل. 'سو آنءِ ڏاڏانو گهوران' (٢) اصل. 'رائي'. ذات جا 'رائي' بہ ٿر ۾ موجود آهن.
(٣) ن. ڏي. (٤) اصل. موت.

سيّد چئي، سَببَ جو، مونکي آسرو آهي
مولــو مِلائي، پِٽُــونِ پينــر پيٽيُون!

[٥] مهنجون مارن سان، هَڏَ هي روح رَڳُون(١) [ر]
اُني ري، عِنات چئي، جدا ڪينَ جِئانَ
پَلرُ شال پئانَ، وِجــي ويڙيچن سين(٢).

[٦] پَلرَ پيتم جن سيـن، سي مارو مون ميڙ [ر]
ڍِهري ويا پٽَـن تي، مَٽــي وَنهيان ويڙ
تن جهانگين ساڻ مَجهيڙ، جن جا ٿاڪ ٿَرن ۾(٣).

[٧] مــارُو مائــٽ مُهنجــا، سومـرا! سيـئِي [ن ق]
وِهَندي ڪينَ وَسَ لڳي، جا اُن پَناري پيئِي
سَتين ڪي، سيدّ چئــي، اُمائــج نيئِي
وڻان جن ويئي، تَن گڏجي گامُوين ڪي.

---

[٧] گڏجي گامُوين ڪي، عُمر! لاهج اِيل [ن ق]
جانڪيتان، يوسف چئي، سنَتَ وڏي سان سيل
سرتين ساڻ سَبيل، وطن جي وَسَ چتران!

---

(١) اصل. 'هڏهي روح رڳون، مهنجون ماروئڙن سان' (٢) هي بيت 'شاه جي رسالي' جي مختلف قلمي نسخن ۾ ڏنل آهي (ڏسو شمس العلماء ڊاڪٽر دائود پوٽي جو مضمون "شاه جا ڪُم ڏيل بيت" رسالو 'نئين زندگي'، ماه آڪٽوبر ١٩٥٦ع). (٣) هي بيت بہ 'شاه جي رسالي' جي مختلف قلمي نسخن ۾ ڏنل آهي (ڏسو شمس العلماء ڊاڪٽر دائود پوٽي جو مضمون "شاه جا ڪُم ڏيل بيت"، رسالو 'نئين زندگي'، ماه آڪٽوبر ١٩٥٦ع).

[۸] مارو ماڳ مهر ۾، ڦٽا ڪر فقير [ن‌ق]
ڪانا(۱) قيد ڪوٺيون، زيريون لاه زنجير
موڪل ڏهينم سومرا! عمر! چڙ اسير(۲)
وڃان وطن سامهين، ثابت رکي سير(۳)
ملان منجهه ملير، ڏسان ڏاڏاڻن ڪي.

[۹] پسي پيڪيان(۴) پاند ۾، سا مون گهڻو سهاء [ن‌ق]
هت ڪين ڪيڻ ڪائي خوش ٿئان، ويڻي رات وهاء(۵)
ڏاڻي ڏول اکين ۾، رهندوئي رهاء
سونا ڪيم سهاء، مونکي سندا ماڙيين.

[۱۰] ڇيڇرا ڇٽي پٽا، خبر راڄ ڪري [ن‌ق]

[۹] پلنگ پاسو نه ڏيان، ڏاڻي منهنجا ڏول [ن‌ق]
متنان سور نه وسرن (۶)، آءٌ پڌي تن جي پول
ايندا عمر چام جا، سي تنتائي تول
قطب چئي تو قول، آءٌ وري ايندس ويڙهه ۾.

[الف ۱] چارڻ ۽ وارڻ، پيڇون پائر وٽ ۾ [ن‌ق]
مائٽ منهنجا سومرا! اهڙو ڏڻ ڏارڻ
ڪارڻ قوت، قطب چئي، سويريون مارڻ
ڏاڻر جي ڏارڻ، تين جو سيل م پڇج سومرا!

---

(۱) اصل. انين (ڪاٺا؟) (۲) ن. 'عمر لاه ايل' (۳) ن. سيل (۴) 'پيڪيان' (ڪذا) (۵) ق. 'خوش ٿئي جا ويڻي رات وهاء' (۶) ق. وسرين

وانڍين وڳ وهارئا، ٻرن منجهہ ٻري
آچو پي اڪتيون، وهڪن منجهہ وري
آني جي، عنات چئي، آئي پهر پري
سڄي ڳالهہ ڳري، سيل م ڀڄج سومرا!

[١١] آچي واءُ وڻن تان، ڳهٽي(١) رات ڳرم [ان ق]
اتاهون، عنات چئي، پٽي ڪنهيو ٻرم(٢)
تهن سهائي ٿم، ٻر ٻر چنو روجهڙيين.

[١٢] وس چرن، ويڙه رهن، ڪنڊن هيٺ قرار [ان ق]
سوئي ساريم سومرا! جو پاٽر جو پهنوار
لتو ڏهہ ڏڪار، عمر جو، عنات چئي.

[١١/ب] ڏاڀَرَ ڪتين ڏيريون (٣) آن عمَرَ! اوڏڻ آن [ان ق]
ڪٽيريون ڪيرن ٻر، تاڙيو ٻانين. تن
ڪارڻ قوت، قطب چئي، جهڙيون جها ڪين جهن (٤)
اوچتو لوو ڏياڙيون، اچن ساڻ آسن
سانجهي آن سمن، واهيرو وڙن سين.

[١٢/ج] ويڙهيچا وٽراه ٻر، جوڙي ويڻا جاءِ [ان ق]
تن ڪيا ناڪ ترن ٻر، ڏيپ تنهنجي ڏاءِ
اوءِ چنڊين. لاني، ڪين ڏهاني (٥)، قطب چئي، ڪنباءِ
ڏوني ڪيم ڏڪاءِ، جن زور نہ ذري جترو.

---

(١) ن. ڪتري ق. ڪتري (ڪهڙيءَ؟ ڪهيڙي؟ ٿيڙي؟) (٢) ق. ٻڙم (٣) ق. ڪتن ڏيرين، (٤) ن. جنن (٥) ن. ڏهاڙي ق. اوءِ چنڊن لانيون، ڪين ڏهاڙيون.

[١٣] ڦَريون(١) اوَيڙ ڦُونگيُون، پَڪو منجهہ پَٽَن(٢) [ان ق]
سريڙا سوڪَ ٽڻا، ويڄها ولهارَن
ڇُنديو چاڙهين جيڏيُون، ٻارڻ ڪُونيت ڪَن
اَنِ جون پهون پُوڄ ويائيون، ڏهئي ڏُڏُ ڏهنِ
هينئڙو ويہِ وندرِي، سيد چئي، سيڻن
موڪلَ ڏينهينم سومرا! تہ وڃان ويڙهيچن
رڙي رتولنِ، مَچڻ مَلير رِي سري رهان.

[١٤] اَنو اويڙ ڦونگيُون(٣) پَڪو منجهہ پَٽَن [ان ق]
هيڪاندِيون ٿي هليون، پُسي کي پَڪَنِ
ميڙِين ڏٿ ملير ۾، سدا سانڍہ ڪَن
تِني جِن پڪنِ، عُمرَ! آڪنڊي آهيان.

[١٣] ڦَرين وَس پَٽن ۾، ٿيا سريڙا سوڪَ [ان ق]
ڪُوڙي ٻَڪي، قطب چئي، تَر ۾ چڱا ٿوڪَ
عمر! اباڻن جي، جهنگين پاڻي جيوڪ
ور ويڙهيچا اوڪ، ۾ن سڀچن سومرين جو.

[١٤] پَرڙا تَر تَرائيُون، پيارين. پَڪون [ان ق]
آڻا مينهُن ملير ۾، ٿيئُن ڏينهُن (٤) ڏَهون
قراريُن، قطب چئي، ويڙهيچن وهون
اسين ساعت ڪين سَهون، تون تو سال جَٺا ٻهين سومرا! (٥)

(١) اصل. ڦريون. (٢) ق ۾ هيءَ مصرع ڪانهي (٣) ن. انو ويڙ ڦونگيون ق. آنو ويڙ ڦوگيون (٤) ق. ڏينهن (٥) هيءُ بيت عمر چانڊيي جي زباني ٻڌ ائين ئي ملي.

[۱۵] جهڙا ڪِرڙ ڪڪورئا، تهڙيون لوُيون سِر لڳن [انق]
هيڪانديون تي هليون، پُسيءَ ڪي پَڪَنِ
ميڙيـن ڏُٿ مليـر ۾، سـدا ساٿـهَ ڪَنِ
تِني جن پڪن، عمـر! اُڪنڊي آهيان.

[۱۶] ويڙهـ پڪي وڙاء، ڏارتِ پِڳي ڏيهـ تان [انق]

---

[۱۵ الف] تو جو سڃڃُ پانيو سومرا! آءٌ بالله پانيان بندُ [انق]
متن ۾ سُهرو چانئان، هميرانئو هندُ
مارئيءَ ڪي مارن جي، تن ۾ رهي تندُ
تين ڪي ڏاڍئون ڏيچ ۾ ڏندُ، جن جي ڪوڪـڙ ڦوتُ،
قطب چئي.

[۱۵ ب] منهنجو من مارن ري، رهي ڪين رتيي [انق]
هت لُڙيم لوئي لاک جي، ڪيم، قطب چئي، ڪتي
ڪڏهن سڪ لاهينديس سومرا! آءٌ ويڙهيچن وتي
هيءَ جاڪارڻ ميل ستيي، تنهن جو پرورا! پن رُهائين.

[۱۵ ج] کيهـ، مانڏائو، مکئي، ڦرهـ پڪي ڦيل [انق]
پکا پيرُون پٽ جا، سرتين وٽ سبيل
رکي پنُ پنهور جو، قطب چوءِ، ڪنيل
موڪل ڏينهيم سومرا، عمرا! لاهي ايل
ايءَ جا ستي ڪارڻ ميل، تنهن جو پرورا! پنُ رُهائين.

[۱۶ الف] جيئن هيت گل گلاب جا، تيئن هت پُسيءَ جا پالار [انق]
پيرُون پکا پٽ ۾، ميوئيون موچار
آهين وڻ وطن جا، مونکي هنيڙي منجهه هزار
بينڪون، بلال چئي، آني هيث آپار
ساڙهه جا سنگهار، مولي مون سين ميڙئين.

پَڪا پيرُون پَٽَ جا، سَرتين آيا ساءِ
چُنڊين ماڻ، ڪَتين ڪاڻ، جيڏيون جاءِ بجاءِ
اِيَ سَهَه ساري سومرا! ڪوٽ وِهندي ڪاءِ
لِڳين اوڊِينَ لويُون، سرتيون سِيلَنِ لاءِ
مارن مِڙان ماءُ! مُهتِ ساڻ مَلير ۾.

[۱ ء] جينءَ ساڪوڻ ڪهاءِ، اُتِ پِتُون پينر پيٽيُون (١) [ذق]
سا وِچ پسئو وندري هنيون(٢)، ويني رات وهاءِ
ڏاڍِي ڏول اڪين ۾، رِهندوڙِي رهاءِ

[۱۶ ب] عمر! آبانِن ڪي، ڦُسي ڦڪي ڦَٽَ [نق]
ڏوڻرا چُنڊيان ڏيهہ ۾، ذجي ويڙهيچن وَٽ.
ڪوءِ چڄجا، ڦٽن ماڙيون، مونکي ڪيڙي اچن ن ڳهٽ.
هوءِ جي ڏاڻي ڏٺ، سي ڪامڻ ميڙ، قطب چئي.

[۱۶ ج] آڻي آڏيا اوڏڙا، ويڙهيچن وٿاڻ [ذق]
ڪونيان؟ ڪيِ، قطب چئي، عمرا! لاهي آڻ
ته سي سرتين منجهہ، ساڏوهيون، پرون چُنڊيان پاڻ
تن جيئي جي تاڻ، اوءِ مارُو ملير آئياءِ.

[۱۶ د] ڪُهڙيون ڪوڙيون (٣)، قطب چئي، اُن الاتوهار (٤) [ذق]
آبُ آڏوءِ (٥) تان وريو، مترها تيا سنگهار
آڏي آنٽهيين تئي، پُوٺن (٦) جي ڦڪار
پهنوارن جا پار، عمر! آهين اڱراءِ.

---

(١) ق. "پٽون پينر پيٽيون، جئن سا ڪئوڻ ڪيهاءِ" (٢) ن. "سا وچ پسئو وندران" (٣) ن. ڪُهريون ڪوريون ق. ڪُهڙيون ڪوڙيون (٤) اصل. الاتوآهار (٥) اصل آئين. (٦) ن. پورن.

سوڻا ڪيم سهاءِ، مونکي سندا ماڙيين.

[۱۸] ڪُوڙ کهائي وَنَ(۱)، ڏس ڏاڏاڻن جي [اِنق]
گاهن گلزاريون ڪيون، جهنگين مورئا جُنَ
ونهين ويڙهيچن سين، آگي ڪي آمُنَ
سرتين ساڻ سمن، اُني آهي اُتهين.

[۱۹] سنجهي سنجن ڪوهَ، صبح ساڏوين ۾ [اِنق]
پونياڙي پڪن ۾، لاڻي جي لهه چُوهَ
سونهن سبز، سيد چئي، پُونگر مٿي پُوهَ
راتئو ڏينهان روح، مهنجون اکيون مهڙ ملير ڏي.

[۲۰] هي هي نه هونديا، ساري عمر سومرا! [اِنق]
چچا، محل، ماڙيون، توڙ نه نبهندا
وهامي ويندا، تينده ڏک ڏينهن ڪني.

## وائي

ساريان موڪ ملير، پيرون ڪيرون جيڏيون! [اِنق]
پرچون پهنوارن سين، هاچا چڙيين همير.
ساريان موڪ ملير
وچان وطن سامهين، شرم نباهي سير.
ساريان موڪ ملير

---

(۱) ن. اونَ

جِهڙي ڳُسَّ ڳَسَنِ جي، تهڙو تانْ نه عَنبير -
ساريان موڪ ملير
ڏسانڏيهي، آنْءجنِ جيهي، ڪاڄ جِني جو ڪير -
ساريان موڪ ملير

### فصل ٻيو

[١] ڪِلو، خير تِئو، ماروئڙا! ملير ۾ [ان‌ق]
صلح وارئو سومري، وِچان وير وِئو
الاهي! عنات چئي، ڏسن ڪو م ڏُئو
اِي ڏَنُ ڏوتيڙن کي، پُوندو ڪونه ڀئو
سُرهو سَب هُئو، وطن ويڙهيچن جو.

[٢] آبُ جَنڊينْ، آنُ ڀورئينْ، جن جا ڀَڪا جهُوپا پالَ [ان‌ق]
اوپر ٽَرِ، عنات چئي، ڏنِ جهجها آڏيا جالَ(١)
سِجُ سِياٽي جا ڪَري، تهڙي لوڏِنِ وِٽڪ لالَ

[٣ايف] لوئي عذ نه لاهيان، جا ڪتهين چن چيٺي [ان‌ق]
وتي وڄان ويڙ ڏي، ڳڻن ساڻ ڳنهي
سالان (٢) سڪر پيانئيان، جا ڏاڏاڻن ڏني
ميڙيان ڏٿ ملير ۾، تسي(٣) ساڻ تيني
جا ڳيس لئي جني، سي ڪامڻ ميڙ، قطب چئي.

(١) اصل ۾ هيءَ مصرع ٽيو نمبر آهي. (٢) اصل. شالا (٣) اصل. تنهين.

جن جي ڪال برابر سال(۱)، تن بنديئڙن بدا ڏئين.

[۳] سونهن ڪرڙ خاص، وڏيئن ويڙهيچن جا [انق]
’اُنَّ‘ انهيَ ڏيهه ۾، ڏيج جني جو ’ڏاس‘
پٽولي نہ پاڙيان، لوئيَ جي لباس
آلا! پُڄي آس، اُڪنديِن، عناتُ چئي.

[۴] ڪينءُ ٿرين، ڪينءُ ٿوهرين، ڪينءُ آباڻي چئجاء [د]
پائرَ جي پيرن ڪي، آئين ڪو عرض ڪجاء
اللهٰ! اُت نجاء، تہ لوئيَ جي لڄَ رهي(۲).

[۵] مارُو مارِ مَ سومرا! ماريو مال وڏين [د]
آجائيَ جو، عناتُ چئي، تون صاحب سڌُ سٹين
هي بند لاهِ تنين، جي قيد نہ وينيون ڪڏهين(۳).

[۳ ب] عمر! مون نہ آئڙن (۴) محل، چچا ۽ ساڳ [انق]
دل دوپيازو نہ وٹي (۵) وَرُ ساڙهہ جو ساڳ
ڪوءِ پيرم (۶) ڀن بادلا، لوئي منهنجو لاڳ
جڏ پربو بنداڻيءَ ياڳ، تڏ لٿو قيد، قطب چئي.

[۴ الف] ڪوليي وهي نہ، قطب چئي، پلنگ ڏئي نہ پير [انق]
اهڙي سٿل سهاڳ ڪي، قبوليندي ڪيرا!
ڪوءِ چچا، ڀن ماڙيون، وَر هٿي جي هير
پٽلئي، پايو پير، ڪينءُ ۽ ڪاڏم ڪيت سين.

(۱) ن. سال برابر ڪال. (۲) ٻي روايت: ’اللّٰه ڪي چئجاءِ، تہ لوئي ۾ لڄ رهي‘. هيءُ بيت ميان امام علي شاه کان مليو. (۳) هيءُ بيت ميان امام علي شاه کان مليو. (۴) اصل. آئڙي (۵) ق. دور دوپيازا پائٹيان (۶) ن. ٻيرم.

[٦] سَــتَ سِيھڙيــون سَـائِرا، ڏُڏَرُ ڪاڪارو [انق]
سوڍِرو ۽ سَڌرو، ڏُنُبُ، ڏُڪا، ڏارو
مُنھن ماڙيچھ سنڙو، سُڪئو سِمِرو، ڪانُرُ ۽ ڪارو
پَنڊُ پِٽَنئانْ آڳِرو، جِت اُٺن جو آرو
ڪانگڙِ جو گابن ڪي، مِڙنئانْ موچارو
ڏنوسون ڏينھين گھٽي، بانُرُ ويچارو
اِذا ھُوَ(١)، عِناتُ چئي، ڏسن موچارو(٢)
جيلانه اذر آمارو، تينْ وَھندِ وَسَنڌي پانئيان.

[٧] اوريون تَرُ اوري، تنهان پريون پارڪَرُ [انق]
وِھن ويڙھيچا وچ ۾، سانيڪا سوري
ڪير تڙيندو تن کي، تڙن تان تو ري
بخش تئي بَرِينِ ڪي(٣) تہ اچن ڏِڪاڏي ڏوري

---

[الف] لنگھي آڏتري، ڪنھن آڏي اڳانھان اوھريا [انق]
سائين ء ڪارڻ سومرا! چــڏ فقير ٽري
اچن ويڙ وري، ساڙه منجھ، شريف چئي.

[ب] پيھي سانگ، شريف چئي، ويا منجھ ڏرن [انق]
مــارو مـٺِر مــلــيــر ۾، الا! شال اچــن
اوڏا ابــاڻن جــا مـــنـــيــھــا مـــچـــن
پــلا شال بـــچـــن، ھيبتان ھمير جي.

(١) اصل. ازاھو (٢) ق. بسڙ پيارو. [٣] اصل. برين تي

اُنــي سين اوري، گڏ گذارئان ڏينهڙا.

[٨] مَٿي چَڙِهي ماڙِيين، ڏِهَ وَڻَ ڏِنائين(١) [ن‌ق]
ڪؤنـرا ڏؤنــرا پَـڪڙا مَلِيرِ مُڪائــين
نياپا نينهن گاُڏئــان، پاندِيــنِ پُچِيائين
اچان ايڏِاهين، جي سپاجهو پاجهہ ڪري(٢).

[٩] مارو ڏان محتاجَ، آهي جان آووُنُ ڏِهُ [ن‌ق]
مَليرَ اُڏَـنِ مينهڙا، تہ ڪَرَ پُنا ڪاجَ

---

[٨] مليران مــارُن جــون آلا! ڪو اچــي [ن‌ق]
صلح وارڻو سومري، ميل نيايو ستي
بنديائــي، بــلال چئي، بيلي تنهن بچي(٣)
صاحب نيئي سچي، منهنجو بندُ بِدا ڪيو.

[٩/الف] ڪوڏ ڪَسَنُ ڪانپايون، مٿي ڦهڻن ڦار(٤) [ن‌ق]
ونهين ويڙهيچن جــي تــڙ تــڙ منجه، تــوار
سَرها گهڻو، شريف چئي، آئــن مينهن اپار
مرتين ماڻ ستار! شال وطن جي وس چران.

[٩/ب] آئا مينهن اکُونــدرا، ٿيون ساهيڙيون سرهيُون [ن‌ق]
ڏوٿين پريون ڏٺ منجهان، قطب چئي، ڪرهيُون
ماٽي نيچ سنهڙو، ڪچهانــدر ڪِرَهيُون
سالون سومرين جــون، پنهن نــہ پرهيُون
پاڪيريُون پَر هيُون، سون منان مور نہ وسريون.

---

(١) ن. ڏنائا، اهڙي طرح ٻيا جملي قافيا (٢) "سائين پاجهہ ڪري، تہ اسين اچون ايڏاهين"
(٣) اصل. ”تنهن جي بلي بچي“ (٤) ن. ڦار.

ڀِٽَنِ ميٽَن، سيَدُ چئي، رهي رهندا راجَ
ڪٽيو چاڙهين ڪاجَ، لَٽين ڏارتِ ڏُتَ جي.

[١٠] ٽِڏو واءُ ٽَرن جو، مُنهَنُ سامهون ماءُ! [ن ق]
سُپيريان جي ساءُ، وَهند وَسَندِي ڀانئِيان.

[١١] وَهندِ تو سين وينتي، مون سين سُونهين ٽيءَ [ن ق]
تَڙ تَڙ اُتي تهنجي. اچئو پاٽِي پيءَ
تن ساٿين لڳي ۾ سيءَ، ڪَهه ۾ ٽينِ ۾ ڪَهِرا.

[١٢] هَڪَلَ ميرَ هميرَ جي، جڏهن ٻُڌائون [ر]

---

[٩/ج] آئا مينهن ملير ۾، واحد ڪيئن. وَراڻِ [ن ق]
تَرائيُون ترِڙن ۾ ڀَريون هزارين هاڻ
اتان ڳهيڙين گهيٽا، ٻڪر ٻيٽا، ڪن ريلن منجهه رهاڻ(١)
چِٽا ڪيٽا، مٿن ريٽا، لٿين، قطب چئي، ڪاڻ(١)
عمر! سون آماڻ، تـ ڏسان ڏاڏاڻن ڪي.

[٩/د] آئا مينهن ملير ۾، [ٽيون] ويين واڏايون [ن ق]
مون جيڏيون ان ماڳ ۾، ڪن ولوڙڻ وايون
جانڪيٽيان، يوسف چئي، ان ڪي سرهايون
آءٌ ڪيئن پرهيان تنهنجون، سومرا! ساهيون
ٻَلئُ منجهه پايُون، پيرون چنڊيان پرينءَ سين.

[١٢/الف] هيبتون هميرا ڪر ۾ ڪَڪَ. چرنِ تي [ن ق]
سُڪي هُونُ سارهـ ۾، ڦٽا ڪر فقير

---

(١) ن ۾ هڪ ڪُڏيل مصرع هن طرح ڏنل آهي: ’اتان ڳهيڙين گهيٽا، ٻڪر ٻيٽا، چٽا ڪيٽا، مٿن ريٽا، لٿن، قطب چئي، ڪاڻ‘.

تنهين ويل ملير مان، ڪرجينون ڪنيائون
ان اوسيڙي، عِنات چئي، لڙ نہ لاٿائون
ڪنبنديڪنيائون، جيڪيهُنِ حياتيَڏينهڙا(۱).

[۱۳] اُنَـن اونـي آئيو، اُنـي ٿين وراڻ [ن ق]
لـٽي لـووڙيارئين، مڙيائي مُنهن ڪاڻ
هَميرنئون هاڻ، مُهتُ لَهنديِنءَ مارئي!

[۱۴] اُنَنِ اونِي آئيو، پڇئوسـون پانڌي [ن ق]
خَبَرَ سَندي سَڄڻين، جُـه الله آندي
جا مارُوئن ماندي، سا سانپين ميڙ، سيّد چئي.

سڄين ڪي، شريف چئي، جڙون لاهہ جنجير
ڪتهيريـون مون ڪير، ڏيـن ڏاڏائـن ۾.

[۱۳ ب] لنگهي ڪالهہ، قطب چئي، ڪنهن اونهي ٿر ٿيا [ن ق]
هيبتان (۲) همير جي، وري ويهڙ ويـا
جـن رہ ساعت نہ سري، پهر تـن پيا
سنيها سيٹن جـا، پڇن ڪين پيا
اوءِ هلي منڌ هيا (۳)، شرم هٿيڪي سومرا!

[۱۳] ستُ وڏائي سيل رکيائين، مارو ڪيائين مـَنُ [ن ق]
جهڪين چيس سومري، سو نہ لايائين ڪـَنُ
پـَهُنُ وڏي پـَنُ (۴)، سانپين ميڙ، شريف چئي.

---

(۱) هيءُ بيت حاجي محمد سوڍي جي روايت موجب لکيو ويو آهي. حاجي عمر چانڊيي جي روايت ۾: 'هاڃو مير همير جو'، 'انيءَ مهل ملير مان'، 'ادي ڪان، عنات چئي، لڏون نہ لاٿائون' (۲) ن. هيبت ڪان (۳) اصل. هيٺيان. (۴) ق. ساپهُن وڏيئي پن.

[۱۵] آئنِ اونئِي آئيو، اُنئِي تين وس [ن ق]
ڪڏهن ڪانَ پَسيُونِ، ڪٽيرياٽينِ ڪسّ
سا ماڙين جو ڳِيءُ سسّ، جهنجو محب ملير ۾.

[۱٦] عُمَرُ اماڻي، آيو سامَ، سيد چئي [ن ق]
ٿانهَرَ تي ٿَرنِ ۾، پيٺو لٿو پاڻي
مارئي مِلي مائٽين، ڏِکي ڏاڏاڻي
هيبتان هاڻي، ڇُٽو مُلڪ مليرَ جو.

[۱۵] آئن اونئي آئيو(۱) وڻ ڦٽا، ٿي وَسّ [ن ق]
سرتيون ۽ ساهيڙيون ڪن رهاڻيون رَسّ
ڏسان ڏيهاين جا ڳنهه، ڳامون ۽ ڳَسّ
سندا بندَ، ٻالل چئي، قادر لاٿ ڪَسّ
سا ماڙين جو ڳي سَسّ، جنهن جو محب ملير ۾.

[۱٦ الف] پٽسٺو بازر بنگلا، ٿي منهنجو ڏيلُ ڏريو [ن ق]
سنجهي سيٺن جي، هنڙو ڪنو هريو
سٿائيءَ جو سومرا! وهلو واءِ وريو
پوريون قول، قطب چئي، پنهور جو پريو
جوٺو چيڙهه پريو، وجي واسيند يس ويڙهه ۾.

[۱٦ ب] قيد منجهه، قطب چئي، وڏو فيض ٿيو [ن ق]
صلح واريو سومري، ايءُ قادر ڪم ڪيو
ٻوٺدو ڪونه پيو، آڏو آجڙين ڪي.

(۱) اصل، 'آئيا'.

تهنَ جي لڳن تانلهي پيو، ڪَر لوئي پلؤ لال
وِڄون وَسَڻ آئِيون، اِن آباڏِيَ آهالَ
ڪامڻ ٿئي ڪهالَ، سورجَ جي شرماڻ جي.

[٢٠] آيِي جوهِي جُهوپڙين، سِڻُ ڏيئي سِڻ جَهلَ [ناق]
پدمڻ جو پدرو ٿئو، تنهين منهون مَهلَ
وِڄون وَسَڻ آئِيون، اِن اباڏِي آهَلَ
ڪامڻ ٿئي ڪَهَلَ، سورجَ جي شرماڻ جي.

## وائي

[ن] ٿَر ٿاريلَن ساڻ، يا الا! مون ڳجهي آهي ڳالهڙي
تو مُل ڏڪڙا توشڪون، ڏون عمر سلطانُ.
يا الا! مون ڳجهي آهي ڳالهڙي
مون ڪٿا سَٺا ڪهہ جا، تنِ ويڙهيچنِ وِچاڻُ.
يا الا! مون ڳجهي آهي ڳالهڙي
پَئي مَ عمرڪوٽ ۾، ڏهنْ ڪنئيرِيَ ڪرجاڻُ.
يا الا! مون ڳجهي آهي ڳالهڙي
الاهي، عنات چئي، اِيَ سِيلْ رهندُم ساڻُ.
يا الا! مون ڳجهي آهي ڳالهڙي

# سرود پرياتا

## فصل پهريون

[۱] ڏَرَ مَ ڀانئج ڏُورِ، اوڏو گهڻو، عِناتُ چئي [ن ق]
ڪوه چينيائيين پاڻ کي، هلي وڃ حضور (۱)
ڀيلي ڏُونه ڀئن سين، پَهُ ڪري تون پُورِ
مالَ ماڻڪين موتيين، توتي عاقل ڪندو اوُرِ
پَنگُرئا ڳالهہ پرورِ، هِي ڏاتارُ ئي ڏَڏَنِ جو.

[۲] ڏَ ڏُ تي ڏانُ گهُرُ(۲)، اِت وِجا تا نہ وري [ن ق]
عاجزيون، عناتُ چئي، آيو پانُ پِرِي(۳)
اِتان گُهرِي گَهرِيِ(۴)، چِنڊا(۵) لاڻي چارڻين.

[۱] صبح سو سوارِ، جوڙ جنهن جو ناه ڪين [ن ق]
هتل هاشمي ء سامهون، ٻئي ڏونہ ڪيم نهار
ٻخشين بوچ (۶)، بلال چئي، وجهي ڏيل ڏنار
دانهن جي ء دربارِ، ناآميد نه ڪو.

---

* ق. 'سرود پرياتي'.
(۱) ميان امام علي شاه کان مليل روايت موجب: 'ڪلهي پائي ڪينرو، هلي هوت حضور.' ء ين نصرپور جي بياض مطابق.
(۲) ن. 'ڏڏ تيين تان ڏان گهر' (3) اصل. 'ايا پان پري'. (4) ن. 'اتان گهري گهڻي'.
(5) ن چتان. (6) ن. بوجهہ.

[۳] چائين جانَ چارڻ! تان ويلا لهہ وهاڳ جي [ن،ق]
ڪَنجهيون، ڪُماچا، ڪينَرا، دُرست آئئي دارَڻُ
اڳينِ جي، عنات چئي، جي سکين پَرِ پارَڻُ
تہ ڪوڙيين يَتين ڪارَڻ، تُهنجو ڏاتَر
ڏيهاڙيون ڪَري(۱)

[۴] جاجڪُ آهيين ذات، تہ ويلا لَهہ وهاڳ جي(۲) [ن،ق]
ڪَنجهيون، ڪُماچا، ڪينَرا، ڪَر تَني جي تات
ڪيرَتُ رَڪُ قُلوبَ ۾، ڏينهن سڄوئي رات
تہ ڏاتَرَ مُلا ذات، جيڪا مڱين سا لهين.

[۵] مڱڻا مَڱُ ۾ تن ڪي، ڏيڻ ڏُهلو جَنَّ [ن،ق]
سعيو وانءُ سَپَڙ دَرِ، جو صاحبُ سِرُ سَخينَ
ڏيهاڻيو ڏانَ ڏي، اوڳن آڪاڄن
جي پُرزو لَهنِ نہ پِنَو، تُريون بَخشي تَنِ
جُه اوڙڪيو(۳) اکين، تہ ويلَهہ وڃي وسري.

[۶] ويلون ڏي ولهنَ، ناڻ سَڄائي ناڪُرو [ن،ق]
مَنڊا ڏُنڊا مڱڻا، تو دَرِ چانگُون ڪِئو چُلنِ

---

(۱) ق. ڏينهاڻو ڪري. (۲) ق. 'ويلا لهہ وهاڳ جي، جان جاجڪ چايين ذات' (۳) ن. ۽ نصرپور جي هڪ بياض مطابق.

بِٺا ڏاتارَ ڏِسينِ ۾، هزارين هَلن
توسين توءِ نہ تُلَنِ، جو تون آڇهو اپوڇهن جو.

[٧] آپوڇها اوڏا، ٻُرنِ پِرنِ سي گهٽو [نق]
پاڻ پَسِي جن پليو، حُجت ءِ هوڏا
ڪوٺيو ڏِي ڪوڏا، اُنِ کي سَپڙ ڄامُ سَڏيو(١).

[٨] تون رُونجهن سنڌ راڄئو، سَپڙَ ڄامَ سردار! [نق]
آهين ڏُهنجي آسري، لَنگهِي(٢) ٻچا ٻارَ
جانُ پرورئم ٻئي پارَ، تان جيڏءِ ڪونہ جَهانَ ۾.

[٩] ڏِکِيَ آئي ڏولَ! سنجهي جاڳ، سيّد چئي [نق]
ڏاتارَ ءِ مگڻي، کِٺا ٻيلي جا ٻولَ
راءِ رِيڏو، پاڻ ايندو، ڏانُ ڏيندو، چڙهي ۾ چوڏولَ

[٩] سندا رُونجهن راڄيا! تون ڳالهہ، هنيئين سين لاءِ [نق]
لنگهي تي لاڳ گهُري، تنهن کي، ٻروُ ڄئي، ٻرڇاءِ
پاڻ پتي، گهر ڳايُرو، ڏاران ڪير نہ ڪاهہ
مونکي، مڱڻهار، چئي، موني ساهہ ڪراءِ
سپڙ ڄام! سنڌياءِ، آءٌ سڀ سوڀاڳت آئيو (٣).

---

(١) ق. سڏُ ڪيئو (٢) ن. لنگهي (٣) حاجي محمد سوڍي جي روايت موجب:
پاڻ پتيءَ، ڳل ڳايرو، ٻيا ڪير نہ ڪاهہ
ايءَ منتي تي موجون ڪري، جنهن شاه! موني ساه سنڀاءِ
ٻرو ڄئي ٻهڇاءِ، ايءَ لنگهي تيو تي لاڳ گهري.

مَرُلنگهي ڪَري لولَ(۱)، سَپَڙَ جي سُهاڳ ۾(۲).

[۱۰] چوناٽي! ڇيو ڪرين، آسائن جو اِيءُ [ن ق]
ڪاڻ ڪوني هيرئين(۳)، سهي نه سگهي سيءُ
تو مُنهن وڏو ويءُ، جي ڏئين ته ڏهه سٽي.

[۱۱] سُٽي سوياڳت، سپڙ تهنجي(۴) آئيو: [ن ق]
ته ڪريان ڪُڙماين سين، ڀاڻ پتيرا پت

[۱۱ الف] ڪنهي آيو ڪالهه، مگتو پسَّن ملوڪ کي [ن ق]
ڏنڌ چوءِ ڏاتار کي، عرض ۽ احوال
ساز نه سگهيو، شريف چئي، تنهن نه ڄاڻي تال
گهٽا مڃي پال، جي نالائق نوازئين.

[۱۱ ب] آيو ڪالهه، ڪنهي، مگتو پسَّن ملوڪ کي [ن ق]
عرض ڪري عاجزيون، رونجهي پاس رهي:
حال منهنجو هيڻو، تون پساريين پنهي
نظر ڪر صحي، ته لنگهو لاڪيٽو ٿئي.

[۱۱ ج] ڪڙماين ڪيڏي چڏيو، سگهڻ سؤ وار [ن ق]
مُنهن تي چئون سنڌي کي: ڏاريون آهين ڏار
ڪنهو گهٽو، قطب چئي، عاجز ٿيو آپار
ڪيي ستاري ستار، تنهين ويل تنهن سين.

(۱) اصل: 'لوڏ'. لول = آنول = خوشيون. (۲) حاجي محمد سوڍي کان هن بيت جون هيٺيون مصراعون مليون:

ڏاتار ۾ مگڻي، ڪٿا هئا پيلي منجهه پول
سو ايندو، ڏاڻ ڏيندو، چڙهي ۾ چوڏول
اِيءَ لنگهي ڪندي لوڏ، سپڙ جي سهاڳ ۾.

(۳) ن: هريهن. ق: هيرئي. (۴) ن: تهنجو.

آسائُنِ(١) البت، چوڏاڻي! چيو ڪريين.

[١٢] جو پائُنيِ(٢) پوءِ، رُونڌو رُسائي ڪَيئُو [انق]
تهنَ کي تڪيو رهيو تهنجو، سَپرَ جام سندوءِ
ڏَڏُ ڏَڏائي پانهجي، تو چوڏاڻي کي چوءِ:
جو لينگو(٣) لوءِ بلوءِ، سو محتاج ملهائيين.

[١١] رُونڌو منجها راتِ، ڪِين پرُوڙي پنگرُئُو [انق]
ساج سَڏيائي نه ليي، نه تهنَ ڏال نه ڏات
ساڻ نه نيو سگهڙين، پهه متي(٤) پرپاتِ
ڏَڏَ کي ڏِيئي ڏاتِ، سو محتاج ملهائيين.

---

[١٣ الف] تنهنجي ڳڻڙ ڳهُرائيو، ڏاتر ڏڏُ ڏ ڄاڻ [انق]
ٿري پري(٥) پنگري، ڏڏو رونجهو راڻ
سپ پروڙي، شريف چئي، عاقل ني اڳياڻ
ڪجهو ڪين مڃاڻ، درست تون دان لهين.

[١٣ ب] چوڏاڻي کي چاڻ، ڏيهاڻي ڏيئي جو [انق]
جڳمي لئي جاجڪين، طامامن تڻاڻ
ڏڏُ چارڻ پانهجا، آڻاڻي آڻاڻ (٦)
تنهن کي ڏنائين سونُ، شريف چئي، تازي طبيلاڻ
پهون سو پيلاڻ، رُونڌو ڳهٽو راني ٿئو.

---

(١) ن. آسائُن. (٢) ق. پاڻ ني. (٣) ن. ليکُون. (جو ڪان سواءِ). (٤) ق. متي.
(٥) ن. ڦيري. (٦) ن. ڏڏ چارڻ ڏي پانهجو، آڻاڻي آڻاڻ. ق. ڏڏ چارڻ پانهجا، آڻاياڻين آڻاڻ.

[١٣] وَنئَنْ ٻارَتْ! ٻيلي، تہ چارڻ! اَتْ چڱي ٿئي(١) [ن.ق]
ڪُڙمَ(٢) سَرتيين، مائٽين، ڏَنُ ڪيئو ٿيلهي
راءِ رُونجهي ريلي، ڏَڏُ جينءَ ڏهرَ رِجائيو(٣).

## وائي

ٻئي دَر وِچ مَ ڪيڏاهين، جان تون جام ـ گَنڊين مگَٽا! [ن.ق]
اکيون ڦير مَ ڪنڌ ڪياڙي، ٿيندءِ ڪم اِتاهين.
ٻئي در وچ مَ ڪيڏاهين
موتي، ماڻڪ، مال گهڻيرو، ڏيندءِ ٻيلي سائين.
ٻئي در وچ مَ ڪيڏاهين

## فصل ٻيو

[١] ڏمر سوڙ سُهاڳ، آجها گُهرجي آجِڪو [ن.ق]
اِيُ وَسُ تو هِي(٤) وَلهَا! جي پِرِينَ تہ پِرِي پياڳ

[١٣] ڏڏُ ستي ڏاتارَ، ڪونايو ڪوڙ پٺيي [ن.ق]
رونجهي چام راضي ڪيئو، سمگيئو سردارَ
تنيز تُهان ڏارَ، ساري ڪان، شريف چئي.

---

(١) ق. چارڻ چڱو ٿيو وڃي، ٻارتُ منجهہ ٻيلي. (٢) ق. جو ڪڙم. (٣) ن. ريجهائيو.
(٤) ق. توهين.

جن وٽ وَرُ وهِي، تن کي ويهين ڏين وهاڳُ(۱)
ڏُکُ ڏُ جهاندِ ڏُهاڳُ، اُنثان آلڳ(۲)، عنات چئي.

[۲] جهوپو سَهي نہ سئي، اوچِٽ گهرجي آجڪو [انق]
اللهَ لڳ، عناتُ چئي، ويٺ وساسجِ ايُ
اگڻ آيو تِئي، تہ ڏولا! ڪَهڻ ڏنگا ٿيان.

[۳] رونجهاڻيَ راجاڻ ڏي جن پرتان پرئا پير [انق]
مال ماڻڪين موتئين، تن ڏوئي ڪيا ڏير
پيلي ٻر ٻاجهون ٿيون، سپ سرهي ڪير(۳)
ويندي تنهين وير(۴)، اڳيان نتُ نوازئا.

[۴] غافلُ گرناري، آريون آزُڏيونُ ڪري [انق]
سَڱُ سَڱتين ڇڏيو، سي ڪن بيزاري
ڏولي مُنجُ ڏيههَ ڏٺي! مون ڏونهُ موچاري
تہ آنءُ ڳالهہ ٻهنجي حال جي، سَلانُ سَواري
طامائن تاري، چوڻاٽي ري ناه ڪا.

[۲] جنهن کي سڪ اي جيءَ، سو پتسان ٻيءَ اکين سيين [انق]
سباجڙا! شريف چئي، عرض اگهائج ايءَ
اگڻ آيو ٿيءَ، تہ ڏولا! ڪنهن ڏنگ ٿيان.

---

(۱) ق. 'ونهي ڏين وهاڳ'. (۲) اصل. ارڳ. (۳) ق. 'سپ سرها سير'. (۴) ن. ڪنهن وير.

[۵] مڱڻا! مڱج جام کي، صبح جو ساري [ انق]
پي سپيئي پر تئا، جي اچن ان جي اوتاري
سيد چئي، سوالين کي، ڪليو ڪيڪاري
ويئون تو واري، چوڻائي چت ڪئو.

[٦] هن سر آئي ڪو، آب آجيوئي نه رهي [انق]
راءِ وٽ رهي جو، تهن کي جڪي جانڪيتان نه ٿئي.

[ش الف] سڀئي منگتا آئيا، داتا ڀڃن دانءُ [انق]
اکين تي ٻڌ اڳرو، سڀني جو سلطانءُ
ڪوٺايو، قطب چئي، تو ڏي ڏکن کي ڏانءُ
سو مڱڻي مهربانءُ، رونجهن سندو راڄئو.

[ش ب] رونجهي وٽ رهاڻ، سدا سوالين جي [انق]
پيئون پائيون ڄڻ، پلئو (۱) بخشي پاڻ.
چيتُ چوڻائيءَ اڳرو، انهي ٿي آجاڻ.
ٿي، قطب چئي، ڪاڻ، جو ٻيلي ڏٺي ٻاجهون ڪيون.

[ش ج] رات وهامو ڏينهن ٿئي، ڪيا ساز سگهڙن سُرِ [انق]
ڪريين ڪڏ، قطب چئي، غافل ويٺو گهرِ
پاڻهون پانڇ پاڻ ڪي، هُت آزرديءَ آپرِ
رونجهو تن ريجهائيو، جني ڪرنگيءَ (۲) ڪَرِ
پارج اهڙي پُرِ، ته دارين جو ڏانءُ لهين.

[ش د] صبح جو سلطان ڪي، آئيو عرض ڪن [انق]
تازي طبلن مال، تو ترت ڏياري تن
آسائو، اوپايو چئي، تا منگتا سرڪن
جي پارس کي پڙن، تن کي جڪي جانڪيتان نه ٿئي.

---

(۱) ن. پلنو ف. پلوئ. (۲) ق. ڪرنگوي.

[٧] تَندُون جوڙ تُنبيرَ ! اُٺي. ساڄُ سَنياء تون(١) [انق]
مڱڻهارَ! ملوڪَ اڳيان آٺَئِي(٢) وَڄاڻَ وير
دائم اِنهي دَرَ جي، جني آهي هيرَ
تن ڏوئي ڪئا ڏيرَ، خاصَ خَزانِ منجها.

[٨] پئو ليٽين لُٽَّ ! اُٿي آللهُ نہ گهُرين(٣) [انق]
رُونجهي رات اُپَٽئا، پيٽين ٿان پاڻٽَ(٤)
ٿئانُ چُنڊي چارٽين(٥)، ميڙي پِرئا مَٽَ
تن پَرَهئا پَٽَ، جي لينگ نہ لائق هيڪڙي.

[٩] وَنءِ داتا جي دَرَ تي، سُرودَ ساڄَ ڪٽي [انق]
ريجهائج رُونجهي ڪي، هٿن ساڻَ هَٽي
تندُ تُنبيرِي تهنجي، سا جي وِيرَ وَٽي
تہ ڏيندء ڏيهہ ڏٽي، ڪاڻيون خزانن جون.

---

[٨] چوٽائيي چيتائيين، تہ مٿهت پيڙهيئيي مانُ [انق]
گهوڙا، مينهون، مال گهٽوئيي، ڏيي ڏڏن ڪي ڏانُ
يوسف چئيي، جهان ۾، ستهڙ جو ستهانُ
سو مڱج مهربانُ، تہ پڙيهين سيئن پَر ٿئين.

---

(١) ق. 'ساڄ سنيائي تون، اٿي جور تنبير' . (٢) ن. ٺئي، ق. ٺيي . (٣) ن. نتڪڻهي .
(٤) اصل. پائيت. (٥) ن. چارڻن، ق. چارٽي.

[١٠] ڏَڏُ تــي ڏانُ گھرُ، چڙ وِجا جِي واء [ر]

اٿئي پھر، عِناتُ چئي، پاند ڳچيَ ۾ پاء

سَرَرَ جامَ سنياھيا، [تازي توئِي] لاء

ھوء جي جاڻن ڳاء، سي مُھت لھندا مگڻا (١).

[١١] جاجڪَ جاڻن جا، سا پرَ آنءُ نہ سِڪئو [ر]

سُڻي نہ نينِ پاڻ سين، سَڳا جي سِيَا

جي رِيجھين ڏونرا، تان پڻ تاريَ تَران تُنھنجي (٢).

[١٢] آجھو نڪي آڳــا، مھنجو جھوپو سَھي نہ سِيءُ [ر]

آگھايين، عِناتُ چئي، عرضُ مھنجو اِيءُ

ڍوليا! ڍڪڻُ تِيءُ، تہ لوئيَ جِي لڄ رھي (٣).

## وائي - ١ *

ڏوکي مگان، تون آھين، ٻئو در ڪونہ سجاڻا [ان ق]

انڌا ڪري اڳــا ۾، ڪوٺائين ڪاڻا.

ٻئو در ڪونہ سجاڻا

الاھي! عِناتُ چئي، نوازي نماڻا.

ٻئو در ڪونہ سجاڻا

---

(١) ھي بيت 'شاہ ديواني' جي درگاہ (ٺري، تعلقو ساٺلي) واري مسجد جي ديوار تي لکيل ھو، جتان قلمبند ڪيو ويو. (٢) اصل. 'جي ريجھايين را'. ھيءُ بيت ميان امام علي شاہ کان مليو. (٣) ھيءُ بيت ميان امام علي شاہ کان مليو.

* ھيءَ وائي ميان امام علي شاہ کان پھتي. (١) ق. بدڌ. (٢) ن. ديسو. (٣) ق. مگورا.

## وائي—٢

مدت(١) مديني جامَ، تِي' اسان سِين عربي! [انق]

اسان انديشو(٢) جن جو، سيئِي ڪن سلامَ.

تِي' اسان سِين عربي!

هِي جِي داوَنِ دوسَ جِي، آجا سِين انعامَ.

تِي' اسان سِين عربي!

سَنگهِڙَئا(٣) سڀ سات سلامت، اوباهيين آيامَ.

تِي' اسان سِين عربي!

نندِيا وڏا پَهيَڙا، سَرَنِ تهنجيَ سامَ.

تِي' اسان سِين عربي!

چئو صلواة صدق سين، اِيءَ مولودُ مدامَ.

تِي' اسان سِين عربي!

اِلاهي! عنات جا، آگهايين ڪلامَ(١).

تِي' اسان سِين عربي!

—✻—

(١) ن ۾ هيءَ پهرين مصرع طور ڏنل آهي.

[٥] گيلاني غم ـ ڪٽ، آهي آپوجهن جو [ان‌ق]
ڏي آپٽي ڏانيين، هيري ماڻڪ هٽ
جن ويلو نہ وٽ، پير پرهائي تن کي.

[٦] پُر پيراڻي پنڌ، اڪڙيون پير ڪري [ان‌ق]
ميران مريدن سين، حاضر هت مهند
سورئو جن، سيد چئي، تن رسئو هنڌوهنڌ
تهن ڪامل نائي ڪنڌ، دلگيري دُور ٿئي.

[٧] اڳيان اُجاري اُنَ، جي ڪتجي آئسا [ن]
وير نہ وساري تن، جن پاند پڇتو پير جو.

---

[٦/الف] ميران! مريدن کي، ڪريين دانهن! دلاسو [ان‌ق]
الله لڳ احسان سين، لهي وسواسو
اسان آهي آنهيجو، پلا! پرواسو
نظر ڪر خاصو، بالله! لڳ، بلال چئي.

[٦/ب] آسين آستر پرنا آهيون، داتا! تنهنجي دَر [ان‌ق]
ميران مريدن جي، سڀ پڇائيين سَر
جنهن بازي چڏي نہ بانهجا، ايءُ پير صاحب جي پَر
وَهلي ڪندو وَر، بغدادي، بلال چئي.

[٦/ج] جوڙ جنهن جو ناه ڪي، صبح سو سوار [ر]
هل هاشميءَ سامهون، ٿي ڏانهن ڪيم نهار
بخشي بوڇ، بلال چئي، وڃي ڏيل ڏوار
دانهن جي دربار، ناآميد ناھ ڪو (١).

---

(١) هيءُ بيت 'گلزار غوثيه' تان ورتل آهي.

## وائي - ١ *

مُحيُ الدِّينَ مِيران! آسُونْهَنِ ڪي واتِ ڏيڪارِ [ن،ق]
گيلاني جيلاني تون ٿيون صاحب سَپُوران (١)۔
اسونهن ڪي وات ڏيڪار
ناليِ ڳِـڏِي آنْهنْجِيَ لَهن تَقْصِيْران (٢)۔
اسونهن ڪي وات ڏيڪار
ڪوڙين ٿيا ڪيترا, آنْ ڪان آجا آسيرانْ (٢)۔
اسونهن ڪي وات ڏيڪار
الاهي! عِنات چئي (٣)شالَ ٿِئي فيض فقيران۔
اسونهن ڪي وات ڏيڪار

## وائي - ٢ ↑

غوث قطب گيلاني، حضرت ميران تاج پيران [ن]

.................................................

الاهي! عِناتُ چئي، رحم مڱان رحماني-
حضرت ميران تاج پيران

---

* هيءَ وائي ن توڙي ق ۾ 'سرود رامڪلي' هيٺ ڏنل آهي، جتان ٻنهي هٿ آندي وئي آهي. (١) هيءَ مصرع فقط ن ۾ ڏنل آهي. (٢) هي ٻئي مصراعون فقط ق ۾ ڏنل آهن. (٣) ق- 'نيڙ' ٻَـني عنات جئي'. ↑ ن ۾ هيءَ وائي حاشيه تي 'سرود آسا' هيٺ ڏنل آهي، جتان ٻنهي هٿ آندي وئي آهي.

## وائي - ٣ *

ڀئو وسيلو نہ وسُ، تو بنا ناهي شاه ٽڪئو. [ ر ]

بغدادي يالَ ڪري، داتا! دشمن دَسُ-
ڀئو وسيلو نہ وسُ

اسان اُداسين ڪي، راجا رُڪنَ! رس-
ڀئو وسيلو نہ وسُ

داتا! مُهنجي دل جو، لاهِ قريشي! ڪَسُ-
ڀئو وسيلو نہ وسُ

روضو شاه رُڪن جو، هلي پانڌي! پَسُ-
ڀئو وسيلو نہ وسُ

اڳين جو، عِنابُ چئي، آه ايذاهين گَسُ-
ڀئو وسيلو نہ وسُ

* هيءَ وائي 'گلزار غوثيہ' تان ورتل آهي.

اَن تان اهُکَ، عناتُ چئي، لحظي منجھہ لَهنِ
سَگهِر سِي سَڏجَنِ، جن ڀهاوُدين پيتئو *.

[۷] روضو شاه رُڪن جو، جن جُهارُئو جامُ [ر]
ڪندا سِي ڪرم سان، عَدن ۾ آرامُ
اِرَمُ تن انعامُ، جن ڀهاوُدين پيتئو *.

[۸] پِنبئيُون پيرَ ڪري، پُر پِيرائي پارِ [ر]
روضي شاه رُڪن ڏي، نئين سِج نِت نهارِ
ڏِني جهن ڏُئارِ، رَهي نہ رَتي جيتري(۱) *.

[۹] پِنبئيُون پيرَ ڪري، پِڙُ پيراڏو پَسُ [ر]

............................................................

قرض جي، قاسم چئي، تنگي لٿي تن
آهي اِنيهن پار جي، دعوىٰ درويشن
پرين سي ڀڄن، جني درد دل ۾ (۲).

[۶/ب] روضي منجهان رات، وڻ ڪٿوري موهيا [ر]
وهائي ٻرپات، وِک مڙيئي واسيا (۲).

[۹/الف] اوڀي لڳيج اوڙ، پاندي ٻڙا پرين جي [ر]
توڪي نيندا توڙ، پٽيءَ لائي پانهجي (۲).

---

(*) [٦] کان [۸] تائين بيت 'گلزار غوثيه' تان ورتل آهن. (۱) شاه جي رسالي، سر ڏناسري د- ۱، ۾ هيءُ بيت هن طرح ڏنل آهي:

پنبئيون پير ڪري، ٻر پيرائي پار
ڏٺي جن ڏُئار، رهي نہ رتي جيتري.

(۲) بيت [٦/الف]، [٦/ب] ۽ [۹/الف] خليفي نبي بخش صاحب جي رسالي جي هڪ قلمي نسخي تان قلمبند ڪيا ويا.

آسائو ! عِناتُ چئي ، رِڙهي روضي رَسُ
آهُڪيَ ۾ آوَسُ ، مدد ڪن مُريد جي(١) .

[١٠] روضي شاه رُڪن جي ، ڏنم رات رَهي [ر]
پيءَ ، پٽ ، پوڙو پاڻ ۾ ، مٿي سيجَ صَحي
پَلي پاوَن شاه ڪي ، پَسيم پيرين پئي
ڪوڙيين ڪي ڪَهي ، اچن اَت ، عناتُ چئي(١) .

[١١] روضو شاه رُڪن جو ، گوهر مٿس گُلَّ [ر]

---

[٩ ب] آئي پنڌ ، عليم چئي ، ڪمر جون ڪهون [ر]
بادشاه بهاؤدين ڪي ، اڪنڊيو آئون
واقع ، واهنڊ ' تنها ، منزل ماريائون
پڪو پنڌ پنجاب جو ، چڪي چنائون
ڏوران ڏٺائون ، منارا مخدوم جا * .

[٩ ج] اَڄ لنگهندي آرُ ، ڪٽائون ڪوٽ ڏٺين سان [ر]
مناري مخدوم جي ، تنها طامعو تيار
پاڻيت وَهي پار ، روضي رڪن شاه جي * .

[٩ د] اَڄ لنگهي اوڏا تنا ، گهرڙيا منجهہ 'گهاري' [ر]
ويهي وٽون ڏنيون ، شاه رُڪن ساري
پانڌي پراسي ، واريا پير وطن تي * .

[٩ هـ] 'گهٽاڻو' گهوٽن لنگهيو ، پرتا مٿي پاڪ [ر]
موچاري ملتان ۾ ، ڪيا مريدن ماڪ
چئيون منجهان چاڪ ، آنداءون ايمان جون * .

---

(١) بيت [٩] ۽ [١٠] 'گلزار غوثيه' تان قلمبند ڪيا ويا. * حاشيي ۾ ڏنل بيت نمبر [٩ ب] کان [٩ هـ] تائين خليفي نبي بخش صاحب جي رسالي جي هڪ قلمي نسخي تان قلمبند ڪيا ويا.

عاجز لڳ الله، اوڏا پير، عنات سين.

[١٧] غوث العالمين غور سان، ڪرڻ ٿهنجو ڪرم [ د ]
اڇن جي آندوهيا، لاه تني جو غم
ويلهہ جو وهم، قريشي تون ڪاٽئين (١).

[١٨] غوث العالمين غور سان، ڪر غريبن ڪرم [ د ]
پر ۾ پرديسين جو، رکين شاه! شرم
نهارج نرم، اُهڪي ۾ عنات چئي (٢).

[١٩] اسين اُهيئِي، جي ڏِريان آنهنجا داريا [انق]
آوگڻ ڪري، عنات چئي، آياسون پيهي
سڄڻ سيئِي، اوگڻ مٿائي گڻ ڪرين.

[٢٠] گڻ نہ سارِيان هيڪڙو، آوگڻ آنت نہ پار [انق]
گهٽيو گهٽيان ڪيترا، بالله! بيشمار
ڪج پردو پڙديوار، مهنجن مٿاين جو.

---

[٢٠] آو ڪُئي آهيتان، مون ۾ ڪن نہ ڪو [ د ]
وڏو آهم آسرو، شاه رُڪن سندو
لائق پرين سو، ولايت ئي و تِرو (٣).

---

(١) روايت ’ گلزار غوثيه ‘. (٢) روايت ’ گلزار غوثيه ‘. (٣) هيء بيت خليفي نبي بخش صاحب جي رسالي جي هڪ قلمي نسخي تان قلمبند ڪيو ويو.

ٿيندن وَٽَ وصال جي، غوث جي گس هندا

ٻَلي ٻاوَن شاه ڪي، نوئِي دستَ چڙهندا۔

پيرَ توکي پرڏا

ڪلي سپ ڪوه تي، تازا تڙ ڪندا

آڏي سين، عِنات چئي، والي وڙ ڪندا۔

پيرَ توکي پرڏا

وائي-۲

تهنجي ٻاوَن شاه ٻلا ئي، سُجي سيئي ڏيسَ ۾. [ن]

وهر ودودي، جيءُ ضياءالدين، اڱڻ هون اللاهي۔

تهنجي ٻاوَن شاه ٻلا ئي

سورِيندَنِ کي رَسي سِگهوئِي، محمّد باقر ٻائي۔

تهنجي ٻاوَن شاه ٻلا ئي

وائي-۳*

سُمُنَ صالِحنِ، توڙان طالبَنِ، اصل آهي آسري. [ن ق]

زاهِدَ، اولياءَ، انبياءَ، اڳي اُت اچن۔

اصل آهي آسري

هلئو سڪ حبيب جي، تا پراڻ پسنِ۔

اصل آهي آسري

---

* هيءَ وائي اصل ۾ 'سرود سارني' هيٺ ڏنل هئي جتان ٿيائي هت آندي وئي آهي.
"روضه"السادات" ۾ پڻ هيءَ وائي هو بهو هن ساڳي روايت سان ڏنل آهي.

سَئين سَروَري آئيا، ملتاني مرڪَنِ۔
اصل آهي آمري
آڏرُ اسانهين تئو، منجهان مُوَحِّدنِ۔
اصل آهي آمري
جن ريلا رُنا رت جا، هاڻي سي نہ ڏسجن۔
اصل آهي آمري
جَڪرِي نِڌُوءِ جينءَ، سُتا پُٽ سُونهن۔
اصل آهي آمري
تني واسُ نہ ڇڏئو، جي تَرِئا منجهہ ترَّن۔
اصل آهي آمري
عَفُوْ ڪريين عِناتَ سين، شالَ برڪت تن تنن۔
اصل آهي آمري.

هيڪل ٽنگئاهنڌ جهين، تن پڙاها(١) وائي وات
اي تو ڪان مڱهون ذات، شال پسهون پير پٽن سين.

[٣] ذوڪنب ناماچار، اي پير ٿهنجو پڌرو [ن ق]
ملوندي موچار، ڏئو ٽئو ڏسين ٻ(٢).

### وائي — ١

شهباز لال! گنبذين نور جي ٽئو. [ن]

هند، سنڌ هاڪ هريل، آواز اصفهاني
قلندر شاه ڪمال - گنبذين نور جي ٽئو

---

[٣/الف] جهڙوئي تون لال، آءٌ تهڙوئي دان گهران [ن ق]
تو ڪوڙيين ڪيا ڪيترا، نظر سين نهال
بالله! لڳ، بلال سين، ڀلا ڪريين ڀال (٣)
سڱج شاهَ! سوال، اي ءَ الله لڳ اسانهجو.

[٣/ب] لال! منهنجي حال جي، آن ڪي معلوم مڙيائيي [ن ق]
الله لڳ احسان سين، سگهو سڀائيي
ٿالهي ڪيتري آنهجي، ٿئي تن ڪي تازائيي
عمر آجائيي، بخش ٿئي، بلال ڪي.

[٣/ج] ڏوڏجو ڏرسن شاه جو، جيت پير پاڪيزا پير [ن ق]
لکين(٤) ڪٿهن. لال ڪي، فاضل ۽ فقير
جڙي اچي جاڪٿين، منجهه هندوري هير
ڏيهون، ڪٿي چڻي، ڪير، حسيني حضور مان.

---

(١) ن. اهائي (٢) ن ۾ فقط هي ٻه سٽون آهن ۽ آخري سٽ هن طرح آهي: 'ڏئو ٽيو ڏسين ٻ، ملوندي موچار'. ق ۾ چار سٽون آهن، ۽ ٻيون ٻه سٽون اڳيون هن فصل جي ٻهرئين بيت جي شروع واريون آهن. (٣) ق. 'بالله لڳ بلال جا، اي اڳهايو آواز'. (٤) اصل. لکي.

چـــارئـــي يـــار، ديـنـدار

ڏرتيءَ ڏاڪيا ڏمال۔ گنبذين نـور جي ٿئو

شيخ بهاؤدين، صدردين، شاه رُڪن دينا

شيخ فريدجهانيان جي لال۔ گنبذين نور جي ٿئو.

## وائي - ٣*

ميندي لالَ لائيندين، سهيليون! هٿ ڳل هار گلابَ ڏني ڪي. [ن]

سيد شهباز ڪامل قلندر، در دولهه سي ايندين۔

ميندي لالَ لائيندين.

.............................................................

## فصل چوٿون

[١] وجي پانڌي! پَسُ، قُبو ڪامل پيرَ جو [ن ق]

تہ حالِ هدايت هوءِ جو، گُهرُ ڏيڪاري گَسُ

خَيْرَدينَ خير جـو، ڏي ڏهـاڙي ڏَسُ

دِلاسو دُرسُ، ڏو آڪي عاجزَنِ ڪي.

[٢] آصلائي اُستاد ڏُونه، حُب هنيين ۾ پاء [ن ق]

تہ ٿئي طالب! ڏُهنجي، اڳيان جانبَ جاء

* هيءَ وائي اصل ۾ 'سرود رامڪلي' هيٺ ڏنل آهي.

سونهي شاهُ سَکر ۾، بُلند پِيرُ بَجاء
پَهون تون پاجهاء، تہ روشن هن راه َٿئي*.

[٣] اصلائي اُستاد ڏُونه، جيءَ پَهنجو جوڙ [انق]
تـهنْ نالائق نوازئا، ڪامل ڏِيئي ڪوڙ
جا وَهي راهَ رَفِيق جي، ڏَهنْ ڏان َمنُ نہ موڙ
طالبَ! توڙان توڙ، پازي چِڙي نہ پانهجا*.

[٤] جِئي شاهُ سَکر ڏڏي، جَهنْ اسان جو سوال سُئو [د]
نيڪ گڏيس شاهُ نَصُردين، جَهنْ تي خاصو نظر ڪئو
جِينْءَ پاچاڻائين پئو، تِينْءَ عِناتائي آگرا (١).

[٥] سپ چڱا، سپ اُجرا، سپ ترڪش جا تِيرَ [د]
پوڻا ايئن عنات جا، ڪُل نيزي نيزيْ پِيرَ
جني صافَ ضميرَ، تن اوڏو پيرُ عنات چئي (٢).

[٣] سؤ سلامي، شريف چئي، منجهہ قطر ِي ڪوڙ. [انق]
جن پيرن پوچائون ڪريہين، لطف تني جو لوڙ.
ترت رسند ِين توڙ، جہ حُب حبيبن ر ڪيہين(٣).

---

* هيءَ بيت اصل ۾ 'سرود ڪلياڻ، هيٺ ڏنل آهن. (١) روايت بخشعلي شاه (٢) روايت حاجي عمر چانڊيو. (٣) هيءَ بيت اصل ۾ 'سرود ڪلياڻ' هيٺ ڏنل آهي.

## وائي*

ڏُولهُه ڏِل درياءَ، شاه سخي پِيرُ لَکي! [ن ق]

جِنَ، ڏِٺَ، ماڙهو، پَريُونَ، پيرين پُونَ پَکِي-

دولهه دل درياءَ

جـي آيا سي آگِهـيا، تِيڙا سپ آکي-

دولهه دل درياءَ

اسان هِن دَرَ جِي، اصل آهي چکي-

دولهه دل درياءَ

### فصل پنجون†

[۱] جَني ڏنو جِت، قبـو ڪوريجي پِيرَ جو [ن ق]

---

[۱/الف] ڏنو سون ڏُوُرا، قُبو ڪـوُريجي پير جو [ن ق]
جني دين دنيا جا دائما، سي ڪم ٿيا سڀ پورا
بخشُ ٿيو، بلال چئي، حاصل حضورا
چٿاسُون سورا، جو دوسن دلاسو ڪيو*.

[۱/ب] قبو ڪامل پير جو، ڏٺو سون ڏورا [ر]
ڪم اسان جا قائم ٿيا، حاصل حضورا
چٿاسون سورا، حضوران هوندل شاه چئي (۱).

---

* 'گلزار غوثيه' ۾ هيءَ وائي ٻئي صاحب ڏانهن منسوب ٿيل آهي.

† هن فصل هيٺ، متن توڙي حاشيي وارا اهي بيت جن جي آخر ۾ ستاره * ڏنل آهي سي **ن** توڙي **ق** ۾ "سرود ڪلياڻ" هيٺ ڏنل هئا جتان ٺپائي، مضمون جي لحاظ سان هت 'سرود ڏنا سري' ۾ هن فصل هيٺ ڏنا ويا آهن. (۱) روايت ميان بخش علي شاه.

ذاتِ ڏاتارَ هٿ ۾، ساريو ڏي سبيلَ
سِي پاڙي پَرتئي پِيرَ! جي پَلئہ لڳا پَهيڙا.

[٤] وجهي دست داوَن ۾، چئج صاحبَ ۽ سڄاڻَ [انق]
آڻ ڪي پاڙهي جاڻ، اسين ڪَهندا ڪيترو.

[٥] وچينءَ ويرِ وَرِي، جن سَهجان ڏنو شيخ ڪي [انق]
ويو تن ڏرِي، ڏُک ڏُکَنْدو ڏيل تان.

[٦] سانجهيَ ڪئو سلام، جن سهجان اچي شيخ ڪي [انق]
تني جو ڪلام، وجي حضرت حاصل ٿئو.

[٧] سُهماڻيَ، سيّد چئي، جني پِرَيا پير [انق]
ويندي تهينْ وير(١)، اڳيان نت نوازئا.

[٨] ساٿي! وجي شيخ ڏُونْه، ڌڀانڌي پير چُميج(٢) [انق]
ادب سان، عنات چئي، وجي راتِ رَهيج
گُجهانــدر گَرهيج، محبتان مُرشد سين*.

---

[٣/ب] لڳو ٿو ليڙيون ڪري، نُور نيلڪن وَٽ [ د ]
مون تان ميهر م متَ، پُرِياڏا پيڙهيءَ ڏئي (٣).

[٣/ج] پيرانديءَ پيرن جي، جُنبي ڪجي جاٽ [ د ]
جني سنديءَ وات، ماڻڪ لين مَگَريا (٤).

---

(١) اصل. تنهن وير (٢) اصل. پير چُميج (٣) روايت ميان محمد عليشاه ۽ ٻن شاه جي رسالي، سر ڏنامري د - ٢ ۾ ڏنل آهي (٤) روايت ميان محمد علي شاه.

[٩] ساٿي! وڃي شيخ ڏونهہ، تہ ڪُرنش ڪجِ ڪهِي: [انق]
پاڙي(١) پُٺن ڪير ڪي، نظر ڪج سهِي
وڃن(٢) سڀ لَهِي، اُهڪايوُن عنات چئي*.

[١٠] ساٿي! وڃي شيخ ڏونهہ، تہ سهسين ڏيج سلام [انق]
تو وٽ مير منگر اُمراء توڪي نون چام
پَسئو ڪَندِي لام، اسين جيهُون ٿا جهانَ ۾*.

[١١] سهجان اچي شيخ جي، چُمي چائٽ جن [انق]
وٺو مٿان تن، ڏارت ڏڪندو ڏيل ٿان.

[١٢] خاصا ڪبڙ خاص جا، چوڪندي چوڌار [انق]
جني سوڙٺو شيخ ڪي، تن(٣) وَهلي ڪندو وهار
سَالڪ جِي سنپار، دلگيرِي دُور ٿئي.

[١١ الف] بخت بلند تن، جني سُهڻند شيخ ڏونهہ [انق]
قيمت سنديون ڪوڙيون، ٿو ترت ڏياري تن
سڀئي پيا در ڪيئم پنن، سڪيون ٿا شريف چئي.

[١١ ب] سڀئي سدائين نمرا، جئي پانڌي پيڻرانا [انق]
سڪيون باب، بلال چئي، صاحب سيانا
جئي حبيبن هاڻا، تن ڪي غير ڪس نہ آئيو.

[١١ ج] مرشد مهر منجهان مون تي ڪرم ڪيو [د]
لپيٽو لڳن تسي، لهي لوهہ ويو
تسي توهہ تيو، حضوران هوندل شاه چئي (٤).

---

(١) اصل، 'پاري' (٢) اصل، 'ويئون' (٣) ن۔ تن کي (٤) روايت ميان بخش علي شاه.

وائي- ۱ *

اويس قرني، پاڻ پرني، پوري آسَ، عِنات جي [ن]

موسىٰ چئج پِرينِ کي، سهسين سلام سيني-

پوري آس عنات جي

مخدومَ پِريا (۱)، لالَ لَنجار، حيدر شاه سَنّي-

پوري آس عنات جي

ابوبڪر هارَنَ وَلِي (۲) لاالـيـن لالَ حسيني-

پوري آس عنات جي

چڙ تَڪبُر، پَڙه حجُّ اڪبر، [پس مير مدني]

پوري آس عنات جي

وائي -۲ †

ٿيندا مَدَتَ مڙيئي، وَلِيَ ولايَتَ، ساڻ عنايت [ن]

حضرت ميران تاج پيران، ذاتي ذَهَ سيئي-

ٿيندا مدت مڙيئي

اول بهاؤدين، صدردين، سائي شيخ سيئي-

ٿيندا مدت مڙيئي

---

* اصل ۾ هيءَ وائي 'سرود رامڪلي' هيٺ ڏنل جتان ٽپائي هت آندي وئي آهي.

(۱) اصل: پريان (۲) اصل ائين (هارون ولي).

† هيءَ وائي اصل ۾ 'سرود ڏول عرف مومل' جي متن جي شروعات ۾ حاشيي تي ڏنل جتان ٽپائي هت آندي وئي آهي.

هو ٿي، لاکو، پلي، پسايو، ساٽي ٿيندا سيئي -

ٿيندا مدت مڙيئي

احمد، محمد، مبو، قاسم، جي ورائين ويئي

ٿيندا مدت مڙيئي

بيبي فاتي ديرين ڪٽياٽي، درس ايرف، عرض ايهيئي -

ٿيندا مدت مڙيئي

پيرون منا (١)، ياني پوٽا (٢) آءُ پيراندي پيهي -

ٿيندا مدت مڙيئي

---

وائي (٣)

سهڙ يار (٤)، لڱ ستار، اي ميان! شرم سميجا! رک منهنجو [انق]

سيّد اسحاق، حاجي چيسر، پاتناٽي موچار -

اي ميان شرم سميجا! رک منهنجو

صابوليا سگهون سهر ميان، آئين (٥) سچي ساڻ سچار -

اي ميان شرم سميجا! رک منهنجو

ڪامل پٽي (٦) ستا ڪتيي، سڪردين دينار -

اي ميان شرم سميجا! رک منهنجو

سڌو دائو سٺهو مائٺو! اي سوال سينه سوار -

اي ميان شرم سميجا! رک منهنجو

سپار من، شريف جي، ڪرهو سين ڪلتار (٧) -

اي ميان شرم سميجا! رک منهنجو

---

(١) اصل. انين (٢) اصل. ياني پونا (٣) اصل ۾ هيءَ وائي 'سرود ڪلياڻ' هيٺ ڏنل آهي (٤) ن. 'سهن يار' (٥) ن. 'ستيا آءِ ي، ق. ستيا انين (٦) ن. ڪامل پٽي (٧) اصل ۾ هيءَ مصرع 'ڪامل پٽي - الخ' کان اڳ ڏنل آهي .

ڪَرِئو، ڪاڪو، ٻِٻِي سَجهو ڪي(۱)، اُڏو (۲)
آري، حاجي [پير هَڙيئي ](۳)-
ٿيندا مدت مڙيئي

پير برداٿو، بدردين، پيا! منديون معاف ـڙيئي-
ٿيندا مدت مڙيئي

سيّد عالي، سيد حسين، وچيو ڏِس ڏِهاڻي [ڏيئي]-
ٿيندا مدت مڙيئي

اڇن جي آس ڪري، تن جو پير وَرايو پاڻي(۴)[پيهي]-
ٿيندا مدت مڙيئي

لائق فائق(۵) لالُ لَلاڻِي، رِيلَ سُونهاري ريهِي-
ٿيندا مدت مڙيئي

جيسَرَ جُنگان مُولَ سوچارا، آهي مُهِرَ مٿيئي-
ٿيندا مدت مڙيئي

پاڙي آهيون پِيرَ تُهنجي، عِزتَ ڏِجاهُون ايهي-
ٿيندا مدت مڙيئي

پَڪِي پاتُشاڻي تهنجِي، هي جِي آيا پيهي-
ٿيندا مدت مڙيئي

---

(۱) اصل. سجو ڪي (۲) اصل. ادو (۳) اصل ۾ 'حاجي' کان پوءِ مسلسل 'پير برادئو. الخ، سڄي مصرع ملائي لکيل آهي. مگر معنا مان ظاهر آهي ته هي ٻه جدا مصراعون آهن، ۽ انهيءَ لحاظ سان درستي ڪئي وئي آهي. (۴) اصل. ' پيرورايو پاڻهي' (۵) اصل. لائق پائڪ.

سُنارِي مرسل ڪي(۱) ڏيج نياپو نيئِي(۲)۔
ٽيندا مدت مڙيئي

الله ڪارڻ عرض عِنات جو، ڪِج وَڏي در ويهي -
ٽيندا مدت مڙيئي

وائي (۳)

آهيئون سڪ سچاري، ڪونر ڪوريجهي پير جي [ ن ]
شاه نصردين، شاه عِنات، پاڙي سڀ سونهاري-
آهيئون سڪ سچاري

حاجي جوڳي ٿن حاج جو(۴) ٽيندو پاڻ انياري (۵) -
آهيئون سڪ سچاري

شاه حيدر خاص خراسان، رکو لڄ شماري-
آهيئون سڪ سچاري

بالله! لڳي، بلال چئي، عرض سڻيهو انصاري-
آهيئون سڪ سچاري

(۱) اصل. مناري مؤمن کي (۲) اصل بر هيء مصرع 'جيسر جنڪان - الخ' ڪان اڳ ڏنل آهي
(۳) اصل بر هيء وائي 'سرود ڊول عرف سومل' جي متن جي وچ ڌاري حاشيي تي ڏنل آهي
(۴) اصل. هاج جو (۵) اصل. انياني.

# سرود جيتسري

[١] آجُ آڏيائُون آڏَ(١)، دل ۾ ديواريون ڪري [اناق]
سَجَڻَ ساهَ پساهَ جِينْ، مون سين آهينِ گڏَ(٢)
کهڙا ڪَريين سَڏَ(٣)، ههڙن هيڪاندَنَ ڪي.

[٢] آجِ چيائون ايئَن، پلي آڳڻ آئيا [اذق]
اونداهي ۾ سوجهرو، تَنَ ڪئائون تيئَن
آنءُ تهنْ ڪانگلِ ڪيئَن، ويٺ وَرائي آچِيَان.

[٣] آنءُ ڪيئَن ويٺُ وَرائِيَان، قَرِيباڏي ڪانگ، [اناق]
مَٿي اڳڻ اُسري، چَڙهِي ڪئائين چانگَ
باڳي ڏِني بانگ، تان اُتانئين تي آئيو.

[٤] اُتانئين تي آئيو، ڳالهيين ڳاتَ پَري [اناق]
مون سين مانَ ڪري، سَجِيون سُپيرينِ جون.

[٥] هَتُ چري، آڪ قَري، مونَي لَمي ڪانگ، [اناق]
پِرينِ سانگ سُسانگ، مونّي ايندا مون گهري.

---

(١) ق. آڏڻ. (٢) ق. ڳنڍڻ. (٣) ق. ڪيڙو ڪريين سڏ.

[٦] پهريائين ويڻُ چَئِي، پوءِ دِلاسو ڪَنِ [انق]

اصلانْ ئي، عِناتُ چئي، ايَ پَرِ سُپيرينِ

پلوءِ چَڏِ مَ مَنَ، ڏوراپائي نِيهن جڙُون.

وائي

آجُ گهرِ، آجُ گهرِ، ايندا سُپرين، ويني ڪانگَ اڏايان [ن]

ايهين پانيان.

چرندي سال، پروڙيم ڪالهه، سرتين ڳالهه سڻايان.

ايهين پانيان

الاهي! عِناتُ چئي، راڻو راتو ڏوءِ رانيان.

ايهين پانيان.

# سرود پورب

## فصل پهريون

[١] پُورَبِ پِرينْ سَنْدامِ، آهينِ اِلا بساسَ ۾ [ن ق]
اُڏايان، عنات چئي، ڪالهُون ڪي ڪانگامِ
خبر سي ڏيندامِ، جي ماءَ! مالِو آئيا.

[٢] پُورب گَڏئا جَنِ، تن مون سين ڳالهہ ڪئي [ن ق]
اِلاباسي، عِناتُ چئي، ٿا وَرَنَّ وايون ڪَنِ
اڄ ڪِ ڪالهہ اَچَنِ، مون منجها مالَ پروڙئو.

[٣] مٿي پُورَبَ پنڌُ، سَدائيــن سامينِ جو [ن ق]
نايائون گُرَناتَ ڪي، ڪِيرَت ڪري ڪَنڌُ
هِتِ هُتِي جو هنڌُ، جوڳِي جوڙي هَلئا.

[٤] جوڳِينِ يارانو، آهي نہ آدَمَ-ذاتِ سين [ن ق]
سَنہِ سپ جهانَ ۾، تِنـي جو طعنو
جَن رِيَ هِينئڙو حيرانو، سي اچن وري، عِناتُ چئي.

[۵] سامِي ٺئين تان سُدنات ٿِي، ناتہ ڏور مِهنهٖي (۱) ڏيهہ [ن ق]
حِرص هَڪلِي پانهجو، تون وَهَمُ وساري ويهہ
آونهون مُلڪ عنات چئي، ڪَن چِلِي لَڏو نہ ڇيهہ
مَڙهي مات جِي پيهہ، تہ ويني ٿئي وِيرُ ٺئين.

[۶] سامِي ٺئين تان صَبُور (۲) ٿِي، جو صبر تہ سامِي (۳) [ن ق]
اوڙي لَهہ، عِنات چئي، جي مَحرمُ مُدامِي
جي آجا انعامِي، سي آدَبُ آديسي سڪئا.

[۷] سامِي ٺئين، سُک طلبئين، سُکين نہ سامِي [ن ق]
اجہا اوريين پسنڌ ۾، ويٺين وِسامِي
تون گڏئين نہ ڪَهنْ گُرَ ڪِي، چايين انعامِي
هِي جي مَحرمَ مُدامِي، سي آدبُ آديسي سڪئا.

[۸] گَنگا، گومِتي، مَٿِـرا، جمنا جهَارِين [ن ق]
داغ دوارِڪا (۵) دائِما، ڏسيو ڏِيـارِين

---

(۱) ن. هيهٖي ق. هيٺوي (۲) اصل. سَبُورُ (۳) ن. 'جو صبر تَہ سامي' (۴) شاه جي رسالي، سر پورب د - ۲، ۾ هيءُ بيت هيٺين طور ڏنل آهي:

سامي چايين، سک طلبين، سُکين نہ سامي
اجہان اوريين پسنڌ ۾ ويٺين وسامي
گر ڪي تون نہ گڏئو، چايين انعامي
سامي مدامي، پورو رهج پرينءَ سين.

(۵) ن. دارڪا.

هلو تہ تڪيا پسون تن جا، جي جهنگين
جهُونگارين
مر نانگا نهارين، اسان ڏُونهہ عِنات چئي.

[٩] گنگا، گومتي، مَترا، جَمنا جيتيائون [ن ق]
ماري مِصرين سين، ڪُفرُ ڪُنائون
دُرست دِياءِ دِينَ تي، اَمر آندائون (١)
تن اسلامن آئون، گهٽو اُڪَنبِيَ آهيان.

[١٠] عَرَبُ، عَجَمُ، رومُ، شامُ، پرُيو پرُتڪال پسَن [ن ق]
ڪابل، ڪشميرُ، غزنوي ڏونگر ڏيهہ ڏسَن
سَمَرقَندُ (٢)، سيّدُ چئي، بابُو بلخُ وسن
جيلاهہ گنائون پيرُ گسنِّ، تي حرم ٽئا مَطلُوبَ سين.

[١١] پُوربِيا پُوري وئا، آسڻ آڏيَ راتِ [ن ق]
سُيَرِ نہ سناسينِ جون، اِيَّ پچارون پرڀاتِ
جوڳي ڪا جا ذاتِ، اوهِ مِٽ نہ معذورين جا.

[١٢] نانيان ڪوهُ ڪري، چلو جي چنڊِي مٿي (٣) [ن ق]

---

(١) ق. 'دياءِ دين تي امر آندائون' (٢) ق. 'سمرڪنت'. (٣) ن. 'چلو جڻ چنڊي مٿي' ق. 'چيلو جي چنڊي مٿي'

مِيان! مون مَنُ موهِيو، جِني سندي سُونهَن
اُني جِي، عِنات چئي، ويهي ڪر وِرونهَن
اوڏو ٿي(١) چئو اُونئَن، سنيها سيڻن جا.

[٢] ڪانگَ تُهنجيَ چانگَ، مُهنجو جڏو جيُ جيارئو [ن‌ق]
جيُ ڪِيانئا ڪِينَ لَئِين(٢) ٻوليون(٣) سر ٻِيرانگَ
ٿِيَهُون(٤) آسَ، عِنات چئي، اڄ آجُوڻي آنگَ
اُڏِءُ (٥) مٿان ڦانگَ، ته ڪَرَ جاوَن آوَن ٻِرين(٦).

[٣] لَئِين ڪُجاڙيا لاءِ، مٿي پٽَين پيرَ ڪئو [ن‌ق]
ڪانگا! ڦرِيبن جي، ڪا ڳالهہ ڳرِيئِي آهہ
سنيها ڪي سڄڻين، سِگهو ٿي سُڻاءِ
اُڏِءُ سي اٿاءِ، ڏِني جن(٧) ڏک لهي.

[٤] هٿ چُري(٨)، آڪ ڦَري، آرتَ ڏِرڪي مالَ [ن‌ق]
ڪالهوُن ڪِي ڪانگ ڪَري، وايون منجهہ وصالَ

---

(١) اصل. 'اوڏي ٿي' (٢) ق. 'ڪِي لِيئِي' (٣) ن. ٻولي ق. ٻوليين (٤) ق. اٿهون
(٥) ق. 'اڏن ءُ' (٦) شاه جي رسالي، سر پورب د-١، ۾ هيءَ بيت هيٺين طرح ڏنل آهي:

ڪانگل تنهنجي چانگ، جڏو جيءَ جيارئو
لامن مٿان لت ڏئو، ٻولين سر ٻيلانگ
آڏر مٿان ڦانگ، ته ڪر جاون آون ٻرين.

(٧) اصل. 'جهن' (٨) ق. 'چڙي'

ايندا آج ڪِ ڪالَ، سَوَنُ ٽئا مون سَقُرا.

[۵] ڪالهہ چِڙَنْدِيَ مالَ، جُڪس پروڙِئم پريتئو [اذق]

سڄڻ ايندم شالَ، آسائِتي اڪِ ڦَري.

[٦] وڇوڙِئا ميڙ پرين، سڪ سڪندين لاه [ر]

ايڏي سگهہ سچا ڏٽي، تو هي ڪي جڳاءِ

تون جِني جو طالبو، مهر تِني ڪي پاءِ

ميڙائي جو ماءِ، ڪانگ لوَنْدو ڪڙهين(۱).

[٧] اڄ واڏائي واهَ، آندي ڪانگ قَريب ڏونه [اذق]

پِڳو هِنيون سَڄو ڪِئو، سيڻن جي صلاحَ

آندا پرين اللّٰهَ، ايَ سڏ مُهنجا صاب پيٺا(۲).

[٨] مَذَنَ سِر ميان! ڪُجاڙو ڪانگ لئَين [اذق]

[٧] ڪانگل ڳالهہ چٽي، اڄ ناريوسون جندڙو [انق]
سائي بات، بلال چٽي، اندر روح رهي
هي جي ڏڪ ڏينهن جا، ويا سور لهي
ايندا سيڻ سڄي، اڄ دوس منهنجي دائري.

[٨ الف] ڪانَ ڪانَ ڪانگ ڪري، تو مٿان انگهن آنهي(۳) [انق]

---

(۱) ميان امام علي شاهہ ڏان پهتل روايت مطابق. (۲) هيءَ بيت شاه جي رسالي، سر پورب د-۱، ۾ هيئينءَ طرح ذنل آهي:

آنديون ڪانگ قريب جون اڄ واڏايون واه — سن مرادون هيون ٿيون سرهايون ساه
آندا پرين اللّٰه، سڏ منهنجا ساب پيا.

(۳) اصل. " مٿان انگ نہ الهي".

مکڻ ماکي مصري، ڏيهاڙئون ڏيين
جي هُرن منجهہ هنيين سي تو ڏنا ڏيکارِ مون.

[٩] وئو ڪانگ کهي، واڌايون وصالَ جون [د]
اجهي سجڻ آئيا، وڏي ناهہ نهي
ويَت سپ وهي، سينڌ سلامت آئيا(١).

## فصل ٽيون

[١] جتي پانيم جيئڻ، اُتيئي گڏئا پرين [ن ق]
اوتي اکڙين سين، ڏيٺ پرئائم نيهن
ڏُکَ گهرهيان ڪينءَ، جو وئا سيئي وِسري.

[٢] مون غافلِ گوشي، سُگهڙ پرين سانييئيا [ن ق]
سَجَڻَ وئا سوسي، اگيان ڏُکَ عنات چئي.

[٣] گُڏين پرين رُنامِ، اوگڻ رُسي سيکو [ن ق]

---

پيرو چئي، پرين جي، ڪا اٿس ڳالهہ ڪري
پٽ نہ پير ڌري، آيو چوء آيا پرين.

[٨ ب] ڳالهايان، گهر لانيان، ڪارون ڪانگ ڪريان [ن ق]
پيرو چئي، پيرن ميرُ نايو نيڻ ڌريان
پروڙين. پٽريان، حقيقت عن حال جي.

---

(١) ميان امام علي شاهہ کان پهتل روايت مطابق.

جُڪس ٻاروتڻ ۾، ڪي ڪَبيرَ ڪئا مِ
تهان ٻوء ٽئا مِ، سپيرين ڪوڻ سُڪڙا.

[۴] تَڳان جنِ تَوارَ، آسَرَ اُنِ گُذاريان [ن ق]
اهڙا ٻرين، عِنات چئي، صاحب ميڙ ستارَ!
ٻاجهائي ٻيهار، مَتي اڳڻِ آئيا.

[۵] متي چانئٺ چت، هنيون در دوستن جي [ن ق]
اکيُون آسائتيون، تيئون نِهارين نِت
سڄڻ سين ثابت، الا! نيهن نڀاهئيين (۱).

[۶] ٻَلٻَلَ ٻورَ هزار، موڪي سندا سَڄڻين [ن ق]
تِينءَ سي وَهن اکيون، جيئن سي ڪُوهي نارَ (۲)
سَڄَڻ سانگ سڌائيا (۳) هُئا جيَ جيارَ
ٻاجهائي ٻيهارَ، متي اڳڻِ آئيا.

[۷] متي اڳڻ اُسري، ڪامِلُ ڪئو (۴) ڪَرَمُ [ن ق]
سائي تيُنِ سامُهين، جا ٻلائي ٻرمُ
جا دوسان ٻاسي دَمُ، سا لِڪائي لُڪ لهي.

---

( ) هيءُ بيت اصل ۾ 'سرود ڌناسري' هيٺ ڏنل هو جتان تپائي هت آندو ويو آهي. (۲) اصل. 'ڪوي نار' (۳) اصل. 'سڌائيو' (۴) ن. ڪري.

## وائي-١ *

ٽيئڙا سُکَ سَبيلَ، غمَ گوندر گوشي ٿيا. [ن]

پِرينَ پرچي پاڻَ ۾، ڏُران ڏنائون ڏيرَ-

ٽيئڙا سُکَ سبيل

مون مَنُ موهيو، سيڻن جيَ سُڏيرَ-

ٽيئڙا سُکَ سبيل

## وائي-٢ †

اڄا رات[ڏم] آئيو، مُهنجون اکڙيون پرين ڏي. [ن]

...............................................

آهم آس، عِناتُ چئي، پرين سين پاڻ پرچائيو-

اڄا رات [ڏم] آئيو

—⁂—

* هيءَ وائي اصل ۾ 'سرود ڪاموڏ' هيٺ حاشيي تي ڏنل هئي جتان ٽپائي هت آندي وئي آهي. ڪلهہ جي شروع ۾ اصل "ٿيا سي سک سبيل" جا الفاظ آهن ۽ پڇاڙيءَ واري مصرع جي آخر ۾ "ٿيا ٽيئڙا سک سبيل" جي ورائي لکيل آهي جنهن جي آڌار تي درستي ڪئي وئي آهي.

† هيءَ وائي اصل ۾ "سرود توڏي" هيٺ حاشيي تي لکيل هئي جتان ٽپائي هت آندي وئي آهي. ظاهر آهي تہ هن وائي جو متن اڻپورو آهي.

# سرود ليلا

[١] ڏوريون ڏور سنجوڙجون، ڪنه اولانبئان اچن(١) [ن]

.................................................

.................................................

[٢] سڌ ڪري پڇيائون، پردران پيهي(٢) [ن،ق]
سي آرت سين، عنات چئي، ورونهن ڪن ويهي
نَوَ لکو نيئي، ڪتر سيئن ڪانڌ ڏيهون.

[٣] ڪتر سيئن ڪانڌ ڏيهون، سياڻي سندوءِ [ن،ق]
راءِ وڃايو روءِ، وهاڻي واڻن تي.

[٤] وَرَسان وڏءِ ڪاڻ، تون ڪَرَ سان ڪلون پائين [د]
اهڙي ڏون اڻ جاڻ، ڪڻ چڙيو ٿهه ميڙيين(٣)!

[٥] سويي! لوپيين هار، تو ليلا! حيلا هٿ ڪئا(٤) [ن،ق]
گهُرين تان گهٽين پريين، نَوَلکا نبارَ

(١) ن ۾ 'سرود ليلا' هيٺ هيءُ پهرين سٽ ڏنل آهي. ظاهر آهي ته هيءُ بيت جي پهرين مصرع آهي جا لکي وئي آهي پر ان بعد ٻيون مصراعون رهجي ويون آهن. (٢) اصل: 'سڌ ڪر پڇايائون، پردار پيهي' (٣) روايت حاجي عمر جانڊيو (٤) ق 'ليلا حيلا هٿ ڪئيءَ'

جانُ دَرِ هُئينءَ داسَڙي، تان سُونئينءَ رِيَسينگارَ
ڪامِلَ وَرِي ڪارُئينْ(١) وَرنَهہ! وِچائج وارَ
چنيسَرَ سردارَ! ڪو عَفوُ ڪَرِيين(٢) عنات چئي.

[٦] ڪارُون آئُڙيُون(٣) ڪانڌ ڪي، تہ بہ روئي ريجهائيج [ان‌ق]
سوِيي! تون سُهاڳ ڪي، پورِي! پرم ڏيج
ليلا! ليلائيجِ، اٿئي ماڳُ منٿ جو.

[٧] سوِيي! سڪينءَ، سيّد چئي، سي ليلا چڏ حيلا [ان‌ق]
پائي پاند ڳچيءَ ۾، چئج ور تون وسيلا(٤)!
ڪانڌ ڪوڏيو تن جو، جن ڪي صبر سَبِيلا
مُهنجا ڪرت قليلا، تون دوسُ آهيين داسڙا.

[٨] دوس مهنجا داسڙا! هيَ ڳالهہ هنيين سين لاءِ [ان‌ق]
ڪَئِمِ ڪَچايون ڪيتريون، سي ميان! تون ميٽاءِ
هارُ هٿانْ مون ڇڏيو، ڪِينْ چنيسر چتاءِ.

---

[٤] ليلا! حيلا ڇڏ، جي تون سوِيي سڪئين [ان‌ق]
راتيان روءِ، رنگريز چئي، گهڻو سهاجهي سڏ.
پائي پاند ڳچيءَ ۾، پاڻ غريبيءَ گڏ
هڏ نہ ڇنوُ نندءِ لڏ، جي ڪارُون آئين ڪانڌ ڪي(٥).

---

(١) ن 'وَرِي ڪارئي' (وَرِي ڪارئي؟) (٢) ق. 'عفوڪر' (٣) ن 'ڪارُو آريئُو'
(٤) هيءَ سٽ صرف ن ۾ آهي (٥) شاهہ جي رسالي، سر ليلا د-١، ۾ هيءَ بيت ڏنل آهي پر
منجهس ٻي مصرع ڪانهي.

يَلا ! نِي يَلاءِ، مونکي مِهڻي- هابُ متان ڪريين.

[٩] اڳيون آنءُ نہ ليکيان، پويُون ڳَڻُ مَ پِتارَا! [ن ق]
چنيسر سردارَا! ڪو عَفوُ ڪريين عِنات چئي.

وائي *

آءُ پرين گهر پيهي، چنيسر! هارُ هٿان مون ڇڏيو [ن]
پڇن ليلا، اوءِ ڪِن حِيلا، ٻهران اچي ٻيئي-
چنيسر! هار هٿان مون ڇڏيو
دوسُ نيائون داسَڙو، ويساهِي ورُ وِيهي-
چنيسر! هار هٿان مون ڇڏيو
اوڳڻ عيب مٽايون مُهنجون، ڍوليا! ڏکُ سييئي-
چنيسر! هار هٿان مون ڇڏيو
تو دَرِ اچِي داسڙا ! آرَ ڪنديس آنءُ ڪيهي-
چنيسر! هار هٿان مون ڇڏيو

---

* ن ۾ نقط ٽن ئي ٻهريون ٻہ مصراعون ڏنل آهن. هيءَ وائي شاه جي رسالي، سر ليلا د-١، ۾ ڏنل آهي جتان پويون ٻہ مصراعون کنيون ويون آهن. هن وائي جي ٻهرين ٻن مصراعن جو مفهوم، شاه عنات جي مٿي ڏنل بيت نمبر [٢] جي مفهوم سان ملي ٿو، جنهن جي بناء تي چئي سگهجي ٿو تہ هيءَ وائي شاه عنات جي چيل آهي.

# سرود آسا

[١] ’اَلف‘ جِني کي انگُ، رهيو آهي روح ۾ [انق]
’ميم‘ مُشاهدي گَڏئا، جِئان لَٿَن زَنگُ
’لامئون‘ جني لنگهُه، تن کي آوتَڙائي تَڙُتَئِي.

[٢] جان جئين تان جيءُ جٿو، ٻولِي ٻي ۾ وارِ [انق]
ڪَرَهِي وَج ۾ قاضيين، منجهئي مُفتِي ڏارِ
نِنيي سڌ نافعُ، وڏو سَڌ [۾] وسارِ
هِي جا خالق خَلَقَ خلقئِي، سَهُ تِهن جي آرِ
نَظَرُ ڪري نيارِ، جن ڪِمئو تن ڪَتئو.

---

[٢/الف] وجي ٻچ وٹن ڪي، جڏهن ميوا ڪن. [انق]
ڏڪر، ٻيتر، اٿيون، سيئي سڀن.
سخاوت، شريف جٿي، ايءَ ڏل ۾ درختن.
ڦيرڻو تا ڦَرُڪن، نيت نيڪيءَ پانهنجي.

[٢/ب] وجي ٻچ وٹن ڪي، جڏهن ڦر ڪَن. پوءِ [انق]
آن مير پايو انگڙا، سٿيي سٽيو ڪوءِ
نيت نيڪيءَ پانهجي، ٿيو نيچو پوءِ
تُر ٻَهينجيءَ توءِ، موٽيئو مُنڌ ڪَرٰي.

[٣] پاڻ جيئڻ، پرينءَ ملڻ، اِيَ سَدائتين سَدَّ [انق]
مُوتُواقبل آنْ تَمُوتُوا، تان تو سُئي نہ حَدَّ
جيئڙي پرين نہ لَدّ، مَرُ تہ مِلين محبوب کي.

[٤] جي مُنهن ڏئين تون ماڏهيئن، هنيون ڏئين هوتَ [ د ]
تہ چُنِيَ چارئي پوتَ، اوسَهُ وِٺي آڪرين(١).

[٥] رَهي نہ رَتَيَ جيتري، ڏِٺي جني ڏَئار [انق]
تون تني سين گهارِ، اوڏا آڏي پڪڙا.

[٦] چُٽي چُري چتَ ۾، ڏِٺي جني ڏکَ [انق]
وَر تني ڏونه وِکَ، ڪوءِ پارهن ماه پٽن جا.

[٧] ڳالهيون مَنَّ سَنديون، پرينِ پَرَوڙينِ مُور [انق]
هَلِي ڏَنِ حضورِ، ڪوهُ وِلِين وات سين.

[٨] ڪاتبَ ٿا لکن، متان ڪا خطا پِرَين [انق]
نئيي وڏي ڳالهڙي، جوڙيو جمع ڪن
تون پاڙيسي ڏَن، جي حرف نہ چڏين هيڪڙو.

[٩] مس گهٽي ڪ ڪاغذ گهٽو، لَکڻ لَکَ هزارَ [انق]
آنْ ڪينءَ آچيان عام کي، پرين تُهنجا پارَ

---

(١) هيءُ بيت حاجي عمر چانڊيي جي زباني قلمبند ڪيو ويو.

تهنجي تُهانْ ڏارَ، آنءِ ڪتابت ڪنْ ڏيان.

[١٠] ڪَنُ گهرجي ڪَلمون، سيڪهن سُٽڻ لاءِ [ق]
فڪر سين قيراءِ، تہ هَمَہَ کي حَقُ چوين.

[١١] لتاڙيو لوڪ کي، وڃيو پريـن پسَنِ [ق]
مون تي اڪڙين، وڏا تـورا لائيا.

[١٢] سَڏي پاڻَ سَچو ڪري، عشقُ نہ ڪري آڏَ [ق]
اِيَ تان سائرَ سَڌَ، ڪَئي جا قوال سين.

[١٣] سَچي چوڙڻ سُرِي، چوڙيين جي آڏ- گِنڊِ [ق]
تہ ڪَڙو لاهيين ڪَنِيِ، سَپيريان جي سير ۾.

[١٤] اِيَ گِنڊِ ڇهنڊيَ نہ ڇُڙي، هَر هَر هٿ مَ پاءِ [ق]
ڪوڙيين وڏا ڪيترا، اِنَ وَرَ منجهائي ماءِ
هٿي هٿي ڪندا هاءِ، اِتِ هاتڪ هزارين وٺا.

[١٢ الف] ساڄن ساڻ ڪمان، آهي دوست دڪان جي [انق]
تنهن جو خط خطائي نہ ٿيو، ڪاتب جنهجي ڪان
باز گشتي، ٻلال چئي، هٿن نيڻن سير نيشان
اهڙا سُرت سُڃاڻ، مڪيين خوب شڪار جا (١).

[١٢ ب] پاتئي ڪَشَ (٢) ڪمان، تہ ٿيءِ ٻهادر ٻلال چئي [انق]
مون نن اندر آهيين، ڪاري هڻ مَ ڪان
ساڄن سُرت سڃان، متان طبيبن جهي تات ٻڌوئين (٣).

(١) هيءَ بيت اصل ۾ 'سرود ڊول عرف مومل' هيٺ ڏنل هو جتان ڪنيو ويو آهي (٢) اصل. 'ڪش' (٣) هيءَ بيت اصل ۾ 'سرود ڊول عرف مومل' هيٺ ڏنل هو، جتان ڪنيو ويو آهي.

# [سرود ڪاپائتي *]

## فصل پهريون

[۱] پيون سپ ڪتن، مان ننڊائي نہ لهي [ناق]
اوگهٽو، عنات چئي، آيا ست پڇن
الا! اگيان تن، ڪاٽياري ڪا مَ ٿئي.

[۲] پيون سپ ڪتن رات، مان ننڊائي نہ لهي [ناق]
اوگهٽو، عنات چئي، پڇن ست پريات (۱)
سنهون جني سات(۲)، مرڪي آوءِ متينديون.

[۳] پيون سپ ڪتن پوءِ، مان ننڊائي نہ لهي [ناق]
جا ڪر جاڻي قضئي، سا پيري ءِ روءِ
اوبڻ جو، عنات چئي، حرص جهن کي هوءِ
تهن کي پورهئو پلئہ پوءِ، سودو صرافن ڪان.

* ن توڙي ق ۾ 'ڪاپائتي' جو سر جدا ڏنل ڪونہ آهي؛ ڪاپائتي سر جا جملي بيت 'سرود آسا' هيٺ 'آسا'، جي بيتن سان گڏوگڏ ڏنل آهن، جتان جدا ڪري هت 'سرود ڪاپائتي' هيٺ مرتب ڪيا ويا آهن.

(۱) اصل . 'ايا ست پڇن پريات' (۲) اصل . 'سنهون جني جي سات'.

[۴] سَنجهي ٿئم نہ سارَ، صبح سُتيئي ويو [ن ق]
آڏڪي تند، عِنات چئي، مَهتَ نہ آيس مارَ
سپاجها ستارَ! آميريامِ مَ اَلڙي.

[۵] سَنجهي ٿئم نہ سُتِ، صبح سُتيئي ويو [ن ق]
هيڪ ٽُلهو، ٻئو ٽورو، لَسي پيمِ نہ لُتِ
آلا آنءَ آپُتِ، آميريامِ مَ اَلڙي.

[۶] ڪاپي منجها ڪينَ ٿئو، جانْ پيريم پلي پتِ [ر]
سَونْتِ نہ آيم سُٽ جي، پاٽان موڙهيم مَتِ
اندر وَهي آيتِ، سُپيريان جِي ڳالهڙي(۱).

[۷] تان ڪينْ ڪاپاتي ڪتُ، جانْ سين اٿئي(۲) [ن ق]
اونگهہ اکين ۾
سَونْڪي وير، سيد چئي، ويسريائي ۾ وتُ
پيرمُ ۽ پيرتُ، سُتينِ مُور نہ سِڄي.

[۸] پائي پاند ڪپاه، مون آتڻ سڀ نهارئا [ر]

[۹] ڪتيم ڪين نرمُ، ڪيئن مترڪي آئي متيان [ن ق]
پسيو مت سرتين جو، مونکي ٿئي شرم
منجهہ بازار، بادل چئي، پلا وڪ پرم
قادر ڪر ڪرم، جيئن اکلوئي اگهائيين.

(۱) ميان امام علي شاه کان پهتل روايت مطابق. (۲) ق. 'جا نسين اٿئي اوگهہ اکين ۾،
تان ڪين ڪاپاتي ڪت'.

[٨] نَڪي ڪَتي پاڻِ، نَڪي ڪَتائي پورهئي [نق]
آرَٽ اوڏيائي نه وڃي، نه تهنِ ڪوريَ سندي ڪاڻ
جِهنَ سين پريَن سندي رهاڻ، تهنَ اونو ناه
اُگهاڙ جو.

[٩] پائي مالَ آرَٽ ۾، ڪتين نه ڪُوڙي! [نق]
اُتندي آتڻ وٽڻ، جه تو مٿي تي موڙي
نَمَت ڪج نُوڙي، ته سَچَ صرافن سين پئين.

[١٠] سَچَ صَرافن سين پئين، ته پڙ ڪَتج ۽ ڪَنبج [نق]
آڌيَ جو اُٿيو، آتــڻ منجهه آڇج
صبر جو، سيد چئي، متاعَ مُور وَنج
اُت آڏَبَ سان آڇج، جت سُت سَنياهين سَرتيُون.

[١١] تاڃي ڏيرئون ڏير، اُجندي عناتُ چئي [ر]
تهنَ ۾ هڪڙو سير، اُٽڻ ۾ اوڪو ٽٽو(١).

[١٢] چرخو ائين چور، جيئن ۽ پُون پٺڪو نه سٺي [ر]
آڌيَ جو، عناتُ چئي، اٿي آتڻ اور
تهان پوءِ تور، ته تُهنجو سُت برابر سون ٽئي(٢).

---

[٨] ارٽ اوڏيائي نه وڃي، ڪاپو ڪين ڪري [نق]
پرت نه آهيس پهيءَ جي، ڇڏيائين [ڏار] ڏري
ڪا جا ڳالهه، قطب چئي، آهي آن ڳري
جن ڏانهن ورو ري، پيرم بخشي تن کي.

---

(١) ۽ (٢) ميان امام علي شاه ڏان پهتل روايت مطابق.

[٢] ڪنڊا اسان ساڻ، جي تون هلين موهه ڏي(١) [ن،ق]
تہ ڏينهان ڏک نہ سارئين، گهڻو ريجهائين راتِ
تون(٢) تُهنجي ذاتِ، پڻ رهائي(٣) پٽن ۾(٤).

## فصل ٻيو

[ن] چارِي نہ مارِي، نہ ڪو لوڙائو لڙي
وڳ ويهاري ويسرا، پٽنِ ۾ پاري
ڪاڻا ڪيڪانن تي(٥)، هيڪن هزارِي
سُرهي سا، عنات چئي(٦)، ڏٺ وطن وارِي
چارِنِ رِباري، ڪيڙي هيٺ ڪنگهارَ جي(٧).

## فصل ٽيون

[ق] ٻَلي ڪي ٻؤڏرِن، جي واسُ وَنَڻَ آئيا
تني ڪي ڪؤنرِن، ڏنا هنڌ هنيين ۾(٨).

(١) 'موهہ ڏي' (اصل ائين). (٢) ن. 'تون'؛ ق. 'توء'. (٣) ن. 'پر رهائي'؛ ق. پرڻا ٻون.
(٤) هي بيت اصل ۾ 'سرود مارئي' هيٺ ڏنل هو، جتان ڪنيو ويو آهي. (٥) اصل. 'ڪاڻا اڪيي ڪانن تي'. (٦) اصل. 'سرهي شاه عنات چئي'. (٧) هيء بيت ن جي شروع ۾ ڪن متفرق بيتن سان گڏ لکيل هو، جتان ڪنيو ويو آهي. (٨) هيء بيت ن ۾ 'سرود سر راڳ' هيٺ لکيل هو، جتان ڪنيو ويو آهي.

[۲] مومل، سومل، سَهچان، تيون آتڻ آڏائينِ [انق]
سَچا وَڻَ سرڪنڊ جا، چَندَنُ چِيرائينِ
مُرَ، ڪتوري، ڪيوڙو، لُووَڻُ ڪِئو لائينِ
راڻو تيون رائينِ، اهڙيَ پرِ عِنات چئي.

[۲] راڻو ريجهايو جيڏيينُ، سڻ پَنَنِ سندا پارَ [انق]
ڪن سينگار، سَيد چئي، وجهن هزاري هارَ
وارَ وِسيهرَ آگِرا، مٿي ڪيسَ ڪپارَ(۱).

وڏي سَري آن ڪي، جي لالَن تي لٽڪَن.
آسَڻَ پاسَڻ آن جا، پاڪيزا پٽين.
ڪنهن سبان سناسي آئيو، آتڻ مٿي آن.
سُوڏيون شڪارين سين، ظاهر ڪيون جوڳين.
سَرها شڪاري ٿيا، تہ دايُون تهي دَرن.
تازي (۲) ڪاهيائون تڪيڙا، وڃن ۽ وِهسَن.
اڃي ڪاڪ ڪنڌين ۾، ڏارو ڪيو ڏاتين.
ڪين آڇهي آن ڪي، تہ ڪين ڪامڻ ڪي ڪهن.
جا مومل مَن مَنجهن، سا راڻو ريبي هلئو.

[۳] هُو جي ڪاڪ ڪناري ڪامڻيون، پائين هزاري هارَ [انق]
ڪُنڌواريون، قطب چئي، سهسين ڪن سينگارَ
تين جو پَرهڻ پيرمُ بادلا، ڏُرڪڻ چگيءَ ڏارَ
آن جي ٻوليءَ موهيا پاڇيا، ڪن ڪونجن جيئن ڪُنڪارَ
تَن جهي لوڏي آيا لوءَ ۾، پٽين سٽي پچارَ
جا مڙبن جي مهندار، سا مومل ماڻي ميڏري.

(۱) اصل. 'جي هٿا ڪيس مٿي ڪپار'. (۲) اصل. تيزي.

هُنا سائو سُوارَ، پر مومل ماڻي ميندري.

[٤] ادا! تو آديسُ، جو تون اچين سامي سَمگئو [انق]
ڪِئانْ ڪئو ڪاپڙي، وَرَنهہ اِيُ تو ويسُ
سو تون آڇِهون ڏيسُ، جئانْ تو راول رڱئا.

[٥] ڪِ ڪوهنيوءِ مَنبُ، ڪِ سامي! تون سچي ڪريين [انق]
جو ڳي تينءِ جَهر ڪئو، جينءِ چوڏهينَ ماہ چَنبُ
سُرهو گهٽو سرڪنبُ، بابُو تو بويُون موئي.

[٦] ڪِ ڳالهايوءِ خلافُ، ڪِ سامي! تون سچي ڪريين [انق]
جو ڳي تينءِ جَهر ڪئو، جينءِ سو سورجُ صافُ
ڪَتوريانْ خوش بافُ، بابو تو بُويُون موئي.

[٧] لُڏن ليمي لامِ، وَنئو پينگهون پَٽَ جون [انق]

---

[٦] سامي! ڪيچ سَچي، مٿان ڪا ڪوڙي ڪريين [انق]
تون سچوئي لال ٿيو، ڪهڙي رنگ رچي
ڪَهج بات، بلال چئي، اوڏو تون اچي:
آئان ني بچي، مس اچي ڪو ميندرا (١).

[٧/الف] ليمي لامَ لُڏن، وَنئو پينگهون پَٽَ جون [انق]
سُونهَنَ سُورجانَ اڳري، اهڙا پار پَٽن.
ڪاري رات، قطب چئي، ڪَرَ ڪيوڻيون ٿيون ڪيون.
پئو پَڙلاءَ انَ پار جو، سُوڏو شڪارين.

---

(١) اصل. 'آئان ني ڪو بچي، اچي مس ميندرا'.

اُتان ئي عنبير جا، اُڏمئا عذبانَ
ڏينگر ڏيَ ڪنڌين تان، اُنا پاڻو آڻَ
چِتَ چِڪيرَنِ آئٽي، ڪاهيائون ڪيڪانَ
آچڻو آجهورَنِ ۾، تا ٻهڪن ٻُورَ ٻهاڻَ
ڪوڏن ڏان ڪَرَ ڪنيائون، تہ ڪَرَ نانگن جا نڌانَ
آئي گامِ گمانَ، لَتا لوڏيڙنِ ڪي.

[٨ أ] باغ، باغيچا، بنگلا، راڙيون جت رمنِ [اق]
اوئسُ اُيرئو عنبرينِ، ڪَرَ کهٽيون تيون ڪَونَ
اُتان ئي عنبير جا، چِتا تا چُلنِ
عاقلَ ڪي آچنِ، ڪاڻي اٿئي ڪاڪَ تي.

---

باڻيون پلاڻ پئو ڪيئو، گهوڙن تي گهوٽن
آتن مٿي آئيا، تيسيو تماشو تن
آهين نيگيئون تاتر جيهيئون، جن جا سُئين پٿريا موتين
ڪيا آئي خوش تيسيا، پولاءِ پانهين
راڻو نهائي راڻين، ڪونڌر ڪنوارين رانٺيو.

[٧ ب] وڻئو پينگهئون پٽ جون، لڏن منجهہ ليار [اذق]
لالين لڳن آئري، جهڪي تي چوڏار
سڦيي شڪاري تيئي، ڏِرنا انهيءَ ڏار
منهندان مومل هٿي مجار، جيئن راڻو ريجهائي جهليو.

[٩] ڪاهي آيا ڪاڪ تي، لَڙي لوڊاڻي(١) [انق]
جت پَدَمڻيون پيدا ٿيون، لُڏن لاماڻي(٢)
خوشي ڪٿائون ڪِين ٿي، ڪو ڄاڻندڙ ڄاڻي
راڻي نِي راڻي، مومل ماڻي مينڌري.

وائي- ١

آيا ڪاڪ ڪَهي، اِيَ سَڀَ سُٺي شڪاري ڳالهڙي [ق]
آبُ آرتي ڳاڙهون، وينا لَالَ لهي-
آيا ڪاڪ ڪهي

[٩ الف] ڏيٺ ۾ مُونکي وَڻ، جهڙي پيرين پائيم پانهجي [انق]
ماڻهن ڪارڻ سُورين! مون ڏاڍه ميڙو ڪيو مڙئي
وَڏي ٿيهون ڪَنهن، جي راڻو ريجهائي جيڏيون!

[٩ ب] راڻو ريجهي جيڏيون! تہ مان منٿون سڀ ڪيون [انق]
آئون تو ڪارڻ سُورين! هنڌ سوريان تي ماڪيون
ڍلو ڪري پاڻ، جي سوڍل اچي شريف چئي.

[٩ ج] واڪ ورائـــي وَلَڻا! ڍولا ڏٽان آئه(٣) [انق]
ڪاڪ تنهنجي، قطب چئي، تون راڻين جو راڄ
اڱڻ ڪڏهن ڪشڻيو. تہ سرتيون تڏو سڄاڻ
مون توهين سين چاڳ، مومل ڇڏي مينڌرا.

[٩ د] ساريان ڪيٺو سرتيون، سوڍي جهي سڀا ڪيت [انق]
موٽي ايندو مون پري، وڙ ورائي واڪ
ڪامل جا، قطب چئي، منجهه مڃتان ماڪ
پينڌر! پيريا پاڪ، راڻو رنجهي آئيو.

(١) ن. 'لوڊيري'. (٢) ن. 'لاماري'. (٣) اصل. 'ڏيٺ آئه'.

سرها گهٽو، سيد چٽي، راڻا رات رهي -

آيا ڪاڪِ ڪهي

## وائي-٢ *

چانگي چرهو چَڪٽو، ڪِي جو ڪاڪِ تڙاءِ [ن ق]

١. ڪَرَهو سَرهو ڏيه ۾، تهِين ڊپُ نہ ڊاءِ -

ڪي جو ڪاڪِ تڙاءِ

٢. ڪَرَهي ڪَرايُون رَتيُون، نائي ناگيلاءِ -

ڪي جو ڪاڪِ تڙاءِ

٣. پِڪُون جي پانن جون، هاريائين حلقاءِ -

ڪي جو ڪاڪِ تڙاءِ

٤. پساهُ پِرائي آئيو، لالي لَٻوڻاءِ -

ڪي جو ڪاڪِ تڙاءِ

٥. وڳ واسيائين پانهجو، سيٽي سراهياءِ -

ڪي جو ڪاڪِ تڙاءِ

---

* هي ع وائي، شاه جي رسالي، سر مومل راڻو ۾ ڏنل آهي مگر ان ۾ مصراعون نمبر ٦، ٧ ۽ ١٠ ڪين آهن. مصراعون نمبر ٣، ٤ ۽ ٥ رسالي جي پڙهڻي ۾ موجود آهن جتان کنيون ويون آهن، پر ن ق ۾ ڪين آهن. وائي جي ٿلهه (شروع واري سٽ) کان سواءِ باقي ن ۾ فقط مصراعون نمبر ١، ٢، ٦، ٨ ۽ ٩ آهن، ۽ ق ۾ فقط مصراعون نمبر ٦، ٧، ٩ ۽ ١٠ آهن. رسالي ۾ مصرع نمبر ٢ جي پڙهڻي 'ڪرهي ڪانڌيءَ رتا' آهي، ۽ مصرع نمبر ٩ جي پڙهڻي 'تون ڏاتي ڏيت ڏئي، تون راڻو، تون راڄ' آهي.

٦. پُوڄَ پياري هلِئا، ڏاتي ڏولَ ملاءِ۔

ڪي جو ڪاڪِ تڙاءِ

٧. پنهي ڪاڪ ڪنڌين ۾، پيو وڃي پرلاءِ۔

ڪي جو ڪاڪِ تڙاءِ

٨. مومَل مُحتاجيون ڪَري، عاجزيون اڳياءِ۔

ڪي جو ڪاڪِ تڙاءِ

٩. تون سوڍو، تون سُپرين، تون راڻو، تون راءِ۔

ڪي جو ڪاڪِ تڙاءِ

١٠. مومل ماڻي مينڌري، لتس گيرَبُ گاءِ۔

ڪي جو ڪاڪِ تڙاءِ

# سرود بلاول

## فصل پهريون

[۱] سَمون سِنڌِ سَمَن ۾، جِڪَري جهو نہ ڪوءِ [انق]
اُنو پهر، عنات چئي، آيو ايئن هِي چوءِ
الا! اڃي ڪوءِ، ڏَڏُ وڏو ڏانُ گهري.

[۲] ڏَڏُ وڏو ڏانُ گهُري، هوتِياڻيَ هتاءِ [انق]
سَمِي سَخاوَت جو، نہ گِيَرُبُ نہ گاءِ
جاءِ وَڏلو آءِ، تہ ڏئين ڏان ٻين کي(۱).

[۳] پِيهِي پِنُ پاتار ۾، جت گُهَرُ گنگا جَر راءِ [انق]
ڇَڏُ حيلا هِن هنڌَ جا، تون جڪري پاسي جاءِ
اوڏوڻِي، عِنات چئي، ڳاچ تَنْهين جو ڳاءِ(۲)
سُڪن ايندوءِ ساءَ، ويندي ويلهِہ وسري(۳).

(۱) ن. ' جاءِ وڏلو آءِ، ڏيئي ڏڏ ٻين کي'. (۲) ن. ' ڳالهہ تنهن جي ڳاءِ'. (۳) هيءُ بيت شاهہ جي رسالي، سر بلاول د - ۲، ۾ موجود آهي، جتي ٻي سٽ جي پڙهڻي هن طرح آهي: ' ڪر ياد الله کي، ڳاڇ تنهين جو ڳاءِ'.

[۴] پيهي پڻ پاتار ۾، جت گُهرُ گنگا جَرُ جامُ [انق]
شڪستن، سيد چئي، تُرتُ ڪارائي طعامُ
جُهُ واسريو وريامُ، تہ ريلِيندو رُونٽن ڪي.

[۵] پيهي پِن پاتار ۾، جت گُهرُ گنگا جَرُ گُلُ [ر]
حيلا چِڏ هن هنڌ جا، پورا هَڏَ ۾ پِلُ
پاڻُوندرُ بيٺو ڏئي، پِرِيو ماڻڪَ مُلُ
سُورَ ٺَنهين سان سَلُ، اِيُ ڏاتارئي ڏَڏَن جو(۱).

[۶] آڪينِ پُنُونُ نيهُنُ، جن گنگا جَرُ گَڏُئو [انق]
سڪئو تي سُرڪَ ڪي، ڪالهہ سچوئي ڏينهن
سَندو موتين مينهن، تن تي جال وسايو جڪري.

[۷] جي آڻ سُتي آهيين، تہ ڏَڻُ اِتانئي ڏارِ [انق]
پاڻُونـدَرِ پاتــارَ ۾، جــاءِ جَڪـرو جُهارِ
بِرڙي پيتِ ڪنڌارِ، وِجي لَهريون لَڳِيُونُ.

[۸] سَمون سانوڻ مينهن جيئن، رات وسي ۽ ڏينهن [انق]

[۸ الف] گنگا جـَر ڏُونـہ گـَسِ، تن ڪورڙيـن لايا ڪيترا [انق]
طاماعـُن (۲) تيت ٿئي، وينـدي وڏي وَسِ
ڏِيڻ جـِي ڏاتار دَرِ، چارون پـَهرَ چـَسِ

---

(۱) ميان امام علي شاه ڪان پهتل روايت مطابق. (۲) اصل. 'طاماعونن'.

جيئن گهُرجي جن ڪي، تن ڏِياري تيئن
ڏاتَرُ سُچِي ڏيهہ ۾، تون قرض ڪِيين ڪيئن
وَڃُ گنگا جَرَ سيئن، تہ سُڪي ٿئين سيّد چئي.

[٩] راءِ وَٽ رهاڻـــي، سدا سُوانين جي [ن ق]
آچِـــي آسائُن ڪـــي(١) خزاني ڪـــاڍِي
جُنگ نہ پَسين(٢) جڪرو، هلي هوتياڙِي!
ڏاَرت ڏيہاڙي، پَچي گهوٽُ گهڻن جي(٣).

[١٠] جَو وَهِي سو لهِي، ڏات نہ آهي ذات تي [ن ق]
آريون اپوجهن جون، سمون چام سَهِي
جو راءَ وَٽ راتِ رهِي، تِهن ڪي جُڪي
جانڪيتانُ نہ ٿئي.

ڪيئين ٿيا ڪَسُ، سخا ساڻ شريف چئي.

[٨ ب] چڱيرڙي چڱي ڪري، گهڻن سيڪو ڪاءِ [ن ق]
تن هيڪي هتي ڪئيو، جي نتر پڻ لاءِ
سخاوت، شريف چئي، صاحبن سيباءِ
مال ميڙي گهڻن ماءِ! ڪيني نئو نہ پاڻ سين.

[٨ ج] ڪيني نئو نہ پاڻ سين، ميڙي ميڙي مالُ [ن ق]
جي سخاوت سکيا، تن ڪي ڪين ڪريندو ڪالُ
جو ٿيو پيڻاهي جو پالُ، تہ چڙ سترفا شريف چئي.

(١) اصل. 'آسائونن ڪي'. (٢) اصل. 'پسي'. (٣) ن. 'گهوٽ گهڻن جي' ق. 'گهوٽ گهڻن جي'.

[١١] سَمن سَميجن ۾، جَڪرِي جهو نہ هوءِ [نق]
سيّد چئي، سوالين کي، عاقلُ ايئَن هِي چوءِ
جينءَ گهرُجي جن کي، تن کي ڏيان توءِ
سامَ سَمي جِي هوءِ، جيڪي ٿئي جهان ۾.

فصل ٻيو

[١] آيا ڏُونه ڪَرَنَ، هِي جي ميرا مڱٽا [نق]
ترتُ لاهي تن کي، ويلهُن جا وَرنَ
مَٿي ميرن راضي ٿئو، ڏانُ گهُرن جينءَ ڏَنَ(١)
پهنجي [منجهہ] پِرنَ، اُن سين هردم
هَمُئاٽي ڪَري(٢).

---

[١ الف] ڏين ڪَرمُ ڪَرنَ جو، دانُ ڏئي هٿي نہ دَمُ [نق]
عاقِلُ آسائن کي، گوندرُ لاهي غمُ
سخاوت، شريف چئي، چامُ ڪمائي چمُ
راڄ تنهن جي رَمُ، تہ طامعُو تار ٿئين.

[١ ب] آيو چوني ايئن، پلي ڪَري آئيا [نق]
جيئن گهرجي جن کي، تن ڏياري تيئن
سخاوت، شريف چئي، ڪَري همئائيءَ هيئن
گهوڙا گهيئن جيئن، ڏئي موچارا مڱڻين (٣).

---

(١) اصل. 'مٿي مون راضي ٿئو، ڏان گهرُون جينءَ ڏن'. (٢) ق. 'همئاٽي ڪري'. (٣) اصل. 'مڱني'.

[٣] سِر تان سَرِڙيون(١) نہ ڏيان جي هَميراڻا ٻارَ [ن ق]
مون وٽ مَهائين گهٽا ، تون ڪَر تاڪُر ميرَ نَهارَ
آبيتو ، عِناتُ چئي ، ڳِنهِي جاڙيجو يارَ
رِڙمُل ربَّ آهارَ ، تو سَمو سونَهِريُون هٽَي .

(١) اصل. 'سرنيون'.

# سرود ديسي

## فصل پهريون

[١] گولي بندي ڏاهہ، زر خريد(١) جتن جي [انق]
آجپڻ، عنات چئي، هت آريچن آهہ
سومان سڌسهاء، جين ٻانهي ڪونين پاجهہ سين(٢).

[٢] ٻانهي ٻانهوٽي، ڪنيزڪ ڪيچين جي [انق]
ٻئي ٻاروچي هٿ ۾، سر - چڳون چوٽي
الاهي! عنات چئي، وڃهن م ويچوٽي
معذور ڪي موٽي، پچندا پب - ڏٽي(٣).

[٣] ٻانهي ٻانهوٽي ڪنيزڪ ڪيچين جي، [د]
مي ڪيئن وڃن وسري، جڏي جيءَ اندر جاني
آڳڻ آساني، ٿلر ڪيچين جڏي ڪام ٿئي (ع).

(١) ن. 'زرخريدي' (٢) هيءُ بيت شاه جي رسالي، سر ڪوهياري د - ٣، ۾ پڻ موجود آهي، جتي ٻيءَ سٽ ۾ 'اڄ پڻ عنات چئي'، ۽ ٽيءَ سٽ ۾ 'سو مون سڌ سهاء' آهي. (٣) هيءُ بيت شاه جي رسالي، سر ڪوهياري د - ٣، ۾ هيٺينءَ طرح ڏنل آهي:

ڪنيزڪ ڪيچين جي ٻانهي ٻانهوٽي
ٻئي ٻاروچي هٿ ۾، چڳن سين چوٽي
ٻانهن ڪي موٽي، ٻانهي پڇاندو پب ڏٽي.

(ع) ميان محمد علي شاه جي روايت مطابق.

[۳] آئي بوءِ ڀَنڀورَ کي، سرهي منجها ساٿَ [ن ق]
ٻيئا بازارين ۾، لائـي جَـتَ جَـبَاتَ
دران(۱) ڍيوارئين چڙهئو(۲) ٽيون راتيون ڪن
رَئاتَ(۳)
پنهون آندي پاڻ سين، جهڙيائي جماتَ
اُنن تان، عناتُ چئي، لٿي جاڙَ جَڪَاتَ(۴)
سندِي هوت حِماتَ، ڪيچ پهتو قافلو(۵).

[ ۳ الف] تن جو ساٿ سڄوئي سرهو، ڇي جهي هوت اچڻ خوشبوءِ ڪٿوريان ئي گهٽي، سرَ پڻ مٿيي تن راتيون رهائيون ڪيئو، پايون ٻوليون ڪن جنهن جي سونهن سورج جهڪو ڪيو، سو سردار سين اوڏا عزيز آن. جا، ٻيا پڻ چار، جيون پنئي پنهون چام جي، سيئي سونيءَ بازار منجهه ڀنڀور جاي، پيئرا! تا پوئين اچي اوتارا ڪيئا، جوڙي منجهه جتن قطب چئي ڪيچين، آجهو آرياڻي آتهين. [ن ق]

[ ۳ ب] پيئرا! هن ڀنڀور ۾، مون جي سيڻ ڪيئا ان جهي ڪرهن ڪلنگيون، قطب چئي، پيڙا تن ٻيا آئي عطر اوتيا، جڏ پنهوڙا ڀير پيئا سرها ڀير ٿيا، سڄي هن شهر جا. [ن ق]

(1) ن. 'دنئر' ق. 'ڏنئر' غالباً 'ڏنئر'= (سهڻيون زالون)جتي ڏنئر ڏون، چوٽا چڪ ڪيو" (شاهه) (2) ن. چڙهيون.
(3) اصل. 'روات'. (4) اصل. 'زڪواة'. (5) شاهه جي رسالي، سُر ديسي د-7، ۾ هيءُ بيت فقط ٽن سٽن (1، 2 ۽ 6) سان ڏنل آهي.

[٤] سُرهي منجها ساٿئين، آئي ٻَنھِيورِين بُوءِ [انق]
جَتن جَباتون لائيُون، ڪي ھَلَرِينَ ھُوءِ
ڪَٿُوري ڪُرزينَنِ ۾، ڪِيَنِ اِلاچِي اوءِ
سسئي اُت، سيَد چئي، رِيڏي پَسي رُوءِ
اَنْ گولي آهيان گل بُوءِ، تون سڄائج ساٿَ ڏٿي!

[٥] ڪيچي ٿِي ڪَنھِينْ سُئا، ڏَسايا ڏيرن [ ر ]
آئِي اُتَ جهيڪئا، مُهري مھمانن
مُهنجي اڳيان تن، شل وائي ونگي ڏ ٿئي(١).

[٦] چالَ ۾ ٻاروچا وَڃين، دوسَ مُهنجا دورِ [انق]

---

[٥/الف] ڪنھين ڪيچي سُئا مون، تن اڃي ڏسايو ڏيرن [ ر ]
اھي احمق آري ڄام ڄا، واريا تان نه وَرَن
سائي پَٽَ سغلات جون، مهارون منجهن
آئي اڱڻ جهيڪيا، ڪرها ڪيچ ڏٺين
صابر! اڳيان تن، ڪانهي جاءِ جواب جي (٢).

[٥/ب] ڪنهين ڪيچي سُئا مون، سچ نه آيا سهي [ ر ]
مون لوڏي ۾ لکيا، ته هاڻو ڪندا هي
ڪن ٿا پارسي پاڙ ۾، ٻرو ٻکيرو زي'.
آءٌ سنڌي سمجهان ڪينڪي، مون سان ٿا عربي ڪن اي
من ربُّڪ و من نبيُّڪ وَما دينُڪ، چون اکر اهي
تني مهندان وڃي، شل وائي ونگي ۾ نه ٿئي (٢).

---

(١) ميان بخشعلي شاه جي روايت مطابق. (٢) روايت حاجي عمر چانڊيو. حاجي عمر چيو ته صابر، بلال شاه جو خليفو هو، ۽ هي ٻئي بيت ان جا چيل آهن.

تن ۾ طاقت ناهہ ڪا، تون پنهون ڄام پرور
اڪڙيون، عنات چئي، پوتيون انهي پُور
هئان هوت حضور، جيان جانڪيتان نہ مران.

[۷] ڪڙيا، پينڊ، ڪرجينون، سليطا پورا [ ]
انن سر، عنات چئي، نڌائون نورا
مون پانيو گورا، پر سالا ڄام پنهونء جا(۱).

[۸] ڪچاڙئان ڪاهي، شتر اُن سينگارئا [ذق]
ٺليون، ڏؤنر، هلريون، پلاڻيون پائي
اُٺ پٺ(۲)، عنات چئي، ڪرهل ڪڏائي
بانيڻ ڪي بروچ جو، آسرو آهي

[۸] ڪرها ڪيچ ڦلات جا، شتر سينگاريا جن [ذق]
پنهنجي ڪيائون پاڻ ۾، ڇيريون ڇوڙيون تن
متان اوڏيء وير، آئن ۾، ٺليون ڪين ٺهڪن
آئيو آڏيء رات جو، ٻهوٿن تا ٻڌن
متچڻ سسئي ڪي سار تئي، بوتا ڪين پيڪن
وٺي ور وات ٿيا، چاڙهي تي چانڪن
ڪاهيائون، قطب چئي، بغدي بلوچن
مون ڪهر مان اچن، آهيان جن جي آسري.

(۱) ميان بخشعلي شاه جي روايت مطابق. (۲) ن. 'بيٺا پٺ'.

واڳون وَرائي، ڦيرينِ ماڻَ فقيرَ تي(١).

[٩] اُٺَ پُٺَ، عناتُ چئي، مَرَن مَ موڏا [ا.ق]
پُويو پُويو پائيان، ڪَرهن کي ڪوڏا
چارين جي چانگن کي، ورائي(٢) گوڏا
اُلگاريا(٣) اوڏا، ته وجي پهچندا پرينءَ کي.

[١٠] ڪوءِ وَڃَڻُ وائي، هَلڻُ سَهان نه هوتَ جو [ا.ق]
ڪَڙيا، پينڊ، ڪُرجهيون، ڪَشينِ مَ ڪيچائي
آسبابُ اُنِ(٤)، عناتُ چئي، سُونهن رَکيائي
ڏِسَڻُ ڏونگرين کي، تَنَ کي تسلائي
مار مَ ڏون مائي(٥)، ته آنءَ ريجهائي رَهائيان(٦).

[١١] سيئي چونديون ساءِ، اهڙي ڳالهه عناتُ چئي [ا.ق]
وجهيو اکيون ويسري ور ۾ ويئي آهه

(١) شاه جي رسالي، سر ديسي د-٧، ۾ هيءَ بيت شاه جي نالي سان ڏنل آهي:
شتر ان سينگارئا، ڪچاڙنان ڪاهي نايون، نونر هلويون، ونا چير چمڪائي
لنگهيا لڪ، لطيف چئي، ويا ڪرهل ڪڏائي پانهنڻ کي پروچ جنهن آسرو آهي
واڳون ورائي، ڦيرين مان فقير تي.

(٢) ق. ورائي (٣) ق. الڪارئا. (٤) اصل. 'اسبابان'. (٥) اصل. 'معذور مار م ڏون مائي'.
(٦) هيءَ بيت شاه جي رسالي، سر ڪوهياري د-٤، ۾ پڻ عنات جي نالي سان موجود آهي، جنهن ۾ چوٿين سٽ جي پڙهڻي 'ڏسڻ ڏونگرين جو'، ۽ آخري سٽ جي پڙهڻي 'مار م ڏون مائي، ته روئي هوت رهائيان' آهي.

پنهونءَ سين پيياءِ، تون ڪينءَ آساري اوجهرين(١).

## وائي *

ساڻين نِنڊا(٢) بارَ، تان تون رات سَڄيائي سُمهين [١]

سَليطا شُتَرن تـي، ڪاهيائون قطـارَ.

ساڻين نندا بارَ

پُڇي ڏِهَه ڏيرنِ جا، وِڃايين نه وارَ.

ساڻين نندا بارَ

جي اوجاڳي تو ڪِئا، اکينِ ۾ اوتارَ.

ساڻين نندا بارَ

تو ڪي نيائون نه پاڻ سين، ڪهلئا نه ڄام ڪوهيارَ.

ساڻين نندا بارَ

آنِي جِي، عِنات چئي، پڇي ونءَ(٣) پيزارَ.

ساڻين نندا بارَ

---

(١) ق ۾ هن بيت جي پڇاڙي هن طرح آهي:

وڃهيو اکيون ويسريون ور ۾ ويٺي آهه

تون ڪيئن آساري اوجهرين، پنهونءَ سين پيياءِ

آئي ڪي پاڙاءِ، سان پاڄهائي مون ڏئي.

* هيءَ وائي ن ۾ اصل 'سرود بلاول' جي متن جي حاشيي تي لکيل هئي، جتان کڻي ورتي آهي.

(٢) اصل. 'نندا' (٣) اصل. ونا.

## فصل ٻيو

[١] هوتن ڏاران هاڻ، مُهنجو قدر ڪير لهي [ن ق]
سُتيس تيلاه سرتيون! اديون! هُيس اجاڻ
ساٿي سنجهي لنگهئا، پِرهَ اڳي پاڻ -
تون تن پُنيَ ڏاڻ، تہ سُکين پُئين سسئي!

[٢] ڪوه ڪُجاڙئا روءِ، جتن لئي نہ جاڳهين [ن ق]

[١] هوتن ڏاران هن ڏيهہ ۾، منهنجو قدر لهي نہ ڪوءِ - [ن ق]
ريءَ رات رڙارينين، هت پاڙيچيون! مَ پوءِ
سونهون جو ساٿن جو، سو محب منهنجو هوءِ
پتلن ميڙان پوءِ، پنا ڪاڻ قطب چئي.

[٢ الف] سا تون ڪيئن سوکي، جا ساريون راتيون سمهين (١) [ن ق]
باسيين چو نہ، بلال چئي، اوجاڳا اوکي
مارينده موکي! صبح سُک پرين جا (٢).

[٢ ب] آتيءَ اماري، ننڊ نہ ڪجي ايتري [ن ق]
جاڳي جترُ نہ هارئين، جيئن ورونهين واري
پرج پرن پنهونءَ جي، پتره جو پاري
جتن جيياري، وري وندر وَتَ ۾.

[٢ ج] جڏهن جتن لڏيو، تڏهن ننڊ سارَ (٣) [ن ق]
ڏايتم هوند ڏاگهن کي، ونئي چوٽيءَ(٤) وارَ
نيور منجهہ، بلال چئي، لري ڪتن لهارَ
پنهونءَ جي پيزار، سرتيون ساٿ نہ ڇڏيان.

(١) ق. 'سيج وڇائي سمهين، سا تون ڪيئن سوکي' (٢) ق. 'سور پرين جا' (٣) ق. 'ننڊ نہ سار'
(٤) اصل. 'چنيءَ'.

اُپينين(١) چو نہ، عِنات چئي، جڏھن سونچل
ساٿين سوءِ
ٻانيڻ چوءِ: 'ٻروچ ڏونه ڪيچ هلندي ڪوءِ' (٢)
اِيَ پَرِ ڪُپَرِ ھوءِ، جين ءِ ھوءِ سانگِي تون سُمهين.

[۳] سسئي سُک سُهاءِ، ڏيرَن ڏونگرِ سين وَٽين [ن ق]
وڏا وَڻ(٣) وَهہ گِرا(٤) ڏِجان تَنهين ڏاءِ
آيل! ٻاروچن ڪي، ريجهائي رَهاءِ
مانَ مُهنجي ڪاءِ، ڇِپَر-ڏِٺي سارَ لهي.

[۲ د] جڏھن جتن نڏيو، جي تڏھن تہ خبرَ [ن ق]
چِٽي ءَ سين چانگن ڪِي، وڏءِ سيٽ سپر
بِيور ھو، ٻلال چٺي، صبر ڪن صابر
اولـــي اڪابِرَ، آھ جتيائي ءَ نہ جيجهي.

[۲ ھ] رات ڪَسيندي ڪرھا، جـــي پٽرو مون پيو [ن ق]
تہ تيو مشاھدو ساٿين، جو ھين ڪامل ڪر ڪيو
سالُرَ ساڻ سرتين، ھوند پنھون ءَ پيچ پيو
پرواري ڏنم ورَ ڪي، ھُوندَ پانهـُن ساڻ پيو
ڪارون ڪيچين سين ڪريان، تہ وٽين آئين وـھو
ڪنيزڪ، قطب چئي، ناتہ ھي ءَ سسئي ساڻ نيھو
آرياڻي اھو، پِنڪو سنڄ (٥) پتار! مون.

(١) ق. ابيٺين (٢) ھيءَ سٽ ق ۾ ڪانهي (٣) ق. وڏا ور (٤) ن. 'وَھڪرا' ق. وَھُڪرا
(٥) ق. سڻ.

جن جو آريائي اڳوان، تن ڪي ڪانهي

باڪ ٻَهير ۾[۱].

[٧] اُونهان، گُونهان، گهاڙيون، جت آڏا جاڙا لَڪَّ [انق]

زهري، بحري، باز برَن ۾، چلئو پائين چَڪَّ

نَيُون، نڪُون، نونڌڙا، جت آڙلُون آما اڪَّ

منجها اُڪنب، عنات چئي، هلي ڪارڻ حَقَّ

جت جهولا لڳن جهڪ، اُت قيرج واڳ

فقير تي.

[٨] راڪس ريڪس، گَيَ، گورکر، گَوگينور، لَڪَ لَسَّ [انق]

[٧] گَيِ گينڊا، پنڌ پينڊا، جت سرهن سيچاڻا سينهن [انق]

آڪڙ، انب، آمريون، جت پڻون. ماڪُون مينهن

ڪرڙا آت، قطب چئي، ڏاڍا تن ڏينهن

هيءَ نسورياڻي نينهن، پهچائي پرينءَ ڪي.

[٨الف] نيرڙ نيڪُون، ڪَنڙا ڪيپُون، آت کورڪرن جا ڳَسَّ [انق]

ابابيل آنڌيون، ٻيا لوڪڙ گهڻا لسَّ

ويئيون آهن واٽ تي، آت تانگهون ڪيو تَسَّ

---

(۱) شاھ جي رسالي، سر ديسي ۲-٦ ۾، هيءَ بيت هيٺينءَ طرح ڏنل آهي:

ڪرڙا ڏونگر، ڪاه گهڻي، جت برپٽ ۽ بيابان

ڏاهن ڏاهپ وسري، ڏڏا حريف ٿي حيران

سسئي لنگهيو سيد چئي، محبت سين ميدان

جنهن جو آريائي اڳوان، تنهن کي ڪونهي باڪ ٻهير ۾.

(۲) اصل. ”آرنڙو“.

آونهانءُ ڪُنَّ، عِنات چئي، پُون پوارئين پيٽ
سا مُنتِ ميَن سين ميٽ، جا واقف نروڙڪار جي.

وائي *

هلي هلي ماءِ! مون ڳالهہ سڻائي ڪيچين جي ڪاءِ [ ن ]
پُري پُري پس، گنگن جي گساءِ (۱).
ڪيچين جي ڪا
ڪو جو ڏس ڏيرن جو، توکي ني ڏيندا.
ڪيچين جي ڪا

ڪيڙين، ٻيڙين، پاڙو، ويڙهيو جهلين. وار
ٻنهون! ٻرنياڻيءَ جي، پنڌ ج. آت پاڪار
ڀيرو ڪيچ پيار! ڪاهڻ تي قطب چئي.
[ ١ / ب ] ڪاريهر، قطب چئي، جت ڪارا (۲) راڳا روجهہ [ن ق]
ٽانڪاريون سير تنڪرين، ڏونگرن جي ڏوجهہ
پُون پوارئين پؤ گهٽو، سُونهن پوني نہ سوجهہ
آهيان گهٽي (۳) اپوجهہ، تو دلاسي دوست جيان.

* هي وائي ن ۾ 'سرود پورب' جي حاشيي تي ڏنل آهي.
(۱) اصل ۾ هن وائيءَ جون هيءَ چارئي مصراعون جدا ڏنل ڪين آهن؛ البت هيٺين طرح سڀئون ڏنل آهن جن جي آڌار تي مصراعون قائم ڪيون ويون آهن:
"پُري پري پس، گنن جي گس
توکي ڏيندا ڏيرن جو ڏس
آئي سون ڇپر ڇت سهائي
ڪيچين جي ڪا ۾ هلي
هلي هلي ماءِ مون ڳالهہ
سڻائي ڪيچين جي ڪا
سا وائي جا وڻڪار ۾."
(۲) اصل. 'ڪانا' (ڪانا). (۳) اصل. 'گهٽو'.

اي مون [عطر اگهري] چپر چٽ سهاءِ.
ڪيچين جي ڪا
وائي جا وڏڪار ۾ [سائي مون سيباءِ].
ڪيچين جي ڪا

## فصل ٽيو

[۱] برُفتنِ جي باتِ، ونــدر تيس ويڙ ۾ [ان‌ق]
ڏوري ڏهُ، عناتُ چئي، تڪ تني لئي تاتِ
روجهنِ گڏي راتِ، هوت پڇندي هَبَ ۾.

[۲] ڏونگر ڏٺا نہ مون، چانگن آگـ چڪاسئا [ان‌ق]

---

[۱] آهي انهيءَ پار ڏي، سنئي سڪ گهڻي [ان‌ق]
’بيبا‘ برفتن جي، وائي مُنڌ وٺي
مشڪان مٿي پانئيان، آن جي پيرن جي پٽي
لايان لال لڳن کي، ڪٿوري ڪٽي
ني قربان، قطب چئي، چاڙي ڇيڪ ڏٺي
وڃان واڳ وٺي، هنئان هوت حضور ۾.

[۲/الف] آٿ نہ اوڳارين، ڏاگهن ڏيهہ چتائيو [ر]
اهي بوتا هاڻ، بلال چئي (۱)، منجهون تا هارين
سفر تا سارين، جيڪو ڪيچ پراهون پند ٿئو (۲).

[۲/ب] چانگن اڳ چڪاسيا، جي ڏٺا مون ڏونگرن. [ر]
ڪٿهي رهن، قطب چئي، بوتا منجهہ برنِ
وڻ جي ولين چانئيا، چانگا شال چرنِ
واحد لڳ ورنِ، پانهين پنڌڻ جن سين (۳).

---

(۱) اصل. ’اهي بوتا شاه بلال چئي‘. (۲) روايت حاجي عمر چانديو. (۳) ميان محمد علي شاه کان پهتل روايت مطابق.

بوتا بُرفتن جا، پاهڻ پائئين پُون

آلا! آهيين تون، اُت آسُونهين عنات چئي(١).

[٢] ڏاگها، چانگا، ڪرها، ليڙا اُت جمازَ [ناق]

---

[٣/ج] ڪرها ڪيچ قلات جا، ماءَ! جوراڻا جتَ [ناق]

وڌيو وڃن واٽ سين، ٻروهي(٢) ٻرفتَ

مانئي سُندَ نئي، جني ساڻ جهتَ(٣)

هُن واڳُن منئي هٿَ، آءٌ پاڪوڙا پڇيو جيان(٤).

[٣/ف] ڪرهن پير ڪڙي، هٿا جي هوتن سين [ناق]

آسُونهي اوجهڙ ۾، اوري ڪيم اڙي

سانئين شوق، شريف جئي، جُنجين تي چڙهي

ڪُهين تي ڪنڙي، ننهون پڇڻ آئيو.

[٣/ب] آسب عراقي آن جا، ڪرها سندا ڪيچ

سونهن سوارن اڳري، جن جا ڳاڪن رتا، پيچ

سبز سيگُون هٿ ۾، بغدين تي بلوچ

پانهي ساڻ ٻروچ، پاريا قول قطب چئي.

[٣/ج] هلندي هاڙهي سامهين، وڏا پيتَ پياس [ناق]

اتي آريائين جا ڏونگر ڏس ڏناس

واڳهوڙا ويڙهين ۾، ڪُرڪ پيتا ڪڏياس

چرندا روجهہ رڃن ۾ ڏوران سي ڏٺاس

---

(١) ميان محمد علي شاہ ۽ امام علي شاہ ڪانئن ٻڌل روايتن مطابق:

ڏونگر ڏٺا نہ مون، چانگن اڄ چڪاسئا

پهڻ جو هپ جو، سيا پائئين پون

ٻر وڏو، ٻار گهڻو، الله! آهيين تون

جن جو ٻار ننهون، آڻيندون ڪن عنات چئي.

(٢) اصل 'ٻروٽي' (٣) ن. 'جنيسا جهت' (٤) هي بيت قطب جو آهي.

بَرُ بلوچن لنگهئو، سانجهر ٻڌي ساز
ڪاز، ڪوئلون، قُمريون، جت سهڪن(١) شاهي باز
شاه پَريُون اُن سُڃ ۾، جت عارفن آواز
ڏي پيلياٽي پاجهه، اُت آسونهين عنات چئي.

[٤] نَڪي ڏُٺيا نه ڪُٽڪيا(٢) ڪَٽُ نه ڪُڇيائون [انق]
پُوندي بارَ ٻيڪيا، پُوتين(٣) بَڌائون
جُود جَمازي جهانجهرا، ڪامئين ڪاهيائون
آڏيَ رات، عنات چئي، ليڙا لانچيائون
چُل مَ جام چئين جا، پنهون پَرانهون
اچين اوراهون، ته جيان جاڏڪيتان ته مران.

[٥] سَئين بازَ شِڪرا، بَدُو منجهه بَرنِ [انق]

ڪٿي پهه اتي، قطب چئي، عارفن آتاس
همراهيءَ ۾ هوت جي سي سڀ ساڻ ٿياس
تيلان ڪيچ پُنياس، وڃي ٻاروچاڻي ٻاجهه سين.

[٥] مٿي نئن ملير جئي، ڏونگر سون ڏٺا [انق]
چيڪارا چتن ۾، پيا ڪارا ريچ ڪيٺا
پير لنگهئڙ سي پهٽين، هون چڙن منجهه چٺا
منهنجا هوت مٺا! ڪا ڪَل ڪيچ قطب چئي.

---

(١) ق. سٿين. (٢) اصل. 'ڪرڪيا' (٣) ن. 'پوتڻيون'.

[٧] راهو ويا رَهِي، تُهنجا ڪيچي ڪالهہ ويا [ر]
ڏَر ڏونگر، بَرَ بَهيمُ، آر گهر وِڄ وَهي
چَڙهي چنجن چوٽئين، ڪِج تون سات صحي
وڏا ڪيا وٽن ۾، اُت گورن گس گهِي
ايندء لالُ لَهِي، آريڏاٽي عِنات چئي(١).

[٨] جن جا رات رُسي ويا، ڪَري ڏيرَ ڏَمَرُ [ق]
پاڻ ڪنياٿون نہ پاڻ سين، نڪي سات ڌمر
هِنَ جِنَ بودِنَ بر، آيو ڪو عِنات چئي.

---

[٦/د] همراهيءَ سين هوت جي، جبل مڙوئي جاءِ [ن ق]
ڪَهندي ڪيچين ڏي، ويندي رات وهاءِ
جيڪي وڻ وڻڪار جا، ڏسان آني جي آهاءِ
ڪينُ ڪوهيارا ڪاهہ، متي واڻ ورائي ولها.

[٧] ساٿي نہ پانڌي، سڄي شهر ڀنڀور ۾ [ن ق]
هيءَ هيلي هيڪلي هب ۾، ڀيرين پيادي
پسي جبل، يوسف چئي، معذور ٿي ماندي(٢)
هاديءَ هيڪاندي، ڪئي پاڻ پنهونءَ سين.

[٨] آيس بوءِ بوتن جي، ات ڪامڻ ٿي قزاق [ن ق]
تنهن وندر مڙوئي واسئو، اوءِ ڇپولي چاڪ
ڪارو روهہ، قطب چئي، متان وسي ماڪ
جت اٺ سونهيءَ اوطاق، آت ور ٻانيڻ جا ٻروچ تون.

---

(١) ميان اَمانِ علي شاهہ کان ٻڌل روايت مطابق. (٢) اصل. 'ٿي معذور ماندي'.

جُڳَ ۾ رَهيس جَسُ، سَڳر ملي سات کي(١).

[١١] سَڳر ملي(٢) ساتِ، ڪَنڌيَ تَئي قافِلو [ن‌ق]
اُنِ تانِ عِنات چئي، ايَ مَڙيائِي معاف
تِرڪي تانْ مَ تَرافُ، توڏي جو تَڙ پيڙ ۾.

وائي – ١*

[ن] ڪيچي خَبَرَ ڏِجاهُون، آءُ ڏکڻ پريان پارَ جا!
ڪَرَ ڪِسي ڏُورِ تَئا، بِچُا بَـد بَلائون.
آءُ ڏکڻ پريان پار جا!

---

وانڪڙ(٣) وڏائي ڪيا، ويندن پئيان وَسَ
تيلان رَهيا رَسَ، پاڻيڻ جا پروچ سين.

[١!] بـرُ وَڏو، بارُ ڳرو، ڪچا سي ڪنوات [ن‌ق]
ڪندا ڪيئن، قطب چئي، مٿي چڙن چاتَ
الله رکي آن کي، ڪنان آجَ آساتَ
گهـرُ لنگهائيندو گهاٽ، اجي آريائي آتهين.

---

(١) شاه جي رسالي، سر آبري د - ٦، ۾ هيءَ بيت هيٺينءَ طرح 'لطيف' جي نالي سان ڏنل آهي:
هيءَ ڪسي هيءَ ڪس، هي ڀڻ هي پيچرو
ويچاري وڏو ڪيو، ويندن ڪارڻ وس
ليڙن جي، لطيف چئي، ڏونگر اٿيئي ڏس
جڳ ۾ رهيس جس، سڳر تي سات جي.
(٢) اصل. 'هلي' * ن ۾ هيءَ وائي 'سرود ڪنيات' جي متن جي حاشيي تي لکيل هئي، جتان تپائي هٿ آندي وئي آهي. (٣) اصل. 'وانڪڙ'

بَرڪَتَ محمّد مير جِيَ، ڪندو ڪونہ هلائون۔

آءُ ذَڪڻ پريان پار جا!

وائي ـ ۲*

[ر] هوت هاڙهي ڏاري هوندا، وَانءُ وَهلِي سات سين

ڏکو پنڌ، نہ پيچرو، سونهان وڃن رُونْدا۔

وانءُ وهلي سات سين

آسونهينِ، عِنات چئي، پير پهٽين پُوندا۔

وانءُ وهلي سات سين

فصل چوٿون

[۱] [ر] سَرهَ گَڏبُئِي سسئي! سوڙهيَ منجهہ سَهِي

طرح پچندءُ تَڪڙي، پاروچا پئي

آڏي ڏيندءُ هٿ ۾، ڪِتابَتِ ڪَهي

پهنجي پاڻ هٿن سين واچيندينءُ وَهي

ثَمرجن صحي، تن ڪونهي آهُڪُ عناتُ چئي(۱).

* هيءَ وائي شاهہ جي رسالي، سر معذور د - ٦، ۾ ڏنل آهي، ۽ پڻ ميان امام علي شاهہ کان مِلي.

(۱) هي بيت شاهہ جي رسالي، سر ديسي د - ٥، ۾ موجود آهي، ۽ ان ۾ سٽن جو سلسلو بدليل (۱، ۴، ۲، ۳، ٥) آهي، جنهن کي ميان امام علي شاهہ کان پهتل روايت موجب درست ڪيو ويو آهي.

ڪَنديس ڳالھ پنهونءَ سين، ڪيچ وڃي ڪهڙي

ٻِسگهو موڻي سُپرين، ذات آهيان جهڙي

هوتَ پَسِي هِهڙِي، هِيَ نِهو نماڻي پاڻ سين(۱).

[۴] سَرتيون ۽ ساهيڙيُون، سڀ مُهنجو تُورُ [ن ق]

ايندِيون هيون آڻ ۾، جيڏيون جوڀَن پورُ

هوتَ نہ موڻائين مون، مڙيو ڪن مذڪور(۲)

آنءَ چاڻ پَسان هوتَ حضورُ، هو واريو وِهارين مون.

[۵] آئِينْ جي وَرَنِ واريون، وڃو سڀ موڻِي [ ق ]

ڪانہ هلندي ڪيچ ڏي، ڪَرِهو مَ ڪوڻِي

---

وڻي وَرَ وات ٿيا، تنگن ڏيٺي تاڻ

آيل! آءٌ اڃاڻ، نا تہ ٻاروچي ٻاجھ، گهڻي.

[۶] رهنديس ڪين رتيون، لنَ جاڙ مقابل جيڏيُون! [ن ق]

ڪيچي قول قرار ڪري ويا (۳) ڏيٺي ڏير ڏتيون

وريتيون وَرن سين، مون پرور ڪي پرتيون

ٻولي 'صحت عدالت داتا' (۴)، ائين سهڪيون، هوءَ سرتيون

موڻ جون متيون، ڪاڪيون آڇيو ڪيم ڪي(۵).

---

(۱) ق. ۾ هن بيت جي متن جو سلسلو بدليل (۳، ۱، ۲، ۴) آهي. (۲) هي سٽ نقط ن ۾ آهي. (۳) ق. 'ڪيچي قول ڪري ويا' (۴) ن ق. 'دادا'؛ ق جي ٻي پڙهڻي 'داتا' (؟) (۵) ن. 'موڻ جون متيون، متان ڪا مونکي ڏئي'. ن توڙي ق جي متن ۾ ڏنل بيتن جي سلسلي مان معلوم ٿئي ٿو تہ غالباً هي بيت 'قطب' جو آهي.

پوءِ ۾ ويچوٽي، اسان سين عِناتُ چئي(١).

[٦] ڪينءِ پِير گوڏي ڪُوچ(٢)، ڪينءِ جنگهه جُلائج راهه ۾ [ن۽ق]
آني جا، عِناتُ چئي، سَليطا ثابوت
آهي اڪين قوت، ڏسڻ ڏونگرن کي(٣).

[٧] لَڪانءِ لَڙُ ۾ لڪَ، ڪَهُه پَراڏهينءِ ڪيچ ڏي [ن۽ق]
آساڻبَن، عِناتُ چئي، ڏي سيڻي سِڪَ
ڏُکنِ پُٺِيَ سُکَ، تِينءِ سِگهائِي سسئي!

---

[٧ الف] هل ۾ هيٺيي هاڻ، ڪَهُه، پرانهين ڪيچ ڏي [ن۽ق]
وَرَ سين ٿيءُ ۾ ويسلي، وجهه ۾ قطب چئي ڪاڻ
ماٺي سنجهي لنگهيا، تون تنيءَ پٺيءَ تاڻ
پيرين پچندءِ پاڻ، شال سگهين پُوندينءَ سسئي!

[٧ ب] هئن هڏ ۾ چئو ته، آهي ڏوهه ڏيرن [ن۽ق]
ايءَ انگ اکين لکئو، جو پنڌ پيو پيرن
مُورَ هنَ ڪا مس ٿئي، سُونهين اِن سيرن
ڪئو ضابطو زيرن، ڪيچين جو قطب چئي.

---

(١) هي بيت شاه جي رسالي، سر آبري د - ١٥، ۾ هيٺين طرح ڏنل آهي:
اڻين جي ورن واريون وڃو سڀ موٽي
ڪاڻ هلندي ڪيچ ڏي ڪرهو ۾ ڪوٽي
ڪڍيم ڪا ڇوٽي، وٺم جوڳ جتن لاءِ.

(٢) ن. 'ڪين پير ڪوري ڏيج' (٣) ق ۾ هي بيت هيٺين طرح ڏنل آهي:
ڪين پير ڪوري ڏبن، ڪين چنگهه جلائين راه
آني جو، عنات چئي، سليطو ثابت آه
قوت اکين آه، ڏسڻ ڏونگرين کي.

[١٠] تَتيَ ڪوسيَ ڪاهِہ، ڪانهي ويلَ وهَڻ جي [ر]
اُٽ سسئي! ٻڌ سندرو، تهنجو پنڌ پرانهون آهہ
عشق آريَ جامَ جو، چقمق جيئنءَ چهڻاء
اکين مان، عناتُ چئي، پاڻي پنبڻينِ واهہ
ڪانهي اُنِ اونداهہ، جن ڏٺو پير پنهونءَ جو(١).

وائي — ١ *

[ن] ڏونگر ڪونہ پسندينَ ڏاڍو، جُه تو ڪاڍو ڪيچَ ڏي
جيٺي ڪهہ ڪنديون، سي پرين پسنديون، مٿي پب پيرا ڏو-
ڏونگر ڪونہ پسندينَ ڏاڍو

........................................................

وائي — ٢ †

[ن ق] اوڏا آهينِ آرِي(٢)، تون ٿيِ مَ ڪَهارِي
ائـــي(٣) هل هـــاڻ ملنديِنَ هـوت ڪي.
جاڳينءَ تان نہ جَتنِ لئي، اٿئين تان نہ آسارِي
تون ٿيُ مَ ڪهاري
هئڙا ٻاروچن جا چوڏاري ڏو چارِي-
تون ٿيُ مَ ڪهاري

---

(١) روايت ميان محمد علي شاهہ ۽ حاجي عمر چانڊيو.
* هي وائي ن ۾ 'سرود جمن' جي متن جي حاشيي تي ڏنل هئي، جتان ٽپائي هتآندي وئي آهي.
† ق. ۾ هيءَ وائي 'سرود ڪارايل' جي آخر ۾ ڏنل آهي. (٢) ن. 'اوڏا آهين اڙي' (٣) ن. 'آي'. ق. 'اِي'.

آڏا آڪ لَڪَ لَڪِيون، ڪَهَ ڏونگرين ڪارِي-

تون تُي مَ کهاري

ويهہ مَ واڏڙين تــي، وسائي واري(۱)-

تون تُي مَ کهاري

---

(۱) هيءُ مصرع نُقطَ ق بر آهي.

# سُر سورٺ

[۱] ٻارَتُ ٻولي جا ڪَري سا مون گهٽو سُهاءِ [ذق]
جِت اچي ڪونه ِ عناتُ چئي، پير آتيئي پاءِ
جَهلَ جَهروڪِي ناهِه ڪا، خاصي خَلْوَت آهِه
جِيڪين تو جڳاءِ، سو ڏيين تہ ڏيہ سُٽي.

[۲] راجا رنگ محل ۾، جاجڪ سَر زمين [د]
جا هنيائين هٿن سين، سا سُئي بالا بينَ
جِت اچن نہ اُڙدابيگيون، اُت ڪوٺايو آمينَ

---

[۱] سرمنڊل ۾ سارنگيون، آت هٿا ڪماچا ڪنهين [ذق]
جنهن آئڻ تون آئيو، آت ڪڇيو تان نہ ڪنهين
جڳ سڪائي تو جنهن کي، سڀئي تند تنهين
جيلانه صلاح هيس، شريف چئي، تيئن ڪيائين سر سنئين
مڪنائين مڱڻهار ڏونهه، ناليڪي نئين
آتـــان آئيجاهس ايلچيا! جٺان وات وهين
سڪا تيس سنئين، ڏسندي ني ڏاتار کي.

[۲/الف] جاجڪ جهونا ڳڙهه ۾، آيـــو آس پٺي [ذق]
تند تنبيري تن ۾، راجا کي رهي
سترهو ٿئو، شريف چئي، ٻڙٻڙس سر صحي
ٻسو ٻت رهي، ڏسين ۾ ڏياچ جي.

تَنهُ تُهنجي مڱڻا، چِتُ وڏو چاري
اڳيون بيت، عِناتُ چئي، وهلو ڏي واري
هيُ سر سِينگاري، پاتَ! پلئه تو پائيان.

[۴] ڪهڻ جهڻ چارڻُ چالِ، چيُون ڪري چوگانَ ۾ [الق]
تهڻ کي دل ۾ دُوجي ڳالهڙي، مَگ نه تُسي مالِ
اي سڀ ريڏا راڳ سين، دَر دالائون ديوال(۱)
سِرُ سُهُکي ڳالِ، آلا! ڪيَم اُهَکو گهُري!

[۵] جيڪي گهُرين سو گهوريان، ٻيجل ٻولج ڪي ٻيو [ق]

[۴ الف] ٻارتُ ٻولي جا ڪري، چارڻُ ڪنهن جنهن چال. [الق]
سا سُڻي سهيلي سيڪنهن، منجهه داتا جي ديوال.
تنهن کي ڪارون ڪن، قطب چئي، تان مگ نه تُسي مال.
جو آيو سر سوال، سو سُهت هٿڪو مڱڻو.

[۴ ب] ٻارتَ ڪيي جو ٻوليو، تيئن راجا ريڏو رات. [الق]
سڀ ٻاريائين پانهنجي، جا وائي ڪيائين وات.
ڪاٽيائين، قطب چئي، ڀڄاڻان ڀريات.
ڏاتارَ جيي ڏات، تسي پاچاڻي پڌري.

[۵ الف] ماڙيون مال مَتهيليُون، جهَل قيمت هيي سين ڪوٽ [الق]
ماڻڪ موتي سُهرون ڏيين، ٻيجليا ٻهروت (۲)
تنهنجن پيرن وٽ پيروزيون، چارڻ! ڪربان چوٽ
ٻو گهٽيني کهوٽ، سو مارين جيم تون مڱڻا.

(۱) اصل. 'در دالائون ۽ ديوال'. (۲) اصل. 'ٻيجليان ٻن روت'

آيو جو آس ڪري، سَرُ پَلِئہ تهنْ پوء
سو سِرُ سُگِهندو هوء، جو ڏجي نامِ الله جي.

[٩] دَر دَر دانهن مَرڏي، ڪوه تو ڪيهُونْ(١) ڪريين [انق]
پايُون، دايُون، راڻيُون، متان سُٽن سِي
مَتو مناسب مُهنجو، تَنَڊ تهُنجيَ تِي
سِرُ سياڻي ڏِي، مانَ قلعوْ(٢) پوء قبول ٿِر.

[١٠] سو آهي ڪهڙو تُوڪُ، جو تون سرُ [انق]
گُهرين شرمائيو

---

[٩/الف] دَر مٿي دانهون، جي تو ڪيون مگڻا! [انق]
داتا لايون دل مين، سالڪ صدائون
مٿي آئيو مگڻو، اوپر اتانهون
بخششُون، بلال چئي، آت ڪوڙيين ڪيائون(٣)
جو آيو اڳاهُون، سو مَرڪيي هلئو مگڻو.

[٩/ب] مگڻو پنڻ (٤) ملوڪ ڪي، ڪنهن ڏورئان ڏس آيو [انق]
پانهين آو پولائيو، راڻين ريجهايو
جنئيي مٿي جاجڪ جي، [دوله دل لايو] (٥)
سِرَ تي سوايو، قلعو (٦) ڏنائينس قطب چئي.

[١٠] دل بادل بارگهون، ڪرت ڪڇهريون تُوڪَ [انق]
زربفت، زري، حَريرچا (٧)، راڻيون ۽ روڪَ
حڪم سانڻ حَڪيم جي، لڌيو وڃن لوڪَ
مهند تني موڪ، مڃيو جن شريف چئي.

---

(١) ق. 'ڪيڪون'. (٢) اصل. 'ڪلو' (٣) اصل. 'بخشون آت، بلال چئي، ڪوڙيين ڪيائون' (٤) ق. 'پسڻ'. (٥) اصل. 'لڳس من موچارو' (٦) اصل. 'ڪلو'.(٧) اصل. 'زربفت زوءري هربرچ'.

آنءَ مٺان ٿي گهوريان، رڇ ۽ راڻيون ۽ روڪ
مُر سُٺي سيو لوڪ، تہ تو مڱيو، مون مڃيو.

[۱۱] جَنهين تَڪ تارو، تو راجا رَمي اُتهين [انق]
خاصي خلوت خان جي، اُتهين اوتارو
سڪيو نہ سورٺ وَرُ، نَنو ناڪارو
آنءَ تيلان سِرُ گهران، توڪان تمارو
جَنتي سُٺي جاچڪ جي، لڳِس مَن موچارو
ڏينهينءَ سوارو، تہ ڏيکاريان ٻئي ڏيهہ ۾.

---

[۱۱/الف] جو ڏنائين سِرُ سِهي ڪري، سو سُواميءَ سورٺ [انق]
ايءَ خبر خُراسان ۾، دليءَ آباڙي (۱) ڏيڻ
ڀيون ڀڻ ٻَٽهون هُيون، راڻيون راجا وٽ
هُن ڪُرُ مُلهايو، قطب چئي، گهڙي ڪيائين نہ گهٽ
سُٺي ۾ ميرَ هي وَٽ (۲)، تنهن کي جٽس جيڏري ليکئو.

[۱۱/ب] جٽس جيڏري لکئو، سري لڌائين سانُ [انق]
پاڻهي رکيو پانهجو سورٺ وَرَ سِهانُ
ڏي تو نانءُ الله جي، مير وڏيو سلطانُ
راضي ٿيس رحمانُ، نا تہ هتي کوڻن ڏٺي ڪٿين هٿا.

[۱۱/ج] ڪَنڌ ڪپي، ڏَڙُ ڏُبي، ڏڙ ڏاڻي ڪي ڏُوڪ [انق]
راڻين راهو منبڙئو، ٿي قلعي ۾ ڪُوڪ (۳)
ڪونڊر ڦرارئو، قطب چئي، مٿو ڏنو ملُوڪ
اي آهي ڳالهہ اچُوڪ، جيئڻ جانُ تان نہ ٿئي.

---

(۱) ن. 'اپاري' ق. 'اپاڙي' (۲) ق. 'مير هين وٽ' (۳) ق. 'اٿي قلب ۾ ڪوڪ'.

## وائي *

مٽو ۾ ڪينڪارَ يارَ، آجان ڏان ڏيندوسين مڱڻا(١)! [انق]

هالا، جالا، چوڙا سما، ڪاٺي، ڪالي، پهَڻ وارَ (٢)۔

مٽو ۾ ڪينڪارَ يارَ

سي سيئي مَلهائيا، سورٺ ورَ سردار۔

مٽو ۾ ڪينڪارَ يارَ

* ن ۾ هن وائي جو فقط اهو ٿلهہ ۽ اهي ٻہ مصراعون ڏنل آهن، جي ق ۾ پڻ آهن. ق ۾ هيٺيون چار مصراعون شروع ۾ وڌيڪ ڏنل آهن، ۽ جيئن تہ اهي ساڳيون مصراعون ٿوري ڦيرڦار سان شاه جي رسالي، سر سورٺ داستان ٽئين جي آخر ۾ آندل وائي ۾ پڻ موجود آهن، جنهن ۾ عبداللطيف جو نالو موجود آهي، انهي ڪري ق واريون اهي مصراعون مٿي متن ۾ نہ رکيون آهن:

لچيندو ٿو لاهيان، ڪينهي منجهہ ڪپار
سر ۾ سڄڻ ناه ڪي، موٽ مرَ مڱڻهار
مٿي اتي منهجي، جي هٿا سسين سو هزار
تہ هرهر وڃير هيڪڙو، تهنجي ٽند ٽنوار

(١) ق۔ 'اچا ڏان ڏيندوسين ڀٽا مڱڻا' (٢) ق۔ 'هالا، جالا، چوڙا سما، ۽ ٻڻ ٻهن وار'.

# سرود سارنگ

## فصل پهريون

[١] تاڙي ڪِي ڏِوارَ، پِپيهل پَتيو هيُون [انق]
هارين هر سنياڻيا، سَرها ٿِئا سنگهار
لاهيين ڏک ڏاتار! اِلاهي عِنات چُئي

[٢] بادل! وسئو وَسُ، ڪر پيرو ان پُون (١) [انق]

[٢/الف] وِڄُنِ لال وَرَنَ، ڏيئِنِ اوتون آتر سامهيُون [انق]
پِريا تـــڙ ترائيون، موهيا مينهن مَنَ
انـــو عمرڪوٽ تـــي، سَوائي سارُنَ
جهجهي جوئيجَنِ تي سوڌي آهي سَمُنَ
بادل ڪيئا، بلال چئي، مٿي داليءَ دَنَ
آڪي ڪَي امُن، خالق سڀ خلق سڀين.

[٢/ب] وِڄُون وسڻ آئيون، پرچي منجهہ پَتَنِ. [انق]
ٿي سرهائي سنڌ ۾، ڏِ ريو ڏانهن ڏِ ٽَنِ.
سرهيون سنگهاريون ٿيون، ان جون منڍيون (٢)منجهہ مٿن
قطب چئي، ڪاندن سين، ڪلن ۾ ڪٽن
وجهيو منجهہ وَتَنِ، ڏيئِنِ مڪڻ مهمانن کي.

(١) ق. ’پيريو مٿي پُون‘. (٢) اصل. ’ان جي منڍي‘.

ڏٺ جَٺ مِرن ماڙهئين (۱)، اڄ لاهيندڙ ڏون
واحد ڪر وَسُون، تہ آهڪي لَهيِ عنات چئي.

[۲] اُٺو ڍَٺُ پَٽُ پارڪر، اُٺو سارو سَوارو [ن ق]
مينهَنِ سُور نہ مَٽيو، 'وَنگو' ويچارو
اُٺـا پَٽَ 'پُراڻ' جا، 'لَڪڙي' 'سامارو'
وڏي گاهُ وڏو ٿئو، تنهن مُوهَ ۾ موچارو

---

[$\frac{۲}{ج}$] وڄون وسڻ آئيون، چمڪيون چوڌارَ [ن ق]
پلٽيون 'پراڻ' تي، پيون ڍُلهي جيءَ ڍارَ
تڻ ريلون رات رچائيون، پانڌين ڪي پچار
'هٿونڪي' هٿيڪيون، لهڻ 'سامرجيءَ' مار
پهُون 'پاڙليءَ' تي(۲) ڪي 'ڪڪڇجيءِ' ڪنار
چمڪيون 'چيل' تي (۳) آڳم لائي آر
'ڍلهيريءَ' 'ڍينگاڻ' ڏُونه، وٺا سڀ ولهار
ترڙ سيپئي تار ڪيا، مينهن ۽ ملار
لاٿو ڏُک ڏاتارَ، ٿيو قرار قطبَ چئي.

[۳] ڏئي مُبارڪ ماڻهين، مارنگ سراسر [ن ق]
سوڌو آيو سوڍن تي، ٿهريو وسهي ٿر
وارا ڪيو ونگهي تي، اوتون ڏي اپر
ڪنڪرن ڪوڙ، قطب چئي، ٿيو ڏونه ننگر
آڳم آرا لائيا، چاٿاريو چپر
وچڙين وارا ڪيا، پوندون پئونِ پڪر
بادل برابر، ڪي سٿائي سنڌ تي.

---

(۱) ق. 'ڏٿين، جٿين، ماڻهئين'. (۲) ن. 'پارليتي' (۳) ن. 'چمڪيون چيلتي'.

پکو ڏُٽ پنجاب جو، جيسرمير جهمَن
آيون عمرڪوٽ تي، 'وَنگي' واجا ڪَنَ
'ڇَڇ'، 'چوڙ'، 'چاچرو'، چُلا يو چمڪَن
اِن پرِ مينهن وَسَنَ، الاهي! عِناتُ چئي (۱).

[۷] 'رُوم' رِجائي موڻيون، سنڌ ڪٽي سامان [ ر ]
ڪن جو ڪادو 'ڪيچ' ڏي، ڪي ماڻين ڦيون
ملتان (۲)
الاهي! عِناتُ چئي، ڪنوڻيون خُراسانَ
اللّٰه(۳) ڪيو احسانَ، خوب ڪنوائي موڻيون (۴).

[۸] 'رُوم' رِجائي، ڪيائون 'مدينو' مَنَ [ ر ]
روضي پاس رسولَ جي، وڄڙيون وارا ڪَنَ
ساگري سمن شاه تي، گونگا مينهن گَجَنَ
بحر ٺُٺا 'بَدين' تي، نيڙ ٿا نمنَ
وڄڙين ويس مٽائيا، 'وَنگي' واجا ڪنِ
ڇَڇ، چوڙ، چاچرو، چوه منجهان چمڪنِ

(۱) روايت حاجي عمر چانڊيو، ۽ پڻ ميان امام علي شاه ۽ اللّٰه ڏني شاه کان مليل روايتن مطابق.
(۲) ٻي روايت: 'ڪن جو ڪادو ڪچ ڏي، ڪي ٿيون ماڻين ملتان' (۳) ٻي روايت: 'قادر'
(۴) ميان محمد علي شاه ۽ ميان امام علي شاه کان مليل روايتن مطابق.

عرش ڪرسي جوڙ سڄي، حڪم هيٺ هلن
ان پر مينهن وسن، الاهي! عنات چئي (١).

## فصل ٻيو

[١] سارنگ کي سارين، ماڙهو، مرگهه، مينهيون [د]
آرون آبر آسري، تازا تـوارين
سپون جي سمونڊ جون، نئين سج نهارين
پلر پياريـن، آڇايـن عنـات چئي(٢).

[٢] پرين، مينهيون ۽ مينهن، ڪين سما ٽيئي چڱا(٣) [ن ق]

[٢/الف] مينهون مينهن سونهن، سونهن مور ملار ۾ [ن]
وڻ سونهن ولهارين، تڙ رڍلي راڄ سونهن.
مانڊائيون ۽ مائيون، پرڊا پاڻ سونهن.
مڪڻ مهمانن ڪي، ڏينديون ڏڌ سونهن.
ٻاڙن اڳيان ٻانهيون، دايون در سونهن.
چام چئي، جنين ڪي، لويون لنڪ سونهن.
پڪا پٽ سونهن، تن ۾ سونهن سپرين.

---

(١) ميان محمد علي شاه کان مليل روايت مطابق. (٢) ميان امام علي شاه کان مليل روايت مطابق. شاه جي رسالي، سر سارنگ د-١، ۾ هيءَ بيت هيٺين ء طرح ذنل آهي:

ماڙهو، مرگهه، مينهيون، سڀ سارنگ کي سارين
آرون ابر آسري، تازا تنئوارين.
سپون جي سمونڊ جون، نئين سج نهارين.
پلر پيارين، آڇين آب اڳونڌرو.

(٣) ن. 'پرين، مينهيون ۽ مينهن، ٽيئي چڱا ڪين سما' ق. "ڪين سما ٽيئي چڱا، پرين مينهون ۽ مينهن".

وِڄون ولهارين(١) وُٺيون، پَرچي پَٽَ حضورِ
ڏَٽونَنِ ڏنَّ ڪاهِيا، سٽي ان مذڪورِ
سَڄڻ هٿڙا ڏورِ، مونکي مينهن ميڙِئا.

[٥] آروڙانَ تِي اُنيُون(٢)، وَنگي(٣) سينئَن وسن [ن،ق]
تڙ سيئي تار ٿيا، مَرُ عالَم پَٽَ پسن
جي جني جا سيڪڙو، سي تن کي ربَّا رسن
هي جي کَرکَسنَ، سي تِينِ آرَڪ(٤) عناتُ چئي.

[٦] وِڄنِ وَنْڪا ويسَ، نُوَڪنڊ ناڏ ٿئا(٥) [ن،ق]

---

[٤/ب] مينهاٽي موٽ ڪيي، مر ريجاٽي ريلهي [ن]
آڇو(٦) آبُ پور ڪنڌيين، پانڊا ٿو پيلي
ڪلام، قطب شاه جـو، اگهيو آن ويلهي
ڍوليو مَ ڍيلي، ڪانڌُ ڪامڻ کي ڪڌهين.

[٤/ج] ترُ ڏونگر ٿيلهي، وڄن سپ وَنْهيان ڪيئا [ن،ق]
سنڌ سواريون آئيون، رات ٿي منجهه ريلي
جتن پکيين(٧)، ڏَنَّ ڍينٽيين، تازي طبيلي
پيرُو چئي، پُر ٿيا جي وانجيا کي ويلي
ڍوليو مَ ڍيلي، ڪانڌ ڪامڻ کي ڪڌهين.

[٨] اتران ٿي آئيون، تن وڄن وسي ڪئا ويس [ن،ق]
نوڏيين نيل النيو، ڏَرَ رجيا سپ ڏيس
پڪا سُونهن پٽ ٻَ، سڄڻ ديسان ديس

---

(١) اصل. 'ولهاري' (٢) ن. 'وٺيون' (٣) ن. ونگو. (٤) ق. 'آرڳ ڏين'. (٥) ق. 'نوڪنڊ ناڏ ٿيا، ڪئا وڄن وڳا ويس'. (٦) اصل. 'اڇو'. (٧) ن. 'جر پکي' ق. 'جتڻ پکي'.

پَلَٽئا پاريون ڪَرِي، مٿي نُوٽِنِ نيسَ
آهُرُوْ اوطاڪُنِ ۾، مارِي وينا ميسَ(١)
سَڄَڻَ ديسان ديسَ، پَڪا رکن پاڻَ ۾.

[٧] اڇا آنبَرَ آنبرِينَ(٢)، بُوندون بَس نہ ڪَنَّ [ن ق]
ڪارا ڪَڪَرَ ڪوڙ پِيِ، وَسڪارِي وَسَنَّ
سانوڻ منڊَ، سَيد چئي، اڪيون پِيُّ پسَنِ
جي محبَ مُهنجي مَنِّ، سي مينهن مونکي ميڙڱا.

[٨] 'وَهيرو' ۽ 'وارِيڪو'، تَــڙ 'ترائِي' پسُ [ن ق]
اُنِي اُتاهين ٿئــي، سندو لــڏن گــس
ڪارائي ۽ ڪَسُ، ڏِٺِي جِهن ڏُور ٿئي.

---

ڪامڻ پيچن ڪيس، مونکي ڪانگ قطب چئي.
[ک الف] ڪامڻ ڪٿهي ڪانگ ڪون، پيئي پرديس ۾ جاءِ [ن ق]
سيتاري ۾ ئي نہ لڀي، اوڏو آءُ ۾ جاءِ
ڏينهان نيهان (٣) جو لڳي، ڪامل ڪوسو واءُ
سانوڻ منڊ مرتيون! وڃي ۾ وڙ وڃاءُ
مون توهي مين چاءُ، سفر گهورئو سپرين!
[ک ب] سفر گهورئو سپرين، گهر مدائين گهار [ن ق]
پٽسيي پيءُ پڙ ٿيا، هيءُ آسه جي آر
مهاڳڻ، شريف چئي، وصالان نہ وسار
ٿئي ڏيہ (٤) ڪيم نهار، سائيہ هوندءِ سيڪيي.

---

(١) ن. 'آهرون' ق. ١. 'آهرو' ٢. 'آهرون'. (٢) اصل. 'عنبر عنبرين' (٣) اصل. 'ڏيهان پيهان' (٤) اصل. 'ڏونہ'.

[۹] ڏاڏر ڏوڪي آئيا(١)، توارئو تاڙي [ن،ق]

سُٽي سنگهارن سعيو ڪئو، سامونڊا ساٽي(٢)

پئا(٣) ڏهن ڏهائن ۾، وَڃ وجهئو واڙي

پِين پَٽن ۾ پِر ڪئو، جي ڳوٺ سڪيا ڳاڙي

پرين جي پاڙي، هيهون سسانگ(٤) سيد چئي.

---

[۹/الف] آوهر سئون آئيا، مٿي سوهر مينهن [ن،ق]
ڪينوٽن ڪار تي ڪيي، رم جهم راتو ڏينهن
وسن تان ويرسيئن، ڪاهوءِ تڙ قطب چئي.

[۹/ب] ريلئون رانڀي آئيون، ڪينوٽيون ڪيراهن. [ن،ق]
چينوڙيءِ چيتائيو، هاري هر وهن.
تاماريون تڙن تي، پلر سهي پين.
ڪڪيجيءِ قطب چئي، موجون ڪيون مينهن.
جي ڏر ڪانيا ڏينهن، صاحب سي ساوا ڪيا.

[۹/ج] مينهن آئي ماڻهن سهسين سرهايون [ق]
لٿو ڏک ڏرڙ پريا تڙ ترايون
اوهن واريون آسريو، رنين ٿيون رايون
ڪهي سهڙندي ڏيتن سامهيون، ڪي ڌريائين ڏايون
وجهي ڪير خوش ٿيون، ماڻين ۾ مايون
ڪيهي هليا ڳهڻ ڪي، پنز ڪيو پڙن پايون
پيرو چئي، پٽن ۾، ڪن ولوڙا وايون
جهي رڪاڻن رنجائيا، تن ولهن واڌايون
پايون ۾ دايون، ڪهي سونهن پانهنجي.

---

(١) ن. 'دادر دوڪي آئيا' ق. 'ڏادر ڏرڪي آئيا'. (٢) اصل. 'سانڀري'. (٣) ن. 'پيا'.
(٤) اصل. 'سسانگا'.

[١٠] سارنگ سار لهيج، الله لڳ عنات چئي [ر]
پاڻي پوج پٽن ۾، ارزان آڻ ڪريج
وطن وسائيج، ته سنگهارن سک ٿئي(١).

[١١] جيسين سحر سنيري، تيسين وڏر وس [ر]
ڪانگهاريون وهڪيون، پار رئندا پس
رات اُني ڪي رس، اُجيون جي عنات چئي(٢).

[١٢] ڏونگها آچ م اُن ڪي، ڪاسا جني ڪم [ر]
پنندي پر ڏيهه ۾، تن سودين ٿئي شرم
آتين گهٽي ادب سين، ڳالهائين نرم
قادر ڪر ڪرم، اُني ساڻ عنات چئي(٣).

[١٣] پاچاڻـي پئي، ڪٿو آڳاڻيئي آڳرو(٤) [ن ق]
سرهيون سنگهاريون ٿيون، پيارين ٻهي
چڪيس سپ چئي، تڏ مولي مينهن وسائيا(٥).

---

(١) ميان محمد علي شاه ڪان مليل روايت مطابق. شاه جي رسالي، سر سارنگ د-١، ۾ هيءُ بيت موجود آهي، پر ٻهرين سٽ هن طرح ڏنل آهي: 'سارنگ سار لهيج، الله لڳ اڄين جي'. (٢) روايت سارنگ فقير جت. (٣) ميان امام علي شاه ڪان مليل روايت مطابق. هيءُ بيت شاه جي رسالي، سر سارنگ د-٤، ۾ ڏنل آهي، پر آخري سٽ هن طرح آهي: 'قادر ڪر ڪرم، ته ان جي وطن ۾ وس ٿئي'. (٤) ق. 'آڳاڻيان اڳرو، پاچاڻي پئي'. (٥) هيءُ بيت شاه جي رسالي، سر سارنگ د-١، ۾ هيئين طرح ڏنل آهي:

پاچاڻيءَ پئي، ڏٺو آڳاڻيا اڳرو
جڏهن چڪس سپ چئي، تڏهن مولي مينهن وسائيا.

[١٤] ڏاهي ڪ پوري، پر وٽي پهنجي وَر ڪي [ن،ق]
سندي سانوڻ ڏينهڙين، جهجڻ ۽ جهوري
هيَ تهن گهوري، جو سياري سَڀَجي.

[١٥] وڄڙيون ويساندِ، شال مِ وڌهوٽي وهو(١) [ن،ق]
اڇي جا آڻ - اوٽ جي، ڍڄي سا ڍِراندِ
محبت ماڪ مينهن جي، پوي پڪي پاندِ
وَرُ هوتان سين هيڪاندِ، پاٻوهڻُ پرين ۽ سين.

[١٦] پيئي ڀِ پاتار، اُوپرَ سُونْ آبُ گُهري [ن،ق]
پيڙي پيڙين نہ ٿئي(٢)، توڙي حيلا ڪري هزار
سڪڻ سڪو سپَ ڪان، سرتيون! سپ جمار
جيلانہ محبت ڪي موچار، تين جوهر جو ڳي ٿئي.

وائي

[ن] سَيَتِ ٿئي سٺائــي، ميــان بادل!
وس تہ وسن ڏينهڙا

ڍتُ وٺو پٽُ پارڪرُ، سُڃي اِيَ سرهائي -
وس تہ وسن ڏينهڙا

هُئي آريڃي، عناتُ چئي، ريلي پُون رجائي -
وس تہ وسن ڏينهڙا

---

(١) ق. 'شال مَ وڌوٽهين و هو، وڄڙيون ويساند'. (٢) ن. 'پيڙي پيڙي' نہ ٿئي'.

# سُرُ تُوڏِي

## فصل پهريون

[١] جِئان گهڙي تئان گهيڙُ، آوَتڙائين تڙُ تئي [ن،ق]
ڏَمَ وٽ جُنو ظاهِرا، مَنُ مِهارَ سِين ميڙُ
سا ندي پانئي نيڙُ، جهن اهڙي سڪ سيد چئي(١).

[٢] ٽِڪان تِڪَ گهِٽي، سڪ تِهان ٿي اڳِري [ن،ق]

---

[١] تڪي نہ توري، نئي نهاري نہ، کهڙي (٢) [ن،ق]
مٿي متي مهراڻ جا، کهيڙ پسئو کهوري
ٻحرن منجهہ، بلال چئي، آدي ۽ جو اوري
تيلاهين ووري، وڃيو سحب مهار سين.

[٢/الف] ڪاري رات ڪچو کهڙو، جرُ جهجهو ۽ جالَ [ن،ق]
سانيرَ مٿي سوهڻي، ٿي مڃي پلي جا پالَ
سٽي لوڪَ، شريف چئي، ڪنئين ان خيالَ
ساهڙ جي ۽ سنيالَ، آنڪي ڪٺي آڪارين.

---

(١) ن. 'جنهن کي اهڙي سڪ سيد چئي سا ندي پانئي نيڙ'. هيءَ بيت شاهه جي رسالي، سُر سهڻي د-٣، ۾ هيئين طرح ذيل آهي:
ڪپر پچن ڪوڙيون، جئان کهڙي تئان کهيڙ ڏم سين جسو ظاهري، من مهار سين ميڙ
سا ندي پانئي نيڙ، جنهن کي سڪ ساهڙ جي.
(٢) ق. 'نيڙ نهاري نہ کهڙي، تڪي نہ توري'.

پاتا اُنَ پاتارَ ۾، دريا ڏنگ هَٽِي
اڪڙيون عِنات چُئي، وِيئيون پار وَٽِي
ساٽِي جَن ڏٽي، تن سين مهراڻُ مَيا ڪَري.

[٣] ساهڙ ڪارڻ سوهڻي، رِءَ نِهاري ريتَ [ن۽ق]
ڪِٽي نيڻ خوش ڪئو، پَسئو ٻانڌي پيتَ
اُت مَ اچي پِيتَ، آنْڪِي ڪي عِنات چُئي.

[۴] مِهاران مَهِي، ڪا جا پيتائين(١) پريمَ ڪي [ن۽ق]
تهن سُرڪَ مُرڪَ مَستانُ ڪي، لڳيسِ ڏُڌَ ڏَهي
تانْ تانْ تان نہ رَهي، جانْ پيرو نہ ڪيائين پاڻ تي.

[٥] گهِڙِي اُنهي گهيڙ تان، جتي لَهر لالائي [ن۽ق]

---

[٢/ب] پيلو سپ ريلو، ٻوڙي ٻنهي ڪندڙين. [ن۽ق]
اوٿيهہ، اونداهي چنڊ جي، پوريءَ هَمَت. پيلو
مانوڻ مُند، شريف چئي، ماڻرُ سويلو
اچي مَ ٿيلو، مائين سُتڙ ڊوئيين (٢).

[٢/ج] ڪرڪل (٣) ڪوچَ ڪُنن تي، آرَ آبتو گهورُ [ن۽ق]
گهيڙ منيالي سُوهڻي! اڄ درياءَ ۾ پيو دَورُ
بي خطا، بلال چئي، لوري لڳيس لورُ
هو پاڻي هيءَ پورُ، شال مدد ٿئي ميهارَ جي.

[٥/الف] لَهر لالائي، ڪوڙ ڪڙوريءَ آيري [ن۽ق]
اچين، مڇين (۴)، ماڻهين، بوءِ باگَوئن آئي

---

(١) ن. 'پيتيان' (٢) ن. 'ڊوئيين'. (٣) ن. ڪرڪر. (۴) ن. 'اچي مڇي'

ڪَنبي ڪِينَ ڪُنَن پِرَ، توڙي گهيڙن گهيرائِي
هُيَس سڪ، سَيّدُ چئي، جَهْنَ لُڙئون لنگهائي
مولِي مَلائِي، محبتي مِهار ڪَي.

[٦] پاڻيَ سان پِهُ پِئو، ڍارَنِ تي ڍارو [انق]
روُحُ رَڳُون رَتُّ رات جو، پِئي پارَنِ تي پارو
مُنَدّ لئي مهارَ ڪِئو، چارن تي چارو
سُئائين سَڌِ، سيّد چئي، نارَنِ تي نارو
اوڪَرِ اوڪارو، پُجهانْ تِنُسِ پاجهَ جو.

---

گهيڙي ڪاله، قطب چئي، مُنڌ چوليين چلائي
تِي سُرهي سَيائي، آجُ پَه، پَه، پنهي ڪنديين.

[٥ ب] لَهر چِلڪو چولَ، وَهڻ ڪٿوريءِ واسئو [انق]
آصحُ باس عطر جي، اڇي منجهان اولَ
آب عنبيران اڪرو، ڏئي جهلڪا جهول (١)
پنهون پاري پول، گهڙي ڪاله، قطب چئي.

[٥ ج] گهيڙي انهيءَ گهيڙ تان، جتِ دريا جو دڙڪو [انق]
پيڙي لنگهي نہ ان پارِ تان، جت ڪُنن جو ڪڙڪو
اَيَڪئو آرُن تي چڙهي، توڙي سيرَ ڪري سڙڪو
يوسف چئي، ان جاءِ ۾، ناهي پانهُن جو پَرڪو
والي ڪيجِ وَرُ ڪيو، جيئن سَيَڙُ ميلي مون سامهون.

---

(١) اصل. 'چلڪا چول'.

## فصل پيو

[۱] هاديَ لڳ هنيان! پڇج پار پرين کي [نق]
جن اکين سڪ، عنات چئي، تن کھڙو ڏوھ ڏيان
مھارَن ميان! مونکي سَنئون سُنهايو پيچرو.

[۲] ميڙئو ميڙئو ڪانهن، مٿي پِر پيرا ڪريين [نق]
کوه نہ سڪ سَنباھيين، تون پانهجي پانهن
آهن ڪينَ آڳانهَن، سَڄڻ سِڪنديِن کي.

[۲ الف] ڪانهن، ڪندين ڪوه، تان ڪيي تَرُ پانهن، سهين [نق]
سڄي پئو پيراهَ جو، ڇڇَ ڇلڪا ڇوهُ
مائرَ ميرَ، شريف چئي، تَرج وڻيي توهُ
ڪڇي ڪونهي ڏوهُ، پِلَيءَ تي پيلو ٿئو.

[۲ ب] ميڙئو ميڙئو ڪَکَتِّ، مٿي پِرَ پيرا ڪرئين [نق]
ڪوهُ نہ سڪ سنباھيين، تون پنهنجا پَکَتِّ
گهرُ الله جي رَکَتِّ، بحرن منجهہ، بلال چئي.

[۲ ج] ڏنڏون، ڏوريون، واھڻيون، تنهان پَري سڀ تار [نق]
جان گهڙندينءَ موھني، تان نظر ڪري نهار
بس نہ ڪريين، بلال چئي، ڪهڙي لڳئي آر
وڃندينءَ جان هن پار، تان گهڙج گهاتي نهن مين.

[٣] ميرا مَنهَنْ مَــچَّ، سانياران ساهــڙَ جا [انق]
اڪيون آسَرَ لائيــو، راڙي راڙي رڃَّ
جي هَلن ساڻِ سَچَّ، تن رازق! تون رَسائڻين.

[٤] گهڙڻُ وَهيڻو مون، مڙڻُ هَٿ پئن جي [انق]
ساهڙ! سِڪندين جو، تَرسُ پروڙج تون
هلڻ هوتن ڏونُه، سي مَڇُڻ وات وڙپيين.

[٥] گهڙڻُ مُهنجي وَسِ، مڙڻُ هَٿ پئن جي [انق]
ساهڙُ سِڪندين سين، مَڇُڻ پوءِ عَڪسَ
تن جو بابُ نہ بَسَّ، پرين جهنْ جو پارَ ۾.

---

[٣/الف] تيڪَ تَرنو وَهمَ تار، دعوىٰ ڪيئو درياءَ سين [انق]
لال لهرين وچ ۾، ڪُنن مير قرار
آيڪي سا آرن تي، پرين جنهن جو پار
آييڻ نہ اورار، اَن جو بابُ بلال چئي.

[٣/ب] پيچَلَ پنهي ڪنڌين، وَهن آبتا آر [انق]
ڪاري رات، قطب چئي، ڪيري ڪئي خمار
گهڙ سنيالي سوهڻي، پَسيج پاڻيءَ پارَ
جنهن ڪي محبت ساڻ مهارَ، سا آڳا! تون آڪارين.

[٥] جي گهڙن، مڙن تي، ترسُ ۾ پسي تار [انق]
دونهيون ڏسي دوست جون(١) اکين لڳي آر
اڃن ڪُنن ڪپينديون، پرين جن جو(٢) پار
آييڻُ نہ اورار، ان جو بابُ بلال چئي،

---

(١) اصل. 'دوس جون' (٢) اصل. 'جنهن جون'.

[٦] جي مانُ جيڏيون وسهو، تہ آنءُ نہ وهيٺي پاڻَ [ان ق]
دل در ماندي دوس ري، تن جي ڏاڻو تاڻ
لڌيس نيهن نڌاڻ، نا تہ ڪُنِ ۾ ڪير گهڙي!

[٧] وَچ وٿاڻين (١) وهڪون، سانيارانُ سَندان [ان ق]
ڏونهيون ٻرن دائما، پُڃان تي ڪيٽانِ
وَروڪئو ويرانِ، تُرهو ڪئو تار تران.

[٨] پَسئو وَٽُ وهسي هنيُون، سانيارانُ سَندان [ ر ]
چَنا، مَنهن، مينهيُون، وٿهيان وٿاڻانِ

---

[٧ الف] ٻاري ٻاه، ٻلال چئي، ٿيءَ جا ٻار مهار [ان ق]
ڏونهيون ڏوس ڏکائيون، سانيارانِ سنگهار
اوٺيس اڪرين جو وڃي ويرئون تار (٢)
وڃي ويروتار [وجود ۾] سيڻن جي سنيار
آوتڙ تري تار، سنجهي ملي سوهٽي.

[٧ ب] ڏونهان ڏکن جيئن، مٿنهن ميهارن ڀي [ان ق]
اڪين آرو لائيو، تن منهنجي تيئن
آئين جهي ٻليو ٻاڙي واريون! هاڻي سٺو هيئن
ڏسو جي ڏک ذرو تہ ڪريو قطب چئي ڪيئن
هلو ساهڙ سيئن، تہ گهر ور وڃڻان وسري.

[٨] پريون پرٿين پر، ٻار ٻوڌيون پس [ان]
آٿيو هٿي آر ۾، ونجهين ٻونيس ور

---

(١) اصل. 'وٿاڻي' (٢) اصل. 'وڃي ويرو تار'

آکڙين، عنات چئي، لايو لهه سيٽان
آنءُ ڪڙهان تي ڪيٽان، هو سجڻ ڪين
سارين مون(۱).

[۹] هوءَ جا پري باه، منهن مهارن جي [انق]
اکيون آن آهاءَ، اڇن ڪن ڪپينديون(۲).

[۱۰] رات اونداهي، ري گهڙي، نڪا سيٽهه ساڻ [ ق ]
وڃهي، ويرم نه ڪري، پريان ڪارڻ پاڻ
محبت ڪي مهراڻ، سڪي سيوئي پٽ ٿئو(۳).

[۱۱] پڇو پاڻي واريين، ته هي زر جبات ڪٿا [انق]
لهرين لوڏي جو مڪو، پيڙو منڌ ملا
اولن منجهه، عنات چئي، ڪتوري ٻهڪا
سائر سوهڻا، سيوئي سرهو ٿئو.

مانباهو سموند جو، قطب چئي تون ڪر
تو پانيو آءُ گهر، پر آهين آڙ اکين ۾ (۴).

---

(۱) ميان امام علي شاه ڪان پهتل روايت مطابق (۲) هي بيت شاه جي رسالي، سرسهڻي د-۵، ۾ پڻ موجود آهي. (۳) هيءُ اصل ۾ 'سرود مارئي' جي متن جي حاشيي تي لکيل هو جتان کنيو ويو آهي. (۴) پڻ هي بيت شاه جي رسالي، سرسهڻي د-۷، هيٺينءَ پڙهڻي سان موجود آهي:

پس جي پار پونديون، پريون پرئين پر
آئيو وجهي آر ۾، وڃيو پونس ور
مانباهي سموند جي، قطب چئي ڪا ڪر
تو پانيو آءُ گهر، تان آهيءَ آر اکين ۾.

## وائي *

اي يار! آنءُ جا طامع آهيان تُهنجي- [ق]
مون منجهه عيب آپارَ

'آمر' اوڏي نه وڃان، 'نِهي' ڪئس نڪارَ-
مون منجهه عيب آپارَ

سوٽ محمّد ڪارڻي، آڙئنِ جا آڌارَ!-
مون منجهه عيب آپارَ

* ق ۾ هيءَ وائي 'سرود آسا' هيٺ ڏنل آهي، جتان نپائي هت رکي وئي آهي.

# سرود ڪاموڏ

[١] تَختُ، بَختُ، تَڙُ، تماچي(١)، نُورِيَ سڀ نَوَنَ [انق]
نانءُ نيابت گندري، سيني سُونه سمَنَ
لَکين لياڪا ڪئا، سارِي رات سَيَنِ
پاڊُون دايُون تهنِ کي (٢)، اچئو پير پڄَنِ
ڪامِڻَ ڪامَ(٣)، عِناتُ چئي، تهن کي آهي
منجهہ اکين
ڏنيسِ ڏيهَ ڏڻين، معافيَ جِي مُهر ڪري.

[٢] بَخت بُلند جَنِ، تني منجهان نورُئينْ(٤) [انق]
گامِين، ناسِين، گاندرِين، تَماچي سَندَنَ
هردم ڏِهَ ڏي تنِ، آئو پِهر عِناتُ چئي(٥).

---

[١] تنهن سرَ 'ڪينجهر' نامُ، جتان نوازي نُورَئين (٦) [انق]
تخت تنهين تڙ تي، پاڻهي ويٺو ڄامُ
سُهائس، شريف چئي، غريباڻو گامُ
تماچيءَ تمامُ، عيب آنيءَ جا ڍڪئا.

---

(١) ن. 'تماچي ڄام کي' ق. 'تماچي ڄام'. (٢) ن. 'پاهنجيون تهن کي'. (٣) ن. 'ڪاملَ ڪام'. (٤) اصل. 'نورئي' (٥) ن. 'آئو پهر عنات چئي، هردم ڏِهنڏي تن'. (٦). اصل. 'نورئي'

[۳] جهڙي سونهن سنڌياس، تهڙو ڪنجهر ڪين پئو [ن،ق]
طُولَ تنهين جي سين، راڻيون آڇن
نہ راس
مورچَلُ پاڻُ مَتاس، آيو تماچي هٽي.

[۴] تهڙو ڪنجهر ڪين پئو، جهڙي سونهن سنڌياس [ق]
مَڻِ، ميَاڻيون، مَڪُرَا، مڙيئي معاف ٿئاس
ريس راڻين ڇڏئي، وهي ڪانہ وَٽاس
مورچَلُ مَٿاس، آيو تماچي هٽي(۱).

---

[۳] جيهي تماچي، ڄام مٿري، جو آڳلن آڳ [ن،ق]
هو جو (۲) ڪينجهر تي سو سڀ لاٿائين لاڳ
سُهائيس، شريف چئي، مَلاحن جو ماڳ
ڀلو نوريءَ ڀاڳ، جنهن نَتَر سڀ نوازئا.

[۳ الف] جيلانه پاڻ نہ ڏٺائين، تہ ئي نوازي(۳) نُورَئين(۴) [ن،ق]
تنهن سُهائي، شريف چئي، جو ساموهيءَ سائين
سَتهي سيڻي مڃيا، جي عرض آتائين
آن ڪي ڏنائين، ڏاڏائڪي ڏن ڄ.

[۳ ب] چَتا، ڏُنگيون، پيڙيون، ميلڪَ جني جا مَڏَ [ن،ق]
سَتهي سي سيڻ ڪيا، هيٺا جنهي هڏ
ڄامَ! (۵) پرتيئي لَڏَ، سانگين جي شريف چئي.

---

(۱) شاه جي رسالي، سر ڪاموڏ د-۱، ۾ هيءَ بيت هيئينءَ طرح ڏنل آهي.
تهڙو ڪنجهر ڪين پئو، جهڙي سونهن سنڌياس
مڻ، مياڻيون، مڪڙا، مڙيئي معاف ٿياس
مورچل مٿاس، آيو هٽي ڄام هٿن سين.
(۲) ق. 'هتو جو'. (۳) ق. ۾ ائين پڙهجي: 'تئن نوازي' (۴) اصل. 'نورئي'. (۵) ق. 'رب'.

[٥] دَيا، دانر، دُوءِ، ڪاجُ جَني جو ڪِکيُون [انق]

آني منجها آپري، مُشڪ ڪتوري بوءِ

تن راڻين اهڙي روءِ، آئڙيون گهڻو عنات چئي.

[٦] آگلائي آهيرَ، رهن ڪنجهرَ ڪنڌيين [انق]

پڪين پيئو تَن جي، گِنهي جامُ وزيرَ

لائِن آهڪ عنبيرَ، چِٽ چِڙيائون آڳهين.

---

[ ٥ الف ] پاپوڙا پينڊين ۾، مٿي مُهاڻين مُوءِ [انق]

آن جون ڪاريون ڪکيءَ هاٿيون، چِتڻ چڃي بوءِ

عطرَ لائين آوءِ، ڪالهہ نوازيون قطب چئي.

[ ٥ ب ] ڪيڪي هڏ ۾ ڪاءِ، چڃي هٿونئي نہ سهي(١) [انق]

وَڍي نہ وڪٽي، آڏيءَ اوڏي ناهہ

رڪيائين، رنگريز چئي، تَنُن تماچيءَ لاءِ

سمون تنهين جي ساءِ، تو ڪري معاف ميائيون(٢).

[١] پاپوشي پلنگ مير، چارا پسي جامُ [انق]

رهيو تنهن ڪي روح ۾، نوريءَ سندو نام

تڙ تماچي بخشئي، ملاحن مدام

ڪانڌرائو ڳامُ، ڪافورئو قطب چئي.

---

(1) ق. 'چِڃي هٿ نہ ڇهي، ککي هڏ نہ ڪاءِ'. (2) شاه جي رسالي، سرڪامود د-1، ۾ هي بيت هيئين، طرح ڏنل آهي:

چِڃي هٿ نہ ڇهي، ککي هڏ نہ ڪاءِ

نہ وڍي، نہ وڪٽي، اڏيءِ اوڏي ناه

سمون تنهن جي ساءِ، تو ميائيون معاف ڪري.

شاهہ جي رسالي ۾ آيل بيت ۾ هيئين سٽ (نمبر3) وڌيڪ آهي:

'پاڪ رڪيائين پڃرو، ٿن تماچي لاءِ'.

[٧] وَنجهه ڪوڙيائون وِچَ ۾، چارا تِنِ ڏاري [ن ق]
پٽر وِڏائون پِنَّ جو، سَوارو ساري
اَنِ جي(١) اوتاري، آڇي چام تماچي تڪڙو.

[٨] پَڪي لانگوٽين جي، آڇي لٽو چام چِلي [ق]
مَنَهن پيبون مَسْنَدا، جُهگَنِ پاسِ جُهلي(٢)
ڪنجُهرُ سڀَّ ڪُلي، تن اُگهاڙن انعام ڏيو.

[٩] آنْءَ گندرو غريبُ، رهان ڪنجُهرَ ڪنڊيين [ن ق]
توسين چامُ قريبُ، ڏَنُ ڇڏيندو ڏيجَ ۾(٣).

[١٠] جيْنءَ تون مهاڏو، آهيين چوڪو گَنْدَرو [ن ق]

[الف] هوءُ نتَرَ هوءُ پِڙيون، هوءُ ملاحَن ماڪُ [ن ق]
تني جي تڙ تماچي آئيو، پلو ڏين پاڪُ
اڪين تي پڻ اڪرو، ڏنــن سمي چام مهاڪُ
سپ لاٿائين لاڪُ، ڪنجهرَ تان قطب چڙهي.

[ب] نڙا، نتَرَ، پِڙيون، سُونا جــن جا ساجَ [ن ق]
ريلن ۾، رنگريز چڙهي، رهيا مونهن. راجَ
موچارا مڇين جا، ڪپڙ رڏين ڪاجَ
آني جا آواجَ، سُونهائا سمي چام ڪي.

---

(١) اصل، 'آني جي'. (٢) اصل، 'مُنهن منهن مسندا، جهگن پاس جهلي'. (٣) ن: 'ڏن ڇڏائيندو ڏيج مان'. شاه جي رسالي، سر ڪاموڏ د-١، ۾ هيٺيون بيت ڏنل آهي:

تون تماچي تڙ ڌڻي، آءٌ ڪندري غريب
توسين چام قريب، ڪين ڏن ڇڏائي ڏيج سون.

آنءُ عرض چوَندي چار ڪي، جو مَچيندو ماڻو
ڪَنڊيَ(١) جو ناڻو، ڪونہ ڳُھرندو ڪڏھين.

[١١] مھنجو مَچيَ ڪاڄُ، تون ڪايو پانَ پِڪُون ھٽين [ن ق]
سَمان! سُيانْ آونئن ھٽين، جھڙوئي تون آڄُ
ڪنجُھرِ راڻيون راڄُ، سڀ سلامي ڳاندرين.

[١٢] ماڻھو چُونِ سڀي، آنءُ آھيڙياڻي آھيان [ د ]
ٽوريْ جي ڏرن جا، مون ڪان چڱا سي
چارَ تماچي جي، نَظَرَ نوازِي آھيان(٢).

وائي

ٽِي مَنُ موھئو چار [ ن ]
جو سُونھنْ سَينِ(٣) ۾ وِتِرِي ڳندري
ٽِي مَن موھئو چار
سَمي سُونھاڻي، محبت ھاڻي
مھاڻي مَھا سُوندَرِي ڳندري
ٽِي مَن موھئو چار

—✻—

(١) ق. ’ڪنڊي‘. (٢) روايت حاجي عمر چانڊيو. (٣) اصل. ’سيني‘.

# سُرِ ڪارائيبڙو *

[۱] دِلِ ۾ دَورُ مَ ڪاءِ، پيهي سَنجهه سوجهارُ سَرِ(۱) [ن ق]
آتانْ ٿي، عِنات چئي، ’آباجِي‘(۲) ۾ آءِ
چِلڙِ چُڻنجَ مَ پاءِ تون، ڪَرِ ڪُوٽا(۳) سين چاءِ
رکي جنّ اللّهُ، وارُ نه وِنگو تَنَ جو.

[۱ الف] چيلڙ چڏ چڙي، وانءِ آڏامي آچ ۾ [ن ق]
آرميرو آرڪ ڪري، جنهن جي بات ٻري
ماڻج ڪوٽ، قطب چئي، پاڪيزا پري
تنهن سَرِ وانءِ سري، جت هيرو چڻ هنجهڙا!

[۱/ب] ڪيهڙي ڪَم ڪَلَ ڪرين، پورا پَلَ مَ ڪاءِ(۴) [ن ق]
وٺين جو وچائيو، تنهن ڏهان(۵) پانئج ڏاءِ
هنجهان ڪوڏ، قطب چئي، ڪر ڪوٽا سين چاءِ
موتي مهراڻاءِ، چڻنو چانگارج هنجهڙا!

* ن. ’سرودڪارائيرو‘. ق. ’سرود ڪارايل‘. (۱) ن: اصل عبارت: ”سنجهه سوچار سَرِ“. ق. ”پيهي هنجهه سوجهار سَرِ، دل ۾ دور مَ ڪاءِ“. (۲) ق. ’آباجي‘. (۳) ن. ’ڪوٺرا‘. ق. ’ڪوٺران‘. (۴) ن. اصل صورتخطي: ” ڪيهڙي ڪَم ڪَلَ ڪترين پورا پل مڪاءِ“. ق. ”ڪيهڙي ڪَم ڪَلَ ڪٽي، پورا پَلَ مَ ڪاءِ“. (۵) اصل. ’ڏهئا‘.

[۲] جيلاهه ڪُوٽَن(۲) منجهه ڪَڪورَ، تيلاهه پونئر [انق]
پُٽڪَن پيالَ سَرِ(۱)
لَلا تي لالُ ٿئا، منجهان آبَ آتورَ
اُهڪُ نه ڪَن، عنات چئي، اُن چاري چُغَل چورَ
هَنجَهن لَتا هورَ، پاٻوڙي(۳) پيرَ ڌري.

[۳] هَنجَهه هُتي جو حالُ، چِلڙِ چُنجَ نه اُگهي [انق]

---

[۲ الف] ره پاٻوڙي پَٽڻ جي، هڙ نه ڌري پيرَ [انق]
بنا ڪنوڻ، ٻلال چئي، ڏيي هنجهه ڪانهي هيٺر
اونهي گهونڀي وچ ۾، سي سونهاڻين سير
تيلاههين سوير، وڃنو هُت حاضر ٿئي.

[۲ ب] پاٻوڙي پٽڻ جي، آڀو پير ڌري [انق]
چوٽي ڪوٽ، قطب چئي، پاسي ٿئي نه پري
سونکي ايءَ معلوم ٿي، جا هنجهه ڳالهه ڪري
سچ پڻ تن سري(۴)، اهڙي آڻيڪ جن جي.

[۳ الف] پکن اِيئن نه ٻجهيو، ته ڪو سونهنو سر هنجهن. [انق]
ڪنگ، ڪانيرا، ڪانئرا، اوڏانه ڪين اچن
مدائين، شريف چئي، موتي موڪ چڳن
لائون سي لهن، جني سنهن مهراڻ ڏي.

[۳ ب] سي ٻگا ڪوه ٻجهن، جي چوٽو چڻن چيڪ ۾ [انق]
اچو آب لڪئو، هميشه هنجهن.

---

(۱) ن. 'ڪونرن'. (۲) ن. اصل صورتخطي: پهتور پنر ڪتن پيال سر' (۳) ن. 'پاپونڙي'
(۴) ق. 'تني سچ سري'.

پَکين پائي آئيو، سندو جُوءِ جَمالُ
لَلو تيلاه لالُ، جيلاه آئڙئو آنِ عنات چئي.

[٤] هَنجَهه هِتي جي سِڪَ، چِلُڙ چُنجَ نہ اُگهي [انق]
آيو اِجِ، عِناتُ چئي، پَکين(١) لائي پِڪَ
تارِ ڏنائين تِڪَ، تانگهي تَئي نہ طالبُو.

[٥] ڪوڙيين جي ڪائو ٿئي، سمونڊ توءِ نہ سُڪن [انق]
لالُون سي لهنِ، جنين سودو سَچَ سين.

[٦] ڪَري سانگ سَرينْ، روهانْ اُڏائينْ هَنْجهڙا! [انق]

---

بيوقوف، بلال چئي، گهٹونيتا (٢) گهمن.
سٿي لالون ڪيئن لهن(٣)، جي گدورا گهوگهيتين جا.

[٤/ الف] سٿر جهتجهي جٿر جٹوءِ، اونهي بحر بلال چئي [انق]
حاصل ٿي هٿنجهن کي، حال هدايت هوءِ
واصل ٿيي وصال سين، سدا روءِ بروءِ
آمل چئن اوءِ، پيٺون جي پاتار ۾.

[٤/ ب] رکي طلب تار جي، چٹج موتي مهراڻاء [انق]
وٺين جو وچائيو، تنهن ڍهان ڀانئج ڊاهُ
يوسف چئي، ان جاءِ ۾، سٿر جو ايندء ساهُ
رکي جن" الله"، تينئان" پاريهڙي پاسي ٿئي.

[٦/ الف] راهيش سندن روه، هين سٿر سانگيي آئيا [انق]
چٹن چانگارين چيت ۾، انو پهر اوءِ

(١) ق. پکن. (2) اصل: 'گونيتا' "بيوقوف، بلال چئي، گهونتياگهمن" جي بي روايت هن ضرح ملي آهي:
"بي پتا، بلال چئي، منجهان چک چٹن".

اڳئان ڏاڍي ڏيبو ڏاڀ ڪي، پائج پير هرين
آدبُ ڪج، عناتُ چئي، جتي تار ترين
تانتان تانْ مَ مرين، جانجانْ موتي مَلي(١).

---

ٻچا تنهن جي ٻاجهه ۾، پٽڪين چڏيا پوءِ
لَلا ميلن لوءِ، سلامت، شريف چئي.

[٦/ب] هتانُ آڏامي هيتّ، چـُوٽو چـُٽو آئيا [نق]
تن ماٺيهه مٿن، شريف چئي، چارون پٽهر چيت
جنهن جـُوءِ گذارين هنجهڙا، ٻائي ڏاڍي ڏِٻ مَ تيت
ٻڪي جن ٻرتّ، تينهان ٻاريهڙي ٻامي ٿئي.

[٦/ج] ڏاڍي ڏِٻ منيائيا، ٻٽهير پاتائين [نق]
رازق رکي جن کي، سي اچن نہ آتاهين
اِيَ چڏ چيتري تن کي، جن نظر مٿاهين
جن هيئين هيڻاهين، سي ملن سلامت شريف چئي.

[٦/د] راهڪ روهہ مندين، هيت چـُوٽو چـُٽ آئيا [نق]
ڏاڍيءَ ڏِٻَ منيائيا، رازق رکي تن
قلوب منجهہ، قطب چئي، وائي وحدت جن
سي ٻاريهڙي نہ ٻسن، هميشہ هي هنجهڙا.

[٦/ھ] جنهن کي صاحب ستر سونهائيو، سو چئي چت وڏي [نق]
هنجهہ جو منجهہ پروڙئو، سائين ٻاڻ سڏي
هيئڙو حبيبن سين، چڏيائين ڪَڏي
ڏاڍي ڏِٻ آڏي، تنهن کي ڪندا ڪوهہ قطب چئي.

[٦/و] ونءَ ٻاريهڙي ٻامي ٿي، ڏاڍي ڏِٻ ڪٺي [نق]
امان محمد مجيو، مٿي جنهن مٺي
هيئڙو حبيبن جي، ويو واڪ وٺي
چاٺي هيڪ ڏٺي، جو قادر آهہ قطب چئي.

---

(١) ن. موتي نہ ملين.

[٧] ڏيهَر ڏَڏيَ ڏاءِ، مَڇُڻ پَڪ پُسائيين [ذق]
تُنهينْ جو تڙَن ۾ تو ماري تَڪي ماهُ
اوڏاهين اُڏاءِ، جيڏانْهه چَڪ نه چلهو.

[٨] جيڏانه چڪَ نه چلهو، نَ ڪو ڪَڪُ نه سَڪُ [ذق]
چلڙَ ۾ چُنْجَ هَٿي، جِمَر پُسايين پَڪُ
لُڙ جو لنگهي لَڳُ، آچو پيءُ عنات چئي.

[٩] چُنج ڪيمَ چِڪَ ۾، اوڏو آءُ مَ اِتَّ [ذق]
وانءُ اُڏامي آچَ ۾، جت موتين ناه مَتّ
هونگارج هنجهن سين، چِگَي لائي چِتّ
پَڪي رک پرتِ، تي طالبُو تار جو.

[١٠] جهڙي لات لَئين، تهڙو جي چوڙو چُٽين [ق]
نباهي نِئين، هوند پَڪَ پانهجا پاڻ سين(١).

وائي — ١

هِيُ هنجهُ هت نه چُٽندو، چُوڙو جو چڪ گاڏئون [ذق]
تانگهي تِئي نه طالبُو، پيٺ منجهه پرَنْدو۔

هي هنجهه هت نه چُٽندو

---

(١) اصل ۾ هيءُ بيت 'سرود پورب' جي حاشيه تي ڏنل آهي، جتان تپائي هتي رکيو ويو آهي.

جيلاه اِن لَل لَلو هنجهڙو، تيلاه روه رسندو (١)

هي هنجهه هت نه ڇُٽندو

ٻَچا پهنجا پاجهه سين، پَکي وجي پَسَندو (٢)

هي هنجهه هت نه ڇُٽندو

ڊاٻيَ سندي ڊيپ ڪان، ٻلي ان ٻچندو (٢)

هي هنجهه هت نه ڇُٽندو

## وائي — ٢

جو سَرُ سرَهو سوجِهرو، هَنجهه هُتيئيَ هُونِ [ن ق]

ذاتي ذڪر جبار جو، چِت چيتارئو چُونِ.

هنجهه هتيئي هُونِ

آمَلَ جتِ آمُونگرا، پاڻيَ تهنْ پونْ (٣).

هنجهه هتيئي هُونِ

چَلهيِ چِلُڙ چِڪ ۾، پهنجا پَکَ نه ڌونْ(٣).

هنجهه هتيئي هُونِ

وجهُو هدايت هوءِ ۾، راتو ڏينهان رُونْ(٣).

هنجهه هتيئي هُونِ.

---

(١) ن. ' اِن لَلِ لاءِ لو هنجهڙو ٻيڻ منجهه پرندو، تيلاه رُوه رسندو'. ق. ' ان لل لاءِ لو هنجهڙو، تيلاه روه رسندو'. (٢) آخري ٻئي مصراعون فقط ق ۾ آهن. (٣) آخري ٽيئي مصراعون فقط ق ۾ آهن.

# اضـــافـــا

[قلمي نسخن ۾ روايتن ۾ ڪي اتارين، ڇپائي لاءِ آخري بياض تيار ڪرڻ وقت ڪن 'سرودن' سان ڪي بيت ۾ وايون رهجي ويون ۽ انهي ڪري ڇاپي ۾ ڪين آيون. اهي جملي رهيل بيت ۽ وايون، ' مختلف سرودن ' هيٺ هت اضافي طور ڏنا وڃن ٿا، ۽ اميد ته ڪتاب جي ٻئي ڇاپي وقت متن ۾ موزون جاين تي رکيا ويندا . ن. ب ]

سرود ڪنڀات

تهن ويڙ وانگي ڪونه وٺو، مَيي جُوءِ جيڏاهين [ق]
جي ڏوري ڏٺائين(۱)، سي ڪُوهَر ڪاهوڙين ٽَڪئا.

سرود سر راڳ

[۱] آئين سُمهو ساٿئا! پَل سُڪاڻ سِر ڏيئي [ر]
نڪو ڪپر ٿو ڪُن ڪري، نڪا مانڌَي منجهه مَهي
اتي جا، عِناتُ چئي، ويا لاڳا سپ لَهي
جهِنْ آهي لِج ڪنئي، اسين آهيون اُن جي آسري(۲).

(۱) اصل. داوري جي ڏٺائين'. (۲) ميان محمد علي شاهه ڪان پهتل روايت موجب. هي بيت هيٺين ٻن بيتن سان ٺهڪي، جي شاهه جي رسالي، سر سر راڳ، ۾ ڏنل آهن :

ٻيڙياتا! ٻيئي تو نه ڦهنديون ڳالهڙيون سڀيون راتيون سمهين، پر مڪاڻ ڏيئي
صباح سيئي، پار پڇنده خبرون (ذ - ٢)

سڪاڻا ۾ سمهو بندر جان ٻئي، ڪپر ٿو ڪن ڪري جه مانڌي منجهه مهي
ايڏو سور سهي، ننڊ نه ڪجي ناکئا! (ذ - ٥)

[٢] سوداگر سمونڊ جا، لاچو لال ونيج [ر]
اچا اولا عاج جا، چڱا چٽائيج
سڙه سيٺي سقلات جا، ڪوها خوب ڪٽيج
ست سُڪان سَر ڪري، ڇهہ ڇڄهريون آڏيج

---

[٢/الف] ناڪئا نهاري، مڪم جهَليج مَڪُري [ن‌ق]
تاتج تُن تراز جا، سيٺي ساري
ڊڄي ڪٽج پانهجا، ننگر نهاري
اکيان سمنڊ مڌ پنڌ تي، تکو تواري
تن کي آگو آڪاري، جن شَفيعُ مَن شريف ڇٺي،

[٢/ب] ننگر ڪنيا ناڪئي، الله آساري [ن‌ق]
آمت سنڌو ڪارٽي، هليا سفر سنياري
سُوڌيون ڏي سَتُريون، تن وڻجارن واري
ميون مسافرن ڪي ڏڪ م ڏيکاري
آيا اوتاري، اوءَ سلامت شريف ڇٺي.

[٢/ج] نيٺي ہنڌي بار، وڃ سوداگر سنبهي [ن‌ق]
گهٽين ٿورين ڏينهڙين، اچي ڪنڌءَ سارَ
بندر ۾، ہلال ڇٺي، تنهنجي ہڪين آه پچارَ
تن ڪڌهن ڪين وساريو، جي او تنهنجا يارَ
ايڏي مٺي آر، تون ڪئين وتين ويسرو.

[٢/د] ڪو جو وريو واءُ، جنهن پر ڊڄن ناڪئا. [ر]
وَرَتن ونجهہ، ڦٽا ڪيا، اہر ٿي اونداهہ
ناڪئن نڪاه، ٽلو گوندر ڪاڏئون (١).

---

(١) ميان محمد علي شاه کان مليل روايت موجب هيءُ بيت ہلال جو آهي.

ٻارهن، تيرهن، پندرهن، سترهن سينگاريج
ساري سِٽ، سيد چئي، پوري پُڄائيج
ملاح معلم خبرون، پڇي پروڙيج
"وسقٰهم ربهم شراباً طهورا"، پاڻي پاڪ پئيج
جهن ڪي سڪي سيڪو، پرين سو پسيج
لڙ ۾ ڪين لُڏيج، تہ سُتڙ ساموندي ٿئير(١).

سرود رامڪلي

هئي هئي اُتهين تا نہ، بينڪ بيراڳين جي [١]
ساز، سڱيون ۽ سرندا، نڪي سامين جا سامان
اُدي ۾، عِناتُ چئي، ڪيرت چڙيائون ڪانہ
هٿا تان سرت سجان، پر ڪهن طعني ڪان
تيرٿ وٺا(٢).

سرود مارئي

مارُو مارِ مَ سومرا! ماريو مال وٺين(٣) [١]

---

(١) ميان محمد علي شاه ڪان ٻهتل روايت موجب. هي ٤ بيت شاه جي رسالي، سر سر راڳ د - ٦، ۾ ٻئي ذنل آهي، پر بيت جي معنوي سٽاء مان معلوم ٿئي ٿو تہ غالباً شاه عبداللطيف جو ناهي. رسالي جي ذنل بيت موجب ٦ ۽ ٧ سٽ هيئين طرح آهي:
سادي سٽ، سيد چئي، پوري پڄائيج،
ملا معلم خبرون، پڇي توڻ پوريج.
(٢) ميان محمد علي شاه ڪان ٻهتل روايت مطابق. (٣) اصل. 'مارو مال وٺن'.

آجائيَ جو عِنات چئي، تون صاحب سڄ سُٺين
پوءِ بند لاهہ تنين، جيڪي ڪٽين قيد ٿيون(١).

[ن‌ق] هو پَسڻ مائٽ منهنجا، آءٌ پَسڻ آهائي
آڪي اباڻن ڪي، ڪو وڃي وڏائي
تہ ستيءَ سيل نباهيو، جا چارين ۾ چائي
سنڌين آئيجاه مارئي، جا ڳُٺن ساڳائي(٢)
ڪُرسي(٣) تنهن، قطب چئي، ملير ملهائي
سُڳَڙ(٤) سيائي، ايءَ ڪيي سُرَهيي سومري.

سرود پرڀات

[١] مکڻ ماڃ ڪٽي، وبا وڃاڻ وهاڳ لئي [ن‌ق]
تن ريجهائيو راڇيو، تالسون تند هٽي
ڪُهَرَ جنهن گسَ ويا، سا پڇيو وڃ پٽي
ويرم نہ ڪر ولَهَا! اڃا رات گهٽي
طاماعن تٺي، سپڙ آه شريف چئي.

[٢] مڙي مڱڻهار، آيا رونجهي راءِ ڏونه [ن‌ق]
تنهن نالائق نوازيا، سپڙ چام سردارَ
بادل جيئن، بلال چئي، وسي سپڪنهن وارَ
پسي پلهي ڪنديون، ثريا نيڻن ثارَ
ڪيڏن جو ڏنن ڏاتار، جيئن ٿيا پُر پُرين سين.

[٣] وڃي ڏج وهاڳ، صبح سپڙ چام ڪي [ن‌ق]
مانَ تنهنجو ميهر سين، ريجهي سُٺي راڳ
وريئي بخت، بلال چئي، پلو ٿئيئي پاڳ
پايين سو سهاڳ، جو هوئي هميشه مڱڻا!

[٤] صبح سپڙ چام ڪي، ڪج سويرو سوال [ن‌ق]

---

(١) ميان محمد علي شاهہ ۽ عباس علي شاهہ کان مليل روايتن مطابق. (٢) ق. 'ڳُٺن سا ڳائي'.
(٣) اصل ائين. (٤) ق. سڳڙ.

سرود ڏناسري

مُنهن مناري سامهون، ڏِٺم نوري نِيلَ [ د ]
پَرنِ پاهر منجهہ ٿا، ڪوڙيين جت قَنديلَ
حضرت جي حضور ۾، زاريون ڪن ذليلَ
سيّد پير سبيلَ، تو پوج پياري پَهَڻِرا (۱).

وائي — ۱

مگَان مهرباني، شيخ بهاؤدين پير پنجابي! [ ن ]
قائم دين، امين قريشي، ڏسيهون راه رباني -
مگّان مهرباني

ڏيکارج ڏاتار کي، حليمي ع جو حال
آتسان ني اٺ سٺهيو ميڙي آڻين مال
لنگهو تيڙو لال، ويندي ڪالهہ قطب ڇئي.
٥] وچن ساج سئين، ڪنجهيون ڪماچا ڪيترا [انق]
مندا! مگڻهار ڇئي، ڪيرت ڪان ڪهين
رونجهي پاس رهين، تہ لنگها لا ڪيڻو ٿهين.

سرود ڏناسري

سهواڻي شهباز جو، جان ڏيکئوسون ديوان [انق]
جتي وَلين وهڪون، ات خوب بنئو آستان
ملتان ميڻبر پير جو، هيٺ چلي مهران
جاڻي اچن زارتئو، توتي جملو سڀ جهان
پيرَ! پاڻيهي چاڻ، جيئن امين سلامي شريف ڇئي.

(۱) ميان محمد علي شاه کان ملبل روايت مطابق. هي بيت شاه جي رسالي، سر ڏناسري د - ۱،
۾ بہ موجود آهي.

## وائي —٢ *

توڻ تان منهنجا پير ! متان ڏنگر ڏيلي ڇڏئين [ ر ]
ونهيان ونهيل پير، متان ڏنگر ڏيلي ڇڏئين
توڻ پير آهين پنجاب جو، اسين سنڌ فقير.
متان ڏنگر ڏيلي ڇڏئين
رهيو آهين روح ۾، شاهه رڪن سڌير.
متان ڏنگر ڏيلي ڇڏئين
مدد ڪر مريد جي، دليئون دستگير.
متان ڏنگر ڏيلي ڇڏئين
عنات جي اولاد جو، پردو رکج پير.
متان ڏنگر ڏيلي ڇڏئين(١)

## وائي —٣

عاشقن اسارو، سورائين مخدوم ڏي [ ن ]
اهل اولادي، تنهن ڪرشادي، محمدزمان پير موچارو.
عاشقن امارو
نمِ نوراني، پرن فرقاني(٢)، سانجهر سنجهه سوارو.
عاشقن امارو

---

*هيءَ وائي 'گلزار غوثيه' ۾ ڏنل آهي. (١) شاهه جي رسالي، سر ڌناسري د -١، ۾ هيٺيون بيت ڏنل آهي، جنهن جي پهرين سٽ هن وائيءَ جي ٿلهه سان ملي ٿي :

متان منهنجا پير، ڏنگر ڏيلي ڇڏئين
اوڏو توڻ اڪارين، صاحب شيخ سڌير
جيلاني جهانگير، هت جهلج هانءُ ون.

(٢) اصل ائين .

پَسِي پڙُ پيرَن جو، مهنجي چت لڳو چارو.
عاشق امارو

گودڙيا هن گس تي، شغل ڪن سَوارو.
عاشقن امارو

ويراڳين نہ وِسرِي، نانگن نيهن نظارو.
عاشقن امارو

سرود آسا

ورئو ورقُ وصال جو، آئي ورونهڻ واهَ [ق]
آميدون ارواح، پِيَّ پسَندي پنُيونُ.

سرود ديسي

سونُهين نہ روهين، ٻر ڏسي جر هاريان [ر]
ڪيچي ڪالهہ ڪري ويا، منصوبو مونهين
ڏيرن تانِ ڏاڍِ ڪئي، هيٺيءَ سان هونهين
تنگن ۾ تونهين، رس ڪامل شاه قطب چئي(۱).

---

(۱) ميان محمد علي شاه ڪان مليل روايت مطابق.

# عام روايتي بيت

[نوٽ: قلمي ذخيري توڙي سگهڙن جي عام روايتن مان ڪي بيت شاهه عنات جي نالي سان مليا آهن، مگر مشڪوڪ آهن . اهي بيت هيٺ ڏنا وڃن ٿا، انهيءَ لاءِ ته محفوظ رهن. ن-ب]

سرود جمن

آئي آڳ عشق جي، تنهن ۾ پاڻ پچاءِ [ق]
دل منجهه دونهون دکاءِ، ته سگهو ملين سڄڻين.

---

جي هوءِ تائين تند ڪي، ته تون تندُ ۾ تاڻُ [ق]
اکهي ان اڇاڻ، سالم تند سڄي رهي.

---

نيهن سڃاڻي نين جي، جي وڃان سي وصال [ق]
عيب عاشقن جو، سبب جي سنڀالَ
جڏهن هوءِ ٿا پاڻي حالَ، ته ويٺي وڃ تن وسري.

---

جهورا ڪٿي جهڪورنا، پٿون پروڙيو جن [ق]
تون ڪينءَ اکيان تن، پورا پاسنگ پاڻيهون.

---

ڪنچو ڪنج ڪيم ڪي، پٽي ڪانهي جاءِ [ق]
نٽرت سين وڃاءِ، مٺت ماندوءِ ماڙهين.

---

مٺا آئي جاڳ، ننڊ نه ڪجي ايتري
تو جو ساڻيه پاڻيهون، سو آهي مانجهاندي جو ماڪڙ

آئيئي شاهہ عنات ؒ چئي، متان لهين منجهوئن لاڳ
سلطاني سُهاڳ، ننڊون ڪندي نہ ملي(١).

سرود ڪنڀات

[ د ] ڪرها! ڪوڙي ول ڪي، چتڙا! چتڪُ مَ پاءِ
ڏسي ڳاڙها گلڙا، پهنجو هنيون نہ هيراءِ
پاڻ پٽلي ڪر جاءِ، پرين! پرائي پوک ڪان(٢).

---

[ د ] آڏو ڪارو آن، ڳاهُ ٿورو ڏٺيئنس.
تربيت جي تل سان، رڳهي راسُ ڪرئيئنس.
ٽڙا جيڪي ٽهر جا، محبت سان مٽليئنس.
حقيقت جي هنهي جو، توبهہ تنگ ڪشيئنس.
رڪيب جي رمز جا، تيئين ٻہ پيرَ پائيئنس.
ڀڃاڙي پريت جي، وڪڙ ڏيئي وجهيئنس.
واڪُون جي وحدت جون، پٽيون تون پڌرينس
ڌُنبڇي دوستيءَ جي، رڳهي راس ڪرينس.
جنوئيي جذب جي، آره آڏي ڏئيئنس.
مڪٽارو محبت جو، چُست منجهان چاڙهيئنس.
”قل هو الله احد الله الصمد لم يلد ولم يولد ولم
يڪن له ڪفواً احد“، اهو جوهر جڙينس.
آليانُ ادب جو، وات ڪڙيارو ڪرينس.

---

(١) روايت حاجي عمر چانڊيو. شاهہ جي رسالي، سر ڏهر ٤-٣، ۾ هي بيت هيٺينءَ طرح ڏنل آهن :

متا آئي جاڳ، ننڊ نہ ڪجي ايتري
سلطاني سهاڳ، ننڊون ڪندي نہ ٿئي

---

ڪين سمهہ ڪين جاڳ، ننڊ نہ ڪجي ايتري
اي مانجهانڌي جو ماڳ، جو تو ستيہ پائيو.

(٢) ميان محمد علي شاهہ ڪان مليل روايت مطابق.

سدائين صاحب پر ، ڪاپڙي ڪنجن.
گنگا لوپي گودڙيا ، جمنا جهرمر ڪن.
آني جا ، عنات چئي ، ٽاٽا ٽوڪ پسجن
هنگلاجان هلن ، وڃن ويراڳي نڪري*.

٠٣ وڃن ويراڳي نڪري ، اهي پورب پرواسي [ د ]
آني جي اندر ۾ ، 'ڪروت' ۽ 'ڪاسي'
باس نه ڪا باسي ، ويراڳين وجود جي*.

٠٤ ويراڳين وجود ۾ ، رهيو آهي رامُ [ د ]
اصل آو ، عنات چئي ، ساراهيئون سبحان
ڪاري لڳو ڪانُ ، اديون! آڻ آن جي*.

٠٥ اديون! آڻ آن جي ، ٿيري ڪانُ لڳن. [ د ]
تنهي ڏينهن ڏونگر ۾ ، پٽيري پٽ پٽون.
نه مڙهيون نه ماڪب ڪنيئون ، نه ڏونگر ڏسُ آٿن.
او ڪاپڙي ، عنات چئي ، پورب ٿا پسجن.
ڏسيون ڏيهه هٿن ، ڪو وڏُ ويراڳين ڪي*.

٠٦ ڪو وڏُ ويراڳين ڪي ، وڏنا سيئي وڏ [ د ]
آديسي آئي ويا ، هئو جني ڏيندڙ ڏڏ
آني ڏانهن ، عنات چئي ، ڪاهي پنج ڪڏ
هي مڙهيون هي مڏ ، ويا لاهوتي لطف سان*.

٧ لاهوتي لطف سان ، ويا سامي سيئي [ د ]
ڪين وسارج ڪاپڙي ، پنهنجي انَ پيهي
راول ريجهائيي ، ٿي رسيلي رحمٰن سان*.

٠٨ ويراڳي ويراڳ تي ، واڪا ڪيو وڙن. [ د ]
ڏينهن تني ڏونگر ۾ ، آيراٽا اچن.
آني جا ، عنات چئي ، جيڪون پهر جيئن.
سگهر سناسين ، آهي پورب پار جو*.

٠٩ سيئي پورب پار جي ، تن خبر نهي ڪري [ د ]

سرود مارئي

[ د ]

ٻُنيو جهَڙلي مارئي، سِکهو وارو وار
پيئيءَ رات پنور جي، سُرليون ٻڌي سَنيار
ٻَڪرَ ٻاٻاڻي ڏيهَ جا، پُورا پنج پيار
تيهہ ميخون، تيهہ ڳِن، ڇيت تيهنُ جو چار
ساڍيون ڇهہ ويهون ڇانگ ۾، ساڍُ تيهنُ جو سار
تہ تنهنجو ڪُوهَرُ ڪارو نہ ٿئي، ڪامل! انهيءَ ڪار
سِکهي ملنديءَ، عِنات چئي، پيچنديءَ پنهوار
ٿيندو جيت قرار، جالَ ملنديءَ جيڏيين(۱).

سرود پرڀات

[ د ]

او مَڱٿا مٿا، جن جي مَڌ صبح سين
ڪُکوڙي ٻاڻي ڪيترو، وڄائي وڻا
تنين جي پوٿا، ڪيرت ڄاڻي ڪوڻ ڪو(۲).

---

[ ق ]

ٻکي ڪن نہ پورهئو، سِرو ڪين وِلين.
جان تون ڏيندڙ تَن، تان آسَ آساهين نہ لَهي.

سرود ڌناسري

[ د ]

سلطاني، ملتاني، دلبر جاني! سڻ هماري بات.
ڏينهن ٿيندو هيڪڙو، ٻي مڙياني رات
آئي سون، عنات چئي، ڏاتر وٽان ڏات
ان وٽ سندي ذات، ٻاڻي ٿيندي ٻڏري(۳).

---

[ ق ]

ٿڪ ۾ رهج ٽڪجي، ٽريَ پاس ٽريچ
پيرن ساڻ پُريچ، منهن ٻڌي مريچ تون.

---

(۱) ميان امام علي شاهہ ۽ ميان بخش علي شاهہ کان مليل روايتن مطابق. (۲) ميان محمد علي شاهہ ۽ عباس علي شاهہ کان مليل روايتن مطابق. (۳) ميان محمد علي شاهہ کان ملندڙ روايت مطابق.

## سرود ديسي

جو ميڙانو سڄڻين، ڏٺي سو واريهين وا ء [ ق ]
وَهين ۽ وات مٿاءِ، هينڙوي آسرَ نہ لهي.

---

آسرَ لڳي سوريان، آجُ اگڻ ڪيٺانِ [ ق ]
ڏونگرِ ڏينهن لڳانِ، مان وَرُ ڪنِ سُپرين.

---

ڏونگر جي ڏهڪاءِ جي، نہ هئي قافلي ڪي ڪل [ ر ]
ماٺ سلامت لنگهئو، مٿانِ جوڙ جبل
ڪندو آري ڄام آچل، جتي ڏ ڪي وات جبل جي(۱).

---

هئي جي نہ هئي، ٻانهي ٻاروچن جي
اِن مگ مقابل سئي، سندين ٿي سُئي
هُنِ تان لَڄ لٿيي، هن جو هلڻ هوت ڏي(۱).

---

سدا سُور نہ هُونِ، گوندر وڃن گذرنو
اوکيَ جا، عيناتُ چئي، پَهتَر ٿورائي ٿُون
چگا ايهڙين چُون، تہ دَرُ نہ مَنجهي دوس جو(۲).

---

ٻاروچا ٻيا گنٺا، اهڙو ڪونہ ٿيئو
آمت ڪارڻ اڳرو، روشنُ رب ڪئو
تينهانُ پوءِ ٿئو، وسيلو وڏڪار ۾(۳).

---

(۱) ميان محمد علي شاه کان مليل روايت مطابق. (۲) ميان امام علي شاه کان مليل روايت مطابق. پير صاحب محمد راشد رحہ (’روضي ڌڻي‘) جي ملفوظات ۾ هيءُ بيت هيٺينءَ طرح ذيل آهي:

سدا سور نہ هون، گوندر وڃن گذرنو
اڪٽا ٿيون، عاقل چئي، ٻرڪا ڪارڻ پون
چگا ائين چون، تہ در نہ منجهي دوست جو.

(۳) ميان امام علي شاه کان مليل روايت مطابق.

[7] پهيڙا = پانڌيڙو. هن پار ويندڙ مسافر.

[8] اڳاهون ڪئو = ڏور ڪئو. مَـگَـرُ = مڇ. دوزخ. ذوق ۾ جنتن = جنتن جي ذوق ۾. محمدين - الخ = محمد صلعم جي پيروڪارن کي وڌائين. گهڻو ڪرين. يا نجات بخشين.

[9] پهرا پون پرين جا = جيڪي پريان آهن. تن جي چوڪي پئي هلي (منڪر نڪير جي، عزرائيل جي، رب جي نظر جي). واري وار = واريءَ جا ڪٺا ۽ جملي وار. سهائي سچ ستار = رب کي سچ وڻي.

وائي: صُور ڏڪاءُ ڏيندو = (ملڪ اسرافيل ڏنڊ ڦوڪيندو) محشر ٿيندو. اڪيون سچ ڪيندو = سچ لهي نيزي پاند ايندو.

هيءَ وائي، شاهہ جي رسالي، سر سارنگ د -1، ۾ ڏنل آهي. پر آخري نالي واري مصرع اُن ۾ ڪانهي.

فصل - 2:

[1] الست = الست بربڪر (ڏٺي جو روحن کان پڇڻ تہ: ڇا آءٌ اوهان جو ربُ ناهيان). سُـلَ = [سلڻ ("لاڙ جو محاورو") = سلڻ] ٻڌاءِ - خبر ڏي.

[2] صغير = ننڍا گناهہ. ڏونگر = جملي جبل ۽ جابلو ملڪ. ريج = جملي درياهن جي پيچ واري زمين. اريج = جملي باراني زمين.

يعني ننڍا ننڍا گناهہ ڳاٽيٽي ڪان ٻاهر ڪيم. يا هر جاءِ ڪيم. ڪوڙن سندا ڪارٽي = ڪوڙيــين (گهٽن) جا ڪم ڪندڙ. ڪٿهين ڪا ڪريج = ڪٿي ڪا ڳلي ڪج. سائينءَ لڳ سجــيج - الخ = سائينءَ لڳ رحم جي نگاهہ ڪج.

[4] سهاين (سهائو = چمڪندڙ، روشن) سهائي وارن- روشن ضمير وارن.

وائي: موجن سين [موجو ۽ موجا "ر. موزه"] = جتيءُ سان. جت مپ نہ = جتي جاءِ ڪانهي - پڇڻ پيٺي ڪانهي. پاونگ پير رپائين = رڪيب ۾ پير رکيائين. براق تي سواري ڪيائين.

## سرود جمن

- **تفصيل:** هن سرود ۾ جملي 14 بيت مين شاهہ عنات جا، 10 بيت شاهہ شريف جا، 6 بيت شاهہ بلال جا، ۽ 2 بيت شاهہ قطب جا شامل آهن.
- **مقصد:** سچي سڪ وارن کي سڄڻ جي وصال کان ڪير بہ موڙي نٿو سگهي. سچو عاشق اندر ۾ سڪ سانڍي ۽ عام سان نہ اوري، ۽ پڻ رقيبن کي نظرانداز ڪري، محبت جي واٽ وٺي منزل مقصود کي پهچي. عشق جو بيمار طبيبن جو محتاج ناهي، سندس دوا محبوب جو ديدار آهي. محبت جا متـوالا، ڪڙي ۽ قاتل جا هيراڪ آهن. متارا موڪيءَ وٽ محض شراب جي نشي خاطر ايندا هئا ۽ انهيءَ ڪري سپ جو نالو سٺندي ئي ڊپ ۾ ساهہ ڏنائون.
- **خاص نڪتا:** نينهن کي لڪائڻ ۽ عام سان نہ اورڻ، 'محبت جي بيمارن ۽ ويڄن' توڙي 'مو کي ۽ متارن' جي مضمون کي شاهہ عنات ۽ سندس پٽن پوٽن (شاهہ شريف، شاهہ بلال، ۽ قطب شاهہ) نهايت سهڻي نموني ۾نباهيو آهي.

ويڇــن وينــي ئــي، دوسـت پيهـي در آئيــو،
ﭘﮕـو هـانءَ سـچو ٿيـو، ڳـج ڳنديـا ڀيئـي،
پيـڙ پيـري پيئـي، اچـڻ سـاڻ عجيـبَ جـي.

[ب/7] ويڇنئون وري =ويڇن کان پوءِ وري. تڪ تري = ڦڪي، جا ترِيءَ تي رکي ڦڪجي. ٺپ ٺري = زخم ميڙجي.

[ج/7] عين (ع) = اکيون. ڀڄيائون = نظر سجيائون. رَڄ = ڊوڙ. ڀَـهائـيو = 1. (ڳهاءَ تي) ڦهو رکيو. زخـم جو علاج ڪيو. 2. پاهہ ڏنو (اُنن کي گر کان پاهہ ڏيڻ) - مرهم ڏنو.

[د/7] تنهن ڪر تون ڄاڻي = اي دوست! تنهنجي خبر توکي ئي آهي. جا نہ آڇجي عـام کـي = جيڪا عـام ماڻهن وٽ پڌري نہ ڪجي.

[8] ٻي روايت: "تن کي ڏکندو ڏور لٿي" يعني تن کان پيڙ پري لٿي.

**فصل - 2:**

[1] سڪر = ڇڳي. پڪ = پيالي جي پڇاڙيءَ وارو ڍُڪ. نانهہ = نيستي - نـابودي ('هستي' جو ضد). تـڪَ = ڳيت.

[2] هيءُ بيت شاهہ جي رسالي، سرود جمن د - 4، ۾ موجود آهي، ۽ جيئن تـہ هيءُ بيت شاهہ عنات جي رسالي جي قلمي نسخن ۾ ڏنل نہ آهي ۽ صرف راوين وٽان مليو آهي، انهيءَ ڪري غالباً شاهہ عنات جو چيل نہ آهي.

[الف/2] ڏيکاريو ڏيو = 1. تجلو ڏيکاريو. 2. راهہ روشن ڪئي. کيو = نشي ۾ مخمور ٿيو. پر ڪئو پيو = پري پيو.

[ب/2] وهسيا = خوش ٿيا - سرها ٿيا. بازو اُن بلال چئي - الخ = اُن جي چئني عضون (ٻہ هٿ ۽ ٻہ پير) جا ڦـَـٽ چڪن. 'انت اولاڪ' = (انت =ڇيهہ + اولاڪ = سـ..ري جو وهٽ) آخري حد کي پهچندڙ. مام جا ماهر.

[3] پروڪو = پر سال وارو - گذريل سال جو. پرو = اُهڃاڻ - اشارو. ٻارهي ماهہ = ٻـارهين مهيني - سـال کان پوءِ: ('متارا' ٻارهن مهينن بعد 'موکي' وٽ آيا هئا، ان واقعي ڏانهن اشارو - يعني موکي متـارن کي ٻڌايو تہ اهو شراب جو اوهان ٻارهن مهينا اڳ پيتو، تنهن ۾ نانگ جو زهر گڏيل هو.) سَـپاٽو = سَپُ وارو. سَرو = شراب. ڳالهاءَ هونِ ڳرو = هڪل حشمت وارا مڙس هئا.

[الف/3] وَنُ وَنُ = رنگ رنگ. وِتَـرو = وڌيڪ.

[ب/3] ٻئي = شراب چکائڻ جي ڪوري. شاهہ جي رسالي، سر جمن د -4، ۾ هن بيت جي آخري سٽ هن طرح ڏنل آهي: "سرها سر ڏيو، چکن سرڪ سيد چئي".

[ج/3] اُپـَٽ =کول. مَنَڌ = شراب. وٽي ڪٽي وٽ = پيالو ڪٽي ورهاءِ.

[د/3] دو - آستو = دو. آشتو = ٻہ پيرا باهہ ڏنل يا چڪايل شراب. وٽڪ = رنگ. کين - الخ: 1. کـين خمار ٿيو = انهن کي نشو ٿيو. 2. کين خُمار ٿيو = مستن تي نشو چڙهيو.

[4] ڳري = وٽ. پرسان. هيءُ بيت امام علي شاهہ کان پهتل روايت مطابق شاهہ عنات جو آهي. شاهہ جي رسالي، سر جمن د -4، ۾ هيءُ بيت هڪ وڌيڪ سٽ سان هينيئن طور موجود آهي ۽ انهيءَ ڪري خاطريءَ سان چئي نٿو سگهجي تہ شاهہ عنات جو ئي چيل آهي:

هٿ ڪنيو سڌ ڪري، مو ڪي ماءَ ڳري
نہ ڪنهن ماريا جنگ ۾، نہ ڪنهن سور ڀري
اوري هٿا تہ آئيا، جيڪس وٿا پري
هاڻ روئان ڪيئن ڪري، مادر متارن ڪي.

[5] ۽ [6] هي ٻئي بيت شاهہ جي رسالي، سر جمن د – 9، ۾ موجود آهن. ۽ جيئن تہ اهي بيت راوين وٽان مليا آهن ۽ شاهہ عنات جي رسالي جي ٻنهي قلمي نسخن ۾ موجود نہ آهن. انهي ڪري غالباً شاهہ عنات جا نہ آهن.

# سرود ڪنيات

- **تفصيل:** هن سرود ۾ ميين شاهہ عنات جا 35 بيت ۽ هڪ وائي، شاهہ شريف جا 10 بيت، شاهہ بلال جا 4 بيت، شاهہ قطب جا 26 بيت، رنگريز جو 1 بيت ۽ 2 بيت بنا نالي شامل آهن.
- **مقصد:** 1. سڄڻ جي سونهن سج، چنڊ ۽ تارن کان ڪثر آهي: "ڪئين قنديلن اڱري، پيشاني پرين". 2. حق جي محبت دائم قائم آهي ۽ مجازي محبت عارضي آهي. جواني جو ڪنواٽ اڻ جهل ۽ اٿاسو آهي هو ڪوڙيون ۽ ڪڙيون وليون پسي هرڪي ٿو ۽ اکن ۾ لاٽن ۾ وات جهي ٿو، پر چندن کان مُنهن موڙي ٿو ۽ ان کي ڇپاڙي چوپا ڪري ٿو. هن نٿين نيش کي نير وجهي قابو ڪرڻ ضروري آهي. 3. اي ڪرها! حقيقي محبوب جي طلب رک ۽ ان ڏانهن وک وڌاءِ. لاڪيٽي ڪنواٽ جو پنڌ پرين ڏانهن ئي آهي. اي ميا! وک وڌندي پاءِ تہ "ڍڪيءَ ملون ڍول کي".
- **خاص نڪتا:** اڻ جهل ڪنواٽ کي سنگهرون ۽ سيٽ، پٿيند ۽ نير پائي سوگهو ڪرڻ واري مضمون کي ميين شاهہ عنات توڙي سندس پٽ ۽ پوٽن (شاهہ شريف، بلال شاهہ ۽ قطب شاهہ) نهايت موثر لفظن ۽ دلپذير مثالن سان ورجايو آهي.

**فصل – 1:**

[1] تارا = اکين جا تارا. اوتارا = ماڳ ۽ منزلون. وَنيُون = اکيون.

[2] چوڏهن ڏائي چوڏهيون – الخ = توٽي هي چنڊ سيني تارن سان گڏجي ڪڻ چوڏهن چوڏهيون بنائي. پُونہَ = پونم – چوڏهين جو چنڊ. پاٽ = روش – مهاندا.

[الف/2] آپين = آسمانن ۾ – مڙني آسمانن جو. پونيين = سيني زمينن جو. اوجلو = سهائو – روشني. جوئي (جوئڻ > جوهڻ = نظر ڪري نهارڻ) = ڏسي. پرتٽي = زمين. وپئي = پوي. هوئي = ٿئي. چوئي = چوي.

[ب/2] سُهاءِ = سوجهرو. اُهاءِ = تجلو. ڪرَ = رقيب. مُلاءِ = وٽان. سُٽيهُون = اسان پڌون – اسان کي پڌڻ ۾ اچي.

[ج/2] سَهيٽو = 1. سهائي وارو 2. سونهون 3. سڪ وارو – محبت وارو. وٽڪ = چمڪاٽ – تجلي. سجيائون نيڻ = اکيون ڪٽي ڏنائون.

[3] سُڪائون = مجتائن.

[الف/3] اڏتَ! = اي سج! هيڪاندي هوئي = وصال وقت.

[13] سَياٽِي = صبح جو اُيرڻ وقت واري ڳاڙهاڻ. جَلوو = تجلو. جوت = روشني.

[14] ڪَتيون = (ڪَتي ۽ ڪتيون) مشهور نکٽ 'ثريا'. ڪَپتَ = ڪٽ ڦٽ - جهيڙو. ڳوڙهُيون = ڳتيل.

[14] اَچُرَ = (اَ = نہ + چُر = چُرندڙ = نہ چرندڙ) هڪ هنڌ قائم. سَاتيِرن سينءُ =(ساتيرا = سنت تارا يعني 'ڪٽ' وارو نکٽ) ڪٽ جي نکٽ وانگر. ڪَسندو = گهندو - خصومت رکندو.

## فصل - 2:

[1] چِتَ = مَن - دل. ويڻ = ڳالهاءِ - سوال (يعني 'الست بربکم' وارو سوال). ڪَرَہَ = اي ڪرها!

[2] ويڙ =وٹن ۽ ولَينِ واري جُوءِ. ڪَئوءِ وَسُ = طاقت ورتي اٿئي - سگهارو ٿيو آهين.
ريهون = رڙيون. ڪاريندءِ = ڪرائيندءِ.

[3] ڪَسِئو = ڪشيو - پنڌ ۾ پلاٽيو - پنڌ ۾ ڇڪيو يا ڪاهيو. ڪچو = ننڍو. ڪاہ = ڏگهي منزل. ورچي - الخ = واٽ جي پاسن کان گاھ ڏسي، ڳوٺرو هلڻ جي نہ ڪري. ڪامن (ڪامہ ۽ ڪامون) = لڪڻ.

[4] آٿاسو = بيپرواہ - بيغرضو. تو ٿُوهي ۾ ٿاٿو = توکي ٿُوهي ۾ ہل يا زور آهي. تاڙَ = مُنهن مٿان سوگهي ٻڌل مهار. سرواڻُ = اڳواڻ (قافلي جو). مَيزلَ = منزل.

[الف/4] ناڪِي = ناڪيلي. توڏ = 'اي توڏا!'. ڪَسِيندءِ = ڪشيندءِ - ڪاهيندءِ. ڇڏيندءِ نہ ڇُئو = ڇوهو هلڻ نہ ڏيندءِ.

[ب/4] جايون = جاءِ جا گل (گل ڦل).

[5] سوٽ = پڪي پختي وٽ سان. سيٽُ چمڙي جو رَسو. لاٽچهُون = ٻَڌون. سُڌَٽيڪو سيد چئي - الخ = اي ڪرها! اُتي جو ڪيٽ (ٻني) هوشيار ڏٽيءَ جو آهي (۽ نڌٽڪو ڪونهي.) ڦيٽ =جُٽ ڦٽ جو ڳالهاءُ - اوپالو. هُندَ هـن = هوندين.

[5] ڪَڙي = (زنجير سان) قابو ڪري. واڳي = واڳ وجهي. ان ميي ريٽي رٽ = انهيءَ زوراور (رٽ) اُٽ مهٽي نست ڪيا.

[6] دو دستيون دوران - الخ = (دو دستيون = ٻسيٽيون - ٻٽيون - دُورانَ = مضبوط) جنهن کي ٻيٽيون زنجيرون واڳن يا پچاڙين طور پيل آهي، ۽ ٻي سيني وٽان پڻ رُک جي سنگهر جڪڙيل آهي. مٿي اڪن آڪڙيَ - الخ = وَٽاڻ ۾ ٻڌو پيو آهي تہ بہ پيو اڪن لاءِ تاٿائي. سو هاڙهيو تون هٿ ڏئين = 1. اهڙي هاڙهياري تي تون هٿ تو رکين (ڪهل تو ڪرين)! 2. اهڙو هاڙهيارو ڇو نہ تون هٿن سان پاڻ ڏيئي ڇڏين!

[7] نهرا = ('پورا' جو ضد) مضبوط. پَيڌَ = پئيندي - پير واريون ڇموٽيون - مضبوط رسا يا زنجير. آڪڙيو اڪن تي = ڪڙن اَڪن جي پوٽن تي ڳاٽ ڪنيو. ڏي ليوئي لاہَ = ٻڌو پيو آهي تہ بہ پيو واجهائي (لئڻ = ٻڌڻ).

[الف/7] ڪُوَل (= ڪُ +وَل)= خراب ول. وَهيٽو = وَس ۾ - هٿ وَسيڪ. پنهنجي ڪُرين = (ڪر = پُري - نسل) پنهنجي اصلَ نسل ڏانهن موڙينس.

[ب/7] هيٽو هَٿ وسيڪَ سو - الخ = جيسين هيٽو آهي تيسين هٿ وسيڪ آهي، پر جيڪڏهن ڪائي مَتو تہ پوءِ مکر ۽ لُچائي ڪندو. سؤ سَليمي سوڳَها = گهٽا سالم وٽيل (مضبوط) ۽ سوگها. ڪرهو ڪين - الخ = (تہ من ٻئي طرف واجهائڻ بدران وٽاڻ تي بيهي) ڪي ڪجهہ چارو ڪائي. بيهارج

برجاءِ - الخ = ڪيس هڪ جاءِ بيهارج يعني تہ پنهنجي ڏوري ۾ هٽ وسيڪ ڪري بيهارج، جو اجا هن ڪي ڇهڇڻي (ميدان جي آزمائش) ۾ (پيٽ خاطر) ڪاهي وجبو.

[ج/7] سُــوَڻ = مضبوط وٽيـل . پـوءِ نيٺـر سـاڻ نٺيـن = نيـر پيـل اٿـس تـہ بـہ اوڏهيـن لڙي پـوي ٿـو. اوباهـيوس = دعا سان ڪامياب ڪريوس.

[د/7] ڪُذاتُـورو = بد بنياد - ڪُـلڇٽو - بدعـادتو. ڏي سـاٽي تـي مـاٽي = (سـاٽو ڪـرڻ = بدلـي ۾ وهـڻ مٽائڻ) سوڌي تي مٽي چڙ. ايٽِـي = هڪ گاهہ جو قسم - خسيس گاهہ. آٽي = لڇي پڇي. اُقراٽي = ڦُـنڊي ڦوڪجي. گيرداڙُ = نشـي واري - ڳهـر آٽينـدڙ. وِهـاٽي = زهـر وارو اثـر ڪـري. اوڏو وانءُ مَ اُن ڪي = اُن ول جي اوڏو نہ نينس.

[هہ/7] تَـرُ ڦـري = لڇي پڇي. ڦِـڪِـي ڦُـلِـي جنهن جي = جا ول گندي (ڦڪي قلـي واري) آهي. ڏسج ڏيهہ ڌٽين جو =1. ملڪ جي مالڪن جي هن تڪي تاب ڪي ڏسج 2. ڏسجانءِ! هي ضلعو يـا ملڪ زوراور مالڪن جو آهي.

[و/7] رَهہ - واٽ = منزل وارو پنڌ. چِـلو (= ف. چلـه) ستن. ڏهن يا چاليهن ڏينهن جي پرهيز - عبادت يـا رياضت ۾ پرهيز - رڪُ. قرادين = پورن انجامن تي.

[8] چندن جا چوپا ڪري = چندن ڪي بہ آڏو ڳـابرو چپاڙي چوپا ڪـري چڙي. سَـرڪنڊ = چنـدن - صنـدل. لڳارَ = ٻاڙ - چـڪ.

[الف/8] سر ڪنڌئون - الخ = چندن ڪي چڙي اڪ ڦر ڪاٽي. ان ايـڏي سين ٻر - الخ = ايڏي زوراوري سان مـڳ ٿيو وينو آهي- اهڙا هاجا ڪيو تہ بہ آڪڙيو وينو آهي.

[ب/8] جباتُ = عمدي مشڪ. آڪڙ وڻ = اڪن جا وڻ. ناڳيل وَلِ = خوشبوءِ دار ناگر وَلِ.

[ج/8] لنگهڻ = بُـڪَ - فاقو. ڪاءِ = ڪاٽي. جتاءِ =جتاٽي - خبردار ڪري - چتاٽي.

[9] چالَ = شال. موڏ = موڏو - اٿ. چاريين = آءٌ توکي چاريان. توڏ = 'اي توڏا!'. تـرسهـُـون = ترسـون - انتظار ڪريون. تان نہ ترسهون تن ڪي = تـن لاءِ نـہ ترسون (يعني اهڙو تڪو هـل جو انهـن ڪـان اڳ لنگهي هلي پهچون).

[9] پاٽيين = آءٌ توکي پايان. وجهيين = توکي وجهان. تُـرنگ = رنگين تارون - مهارن جا ڏاڳا. چارِيين = آءٌ توکي چاريـان. سارُون =(سارَ ۽ سارون) سنڀالون - يادگيريون. ڪـارُون = منٿـون - دانهـون. هوندي رات = اجا باقي هجي. مڙهون = مڙيون - گڏجون.

[10] ڪَـرهُ = اُٺُ - ڪرهو. ٻـهاڙُ = ٻن سالن جو يعني ٻہ - سالو ڪنواٽ).

[11] ڪَـہُ = گهٽو پنڌ - وڏي منزل. هاوانَ = هاواٽا - افواه - هُـلَ _ ڊپ ۽ خوف جا). اَهُـڪِـي = اوکي - ڏکي.

**فصل - 3:**

[1] ٻٽ = بي اثر - نود، اندر سڙيل - ڪلڇٽو. هورين = آهستي. رُٽَ = رُٺل - ڪاوڙيل. وڏ وٽي = رٺـي - ڪاوڙٺي.

[الف/2] هيڪاندو ٿيين = هلي گڏجين. ڪاڻ = گھٽتائي - اوڻائي. پهچائجاهون = اسان کي پهچائج. رات هي = اجان رات ٿي هجي (يعني رات وهامي نہ).

[ب/2] جوٽُ = جوڙ - تو جهڙا (پنڌ ۾). خاطر (ع) = دل ڪوٽُ = دغا - بيائي. ايوٽُ = ڪچو - اڻ ڪاهيل. ڪجائين = ٿڪائين. ڪڻ گامہ = ڏکي هلڻي.

[3] چرهو = چارو. سرهو = تازو خوشبوءِ وارو. سڦرو = صاف. مانو مَ وهين = شال آهستي نہ هلين. ڪرها ڪر سنداءَ - الخ =اي ميا! تون (اُنن جي) انهيءَ ٻڻ جو آهين جو پلاٽيا تہ منزل رسيا.

[4] ڪوڙيون ڏيئي چوڙ = ڳرو ملهہ ڏيئي خريد ڪر ۽ چوڙي اُن جي مهار وٺ. سڻ = سڻاءَ - سودي جي رٽ. پرين مٽي = سڄڻن ڏانهن.

[5] نيڻ = چمر جا سيڻ (مضبوط رسا).

[الف/5] سونهي آيو = جاچي آيو. جايون = جاءِ جا گل.

[ب/5] چارُ = چرڻ. اُلڪار = (ترڪي. الغار. ايلغار) موج واري ڪاهہَ.

[6] وهين = وهہ واريون ڪڙيون قاتل وليون.

[الف/6] ڏيين =آءُ توکي ڏيان. آهَرَ = (ف. آخور = مال جي ڪاڏي لاءِ ڪُونر) وقت جو چارو يا ڪاڏو. ڪر قلن جي = لوڏنگن جي. پلاٽي = ننڍو پلاڻُ. وهاٽي = وهاٽيءَ رات. گڏجهُون = گڏجون.

[7] ڊِسا پايو ڊاڪ = ڊاڪ جو جهجهو چارو آهري ۾ آڻيو پايان. موتن ڳتو مهرو = موتين سان جڙيل منهن جي مٿان بيهندڙ چارو. لنڪڻ لوڏيين لاڪ = گور بند جي هيٺان لاڪ رتا لنڪٽا لوڏئين. بر = رڻ ۾. ڊِڪي = پرهہ ڦٽيءَ جو سوير. سلهون = ملون.

[8] تيزيين = تيز وهڻ تي. ونڪا = بانڪا - بهادر. سرتا آپ سجان = هڪجيڏا ۽ پاڻ سمجهدار. گهوري تن وجهان = 1. آءُ پاڻ کي مٿانئن گهوري وجهان 2. "گهوري تن وجان" (؟) = آءُ پاڻ مٿانئن گهوريان.

[9] سوار سرتا = هڪجيڏا هسوار. چوڏس رين = چوڏهينءَ جي رات. اڻ ڪاهيا ڪيڪان = جڙا جوان گهوڙا. اچن اوءِ - الخ = هو اهڙو تڪا اچن جهڙي چڻ چڙهيل ڪمان مان تير ڇٽو. ڪامل ڪنت = سيني وصفين سهٽا ڪانڌ. پيچ پنيءَ = پرهہ ڦٽيءَ.

[الف/9] ڏر = ڏرتي - ميدان. اصح عراقي = نج عراقي نسل جا. جوپ = نوجوان - مضبوط. گهلون چت ڪيون = آڏو دشمنن جون فوجون چتايون (يعني انهن ڏي رُخ رکيو). لڳا ٻپرن ٻاڻ = ٻن پرن (يا پکن) وارا تير لڳا. ڪر ڪجائي آئيا = رقيبن کي چڪچور ڪري آيا.

[ب/9] تهہ ترڪين تيز ڪري = ترڪي تلوارن جي قرن (blades) کي تکو ڪري. پلاٽين پهہ ڪئو = پڪو ارادو ڪري (اک چنبي ۾) قلعي جي ديوارين تي چڙهائي ڪن ٿا.

[10] پائي = سائي. هاهر = هونگر.

[10] پونهيءَ ماہ = چوڏهينءَ ماہ - چوڏهين جي رات.

# سرود سر راڳ

- **تفصيل:** هن سرود ۾ مين شاهه عنات جا 18 بيت ۽ هڪ وائي، شاهه شريف جا 3 بيت، شاهه بلال جا 3 بيت، ۽ شاهه قطب جا 3 بيت، شامل آهن.
- **مقصد:** 1. جيڪي سمنڊ سوجهيندڙ هڪ الله کي مڃي، نبي صلي الله عليه وآله وسلم کي سنڀاري، سفر تي نڪتا، سي منزل مقصود کي رسيا. اي سامونڊي وڻجارا! توڪل جي ٻيڙي تيار ڪري، ان ۾ ادب ۽ اخلاص جو وکر وجهه تہ پار پهچين. پراڻي ٻيڙي ڇڏي نئين ڪا تيار ڪر ۽ ان ۾ عمدو وکر وجهہ ۽ اڳتي جو اڌو نہ ڪر: آڏو ڪوبہ اهڪ ڪونهي. سچن واپارين، سچا وکر وهايا. اي ڏٽي، تن جون ٻيڙيون پنهنجي ٻاجهہ سان سلامت رکين. هو 'آوي' (جتان انسان اچي ٿو) کان آيا آهن، ۽ هت وڻج وهائي 'جاوي' (جيڏانهن انسان موٽي وڃي ٿو) روانا ٿيندا. 2. جنهن ويچاريءَ جو ور وڻج خاطر ڏوراهين ڏيهہ ويو آهي، سا سندس سلامت موٽڻ لاءِ فالون پائي ٿي، مڃتائون مڃي ٿي ۽ دعائون گهري ٿي، بندر تي اچي واجهائي ٿي ۽ خيرون پڇي ٿي. ڪيس واڌايون ملن ٿيون تہ سندس ور ورڻ وارو آهي. اهڙيون وريتيون ورن جي ورڻ جي خوشيءَ ۾ پاڻ سينگارين ٿيون ۽ گهر سنوارين ٿيون. جن جي جهازن تي ڏٽيءَ جي نگاهہ آهي، تن کي ڪو لوڏو ڪونهي. سهاڳڻين جا نيڪ ور خير جو سفر پورو ڪري سلامت وطن وريا آهن ۽ سندن سچائيءَ سببان مڻائڻ ملڪ ڏٽين بندر جا محصول معاف ڪري ڇڏيا آهن.
- **خاص نڪتا:** شاهه عنات سامونڊي سوداگرن کي معنوي طور هڪ تہ انهن نيڪ ٻندن سان تشبيهہ ڏني آهي، جي سچي سڪ مان حج تي وڃن ٿا، ۽ ٻيو وري هن جهان ۾ آيل انسان سان ڀيٽيو آهي، جنهن کي هت وکر وهائي وڻج خاطر ٻئي ڏيهہ (ٻئي جهان) ڏانهن وڃڻو آهي. شاهه عنات کان اڳ جي شاعرن وٽ اهي مضمون ۽ معنوي نڪتا ناپيد آهن. هن وريتين جي پنهنجي ورن لاءِ سڪ کي تفصيل سان بيان ڪيو آهي، ۽ سيلون (پرلڪان) کان پريان جاوي تائين ويندڙ سنڌ جي سوداگرن جو اُهڃاڻ ڏنو آهي. انهن ساڳين مضمونن کي سندس پٽ ۽ پوٽن (شاهه شريف، بلال شاهه ۽ قطب شاهه) پڻ سهڻي پيرايي ۽ تفصيل سان نباهيو آهي.

**فصل - 1:**

[1] ڏونہ = ڏانهن. جنبڻا = ڏوڪي هليا. سنڀاريائون = ياد ڪيائون. تيلاهن = تڏهن. ستڙ = سنئين تڙ.

[2] قيمت پري ڪوءِ = 1. ڪو ٻيڙو قيمتي وکر سان پري 2. ڪو جهاز قيمت ڏيئي ڀاڙي ڪري. اُهاريين = هاڪاريين (ٻيڙو، غوراب). ڄس = ناموس.

[2] ساز = ساز سامان. مڪرو = ٻيڙو. باز = 1. بازي ڪاٺڻ - اُٿلي پوڻ 2. موٽ. معلم = معلوم. پوءِ = پوي. جدئان = جدي مان (يعني تہ مڪي ۽ مديني شريف پهچڻ کان اڳ). جس پرائيين = فائدو حاصل ڪرين.

[3] توهہ = توڪل. طراز = (ع. طراد) ٻيڙي. مٽان کي من لوڏئين - الخ = ٻين جا وڏا ٻيڙا ڏسي دل نہ لوڏجان. عدنئان = عدن مان. حاج = گهرج - ضرورت. جہ = جيڪڏهن. ناڪُون = ناڪئو. جہ

ناڪون ٿيو نواز - الخ = جيڪڏهن ناڪئي تي نوازش ٿي يا جيڪڏهن ناڪئي نوازش ڪئي تہ مڙيئي شيون هڪ اڳهہ ۾ وينديون، يا جيڪي ٻين کي ملندو سو توکي پڻ ملندو.

[5] ڀچاڙي = لوڏي - چولي. سُڪاڻي = سڪاڻ وارا - ناڪئا!

[6] قرنُفل = لونگ. پارچا = ريشمي ڪپڙا. اگر = عود جي خوشبودار ڪاٺي. پتي = پراڻي. پاڙ مَ = پاڙي تي نہ ڪر. سائر سچي سير = سمنڊ جي تڪ سجهي پئي. اُهڪ = اهنج - مشڪلات. جر جو ڪاري نير = پاڻي ۾ جوکو يا ڊپ ڪونهي.

[7] ڇهو = تکو واءُ جو برسات وقت لڳي - سمنڊ جي تڪ.

[8] آوي = اهو ماڳ جتان انسان هن فاني دنيا ۾ اچي ٿو. جئان = جتان. جه سو وڻج ٿيون = 1. سندن سودو سهڻو ٿيو 2. جيئن ٿي سندن سودو پورو ٿيو. جاوي = 1. اهو ماڳ جيڏانهن انسان هن دنيا مان موٽي ٿو 2. جاوي جو ملڪ.

**فصل - 2:**

[1] تواري = سڏي - اوساري. اُپي مگي اوسهيون = فالون پائي ۽ واڌائي گهري. ڳالهاري = ڳالهائي.

[1] گهر سوريا (مصدر. سورڻ) گهرن کي ٻهاري ڏني. جر پوچيا = پاڻيءَ ۾ آکا وڌا. ڪيانتا = خوشيءَ جي خبر آڻيندڙ ڪانگ!

[2] التي سچ = سچ لٿي مهل. جر تڙ = سمنڊ يا درياءَ جي تڙ تي. ڏئا ٻوهيان (مَصدر. ٻوهڻو) = ڳوهيل اٽي مان ڏيا ٺاهي، اکن سان گڏ پاڻيءَ ۾ ٻوڙيان (پيٽائون ڏيان تہ مان اچن).

[3] جر جهاريان = 1. پاڻيءَ جي شيوا ڪريان. 2. پاڻيءَ هٿان پيغام موڪليان. خضر پير = درياءَ جو بادشاهہ. ولاتن = ڏورانهن ڏيهن. جڳ = زمانا. ڳرهيان = اوريان.

[4] وڃينءَ جي ويهي - الخ = جل پوڄا جي هڪ رسم (سچ لٿي مهل تالهيءَ ۾ اٽي جا ڏئا ٻاري، اکن سميت، پوتيءَ جي پلوءَ سان ڍڪي پاڻيءَ حوالي ڪرڻ). اوسهہ اتي پيئي = فال جي واڌائي ائين ملي. سنگيا نہ سيئي = انهن تي سنگ يا محصول نہ پيو - انهن تي ڏن نہ لڳو. ڪنڊ ڪيڙائو = ڏيهہ ڏوريندڙ.

[الف/4] ڪين = خوشي ۽ صحت جي واڌائي. ماڻ = تازگي - سرهائي. سونگي = سنگ وٺندڙ - ڏن وٺندڙ. پاڻيٽ = موتي. ڳني = ڳنهي - وٺي.

[ب/4] عميق = اونهو. سنگئو = محصول پريندڙ - ڏن ڏريندڙ.

[5] ڪتندي = ڪتيندي (سٽ). ڪال = ڪالهہ. چڙي ارٽ مال = چرکي جي تند ڪلي پئي (سٽائو سوڻ ٿيو.)

[الف/5] وٺهرئا = ساوا وڻ. سنپاريم = سوريم - ياد ڪيم (مجتا خاطر). پرئا = مون پيٽيا (انهن تي سلام پريم).

[ب/5] بادوان = (ف. بادبان) سڙهہ. مهرو = ٻيڙيءَ جي آڳيل واري تخت تي ڪتل منو. تاڻ = ڇڪ - سڪ. ڪل = دوربيني. چولٽي = 1. ٻيڙي ۾ پنهنجي ور جي لوڏ 2. پنهنجي ٻيڙي جي لوڏ.

[6] سڪاڻي = سڪاڻ وارو - ملاح - ناڪئو. اوڙڪي = ڏسي معلوم ڪري.

[7] پر لڪان = لنڪا (سيلون) جي پريان.

[8] لاڳو = سُنگ - محصول.

[8] ڪارو = سمنڊ. ڪيڙيائون = جهاڳي پورو ڪيائون. مِـئي = منـو پاڻي يعني دريـاءُ. ڪارو ڪيڙيائون - الخ = سمنڊ جهاڳي پورو ڪيائون ۽ هاڻي سندن ٻيڙيون اڇي مٺي درياءُ ۾ گهڙيون. ڊويائُون = 1. نظر رکيائون. 2. ڀڇڻ جو ڀهہ ڪيائون.

[9] قـَندُ = قصر قند(مڪران ۽ ايران جي سرحد تي هڪ تاريخي شهر). جونڪـِي ٿئا = 1. ذوقي ٿيا = خوش ٿيا. ڏاني = ڏن ڀريندڙ (ڏيهہ).

[10] ڪيائون تاڪيد ترازئين = ٻيڙين کي تکو ڪاهيائون. هـُر مچ = هرمز جو بندر ۽ شهر (ايران جي ڪناري تي).

# سرود رامڪلي

● **تفصيل:** هن سرود ۾ جملي 22 بيت ميين شاهہ عنات جا، 2 بيت شاهہ شريف جا، 3 بيت شاهہ بلال جا، 10 بيت شاهہ قطب جا ۽ 1 بيت يوسف جو، شامل آهن.

● **مقصد:** 1. سچن فقيرن جو فاني دنيا سان لاڳاپو ٽٽل آهي. هو حق جي ڳولا ۾ هر جاءِ ڦرن ٿا ۽ سيءُ سياري تن کي تسيا ڏيئي بندگيءَ ۾ مشغول رهن ٿا. طمع کي ترڪ ڪري هنن هڪ ڏٺيءَ سان لنو لاتي آهي. اهڙن درويشن ڪان شل دم به جدائي نہ ٿئي 2. توکي بہ جي سچو فقير ٿيڻو آهي تہ سچو جوڳ ڪماءِ. ريا ڇڏ، توڪل ڪر ۽ پنهنجو پاڻ سڃاڻ.

● **خاص نڪتا:** شاهہ عنات ڀهريون شاعر آهي، جنهن جوڳين، ڪاپڙين، آديسين، سامين ۽ سناسين کي تفصيل سان ڳايو آهي. ’سيتپري‘ ۽ ’مهيسري‘ فرقن جا ڀهريون دفعو اهڃاڻ ڏنا اٿس. سندن تيرٿن ۽ تڪين مان ڪرناٽڪ، ملبار (ملي واڙ)، ڪوڪن، جڳن ناٿ (جڳناٿ)، رنگاماٽي، ’مهر پـُري‘ ۽ هنگلاج جو ذڪر ڪيو اٿس، ۽ گورکناٿ ۽ ويرناٿ جهڙن ماه جوڳين جا نالا ڪنيا اٿس.

**فصل - 1:**

[1] سيتپري راميسري جن ڏٺو ڪرناٽڪ = ڪرناٽڪ (ڏکڻ هندوستان واري طرف) جي لحاظ سان 1. سيتپري = سيتپور يا سڌپور جا فقير ۽ 2. راميسري = ’جتنگ راميشور‘ جا فقير. سڌپور (Siddhapur) ۽ جتنگ راميشور (Jatinga Rameswara) ٻئي ميسور جي ضلعي ’چتل درگ‘ (Chitaldrug) ۾ قديم آستان آهن ۽ انهن ٻنهي جاين تي راجا اشوڪ طرفان ٻڌ ڌرم جا متا اُڪريل آهن، جي اڃا تائين موجود آهن.

[2] جڳناٿ = جڳن ناٿ مندر، جو اوڀر بنگال (هندوستان) جي پـُري شهر ۾ آهي. رنگاماٽي = يعني رنگامتي جو هن وقت اوڀر پاڪستان ۾ چٽاگانگ جي جابلو اراضي جو مرڪزي شهر آهي، پر اڳوڻو رنگامتي، مرشد آباد ضلعي ۾ هو، جتي ٻڌ جي مندرن جا آثار موجود آهن. چيني سياح ’شوان سانگ‘ (Huen Tsang) پڻ ان جو ذڪر ڪيو آهي. ڪوڪن = ڏکڻ هندوستان جو هڪ پرڳڻو. ملي وار = ملبار (ڏکڻ هندوستان جو ساحلي پرڳڻو) ڪيڙائو ڪندن = ڏيهہ ڏوريندڙ.

[3] ٻون = (اتر جو ٿڌو) واءُ. ٻواڙا ڪري = سختيءَ سان چوٽ لڳي. سمرٽيون = مالهائون - تسبيحون. وٺ = وٺي. الک = بي مثال مولئ - ڏٺي.

[3] پورو تائين پوءِ = ذري جيترو بہ. لوءِ = وصال وارو اصل ماڳ.

[4] اتر مُٺ = اتر جي ٿڌي هوا لڳڻ. وهسن = خوش ٿين. ولهہ = سخت سيءُ. لانگوٽ بند = لانگوٽ ٻڌندڙ فقير. پون ڏين نہ پٺ = اتر جي واءُ کي پٺي ڪانہ ڏين (پر جوڳ ۾ سامهان ٿي وڃن.)

[5] پٽ = ڪستا. گهرا = گهرن مان. مَهيسري = فقيرن جو هڪ گروه (مهيشوري؟). اُپيَن = ٻيهن. دور درا = درن ڪان پري. شهرت = پنهنجي مشهوري - ناموس. ورا = 1. چنتا = ڳڻتي 2. پُري = پُٺ (مٽ مائٽ). لنءُ جي سُچي لِڪَ ڙي = ذرو بہ محبت جو ڪٿي سجهين. تن ڳرا = تن وٽان. يا ايهاالذين - الخ= اي ايمان وارا مومنو! ڏٺي ڏانهن ڏيان رکو - بالڪل سچو ڏيان. ڏٺائون = چونديائون - پوري طرح قبول ڪيائون. هيءُ بيت شاه جي رسالي، سر رامڪلي د - 6. ۾ فقط هيئين ٽن سٽن سان ڏنل آهي:

پنن ڪين پٽ ڪٽي، گهرن ڪين گهرا
مهيسي مخلوق جي اپين دور درا
پڇن توءِ شرا، جي اندر عدالت ان جي.

[6] ولهون = سخت سيءُ. تپيسر = تپسيا ڪندڙ - جوڳ ڪمائيندڙ. ملا = وٽان.

[الف/6] نڪي لوچن لوءِ = واهڻ نہ وڙين - ڳوٺ نہ ڳولين.

[ب/6] بري بات - الخ = بڇڙي ڳالهہ کي شينهن مثل سمجهن (۽ ان ڪان ڊڄن).

[7] سرڳ =سرخ - ڳاڙهي مچ وارا.

[7] راهہ رفيق جي = گروءُ جو گس. ڪارون ڪريان = آزيون ڪريان.

[8] تڪين سين توڙا - الخ = جوڳين کي تڪين (هڪ هنڌ ماڳ مڪان بنائي ويهڻ) سان پوئي ڪانہ.

[9] ڪونرن جينءَ = گلن جيئن.

[10] لک نہ آهي لب. = ذري جيتري بہ طمع ڪانهي.

[10] وهہ = پور - اوسيڙو.

[11] اوڳا ليکي عام جي = عام جي ليکي تہ هي ڇريا يا بي خبر آهن. چانپي- مهٽي مکي . چيڙ = چيڙهہ (سٽپ ۽ مٽي). ڪٿائون ڳرئين ڳاڙها وار = وارن جون وٽيل ڇڳون ڳاڙهيون ڪري ڇڏيائون (دز ۽ دونهين سببان).

[12] جوڳي جاڳي لو = جوڳين رات جو جاڳي وسندڙ بستي يا ڳوٺ (لوءِ) کي ڇڏيو.

[13] ترڪ ما شغلاه = دنيا جا ڌنڌا ترڪ ڪيائون. ڪمر بسا = سندرا ٻڌل. با همت فقير. ويڇوٽي = وڇوڙو.

[13] لانگ بند = لانگوٽي ٻڌل. روئي = ڪپاه. ڪستين بستين ڪمرين = چيلهن کي ٿابوتي سندرا ٻڌل. جال = جهجهيون - گهڻيون. سگن = سولو سوڻ. ڏڙڪ = رليون - گودڙيون. حبان رتائون حال = سڪ سان پنهنجو نينهن اجاريائون. سال = ثابت.

## فصل - 2:

[1] ’مهر پُري‘ = ٻاجهہ جي مڙهي - ڪنهن تڪيي جو نالو. ’وير ناٿ‘ = وڏي مهاگروءُ جو نالو.

[1] نهاري هون = اسان کي ڏيکاري. ڏي هون = اسان کي ڏئي.

[2] اوڳ = سَماءِ - سانڍ.

[3] پريتڻو = محبوب.

[الف/3] وڻ تون وير وهين = 'وير ناٿ' گرو وٽ پهچين.

[ج/3] دلق = فقيراڻو وڳو. لاٿج ڪير لباس = ڏيکاءُ جو لباس نہ ڪج. ٻاهريون ڪوڙو ڏيک نہ ڪج.

[4] گورک = مهاڳرو 'گورک ناٿ'.

[5] شاهہ جي رسالي، سر رامڪلي د - 9 ۾ هيءُ بيت هيٺينءَ طرح ڏنل آهي:

ناٿ جتهين ننڌ، تت نهارئو جوڳيين ڪي ڪُويساها ڪاپڙي، پُرئا متيين پنڌ
هو هن هي هنڌ، تي هونهين ويا هنگلاج ڏي.

شاهہ عنات جي هن بيت جي جواب ۾ غالباً هيٺيون بيت شاهہ عبداللطيف چيو، جو رسالي ۾ متئين بيت کان پوءِ لاڳيتو ڏنل آهي:

ناٿ جتهين ننڌ، تت پڻ نهارئو جوڳين سي سويساها ڪاپڙي، پُرئا پرانهين پنڌ
هوءِ هن هين هنڌ، هُن هنگلاچان هٿ ڪئو (رامڪلي د - 9)

هن بيت کي پيٽيو (6) سان.

[6] نجهرو = تڪيو. مڙهي - ماڳ. جُهار = بندگي. مٽئائون = ڏورايائون.

[7] مرڻ آمنا جن = جن مرڻ قبول ڪيو آهي.

[7] جاڙ = جٺ. اُهاڙ = پيرو - گس.

[8] آڪرا = تيار. گهور = نگاهہ - نظر. ودِي = 1. ڏوري. 2. دنيا جا لاڳاپا لاهي.

[الف/8] هوءِ = هونگار.

[ب/8] ذر = ذرتي. الک = بي مثل ذٽي. انهي ڪمال = اهڙيءَ ڪماليت ساڻ.

# سرود مارئي

- **تفصيل:** هن سرود ۾ جملي 56 بيت ۽ 3 وايون ميين شاهہ عنات جون، 9 بيت شاهہ شريف جا، 2 بيت شاهہ بلال جا، 25 بيت شاهہ قطب جا، 2 بيت يوسف جا ۽ 1 بيت بنان نالي، شامل آهن.
- **مقصد:** 1. مارئي عمرڪوٽ ۾ بند آهي ۽ چاهي ٿي تہ ڪو قاصد هجي، جو اباڻي پار وڃي. سندس حال جون ڳالهيون ٻڌائي. هو پنهنجي وطن ۽ ويڙهيچن کي ساري ٿي ۽ سندن ماڳ ۽ تڙ، مال ۽ ڦر، ۽ ڏٺ تي سندن غاريبي گذر کي سنيارندي انهن جا اُهجاڻ ڏئي ٿي. 2. وري وطن جي وس ياد ڪري ٿي ۽ پلر جي پالوٽ ۽ گاهن جي گلزاري جا اُهجاڻ ڏئي ٿي ۽ عمر کي ٻاڌائي ٿي تہ هيءَ حڪومت ۽ عيش واري حياتي توکي هميشہ نيبهہ نہ ٿيندي، انهيءَ ڪري عادل ٿي ۽ مونکي آزاد ڪر. 3. عمر راضي ٿي مارئي کي آزاد ڪري ٿو، "عمر اُماڻي، آيو سام سيد چئي،" ۽ مارئي پنهنجي وطن وري پنهنجو گهر سنواري ٿي ۽ خوشيءَ جا ڏينهن گذاري ٿي.
- **خاص نڪتا:** ميين شاهہ عنات صوفياني رنگ ۾ حقيقي تمثيلن جي بدران، سنئون سڌو مارئي کي ڳايو آهي، جا عمرڪوٽ ۾ بند آهي ۽ پنهنجو وطن ساري ٿي. آخرڪار عمر کيس سام طور سلامت وطن ڏانهن موٽائي موڪلي ٿو، جتي وڃي هو خُوش گذاري ٿي. هيو تہ ميون شاهہ عنات پهريون شاعر

آهي، جنهن مارن جي زندگي ۽ ٿر ۾ سندن ماڳن ۽ ترڻ ۽ ڳاهن ڳلزارين ڪي نهايت ئي تفصيل سان بيان ڪيو آهي ۽ سندس ڏنل ڪي ناٿا ۽ اُهڃاڻ هن وقت تائين پنهنجو مٽ پاڻ آهن. سندس پٽ ۽ پوٽن (شاهہ شريف، شاهہ بلال ۽ شاهہ قطب) پڻ سندس پيروي ڪندي، مارن جي رهڻي ڪهڻي کي نهايت ئي تفصيل سان ورجايو آهي. ٽيون تہ ميون شاهہ عنات پهريون ۽ هن وقت تائين اڪيلو شاعر آهي، جنهن مارئيءَ جي سونهن جي تعريف ۾ سچا سارا چار بيت نهايت موثر انداز ۾ چيا آهن، "ڪوٺي ٻانهون ڏي، لوڪان ليکي وچڙي."

**فصل - 1:**

[1] ڏه = ڏيهہ. اڀي ڏي = بيٺي ڏٺي. پائر = پائر ڏانهن - پائر ۾ (پائر يا پاور، ننگر پارڪر جي پريان ڏکڻ اوڀر طرفان هڪ آباد اراضي). آن پڻ تنهين ڪي - الخ = آءُ ان قاصد جي مٽي ۾ دز اکين سان ٻهاريان.

[2] ڪانونبا = ٿر جو ڏٿ ميوو (ڪانونبن جي ول، جنهن ۾ ٻير جيڏا ڪنمنڙا، ڳاڙها ڪانونبا). انو پهر = انئي پهر. واڇوٽو = هڪ ڏٿ واري گاهہ جو نالو. وهاڃ = جيڪي ڪي ميڙي وهائين - وهاٽيءَ جي توڻ - وهائي جو قوت. آواڃ = آواز.

[3] ڳانجرو = ڪوهہ جي وَرَت (ڊگهو رسو) جي چوٽيءَ ۾ ٻڌل ڪاٺي، جنهن کي اره جي زور سان ڇڪين. ڪڙين = ڇڪين. تاسياريون = اجايل (ڳايون، ٻڪريون وغيره). ساڳين = ولر ولر ڪيو واري سان پيارين. تيڻ = 1. ڪوه مان پاڻي ڪڍڻ جو ڪوس ۽ ورت 2. ڪوه مان پاڻي ڪڍڻ جو وارو. تاڻين = ڇڪين.

[4] رٻاري = قاصد. انئي جو اوني = اٺ وارو جنهن مينهن جي وس جي خبر آندي. تليون = ٽِٽَن جي وچ ۾ ڏهرن واريون ترايون. سڻوني = آباد ۽ سائي. ڪانا = بند.

[7] هن بيت ۾ مختلف ترڻ ۽ ڳوٺن جا نالا ڪنيل آهن، جي مهراڻي، ٿر ۽ ڪپري طرف آهن. انهن مان ڪن جا اُهڃاڻ هي آهن: موڪل ڊه = ننگر پارڪر طرف، پِساُيو = پِساين جو ڳوٺ، جو ويڙهي جهپ لڳ تعلقي ڏيپلي ۾ آهي، ميسر جهپ = غالباً 'ويڙهي جهپ' جو تعلقي ڏيپلي ۾ آهي، راڇاري = 'راڇهاري' جا عمرڪوٽ تعلقي ۾ مهراڻي واري اراضي ۾ نُهٽي لڳ آهي، رتڻون = غالباً 'رتنهاري' جو 'پالوا' جي اوڀر طرف آهي. ڪُوڻ = ڪُنڊ (پنهنجي ڏيهہ واري ڏس).

[7] ساڏوهيون = چارين (ڪبڙين) جو هڪ قسم. سويائون = لامون ڪپيائون. ڪرڙ اڏيائون = ڏاس جي ڪرڙين جا گهر ناهيائون. چڙهي رهيا چوٽين = ٽِٽَن جي چوٽين تي وينا. مڪ = ڪچا پيرون. ڪوڪڙ = سڪل پيرون.

[8] اڳاٽي ڏاڪڙين = وڏين تڪليفن سان. جميان = 1. زمين اندران (اونهن کوهن مان) 2. زور سان ڇڪي. سانيڪا = سٺ پرهہ اونها کوه. سنجن = کوهن تي ورت وارين.

[8] تيڻ تيليائون = ڪوس ۽ ورت کي تيل مکيائون. ڪوهہ ڏلهيائون = ننڍڙا کوهہ. تن کي مٽان ڪانيون ڏيئي مٽيءَ سان ڍڪيائون (جي ورې هيءَ مند ۾ اڇي کوليندا. سانگي ماٿهو گاهہ سانگي اڇي ڪنهن جوءِ ۾ رهن ۽ کوهہ کٽن، جڏهن اتان لڏين تڏهن اهي کوهہ ڏلهي ڇڏين). گوسي = کوهن مان پاڻي ڪڍڻ وارا - وارو وارينڊڙ - وارو ڪيائيندڙ.

[9] هن بيت ۾ وس جا گاه ڳڻيل آهن. ڪـهہ = هڪ قسم جو سنهون گاه، جنهن تي مال کير ڪري. ڪُوري = ريشم جهڙي نرم قسم جو گاه، ڍهہ مکٽي = ڍَهن (ڍها = هيٺاهين زمين) جي پرسان چاول مکٽي گاه. پيريو = وريو – ڦريو. هـُلرو = ويڪرن پنن وارو مليرڙو (جنهن جي پاڇي ٿئي)، للرو = للر (جنهن جي پاڇي ٿئي)، لنب =سنهڙو ڊگهو گاه، لاٽي = هڪ قسم جو ٻوڙو، جو ذائقي ۾ ڪارو ٿئي (۽ جنهن مان 'ڪار' ٿهي)، هنجن = جهولين ۾. ڊامڻ يا ڊامڻ، ڍڪٽي، ڪانو ۽ ڪرٽو مڙيئي گاه آهن. ڪرير = ڪرڙ، سڻ = مشهور ٻوڙو. سيارچ = گاه جو قسم. ٺاهرٺا = اطمينان سان ويٺا. گهر ڪٽيرن کير = ڪٽي اوڍيندڙ ماين جي گهر واڌائي.

[10] واٽين ڪٽن = ڪٽا اُٽن. قوت ڪڪائون = گاهن ۽ ٻوٽن مان گڏ ڪيل ڏٽ (ٻج، ڦر ۽ پاڇي). پاتائون پٽن = غالباً "پاتائون پٽن" يعني ٿانون (پٽ = پيالو) ۾ ونديائون. آهراري = استعمال جي لحاظ سان غالباً ڪو گاه (جنهن جو ٻج ڏٽ طور ڪاڌو ۽ رڌو وڃي) جنهن جا سٽا ڪري رکن (شاهہ عبداللطيف لفظ 'آراڙي' آندو آهي، جنهن جي معنيٰ ڪو ڪاڌو، جو مارو ماٺهو ڪائين). دو پيازا = باصري ٻوڙ. اگر = خوشبوءِ. آس = کير ۾ پاٽي ملائي پيڻ لاءِ خاص تيار ڪيل آچ – ڪچي لسي. اُست = لسي. آڪوري = ڪاڙهي. ڪانا = بند.

[11] اودا = بالڪل ننڍڙا گوندا. گوندا = ڦرن پورڻ لاءِ ننيا واڙا. ٺنديا = ڊگها سڳا يا رسا، جن ۾ ويچوٽين تي ڳراها نهيل، جي ڦرن جي ڳچين ۾ وجهي، ڦرن جي يڪي قطار ٻڌي ڇڏجي. (ٺندو، ٺنديو ۽ ٺندا، ٺنديا). نيهيرا = نهيرا (کير ولوڙڻ لاءِ اپيون کٽل ڪاٺيون). نيٺا =چم جا وٽيل ننڍا رسا، جي کير ولوڙڻ لاءِ منڌيءَ ۾ وجهجن). سيٺا = سهٽي سٽاءِ وارا – ساهيٺا. ويٺا = رٺا. ڪيٺا = تڪرار. عڪس = ضد – ڪاوڙ.

[12] ڦرڪرا = وڏا ڦر (ٻڪرين جا، جي چرڻ جهڙا ٿيا هجن پر اجان ڌڻ سان نہ پهرائجن). لار = ننڍڙا ڦر (کير پياڪ). ڦوهرا =وڏيرڙا ڦر (جي ڌڻ سان پهرائجن. چيڪٽ = دانهون. چيلاٽن جي = چيلن جي. تلين =ٻن پٽن جي وچ ۾ 'ڏهر' جي هيٺاهين ترائي واري زمين (تلي ۽ تليون). پوءِ توار = توار (وٺندڙ آواز) پئي پوي. ٻٽا = ٻن لارن واريون چڙيون.

[13] نورانيا = اهي وڏا ڦر جن جون اجان پـُٺيون نہ ڪتريون ويون آهن. پانور = وڏا پٽ ڦر – پانُر ڦر. واهوندي = سياري پوري ٿيڻ تي ڏکڻ ۽ اولهہ ڪنڊ واري هوا (بهار جي مند جو پهريون اُهڃاڻ). ڦانگن = وٽن ٻوٽن جون ٽاريون (خصوصاً 'ڦوڳ' جون). مکي ڦور = ٽارين ۾ ساوا پن ٿيا. اٺاها اجهور = گاه جون رکيل ڇـَنـُون يا جـُريون (جي پاسي تي ٽاري ڇڏجن ۽ جن ۾ مال نہ ڇڏجي)– اٺاوا ويءِ. هور = ڊپ ڊاءُ.

[14] ٻانهن ويڙهيون = ٻانهن ۾ لاڙيل ڏاس يا ان جون ويڙهيون (جي ڌنار ڪتين). جهٽڪ = ٿوري ويرم ۾ – جهٽ پٽ. اٽڪ = ڳانڍاپو (دل جو).

[15] چاڙهيون = ٻڪريون. ويڙهن واهن واک = ڇنن ۽ جوين ۾ ڦرن يا مال کي ڦيرائين. سوڪڙ = اهي پيرُون جي پاٽهي پٽ تي ڇٽن. ڪوڪڙ = سڪل پيرون ( جي ڇانوَ ۾ سڪائين). مجر ماک = مجر جي ماک ساين چارين واري ماک، جا پيرن چوندڻ وقت منهن کي لڳي).

[15] لما = ڊگها. لاکيون = لاک رتل.

[16] جاڦرائو، ڪاهو، وڪاهو، ٻانڊيو ۽ راڻاهو، اهي سڀ ٽڙن جا نالا آهن، جي ڪپري تعلقي ۾ 'اڇڙي ٿر' واري اراضي ۾ آهن.

## فصل - 2:

[1] ويهن = گهٽيون (ويهه ۽ ويهون). سيارچ = گاه جو قسم، جو وس تي موري.

[2] نوٽيون، واحد 'نوٽ' = ٻن پٽن جي وچان اونهي هيٺاهين - مَڙهي جي نوٽ (جنهن مان مينهن جو پاڻي وهي). رُهيائين = ريليائين - پاڻيءَ سان پلٽيائين. نيجل = نئين جل (؟). پهرئين مينهن جو پاڻي. ٽوپڙا = ننڍڙا ٽنگ يا چَلها. موئن = هيڪار اٿارين.

[2] چڙهيون، واحد 'چَڙَهي' = ڪوه مان پاڻي ڪڍڻ لاءِ چم جو ٻوڪو - ڪوس. واريا = ڪوهه ۾ هيٺ وڃهڻ. ڪونيٽ = هڪ وڻ جو نالو - ڪير. پُوڻ = ڦرٽي - ڪَپي (جنهن جي مٿان ورت جو رسو ڇڪجي). ات = تمام گهڻو. ڪت = مر (مٽيءَ) جا سنهڙا ذرا.

[4] پيٽيون = اباڻا ماڳ.

[الف/4] سانيي = وطن جا ساٿي.

(ب/4] ريلن منجهه = گاه وارين ساين اراضين ۾ (ريل ۽ ريلون). قراريون = مطمئن. سدا ساٿهه ڪن = سدائين ساٿيهه ۾ رهن (۽ سانگ خاطر لڏ پلاڻ نہ ڪن).

[6] مٿي ونهيان ويڙ = اهي آسودا، گاه واري جُوءِ تي ويا.

[7] گامون = گام وارين - وانڍين.

[الف/7] ايل =آڻ - ڪاڻ - ميار.

[8] مارو ماڳ مهر ۾ = اهي مارو جن جا ماڳ مُهراڻي لڳ يا مهڙ واري اوريين ٿر ۾ آهن. زيريون = پيرن واريون ٻيڙيون.

[9] رهندو ئي رهاءِ = نهايت گهڻو سيبائي ٿو. سوٽا = طعنا - مهڻا.

[10] ڇيچرا = ڪونيٽ (وڻ) يا ڪنڊي جا ٻور.

[الف/10] ڍاٻر جي ڍارين = جي وڏيون ويڙهيون ڪتين.

[ب/10] ڪيرن ۾ = ڪونيٽ جي وڻن جي ڇانون ۾. تاڻيو پائين تُن = ڦاٽل ڪتن جا سوراخ پرين (ڪتو وٽي مٿان ڇڪي ويڙهي پوءِ تن پريندا آهن) جُهريون جهاڳين جهن = اونهيون ڍوريون ڳولين.

[11] پٽيءَ ڪنيو پرم = سوپياوان جوان زال پلٽ ڪنيو.

[13] ڦريون = وٽن ۽ ٻولن جون ڦريون. اوڀڙ ڦونگيون = ڪنييون جيڪي پيدا ٿيون (؟). پڪو = ڏٽ پڪو. مريڙا = مليرڙا (جن جي ڀاڃي ٿئي). ولهارن = ساين ڇنن ۾. ٻارڻ ڪونيٽ ڪن = ڪونيٽ جون ڪاٺيون رڌ پچاءِ وقت ٻارين (ڪونيٽ جي ڪاٺين جهڙو ٻيو ٻارڻ ڪونهي، چوندا 'ڪونيٽ جهڙي ٻي سُجر ڪاٺي ڪانهي'). پهون = ٻڪريون. ٻوچ = سڀ - سراسر.

[13] موڪ = عام جام. ڪوري = گاه جو قسم.

[14] هيڪانديون ٿي = گڏجي.

[14] ڏهيون: واحد 'ڏهي' ڏونرو. جٺايين = 1. دير ڪرين 2. روڪين - رهائين.

[الف/15] مهرو ٻاڻان = مهري جي ڏڪ جهڙو پائيان.

[13] ساڄ سڏيائي نہ لهي = ساز وڄائڻ جي ڪيس سڌ ئي ڪانهي.

[الف/13] ڏهاءِ = ڏوراهين ڏيهہ مان.

[14] ٻارڻ = منگتو. ريلي = پلٽ ڪري. ڏڌ جينءَ ڏهر رڃائيو = ان محتاج کي ائين سکيو سائو ڪيو، جيئن مينهن وسي 'ڏهر' (ٻن پٽن جي وچ واري زمين کي پاڻيءَ سان پري تازو ڪندو آهي.

[14] سمگئو = سرفراز ڪيو - خوش ڪيو.

فصل - 2:

[1] آجڪو (ع آذوقه) = قوت. پرين = راضي ٿين. ويهين ڏين وهاڳ = ڪيئي (مڱڻا) ان جي ڪيرت ڪن.

[2] ويڻ وماسج = عرضُ ويچارج.

[2] پيءُ = پرين - سڄڻ.

[ 3] سپ سرهي ڪير = سپ وڻ پڻ سرها ٿيا.

[4] آزرديون = ڏک واريون. عاجزي واريون. چوٽاٽي = چام چوٽي جو پٽ (چام سپڙ).

[ج/5] ڪرنگيءَ ڪر = (جي نماڻا ۽) ڪوماٽل رنگ تي آهن. دارين = ٻئي جهان.

[6] سَر = تلاءَ - سخا جو سر چشمو. جُڪي = تنگي.

[8] شاھ جي رسالي سر پرڀاتي د - 1 ۾ هيءُ بيت هيٺين پڙهڻيءَ سان ڏنل آهي:

پيو ليٽين لٽ، سڄيون راتيون سمهين اٿي آڌي نہ ڪرين، سپڙ ساڻ سهٽ

رونجهي رات اپٽا پيتنئون پاٽڻ ميڙي ٿئان مٽ، چوندي پرئا چارٽين.

[8] پڙپيئي = حاصل ٿئيئي.

[10] شاھ جي رسالي، سر پرڀاتي د - 1، ۾ هيٺيون بيت ڏنل آهي:

چڏ وڄا جي وائي، ڏڌ ٿي گهرج ڏان تون سپڙ رات سنيائيا، تازي تو لائي

جو چاٽي نہ ڪائي، تنهن سين هيلي ڏٽي ٻاجهہ ڪئي.

[11] شاھ جي رسالي، سر پرڀاتي د - 1، ۾ هي بيت هيٺين طرح ڏنل آهي:

جاجڪ چاٽن جا، سا پر آنءُ نہ سکيو سيڻ نہ نينمر پاڻ سين، سگا جي سياءَ

جي رنجائيين راءَ، تہ پڻ تاري تنهنجي.

[12] هي بيت زباني روايت ذريعي مليو آهي، ۽ غالباً هن کان اڳ آيل بيتن [2] ۽ [2] مبني آهي، هڪ جدا طور مستقل بيت سمجهڻ نہ گهرجي.

وائي - 1: شاھ جي رسالي، سر سهڻي د - 4، ۾ وائي موجود آهي، جنهن ۾ ٻيءُ مصرع هيٺينءَ پڙهڻيءَ سان پهرئين مصرع طور ڏنل آهي:

"الاهي عنات سين نوازيين نماڻا"

وائي - 2: داون = دامن - پلئه - آسري.

# سرود ڏناسري

● **تفصيل:** هن سرود ۾ 58 بيت ۽ 11 وايون ميين شاهہ عنات جون، 7 بيت ۽ 1 وائي شاهہ شريف جي، 13 بيت ۽ 1 وائي شاهہ بلال جي، 2 بيت شاهہ قطب جا، 1 بيت لاکي جو، 1 بيت لکمير جو، 1 بيت عبدالله جو، 2 بيت قاسم جا، 1 بيت عليم جو، 1 بيت منون جو، 1 بيت راول جو، 2 بيت صمد جا، 1 بيت ڪٽي جو، 2 بيت هوندل شاهہ جا، 1 بيت اميد علي جو، 2 بيت يوسف جا، 1 بيت رنگريز جو، ۽ 22 بيت بنان نالي، شامل آهن.

● **مقصد:** ولين ۽ بزرگن سان عقيدت ۽ سندن فضيلت ۽ فيض جي ساراهہ.

● **خاص نڪتا:** هن سرود مان ميين شاهہ عنات جي صوفي طريقي، مڙني ولين ۽ بزرگن سان سندس دلي محبت ظاهر ٿئي ٿي. شاهہ عنات پهريون شاعر آهي، جنهن نهايت ئي تفصيل سان ٻاهرين وڏن ولين توڙي سنڌ جي گهڻن ۽ گهڻن درويشن جو نالو ڪنيو آهي ۽ ڪين ساراهيو آهي، ۽ انهيءَ لحاظ سان 'سرود ڏناسري' جي ساراهہ واري مضمون جو غالباً باني مباني آهي. سندس پٽ ۽ پوٽن، سندس عقيدتمندن توڙي ٻين شاعرن پڻ سندس پيروي ڪئي ۽ سر 'ڏناسري' جي ساراهہ واري مضمون کي عام مقبول بنايو.

**فصل - 1:**

[1] شيخ جي = حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني رحہ، قادري طريقي جو باني مباني.

[2] ڊنگر ڊيلي ڇڏئين = اسان کان منهن مٽي ڇڏين.

[3] جهندو پاٽڻي = غالباً سمن جي دور جو بزرگ، جنهن جو قبو ٺٽي کان اتر طرف 'ساموئي جي قديم بستي لڳ آهي.

[الف/4] پرم = ڍڪ - پردو - اوٽ.

[ج/4] اتر جي اٿي = سياري ۾ اتر جي ڪنڊ واري سخت ٿڌي هوا. هڻ ڪٽي = هيٺو ۽ هيٺ ڪر - دفعي ڪر.

[ب/6] پڄائيين سر = سر بستي مراد پوري ڪرين.

**وائي - 1:** تقصيران = گناهہ - ڏوهہ. اسيران = قيد ۾ پيل - بند ۾ ڦاٿل.

**وائي - 3:** رڪن = شيخ رڪن الدين (غوث بهاؤالدين جو پوٽو).

**فصل - 2:**

[ب/1] پرنيان = سونپيان.

[ج/1] ڪٽيهون = اسان کي ڪري.

[د/1] راوي = راوي ندي، جا اڳ ملتان لڳ وهندي هئي. راوي ريل ڪنڌين ۾ = راوي جي ڪناري وارين ساين ۽ آباد اراضين ۾.

[هہ/1] الي جي وائي = ذڪر جي تنوار سان 'يا الله' جو سڏ هڻڻ (ملتان ڏانهن ويندڙ راهہ جا پانڌي 'الو پڙهي' چوڪي وارين يعني راهہ جي پنڌ تي اسرندا، ۽ پوءِ انهيءَ پنڌ ۾ صبح شام الو پڙهندا'، هن طرح جو سڀ پانڌي اتر ڏکڻ تي ٻہ صفون ٺاهي هڪٻئي کي سامهون ٿي ويهندا. پوءِ اول انهيءَ صف وارا جن جو منهن الهندي طرف هوندو، ذڪر جي تنوار سان 'يا الله' جو آواز بلند ڪندا ۽ سڄي طرف

(اتر طرف) سلام طور ٿورو رخ ڦيريندا. جواب ۾ وري سامهين صف وارا 'يا الله' جو آواز ذڪر جي توار سان بلند ڪندا ۽ ڪبي طرف (اتر طرف) رخ ڦيريندا. اهڙيءَ طرح يارهن ڀيرا ڪندا ۽ ٻئي صفون جملي ٻاويهہ سڏ 'يا الله' جا تنواريندا. ان کي 'الو پڙهڻ' يا 'الي جي وائي ڪرڻ' چوندا). لڏ م لاڙائي = اي لاڙ جا فقيرا همت نہ هار (سنڌ جي جدا جدا ڀاڱن مان مختلف جماعتون ملتان ڏانهن راه جي پنڌ سان روانيون ٿينديون آهن، جن مان هڪڙا، لاڙائي، يا 'لاڙي'، ٻيا ٽر وارا، ٽيا 'ڪاري وارا' وغيره. لاڙائي فقير بدين جي ڏاکڻي ڀاڱي ۽ ولاسيي ڪان نڪرندا ۽ اچي شيخ عيسي جي درگاه تي گڏبا ۽ اتان جماعتي احرام ٻڌي روانا ٿيندا ۽ اول بکيرن ۾ پهچندا. اتان روانا ٿي پهرئين منزل شيخ موسي ۽ شاهہ عنات جي درگاه تي ڪندا ۽ پوءِ اڳتي منزلون ڪندا ويندا.

[ب/9] واهند = سکر ضلعي جي موجوده روهڙي ڊويزن ۽ ضلعي رحيم يار خان جي اراضيءَ مان هڪ قديم درياءَ جي ڦٽل پيٽ جو نالو - 'واهند واري راه' سان ويندڙ پانڌي ڏهرکي ۽ احمد پور جي وچ ڌاري 'واهند' ٽپندا.

[د/9] گهڙيا منجهہ گهاري = گهلوءَ جي گهاري (درياءَ جو اڳيون پيٽ) ۾ پير پاتائون.

[هـ/9] گهلو = 'گهلو جو گهارو' يا 'گهلو درياءَ' (اڳئين وقت جو)، جو اُچ جي ڀريان آهي. ملتاني فقيرن 'راه جي پنڌ' بابت جي بيت چيا آهن، تن ۾ گهلو جو خاص ذڪر آهي- مثلاً:

آڏو پنڌ پنجاب جو آڏو اباڙو لنگهائيين لطف سين گهلوءَ جو گهارو

پرين جو پاڙو، مٺي سين نہ مٺيان.

[ز/9] قاسم ڇٽي = قاسم فقير اوٺو، جو تعلقي ٺٽي الهيار (لڳ ڳاڙهو صدر) جو وينل هو. سندس پٽ ميان شفيع محمد 1958ع تائين بکيرن ۾ رهندڙ هو ۽ سندس عمر 85 کن ورهيہ هئي.

[10] ٻيءَ، پٽ، پوٽو = حضرت بهاؤالدين زڪريا رحہ. سندس فرزند شيخ صدرالدين ۽ سندس پوٽو شيخ رڪن الدين.

[22] تو سانپارا = تنهنجي سامهون - توڏي منهن ڪري.

**وائي - 1:** نوئي = نوان مريد جي پهريون دفعو پانڌي ٿي ملتان وڃن (هڪ 'ڪُهنا' يعني اڳيان جهونا ۽ ٻيا 'نوئي').

**وائي - 2:** وهر ودودي = الاهي مدد. ٻاجهہ پري مدد. سورينڊن =ياد ڪندڙن.

**وائي - 3:** سمن صالحن- الخ = آمري هيٺ شيخ بهاؤالدين زڪريا جي چلي جي جاءِ هئي، جنهن جو نشان آمري جي پاڙ ۾ هڪ دري جيترو سوراخ هو، جو تحفة الڪرام جي تصنيف وقت پڻ موجود هو. اُتي ملتان جا فقير اچي گڏ ٿيندا هئا ۽ ميلو ڪندا هئا. آمري = گدامري جو وڻ (جو ٺٽي جان محمد ڪان اڌ ميل کن اوپر طرف پراڻ جي ڦٽل ڊوري تي بيٺل هو، جتي آڳاٽو قبرستان آهي، جو اجان تائين "آمري وارو مقام سڏجي ٿو". اهو آمري جو وڻ ڪافي آڳاٽي وقت کان اتي بيٺل هو، جنهن جي باري ۾ ڪنهن سگهڙ چيو تہ: "تون ابل سنڌي آمري، ڪ تون لاکي سنڌي لال". مين شاهہ عنات آمري جو نالو ملتان جي پانڌيڙن جي سلسلي ۾ ڪنيو آهي، جنهن مان سمجهجي ٿو تہ 'ٽر واريون جماعتون' انهيءَ آمري وٽ اچي منزل ڪنديون هيون، يا اهي پانڌي آمري وٽ اچي گڏ ٿيندا هئا ۽ اتان راه جو احرام ٻڌي، جماعت ناهي روانا ٿيندا هئا. سروري = غالباً مخدوم نوح جا مريد (جن جي غلبي سببان ملتان جا مريد دستور موجب آمريءَ هيٺ ميلو نہ ڪري سگهيا. تان جو شيخ بهاؤالدين زڪريا جي

اولاد مان شيخ شهرالله سنڌ ۾ آيو ۽ سندس ڪوشش سان ملتان جي مريدن جو دستوري ميلو وري شروع ٿيو (تحفة الڪرام ص 402). جڪرو نڌو = موجوده ٽنڊي الهيار تعلقي واري اراضي جو مشهور درويش هو، ۽ وفات بعد آمري جي مقام ۾ مدفون ٿيو. ستا پٽ سونهن = اهڙا درويش انهيءَ خاڪ ۾ مدفون آهن.

## فصل - 3:

[1] ملونڊي = مرونڊي (اصل ۾ ايران جي مرونڊ، شهر جو). قلندر لال شهباز، شيخ صدرالدين (بن حضرت بهاؤالدين زڪريا) ملتان واري جو همعصر ۽ ساٿس صحبتي هو (تاريخ معصومي).

## فصل - 4:

[1] خيردين = شاهہ خيرالدين بن احمد شاهہ، حضرت پيران پير شيخ عبدالقادر جيلاني رحہ جي اولاد مان هو. سنہ 911هہ ۾ بغداد ۾ ڄائو، ۽ 27 - رمضان سنہ 1027هہ ۾ سکر ۾ وفات ڪيائين، جتي سندس روضو آهي.

[2] استاد = شاهہ خيرالدين، جنهن شاهہ عنات جي والد شاهہ نصرالدين کي طريقت جي راه ڏيکاري.

[4] نيڪ ڳڏيس شاهہ نصر دين - الخ = شاهہ نصرالدين وجي شاهہ خيرالدين سان مليو، جنهن مٿس فيض جي نظر ڪئي. جينءَ پاڇائين پـُٺو = جيئن پاڇاٽا ۽ پوءِ، تيئن عنات جو اولاد ويتر وڌ هوندو.

[5] ترڪش = ٻـَٿـِي (تيرن رکڻ جي).

وائي. اصل آهي چڪي = فيض جي ونڊ چڪي آهي.

## فصل - 5:

[1] ڪوريجو پير = شيخ موسيٰ آهيداڻي، جنهن جو مقبرو ٽنڊي الهيار کان چار ميل ڪن ڏکڻ طرف آهي. شيخ موسيٰ، روايتن موجب، غوث بهاؤالدين زڪريا ملتاني جو خليفو هو. ڪرنشون = خدمتون. هاجون (حاج > هاج) = ضرورتون.

[2] آهيداڻي پير = شيخ موسيٰ

[الف/2] چوٽن سندا چوٽ = سردارن جا سردار. ڪوڙني سين ڪوٽ = 1. گهٽن ئي جا پرجهلا. 2. گهٽن پاتين واري هي حويلي (گهر).

[ب/2] قتال =وڏو درويش (اُچ جي مشهور درويش شيخ راجن قتال جي لقب جي لحاظ سان).

[3] ايل = رنڊڪ. پهيڙا = پانڌي - راه جا ساٿي.

[10] جيهون تا = جيئون تا.

[الف/11] سهند = سونهائپ - لاڳاپو.

[ب/11] نمرا = صحتمند.

[ج/11] لپيٽئو لڳن تي = جو لڳن مٿان لپٽيل هو.

[12] سونرئو = ياد ڪيو.

[13] جوءِ هري = رهايش واري جاءِ سائي ۽ آباد.

[الف/13] اجهور = آسائش جي جاءِ.

[هہ/13] ڪتار = قتال - وڏو مجذوب درويش.

[14] ساڱرو = درياءُ جو ڦاٽ، جو شيخ موسي جي مقام کان اولهه طرفان لاڳيتو وهندو هو. جنهن جي نالي پويان پوءِ ساڱرو واهه مشهور ٿيو. ولاسيو = تعلقي بدين جو ڏکڻ اپرنديون ڀاڱو، جنهن ۾ موجوده شهر 'ڪڏڻ' ۽ ٻيا آسپاس وارا ڳوٺ اچي وڃن ٿا.

[ج/14] چوکنڊي = غالباً شاهه عنات يا سندس والد جي چوکنڊي (چوڏيواري ۽ مزار) ڏانهن اشارو.

[16] وزير =درويش حاجي جوڳي، جنهن جو لقب 'وزير' هو.

[17] هوتي = غالباً درويش 'مشائخ هوتي' ڏانهن اشارو، جنهن جي مزار ٽنڊي آدم کان ڇهه ميل ڪن ڏکڻ - اوڀر طرف آهي.

[د/14] رامهور = 'رهمور' جو ڳوٺ، جو موجوده اسٽيشن نبي سر کان ڏيڍ ميل ڏکڻ اولهه طرف آهي.

**وائي - 1:** اويس قرني = 1. شهر 'قرن' جو مشهور دلي، جو آڳاٽو ٿي گذريو. 2. سنڌ جو ولي 'اويس' جنهن جو مقبرو، موجوده ڪوٽڙي - دادو ريلوي لائين جي ڪٻي طرف ٻڍاپور اسٽيشن لڳ آهي. مخدوم پريو = شايد گنجي ٽڪر جي دامن ۾ مدفون مشهور درويش پريو، جنهن جو ذڪر تحفة الڪرام ۾ آهي(؟). لال لنجار = مخدوم ساهڙ لنجار، جنهن جو مقبرو ڪوٽڙي - دادو ريلوي لائين لڳ اولهه طرف، اسٽيشن انڙپور جي نزديڪ آهي. حيدر شاهه سني = شهر 'سن' لڳ اوڀر طرف مدفون بزرگ حيدر شاهه، جو مخدوم بلاول جو معتقد هو. ابو بڪر = غالباً سيد ابوبڪر، آمري (تعلقي سيوهڻ) جو بزرگ. هارون ولي= غالباً درويش هارون مڱريو، جو درويش هوتي جي فرزندن احمد ۽ محمد جو همعصر ۽ هم صحبت هو. لال حسيني = قلندر شهباز سيوهاڻي.

**وائي - 2:** حضرات ميران = حضرت پيران پير عبدالقادر جيلاني. بهاؤالدين = مخدوم بهاؤالدين زڪريا ملتاني. صدرالدين = شيخ صدرالدين ملتاني (مخدوم بهاؤالدين زڪريا جو فرزند). هوتي = درويش هوتي بن لاکو، جو 'مشائخ هوتي' جي نالي سان مشهور آهي ۽ ٽنڊي آدم کان ڏکڻ - اوڀر طرف مدفون آهي. لاکو = درويش هوتي جو والد. پلي= درويش پلي، ساگري درياءُ جي ڪنڌيءَ جو بزرگ، جو شيخ هوتي بن لاکي جو همعصر هو. احمد، محمد = شيخ احمد ۽ شيخ محمد، درويش هوتي بن لاکي جا فرزند. ڪرڙو = غالباً شيخ ڪرهو پانڌاري، جو موجوده بدين تعلقي ۾ مدفون آهي. سيد عالي = ميون سيد عالي شيرازي، جو مڪلي (ٺٽي) جي قبرستان ۾ مدفون آهي.
سيد حسين = شاهه مراد، جو مڪلي تي مدفون آهي. پاتڻائي = غالباً 'جهنڊو پاتڻي' جنهن جو قبو مڪلي جي ٽڪريءَ جي اترئين ڇيڙي وٽ آهي.

وائي (3) حاشيه ص 114. سهڙ يار..... سميجا = مخدوم ساهڙ لنجار ('لنجار' سمن جو هڪ قبيلو آهي).

# سرود جيتسري

- **تفصيل:** هن سرود ۾ شاهه عنات جا 6 بيت ۽ 1 وائي آهن.
- **مقصد:** سچي سڄڻ جي سچي محبت، ڪانگل ذريعي ڏانهنس سنيها ۽ سڄڻ جي اچڻ جون واڌايون.
- **خاص نڪتا:** هي سرود پهريون دفعو شاهه عنات جي ڪلام ۾ استعمال ٿيل آهي، ۽ شايد ان وقت جيتسري سر، سنڌ ۾ عام مقبول هو. هندوستاني موسيقي ۾، جيتسري 'پوربي ٺاٽ' جي راڳڻي آهي، جنهن جو وادي سر 'گنڌار' (يا 'ڪرج') آهي.

[1] اڏ = اڏاوتون - نجهرا. هيڪاندن = ويجهن - ڳڏوڳڏ رهندڙن.

[5] موني لمي ڪانگ = ڪانءُ ٽوٽيءُ چڙهيو لاتيون ڪري (سڻائو سوڻ سجڻ جي اچڻ جو).

# سرود پورب

● **تفصيل:** هن سرود ۾ 28 بيت ۽ 2 وايون ميين شاهہ عنات جون، 1 بيت شاهہ شريف جو، 3 بيت شاهہ بلال جا، ۽ 2 بيت پيرو جا، شامل آهن.

● **مقصد:** 1. پوربين فقيرن سان پريت ۽ سندن تڪين ۽ تپسيائن جو ذڪر. سچو سامي فقير ٿئين تہ سچي گرو (سڏناٿ) واريون وصفون پاڻ ۾ پيدا ڪر: صابر ٿي ۽ سکن کي ڇڏ. 2. پرين جي قاصد ڪانگ سان ڳالهيون "سنيهو کي سڄڻين، سگهو ٿي سڻاءِ". سڀ سوڻ سولا ٿئا ۽ اميد تہ سڄڻ ايندو ۽ ويڇوڙو ويندو. اڄ قريبن جو ڪانگ وصال جون واڌايون ڏيئي ويو آهي. 3. سڄڻ سان صحبت ۽ سندس پچار "تڳان جن توار، آسر ان گذاريان." پرين آيا ۽ "ٿيڙا سک سبيل، غم گوندر گوشي ٿئا."

● **خاص نڪتا:** پورب ڪان ايندڙ ۽ پورب پوريندڙ فقيرن جا پار پتا ۽ سندن آستان ۽ تڪيا. پهريون پيرو شاهہ عنات تفصيل سان بيان ڪيا آهن. قرب جي قاصد ڪانگ کي پڻ پهريون پيرو شاهہ عنات تفصيل سان ڳايو آهي.

**فصل - 1:**

[1] مالو = مالوا (جو ملڪ).

[2] منجهان مال پروڙئو = چرخي جي مال چڙي پئي ۽ انهي سهٽي سوڻ مان مون صحيح ڪيو.

[5] سڏناٿ = سچو مهاگرو.

[6] صبور = هميشہ صبر ڪندڙ.

[7] محرم = حال محرم: الاهي راز جو ڄاڻو.

[8] جهارين = پوڄا خاطر ڏورين. داغ دوارڪا دائما - الغ = دوارڪا کي جڏهن بہ ڏوري ڏسن نڏهن داغ ڏيارڻ جي رسم ادا ڪن.

[9] مصرين سين = ترارن سان. امر آنداءُون = امر مجيائون. تن اسلامن = تن اسلام وارن.

[10] پرتڪ = 1. پورچوگال 2. الهندي طرف وارو ڏيهہ. تي محرم ٿئا = تڏهن مام پروڙيائون.

[12] نانيان ڪوہ ڪري = ناني (هنگلاج) جو جبل پيٽي. دنيرَ ڌار ڌري = سرڪش نفس کان جدا ٿي. مارڳ = (وصال واري) واٽ.

**فصل - 2:**

[1] چونهن = مَنهن جي ڪنڌ واري وڏيل ڪائي.

[ب/1] اچي وائيءُ وڻ = اچي مٺي لات ڪر، جا دل کي وڻي.

[ج/1] چانين پر = لامن جي چوٽي تي.

[2] چانگ = لات. هيرانگ = هيسانگ (هن انگهن وارو هيلنگهہ). جي ڪيانتا- الغ = اي خوشيءَ جا قاصد ڪانگا! جي تون هيسانگ تي ويهي چگيون لاتيون ڪرين. ڦانگ = ٽاري. انگهو. اڏءُ مٿان ڦانگ = اڏري وڃ ڪانگ (فال طور واڌائي وٺڻ لاءِ عام فقرو).

[3] پٽين پير ڪئو =زمين تي هلندي.

[4] هٿ چري - الخ = عام ويساه موجب اهي ٽيئي سھڻا سوڻ.

[ب/8] ڳرلائيان = ڳچيءَ لايان. ڪارون ڪريان = منٿون آزيون ڪريان.

فصل - 3:

[1] ڳرهيان = اوريان. بيان ڪريان.

[2] سانپيڙيا = گڏيا. سوسي = هٿ سان ڪيي.

[3] ڪبير = وڏا ڏوه.

[7] دوسان پاسي = سڄڻن وٽ. لِڪائي لک لهي. = ذرو بہ لکن جي برابر آهي.

# سرود ليلا

● **تفصيل:** هن سرود ۾ ميين شاهہ عنات جا 9 بيت (هڪ اٽپورو) ۽ 1 وائي، ۽ هڪ بيت رنگريز جو، شامل آهي.

● **مقصد:** ليلا! هار جي لالچ تي پنهنجو ور وڃائي، هاڻ تي روئين! پر هن وقت ٻيا هنر حيلا ڇڏي، آزيون نيازيون ڪري، چنيسر کي روئي ريجهاءِ.

● **خاص نڪتا:** شاهہ عنات پهرين ٻن بيتن ۾ 'ليلا چنيسر' جي قصي جي روايت جا اهڃاڻ ڏنا آهن تہ ڪيئن ڪونئرو ۽ سندس ماءُ ڪَهي لهور ۾ آيون، ۽ پڇا ڳاڇا بعد آتڻ ڪري ڪتڻ ويٺيون. نو لکو هار ڪٽي ٽنگيائون ۽ رات جو ان جي شعاع تي چرخو چورڻ لڳيون. جڏهن هار جي هاڪ وڃي ليلا جي ڪنين پئي، تڏهن چيائون تہ من "نو لکو نيئي، ڪتر سين ڪانڌ ڏيهون".

[1] ڪن اولاٿان اڄن = قصي جي روايتن موجب، ڪونئرو کي سهيلين اولاٿبو (طعنو) ڏنو تہ "تون وري ڪو چنيسر پرڻبين!" ٻيءَ روايت موجب، ڪونئرو جي شادي وقت گھوٽ جي بدران چنيسر ساٿس لائون لڌيون ۽ ڪيس نشاني طور پنهنجي منڊي ڏنائين، جنهن تي چنيسر جو نالو لکيل هو. پوءِ جن اها منڊي ڏٺي، تن ڪونئرو کي اولاٿبا ڏنا تہ "پنهنجو ور چنيسر تہ ڳولي هٿ ڪر".

[3] سُپاڻي = صبح جو سوير.

[4] لوڀين = توکي لوڀ لالچ ڪنيو.

[5] سونٽيڻ = سهٽي پئي لڳينءَ. ڪامل وري ڪارئين = اهڙي بي مثل پتار خاطر.

[7] ڪارون آڻيين = آزيون نيازيون ڪري مڃايئين.

# سرود آسا

● **تفصيل:** هن سرود ۾ 13 بيت ميين شاهہ عنات جا، 2 بيت شاهہ شريف جا، ۽ 2 بيت شاهہ بلال جا، شامل آهن.

● **مقصد:** توحيد جا طالب هميشه سنئين راه تي آهن. نئڙت ۽ نياز ۾ پنهنجو پاڻ نہ پائڻ، سڄڻ جي وصال لاءِ لازمي آهن. سڄڻ جي هڪ ساعت سان ٻين جا ٻارهن مهينا مٽ نہ آهن. پرين جي پچار تن من ۾ سمايل

هجي، عام سان اورڻ روا نہ آهي. عشق جو ناتو هڪ النّي 'اڏ ڳنڍ' جي مثال آهي، جا محض چپٽين سان ڪانہ ڇڙندي. ڪنن تي ڪيئي جدا آواز پون ٿا، فڪر ڪر تہ هر آواز ۾ حق جي تنوار سٽين.

● **خاص نڪتا:** هن سچي سرود ۾ حقيقي محبوب جي ڳولا، ۽ وحدت ۽ ڪثرت جي ڳوڙهن صوفيانہ نڪتن جي اپٽار ٿيل آهي.

[1] الف = الله. ميم = محمد (ﷺ). مشاهدي ڳڏئا = ملاقي ٿئا. زنگ = ٻيائي جو ڪٽ. لامئون = نفي واري 'لا' واري منزل مان گذر.

[2] ڪرهي = ڪاوڙجي.

[4] اوسهہ = چڱي فال. چڱيءَ ريت.

[5] ڏئار = سور. ڏکيائي.

[9] تهان ذار = توکان سواءِ. ڪتابت = بيان. حقيقت.

[الف/12] خط = تير (تشبيهہ طور). خطائي نہ ٿيو = هرگز نہ گٿو.

[ب/12] طبيبن جي تات پوئين = (زخمي ٿي) حڪيمن جي حوالي ٿئين.

# سرود ڪاپائـتي

● **تفصيل:** هن سرود ۾ 20 بيت ميين شاهہ عنات جا، 2 بيت شاهہ شريف جا، 1 بيت شاهہ بلال جو، 2 بيت شاهہ قطب جا، ۽ 1 بيت يوسف جو، شامل آهي.

● **مقصد:** 1. ٻيون سڀ ٻيون ڪتين پر مونکي ننڊ نٿي ڇڏي "سنجهي ٿئم نہ سار، صبح ستيئي ويو". 2. جيڪي چڱو ڪتين ٿيون ۽ جن سان صراف راضي آهي تن سان صحبت ڪر. جن دل جي سچي محبت سان ڪتيو، تن جو تلهو'سٽ ئي گهر ويٺي اگهاميو. نيڪ ڪتڻ واريون، هميشه ڪتين بہ پيون تہ ڪنبن ٻَہ پيون. اي اوسري! تون بہ ائين ڪر "سچ صرافن سين پئين، تہ پڻ ڪتج ۽ ڪنبج". رڳو ڏيهہ ڪي ڏيکارڻ لاءِ ڪاپو نہ ڪر: "چرخو ائين چور جيئن پونءُ پٽڪو نہ سُٽي". اهڙيءَ ڀر، تنهنجو سٽ سون جي برابر ترندو.

● **خاص نُڪتا:** اڳ چرخو ۽ آتڻ عورت جي زندگيءَ جو مکيہ پهلو هو ۽ ان بابت شاعرن پڻ پنهنجي ڪلام ۾ ڪي اهڃاڻ ڏنا آهن. غالباً شاهہ عنات پهريون سنڌي شاعر آهي، جنهن هن مضمون کي تفصيل سان نباهيو آهي، ۽ پڻ بندي جي چڱي عمل، ان جي سڦري قبل ۽ رب حي رضامندي وارن حقيقي نڪتن کي هن مضمون ۾ تمثيل طور سمايو آهي.

**فصل - 1:**

[1] اوگهٽو = خريدار.

[3] جا ڪرڄاٽي - الخ = جنهن کي عمل جي قبل جي ڄاڻ آهي، سا چرکو بہ ڦيرائي پئي ۽ روئي بہ پئي تہ من پورهيو صاب پوي.

[4] آنڪي = ڪچي. اميريام = تند کي منهنجي ڏنل ڳنڍ.

[5] لسي پيم نہ لڏ = سهڻي لسي تند ڪتڻ جي مونڪي پروڙ نہ پئي. اپڌ = اڻ ڇاڻ.

[6] ۽ [7] هي بيت زباني روايت ذريعي مليا ۽ شاهه جي رسالي سان پيٽڻ ۾ غلطي وچان ڇپجي ويا آهن. بيت [6] شاهه جي رسالي، سر ڪاپائتي د - 2 ۾، ۽ بيت [8] سر ڪاپائتي د - 1 ۾، موجود آهي. اهي ٻئي بيت شاهه عنات جا نہ آهن.

فصل - 2:

[1] من جوڙئون = دل خوش. ڇوٽار = تندن جي عدد جي ڳاٽيڻي جي لحاظ سان تاجي جو نالو (ڇوٽار ململ = ڇوٽار تاجي تي سهڻي اُٽيل ململ).

[2] پيرم = چرخو - ڪاپو - ڪتڻ. آسو = سٽاءَ - بيهڪ. آسرو (؟). نرت نقاش = سهڻي سٽاءَ ۽ نقش (واري تاجي) جو.

[4] طنابي = 'طناب' جي ماپ سان ڪڇڻ وارا (خريدار). هي بيت شاهه جي رسالي، سر ڪاپائتي د - 1، ۾ توري ڦيرگهير سان هيٺينءَ طرح ڏنل آهي:

جان سنهو نہ سڪي تہ مر رنڊائي رهڙي        سٽ اني جو سڦرو ويا ترازوءَ ۾ توري
تلهي ۽ ٿوري، ويچاريءَ سين وڙ ٿئو.

[8] هيءُ بيت شاهه جي رسالي، سر ڪاپائتي د - 1، ۾ هيٺين پڙهڻيءَ سان ڏنل آهي:

نڪي ڪتين، نہ ڪتائين، نہ ڪين ڪوريءَ ڪاڻ
جن ربيع سين رهاڻ، تن اڍو ناه اگهاڙ جو.

[8] پهي = ڪپهہ جي سنهي پوٽي.

# سرود ڏهر

● تفصيل: هن سرود ۾ 5 بيت ميين شاهه عنات جا شامل آهن.

● مقصد: ڪن خاص وڻن، جاندارن يا شخصن جي ماحول يا خوبين ۽ خصوصيتن جو ذڪر.

● خاص نُڪتا: ميين شاهه عنات ڪنهن پيٽيءَ ڪندي جو وڻ بيٺل ڏسي ان کي خطاب ڪيو آهي، ۽ غالباً سنڌي شاعريءَ ۾ اهو مثال آهي. ساڳيءَ طرح شاهه عنات پهريون شاعر آهي جنهن لاکي ۽ راءِ ڪنگهار بابت بيت چيو آهي. هڪ بيت پوئرن ۽ گلن بابت آهي، جو آڳاٽي هندي شاعري جو مکيہ مضمون آهي.

فصل - 1:

[1] پرديونءَ = پرديس.

[2] غير گس پرين جي - الخ = ڪنهن بہ ڌاريي (رقيب) کي محبوبن واري واٽ تان لنگهڻ نہ ڏيان.

[3] موهہ = غالباً 'موهر' - يعني مهراڻو (اتر ۽ سنڌ جي سِنڌي واري آباد اراضي). رهائي = نهي - سونهي.

فصل - 2:

لوڙائو = لوڙهہ هڻندڙ - چوپائي مال جي زوري ڦر ڪندڙ. ويسرا = اڪيلا. ڪانا = هنا. ڪيڪاڻ = گهوڙن. رباري = هڪ قوم جو نالو. جي مال جا ڌڻ ڌارين. ڪيڙي هيٺ = سپر يا ڍال هيٺ - پناه هيٺ.

فصل -3:

ڪونئرن = مکڙين - نون ڦٽل گلن.

# سرود مومل راڻو

● **تفصيل:** هن سرود ۾ 9 بيت ۽ 2 وايون ميين شاھ عنات جون، 3 بيت شاھ شريف جا، 1 بيت شاھ بلال جو، 4 بيت شاھ قطب جا، ۽ 1 بيت بنان نالي، شامل آهن.

● **مقصد:** مومل ۽ سندس پيٽن ۽ سهيلين، پنهنجي سونهن ۽ سينگار سان راڻي کي موهي پنهنجو ڪيو. ۽ راڻي ڪاڪ تي ڪهي اچي مومل ماڻي.

● **خاص نڪتا:** هن سرود جي ڪافي بيتن مان ثابت ٿئي ٿو تہ غالباً شاھ عنات پهريون سنڌي شاعر آهي، جنهن عورت جي سونهن ۽ سينگار کي دل کولي ڳايو آهي. ۽ سنڌيءَ ۾ مجازي شاعريءَ جو بنياد وڌو آهي. ميين شاھ عنات جي پڻن ۽ پوڻن پڻ مجازي سونهن جي مضمون کي نهايت سهڻي نموني سان نباهيو آهي.

[1] اُرم = ارمڪ جو اوچو اعليٰ ڪپڙو. ڪچئان = چولا. رانيائون = موهيائون - ريجهايائون.

[1] لوڏيري = لڏاڻي ۾. ماه هلال = پهرين تاريخ جو چنڊ.

[3] پڻن = نوجوان نينگرين. وسيهر = ڪارو نانگ. ڪيس = وار. سائو = سورهيہ ۽ وڏ گُردا.

[3] بيرم بادلا = ڪپڙن جا قسم. بابهيا = بابيها (ڳاڙهي رنگ تي مائل خوبصورت ڳيرا، جي منيون بوليون ڪن). لوڏي = شڪار جا ڳولائو. لوءِ = ڳوٺ - ماڳ.

[4] آديس = سلام. سمگئو = پريو، پرپور ٿيو. آڇهون = اسان کي ڏس. جٺان تو راول رگئا = جتان تو پنهنجا ڪپڙا رڱي لال ڪيا.

[5] ڪ ڪو هنيوءَ منڊ = يا تو ڪو جادو ڪيو!

[7] عذبان = منيون خوشبويون - منا هبڪار. ڏُنگر (ڏوَنگر، ڏوُنگر) = 1. وڏي مينهن ڪان پوءِ سنهيون بونڊون. 2. اوهيرا. ٻور ٻهاڻ = ٻن سالن وارا ڪنواٽ. ڪوٽن تان - الخ = مومل ۽ سندس سهيليون، ڪوٽ جي ديوارين مٿان ڳاٽ ڪڍن تہ چڻ واسينگن ڦڻ ڪڍيا.

[8] اوئس اپرئو انبرين = ڪڪرن ۾ تجلو ٿيو. آسمان ۾ اهاءُ ٿيو. کهٽيون ٿيون ڪون = وچون ٿيون چمڪن.

[9] لڏن لاماڻي = پينگهہ جي لوڏن تي لڏن. خوشي ڪئائون ڪين تي = 1. مست مخمورن لاءِ خوشي جا سامان پيدا ڪيائون. 2. مست مخمورن کي ڏسي خوشي ڪيائون.

[الف/9] وڏي ٿيهون ڪٽ = اسان کي وڏو ڪنيو حاصل ٿئي.

**وائي - 1:**

آب ارتي - الخ = (ڪاڪ جو) ڳاڙهي رنگ تي مائل پاڻي ڏسي منزل ڪري وينا.

**وائي - 2:**

چرهو = چارو. پاه پرائي آئيو = سهڻو رنگ حاصل ڪيائين. لدرٽا = لدوٽي مان.

# سرود بلاول

- **تفصيل:** هن سرود ۾ 17 بيت مبين شاهہ عنات جا، 6 بيت شاهہ شريف جا، 1 بيت شاهہ قطب جو، 1 بيت مالڻ جو، 1 بيت يوسف جو ۽ 1 بيت بنان نالي، شامل آهن.
- **مقصد:** 1. سنڌ جي سمن سميجن ۾ جکري جهڙو سخي ڪونہ ٿيو جو ڏڏن کي ڏان ڏنائين. اي محتاج منگتا! تون پڻ حيلا ۽ هنر ڇڏي، نٽرت ۽ نياز سان ڪانئس گهر تہ توکي مالا مال ڪري ڇڏي. 2. 'ڪرن' پڻ مسڪينن منگتن جو اجهو ۽ اوٽ آهي. اي مڱڻا! تون هنر ۽ حرفت کي ڇڏي، پورو ٻنجي ڪانئس ڏان گهر تہ توکي نوازي. 3. سورهيہ ابڙي سمي تي فوجون چڙهي آيون تہ سامون موٽائي ڏي، پر هي دلير مرد ذرو بہ نہ دهليو ۽ اٿي جنگ جوٽيائين پر 'هميراٽا ٻار' دشمن جي حوالي نہ ڪيائين.
- **خاص نڪتا:** هن سرود ۾ شاهہ عنات سنڌ جي سخي ۽ سورهيہ سردارن کي ڳايو آهي، ۽ پڻ سندن نسبت کي اهڃاڻ ڏنا آهن: جکري کي 'هوٿياڻي' (هوٿيءَ جو اولاد) ۽ ڪرن کي 'هميائي' سڏيو اٿس. ميون شاهہ عنات، جکري جي تعريف ۾ "گـُهر گنگا جر راءُ" واري انوکي تشبيهہ جو موجود ۽ جکري جي سخاوت کي الاهي صفات سان تعبير ڪرڻ واري صوفيانہ نڪتي جو باني مباني آهي: "سام سمي جي هوءِ، جيڪي تئي جهان ۾." ابڙي سمي جي بهادري کي ساراهيو اٿس. چاڪاڻ تہ هن سر ڏنو پر سامون نہ ڏنيون. سندس معتقدن مان مالڻ ۽ يوسف، علاؤالدين جي دودي تي چڙهائي جا ٻار پتا ڏنا آهن، ۽ شاهہ قطب انهي لشڪر کي "ترڪن جي فوج" ڪري سڏيو آهي. شاهہ شريف پنهنجي هڪ بيت ۾ (گجريان ٿي گجئون - الخ) 'گجرن' ۽ 'تانور پٽي' بابت آڳاٽين روايتن جا اهڃاڻ ڏنا آهن.

**فصل - 1:**

[1] هوٿياڻي هٿاءُ = سخي جکري جي هٿان. ڏسو هيٺ (9). ڏئين ڏان ٻين کي = هو توکي ايترو ڏيندو جو تون خود ٻين کي ڏان ڏيندين.

[3] پاتار ۾ = اونهي عميق ۾. گـُهر گنگا جر = گنگا جي جر جو موتي (يعني جکرو). ڳاڃ تنهين جو ڳاءِ = تنهن جي تعريف ڪر. ويلهہ = تنگي - تڪليف (روزگار جي).

[4] جـُہ واسـِريو = جـِي وسڻ جي ڪيائين. ريليندو = پـُر آب ڪندو - پوڄ پيارپندو. رونٽن کي = محتاجن کي.

[5] پاٽوندر = درياءُ دل سردار.

[6] شاهہ جي رسالي، سر بلاول د - 3، ۾ هيءُ بيت هيٺينءَ طرح ڏنل آهي:

جٿن گنگا جر هارئو، تٿن اکين پنو نينہ سڪين ٿي سلام کي، صباح سارو ڏينہ

سندو موتين مينہ، جال وسايو جکري.

[7] جي اڻ ستي آهيين - الخ = جيڪڏهن تو وٽ ڪير جي سرکي بہ ناهي، تہ سخي جکري وٽ پهچ تہ پنهنجي ڏڻ وارو ٿئين. جهار = ووڙ - واڪاڻ. ٻرڙو ٻيٽ =جهونا ڳڙهہ ڪان ڏکڻ طرف سمنڊ جي ڪناري لڳ هڪ ٻيٽ. ڪنڌار = ڪنڌيءَ ٿان. ٻرڙي ٻيٽ ڪنڌار - الخ = جکري جي سخاوت جي پالوٽ سنڌ جي سرحد ڪان پار وڃي ڪاٺياواڙ ۾ ٻرڙي ٻيٽ تائين پهتي.

[9] رهاٽي = پچار - ڳالهہ. آسائن = اميد وارن - آسائتن. جڪرو.... هوٽياٽي = جڪرو ڄام اُڍي جو پٽ هو ۽ سندس ماڻ مشهور هوٽل نگامري هئي. جنهن جي سونهن سببان ڪيس 'هوٽل پري' سڏيندا هئا- هوٽياٽي يعني هوٽل - ڄائو.

## فصل - 2:

[1] همئاٽي = يعني سخي ڄام 'ڪرن' جو همون جو پٽ هو يا همون جي اولاد مان هو.

[2] وڃا جو ورن = سياٽپ وارو نمونو. پاڻ پرن =پاڻ سونپ.

## فصل - 3:

[1] منهن ڪئو اڄن جي = جيڪي فوجون سڏيون چڙهيو اڄن. سرٽيون جنهن ڳري = جنهن وٽ سامون. اڄل عراقين نہ سهي = عراقي گهوڙن جي سٽ نہ جهلي.

[الف/1] ڪارهن = يارهن. پيڳن = پيادل فوجن - لشڪر جي قطارن. جليبي جسوڙ = 1. ترارن ہٿل پهلوان. 2. همت ڀريا نگران يا داروغا (جي مٿان نظرداري ڪري فوج جي سڄي اٿالي ڪَي اڳتي وڌائيندا هلن). الابندي = علاؤالدين (الابندي > الاوندي > علاؤالدين) جو. ڪاهہ جنهن سين ڪوڙ = جنهن سان بيشمار فوج. ڏير = دَئيرَ - پهلوان. هروڙ = (ف. هراول) پيش قدمي ڪندڙ پيادل فوج. گهڙيو ڪارڻ گهور = سر قربان ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو. سرٽيون جهلي = سامون جهلي. سوڙو = وڙائتو.

[ب/1] سائو = اشراف ۽ صابر سورهيہ. آگهہ = آڏ - جهل. اڙين = مصيبت ۾ ڦاٿلن. جاڙيجا = اي ابڙا سما (جاڙيجا، سمن منجهان آهن.) عراقين = عراقي نسل جي زوراور گهوڙن. ترڪن = دهلي جو لشڪر. ڪونئرن = سورهيہ شهزادن (ابڙي ۽ سندس ساٿين). ڪلو ورائو = جنگ لاءِ تيار ٿيا. هوٽيگن = حملو ڪندڙ دشمنن.

[ج/1] سانگيون = ترارين. سائن = صابر سورهين.

[2] در چليين = فوجن سامهون. ڳر سرٽيين = سامن وٽ. ڏهسيو = ڊنو. ڏير = پهلوان. ڏوڙيون = بيٺيون قطارون فوجن جون. سي لاڪي نہ لوڙيون = لاکي جهڙي پهلوان بہ انهن جي لوڙهہ نہ هنئي (انهن کي ڦري ڪٽي نہ ويو).

[2] گجريان تي گجيون - الخ =گجرن جي طرفان جي فوجون چڙهيون. تن جو ڇيهہ ئي ڪونہ هو ڪرماٽيين = ترارين ('ڪرمان' جون نهيل). ڪرهل پريان ڪوءِ - الخ = 'سانور' مان مراد غالباً 'ٿانور پٽي' آهي، ۽ مٿي 'جنهن تي هئي دانهياٽي جوءِ' جو اشارو 'گجٽي' ڏانهن آهي، جنهن جي پٽ کي ٿانور جهليو ۽ هن ويچاري دانهون ڪوڪون ڪيون. اڄ تائين چوٽي آهي تہ "اسان جي گجٽي واري دانهن آهي". انهيءَ دانهن تي، غالباً گجرن جو لشڪر چڙهيو جنهن اڄيَ ٿانور کي ماريو. ٿانور پٽي جي شهر جا ڪنڊر، اُپرندي ناري جي قديم وهڪري جي ڪنڌيءَ تي، جنهڻ لڳ (اسٽيشن فضل پنيرو، ضلعو ٿرپارڪر) موجود آهن.

[3] مهائيين = همت ڀريا بهادر جوان. رٹمل = رڻ جو مل - بهادر. سونهريون هٽي = ترارين هٽي.

[10] ڏونگرين کي = انن کي ('انن' کي 'ڏونگرن' سان تشبيهہ ڏني وئي آهي.)

[11] ويسري = غفلت ۾. اساري = بنا سُرت جي - موڳي. اوجهرين = ننڊ ۾ اوجهراٽيون کائين.

**فصل - 2:**

[1] سکين پئين = توکي سک نصيب ٿين.

[1] ريهارين = سڄڻ جي قاصدن - پرت جي پيغام پهچائيندڙن.

[2] سونچل سائين سوءِ = سائين جي سانباهي جو پڙلاءُ تنهنجي ڪن تي پيو.

[الف/2] سوڳي = سجاڳ - هوشيار.

[د/2] جتيائي = جتي ئي.

[هـ/2] نهو = پاڻ سان ونئي وڃو - نيو.

[3] نسئي سک سهاءِ - الخ = سسئي جو سک ڏيرن، ڏونگرن ۾ (واٽ وارن) وٽن سان وابستہ آهي. وهہ ڳرا = ڏکيا لڪ - ڏکيون واٽون.

[4] بيدي بر = سچا ۽ سخت بيابان.

[4] ٻانين ٻيلون ٻڌيون = ممون ميڙا ڪيو وتن. آهي گهاءُ گهرن = گهرن وانگر آهي (يعني تہ 1. هيڪلائيءَ ۾ سُج ۾ ڪيس گهر ڪري رهڻو پوي ٿو. 2. پنهونءَ جي حب ۾ هيڪلائيءَ کي بہ گهر ڪري سمجهي ٿي.)

[5] ٻاتاڙن= پريشان حال هيٺن ۾ اڪيلن.

[الف/5] اينڊيون اوطاقون = خالي بيٺڪون - سجون منزلون.

[ب/5] ماڏا ڏونگر = ڏکيا ۽ جاڏا جبل. سيچاٽا = باز. سانورا = سبز رنگا. گانورا = گينواريل - مست. ٻانورا = بگڙيل - شوخ. راڱا = ٻيلائي شينهن. پهس = وهلو - ترت.

[ج/5] سَرهيو = حملو ڪيو. جهرڙجهنا = جبلن جا جهڏا ۽ غارون. نيڙ =نمنديون - هيٺاهيون واديون.

[6] حريفن حيريان = هوشيارن کي بہ حيراني ٿئي. ڪانهي باڪ ٻهير ۾ = سات واري وهنڊڙ قطار ۾ ڪو پوءُ ڪونهي - راهہ ۾ ڪو دپ ڪونهي.

[الف/6] توڙان ٿيس توهہ = آخر تائين مهر ۽ ٻاجهہ ٿيس.

[ب/6] تانگهون =زهري بلائون.

[7] گهائيون = وٽن سان چانيل واديون. نيون. نڪون. نونڊڙا = هيٺاهيون وهنڊڙ واديون. آڙلون = آزگر بلائون. آما اَڪ = جهنگ جا انب ۽ اڪ.

[7] اَڪڙ = اڪن جي وٽن سان چانيل اراضيون.

[ب/8] = تاڪئن جي = جهنگ جا جانور جي حملي ڪرڻ لاءِ تڪين پيا.

[9] ورک وسيهر =زهري نانگ.

[الف/9] سيار = گدڙ. گرن تي = جبل جي غارن مٿان.

[ب/9] ٽانڪاريون = ڊگهين لامن سان ڪنڊن وارا ٻوٽا. ڏوجهہ = ڏکيائي - ڏوجرو. پون پوارئين = خوفائتين پيٽين. سوجهہ = سرت - سمجهہ.

## فصل - 3:

[1] برفت =ڪوهستان جي زوراور قوم. برفتن جي بات - الخ = سڀني کي سچ ۾ سرڪش برفتن جي چوٻول بہ ڇڻ وندر ٿي آئي.

[الف/3] کهين تي ڪڙي = ٽڪلن لاءِ تڙي ڪڙي - هيٺڻ خاطر يڪدم.

[4] ڪٽ نہ ڪڇيائون = نڙيءَ مان آواز ڪونہ ڪيائون - ڪُٽڪيائي ڪين. پوندي بار - الخ = بار لڏڻ وقت ڳڙيا ٿي تہ ان جا ٻوٽ ٻڌي ڇڏيائون. جُود جمازي جهانجهرا = جهانجري رنگ جا تيز رفتار اُٺ. ڪامُئين ڪاهيائون = لڪڻ سان هڪليائون. لانچيائون = ٻڌي هٽيڪا ڪيائون (رواني ڏيڻ خاطر).

[5] گريين منجهہ = غارن منجهہ (’گـِر‘ يا ’گـُرِ‘ = جبل جي غار جنهن ۾ اڪثر شينهن رهن - جبل جو جهڙو).

[5] ڇيڪارا = گور گهمنڊڙ - آزاد ڦرنڌڙ. ڇنن ۾ = وٽن سان ڇانيل هيٺاهين وادين ۾. ڪارا ريڇ ڪـَـنا = ڪارا ڪـِٽ ريڇ - بالڪل ڪارا ريڇ. ڇنا = پيرن جا نشان. پير لنگهئو سي پهٽين = انهن ريڇن جي پيرن جا نشان پهٽن ۾ ڇپن وڃان لنگهندا وڃي سندن ڇرن تي پهچن.

[7] ايندءَ لال لهي = لال پنهون توکي ڳولي اچي لهندو.

[8] بودن = ائن.

[9] نسئو ڪين نسن = سُڪيو ڪين سُڪن. ٽٽنگ = اُٺ. تسن =سرها ٿين.

[10] پيرت = پيري واري واٽ. وانڪڻ = هيڏانهن هوڏانهن ڳوليندڙ.

[ب/10] مارڳ منڌ ملي = منڌ واٽ جهلي.

[11] تراف = پير. ترڪي تان مَ تراف - الخ = پيئيو شاهہ عبداللطيف جي سٽ ”توڏن جون تڙ پيڙ ۾ تريون ترڪن تام“.

**وائي -1:** ڏکڻ = اي ڏکڻ جي هوا!

## فصل - 4:

[2] جاٻول =چوٻول. پيرَ ڪڙيندي = ائن جا پير ليڪيندي - پير ڪٽندي.

[3] پرنيان = سونپيان.

[4] اَنءِ ڇان = آءٌ ڇوان.

[6] ڪين ير گوڏن ڪوچ =ڪي ڪجهہ گوڏن ير رڙهہ. سليطا ثابوت = ائن تي انهن جا تڏا پوري طرح ٻڌل آهن.

[7] اَسانبن - الخ = هتي جي لاڳاپن کي ترڪ ڪر.

[ج/7] ڇٽون مـُئي = خوشبوين اُٺاري.

[د/7] ڪتڻ واس = سرهي ’ڪتڻ‘ گاهہ جي خوشبوءِ.

[11] جنهين تڪ تارو - الخ = راجا سهي سنبهي تاري سامهون ئو اسهي ('تاري سامهون' وڃڻ ۾ نقصان آهي، پر هو تہ پاڻ سر ڏيڻ لاءِ تيار آهي).

[ج/11] راهو مندبيو = پنڻ ڪيو - ماتر مڃايو. اڇوڪ = بي عيب - نهايت سهڻي.

وائي: هالا، جالا - الخ. =مشهور قومن جا نالا.

# سرود سارنگ

● **تفصيل:** هن سرود ۾ ميين شاهه عنات جا 24 بيت ۽ 1 وائي، شاهه شريف جا 2 بيت، شاهه بلال جا 2 بيت، قطب شاهه جا 2 بيت، پيرو جا 2 بيت، چاڪر جو 1 بيت، ۽ 1 بيت بنان نالي، شامل آهن.

● **مقصد:** 1. تاڙي تواريو، سنگهار سرها ٿيا ۽ هارين هر سنڀايا تہ اڃهو مينهن وٺو. واحد! ڪر وسون تہ ڏڪ ڏولاوا ڏور ٿين! اميدون پوريون ٿيون: هر ڏس تان ڪنوڻيون ڪنوي آئيون ۽ سڄو ملڪ وسي پيو.
2. جيت، جانور ماڻهو مڙيئي مينهن ۾ خوش آهن. مينهن هجن، سڄڻ ساٿيهہ ۾ هجن ۽ مينهون پاڻ تي هجن: سڄڻن سان نينهن لائجي، ۽ مينهين پٽارين ڪي موج سان ميڙجي ۽ ڏهجي. پورهيي خاطر پري ويل ساٿي بہ وس ۾ اچي وطن پيڙا ٿين ۽ "سانوڻ مند، سيد چئي، اڪيون پي پسن." وسڪاري ۾ هر ڪا وريتي پنهنجي ور سان خوش: "ڏاهي ڪ پوري، پر وٺي پنهنجي ور ڪي". وڇڙيون! اوهين بس نہ ڪجو، محبت جي بوند مر پئي پڪا پسائي ۽ سڄڻ پسائي. "ور هوتان سين هيڪاند، پاہوهڻ پرينءَ سين".

● **خاص نڪتا:** ميين شاهه عنات توڙي سندس پٽ ۽ پوٽن، سانوڻ جي مينهن جو ديسان ديس آل جال وسڻ ۽ سنڌ جي هر پاڳي تي پالوٽ ڪرڻ جا اهڃاڻ نهايت تفصيل سان ڏنا آهن. ۽ پڻ مڙني جيتن ۽ جانورن ۽ مالوندن پاڳين جي سانوڻ مند ۾ سرهائي واري مضمون ڪي سهڻي نموني ۾ نباهيو آهي. سارنگ جي سر ۾ 'سڄڻن ۾ مينهين' جي سرهائي واري مضمون جو غالباً ميون شاهه عنات موجد ۽ باني مباني آهي.

**فصل - 1:**

[1] پپيهل پتيو هنيون = تاڙي جي تانگهہ لئي ۽ مينهن جو پڪو آسرو ٿيو.

[2] ڌڻ ڇڻ = چوپايو مال.

[الف/2] لال ورن =ڳاڙها رنگ. 'جوٽيجا' ۽ 'دالي' ڳوٺن جا نالا.

[ب/2] منڌيون منجهہ مٽن = مانڌاٽيون وڏين ماٽين ۾ (ڊايل مال ۽ جهجهي کير جي نشاني).

[ج/2] هن بيت ۾ جن ڳوٺن جا نالا آيل آهن سي سانگهڙ، ميرپور ۽ عمرڪوٽ تعلقن ۾ واقع آهن.

[3] ونگو = ٽنڊي باڳي ۽ ڏيپلي تعلقن جي دنگ وارو ملڪ. پُراڻ = پراڻو درياءُ جنهن جي وهڪري جا نشان ميرپورخاص تعلقي کان وٺي هيٺ ڏکڻ طرف ڊگهڙي ۽ ٽنڊي باڳي تعلقي جي حدن ۾ موجود آهن. لڪڙي ۽ سامارو = ساماري تعلقي واري اراضي ('لڪڙي' غالباً 'اڪڙي' جي بگڙيل صورت آهي. 'اڪڙي' پٿوري اسٽيشن لڳ مشهور ماڳ آهي.) موهر = موهر - مهراڻي واري اراضي. ترائي = ڏيپلي تعلقي جو هڪ ڳوٺ. صدر = غالباً درويش ڳاڙهو صدر، جنهن جي مزار ٽنڊي الهيار تعلقي جي ڏاڪٽين پاڳي ۾ آهي. اهو ماڳ اڳ 'ولهار' جي نالي سان مشهور هو.

Though a percursor of Shah Abdul Latif who was introduced to the world a century ago, [1] Shah Inat has not yet come into limet-light and his poetry had remainde unpublished to this day. It was the fortuitous discovery of two manuscripts whichprompted me to undertake a critical edition of Shah 'Inat's poetry. In 1944 was discovered a manuscript written during the first quarter of this century and ten years later was discovered another manus;crpit transcribed sometime between 1802 and 1811 A.D.

Finding that each of these manuscripts contained but a part of his compositions and that a considerable volume of his verse was yet current through the oral tradition of the people, an attempt was made during the last ten years to record the latter from every nook and corner of the country particularly from all the living memebers of the poet's family. The presents edition is based on a careful comparison and collation of the two manuscript collections and the record of the oral tradition and the application of the evaluative criteria to sift the poet's genuine compositions from the spurious ones. As a result 469 ***bait's*** and 42 ***waees*** of Miyun Shah 'Inat and 373 ***baits*** and 2 ***waees*** of other poets-- his son, grandsons and followers who composed under his inspiration-- have been laid under contribution. This is a valuable record falling within the domain of classical Sindhi poetry which is now being published for the first time.

**London,**
*August, 1963.*

**N.A. BALOCH,**
*Editor*

~~~~~~~****~~~~~~~

[1] Ernst Trumpp's edition of *Shah-jo-Risalo* at Leipzig in 1866, and earlier in 1863, his article on one of its chapters "sorath, ein Sindhi Gedicht aus dem grossen Divan Des Sayyied Abd-ul-Latif. bekannt unter dem Namen Shah-jo-Risalo order: Buch des Shah" in **ZDMG** 17/1863.
~~~~~~~

contemporary individuals. These two streams had not yet come to a confluence: each followed its own course. While the bardic tradition was more widely diffused, spiritualpoetry had successively found its great exponents in the great Sufi poets reaching almost its climax both in form and expression, in the compositions of Qadi Qadan (d. 1551 A.D.) and Shah Abdul Karim (d. 1620/21 A.D.), the great grand-fatherof Shah Abdul Latif. They were the great predeccessors of Miyun Shah 'Inat, and we find their poetry essentially spiritual and didactic in content, little related to the life of the people on their traditional heroes, folk-tales and romances.

According to the family accounts. from his very childhood Miyun Shah 'Inat was found of music and sat listening to the musicians and the professional minstrels in the village essemblies. By birth he belonged to an orthodox Sayyid family and had imbibed the love of Islam, the holy Prophet and the great saints. He had listened to the musicians and the minstrels and was also conversant with the spiritual contents of the poetry of his predeccessors. combining the two traditions, the forged a new line as a 'saint-poet of the people',(1) singing about their heroes in war and peace and their traditional tales and romances as well as about the traders, weavers and the monsoon rains on which depended the prosperity of the people. He also treated the spiritual themes of love and hope in his poetry and composed verse in praise of the saints and selfless devotees in search of God.(2)

The volume of his poetry that has reached us pertains to twenty two main topics covering all the above themes, each a chapter by itself, headlined in the extant manuscripts as 'SURUD' indicating the specific mode in which each one was to be sung. Thus, a background of music tradition is imlpicit in the poetical compositions of Miyun Shah 'Inat, though due to a long lapse of time the conceptual pattern of music is lost to us and only the verbal text has survived.

Fortunately, the new era in Sindhi poetry heralded by Miyun Shah 'Inat, soon found its greatest exponent in Shah Abdul Latif (b. 1689--d. 1752) who was yet in his twenties or even younger when Shah 'Inat deid. According to the oral tradition current to this day, Shah Abdul Latif is said to have gone and met the elderly Shah 'Inat more than once and they recited to each other some of their parallel verses on common themes. However that may be, there remains no doubt that young Shah Abdul Latif was strongly influenced by the form and technique used by Miyun Shah 'Inat, and within the framework of his own poetic genius he adopted them even to the extent of using some of the same idioms and expressions though with a more precise skill and insight. No doubt Shah Abdul Latif soared higher in the realm of ideas than Miyun Shah 'Inat who, as a pioneer, was mainly concerned with the contents of his new themes and experiments in the use of powerful idiom and fresh imagery to render the description more vivid and more poetic. But in so doing, he set the fashion and poved the way for the advent of Shah Abdul Latif the immortal poet of Sindhi language and one of the greatest powets of the world.

---

(1) Chapters 4, 6-8, & 13-22.

(2) Chapters 1-2, 3, 8-10, & 12.

# INTRODUCTION

Shah 'Inayatullah, popularly known as Miyun Shah 'Inat, belonged to a branch of Rizvi Sayyids which separated from the main family stock at Bakhar in Sindh sometime during the 14-16th Centuries A.D., and came down to settle at Nasarpur, the historical town in the present Hyderabad district. His father, Shah Nasruddin, was a respectable religious man who in his advanced age became a follower of Shah Khairuddin of Sukkur (d.1027 A.H 1618 A.D), the renowned saint of *Qadiriyyah* order, thus changing from the *Suhrawardiyyah* order to which the Rizvi Sayyids traditionally belonged, to the *Qadiriyyah* order. According to the family tradition, it was due to the blessings of Shah khairuddin that Shah 'Inayatullah was born to Shah Nasruddin in an advanced age. The birth date of the poet is not recorded, and it may be inferred that he was born during the decade of the Saint's death (between 1617-1627 A.D.).

In accordance with the family tradition of the Sayyids in Sindh, Shah 'Inayatullah must have received his basic education in some *madrasah* but the internal evidence from his poetry does not show his advanced knowledge of Persian, Arabic or Islamic Philosophy. On the other hand, there is ample proof of his intimate knowledge of music, the Sufi saints, the life of villagers in Sindh and their folk-ways and folk-tales, and of various places particularly in the Sindh region and the adjoining country of Kachh. He seems to have travelled far and wide in these areas.

During the later part of his life, he saw the decline of the Central Mughul Empire at Delhi and the rise of the leaders of the local Kalhora Dynasty with whom he had all his sympathies. In one of his baits, he eulogized the emerging leadership of Mian Nasir Muhammad (1692 A.D.) who had established his authority over Chanduka, the present Upper Dadu and Larkana districts. In another *bait* we find him appealing to Mian Yar Muhammad, the son and successor of Mian Nasir Muhammad, to recover for him the herd of camels taken away by one Langah. No further reference is found to the subsequent Kalhora ruler, Mian Noor Muhammad whom the poet's grandson Bilal Shah, has mentioned in one of his verses. Our poet was already of an advanced age when Mian Yar Muhammad came to power, and most probably he died sometime earlier during his Chieftainship (1708-1713 A.D.).

Thus Shah 'Inayatullah or Miyan Shah 'Inat, as he has been affectionately called by his progeny and the people, was essentially a poet of the 17th century A.D. He was a classical poet in as much as he used the classical Sindhi idiom and employed the classical forms of Sindhi ***bait*** and ***waee*** or ***kafi*** in his poetry. Yet he heralded a new era in the domain of Sindhi poetry by combining the poetic contents of the age- old bardic tradition and of the more cultivated spiritual thought of the sufi - saint poets. Prior to this, Sindhi poetry had been nurtured by the country bards and the professional minstrels to commemorate the valour of the heroes in wars or the munificence of the generous in peace and to entertain the people by composing and singing their folk tales and pseudo-historical romances. it was also employed by the sufis and the saints as a medium to express their spiritual ideas and experiences or convey their personal approval or disapproval of the deeds of some

| | | |
|---|---|---|
| 1st Edition | October 1963 | 1000 Copies |
| 2st Edition | 2010 | 1000 Copies |

**All rights reserved. No part of this book may be reproduced in any form or by any electronic mechanical means, including storage and retrieval system, without express permission in writing from the publishers.**

**Price: Rs 350 – 00**

**Available at**

**SINDHI ADABI BOARD'S KITAB GHAR**

Tilak Incline, Hyderabad, Sindh

**Ph: 022-2633679, Fax: 022-2771602**

**Email: sindhiab@yahoo.com**

**www. Sindhiadabiboard.org**

# POETRY OF SHAH INAT

(THE RENOWNED SINDHI POET OF THE SEVENTEENTH CENTURY)

Edited by
Dr. N:A.BALOCH

Sindhi Adabi Board
Jamshoro, Sindh
2010

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڀُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڄوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پر اسان اِنهن سڀني وچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪڍي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن ڪي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن ڪي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَئَن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽانـدڙ وڏِ ڪان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گـيـتَ بہِ ڄـڻ گـوريـلا آهــن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هـو ٻـوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريـتـيءَ تـي راتـاهـا ڪــن ٿـا، موتـي مَـنجـهہِ پـهـاڙ ڇُـپـن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄــڪــلـهہ نـيـلا پـيـلا آهـن؛

گـيـتَ بہِ ڄـڻ گـوريـلا آهــن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڃاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۾ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

**توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.**

وڻ وڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ "منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)